
(لطيف شناسي)
عالم سڀ آباد ڪرين
ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ

# عالم سپ آباد ڪرين

## (لطيف شناسي)

## مضمونن جو مجموعو

ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ

ڊجيٽل ايڊيشن:
2020ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

## ڪتاب جا سڀئي ۽ حق ۽ واسطا ليکڪا وٽ محفوظ آهن


- ڪتاب جو نالو: عالم سپ آباد ڪرين
- موضوع: لطيف شناسي (مضمونن جو مجموعو)
- ليکڪا: ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ
- ڇاپو: پهريون، نومبر 2016ع
- ڪمپوزنگ: غلام علي ۽ حاڪم لغاري
- ٽائيٽل: عدنان چشتي
- ڇپائيندڙ: محمد موسيٰ ادبي اڪيڊمي حيدرآباد
- ڇپيندڙ: سنڌ راڻي پبليڪيشن حيدرآباد
- قيمت: 300/= روپيا
- ڊجيٽل ايڊيشن: 2020ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

books.sindhsalamat.com

هيءُ ڪتاب ڊجيٽل ايڊيشن جي صورت ۾ محمد سليمان وساڻ (سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام) ڪراچيءَ پاران پڌرو ڪيو

# ارپنا

لطيفي مضمونن جي هن گلدستي کي

ارپيان ٿي،

پنهنجي استادن، شاگردن، شاگرديائڻين ۽ پڙهندڙ عوام

کي،

جن مان مليل مثبت موٽ منهنجي هن قلمي سفر ۾

هميشه معاون رهي.

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب **”عالم سڀ آباد ڪرين“** اوهان اڳيان پيش آهي. هي ڪتاب **پروين موسيٰ ميمڻ** جو لطيف شناسي بابت لکيل مضمونن جو مجموعو آهي. وينا شرنگي لکي ٿي:

**”پروين موسيٰ ميمڻ جو هيءُ مضمونن جو مجموعو ”عالم سڀ آباد ڪرين“ لطيف سائينءَ جي شاعريءَ جي فلاسافي، فن ۽ فڪر جي الڳ الڳ پهلوئن جي ڇنڊڇاڻ تي آڌاريل آهي. هيءُ شاندار تجزيو سندس محنت ۽ دل سان ڪيل پورهيي کي عيان ڪري ٿو. سپڪ، سهڻي، مٺيادار اندر جي اُجل ۽ جذبن جي سچائيءَ سان گڏ تحقيق جو پهلو پڻ اُجاگر ٿيل آهي. شاهه جي شاعريءَ جي ڪافي پهلوئن کي اجاگر ڪيو اٿس. چاهي ٻولي هجي يا سماجي پهلو هجن. تصوف جي اشارن ۽ علامتي اصطلاحن ذريعي شاهه سائينءَ جيڪا انساني اندر کي روشني ۽ رهنمائي ڏني آهي ان کي بيان ڪيو اٿس. سماج جي هر طبقي جي زندگيءَ جا عڪس ۽ اولڙا، ڪڙمي، ڪاسبي، پورهيت هجن يا وري نازڪ جنس عورت جي عظمت جو سوال هجي، سائڻ پروين وڏي محنت ۽ محبت سان بيان ڪيو آهي.“**

هي ڪتاب **محمد موسيٰ ادبي اڪيڊمي حيدرآباد** پاران 2016ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون پروين موسيٰ ميمڻ صاحبه جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي ۽ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ اپلوڊ ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# فهرست

ماهراڻ راءِ: ڊاڪٽر نواز علي شوق........................................7
مهاڳ/ اُن جي عبداللطيف چئي، مِٽيءَ لڌو مانُ: امداد حُسيني........................13
پُڇن سي پسن: الطاف شيخ.................................................21
ميريائي مانُ لَهان: وينا شرنگي..................................................24
عالم سڀ آباد ڪرين بابت ڪجهه اکر: ڊاڪٽر اُمِّ ڪلثوم شاهه.........................28
پنهنجي پاران: ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ..............................................30
ٻئي ڇاپي لاءِ چند لفظ: ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ.......................................35

## مضمون

ڪَري پاڻ ڪَريم جوڙُون جوڙ جهانَ جِي.............................................36
جنهن هادِي ميڙِيَم هَهڙو.............................................................40
سُورهيہ مرين سوپَ ڪي...............................................................43
سَپيئي سُبحانَ جي ڪَرِ حوالي ڪَمَ.................................................48
هُوندا سي حَياتِ.....................................................................52
شاهہ جي شاعريءَ ۾ سندس زندگيءَ جو عڪس.........................................58
جي پاڻِيينن جوڳِي ٿِيان..............................................................65
نائي نيڻ نِهار، تو ۾ ديرو دوستَ جو.................................................69
قاضي وينو آهي قلب ۾...............................................................74
مِٽيءَ لَڌو مَانُ.........................................................................78
الا! جُنگِ جِيئَن......................................................................89
پيهي جان پاڻَ ۾ ڪِيَم رُوحَ رهاڻِ.....................................................94
سَڙيا مَتي سَچَ.......................................................................98
نِيرُ منهنجي نينهن اُجاري اچو ڪيو...................................................102

رَوندِيُون ڏئيون مُون اِنَ دَرَ متي دادِليُون .................................................. 108

سُلطاني سُهاڳ نِندوُن ڪَندي نَہ مِلي ...........................................112

شاهہ لطيف جو پيغام..................................................................116

شاهہ جي شاعريءَ ۾ سجاڳيءَ جو سڏ ..........................................................119

شاهہ ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ عورت جي عظمت.......................................... 124

لطيفيات تي سنڌي، اردو ۽ انگريزي ٻولين ۾ ٿيل ڪم جو جائزو .................. 126

شاهہ جي رسالي جي مقصديت..........................................................139

شاهہ جي شاعريءَ ۾ اخلاقي ۽ روحاني درس........................................... 144

شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ سنڌي سماج جا معاشي ۽ ثقافتي قدر.......................150

عالم سڀ آباد ڪرين........................................................................157

ڪتاب ”عالم سڀ آباد ڪرين“ تي هڪ نظر.............................................161

عالم سڀ آباد ڪرين........................................................................163

# ماهراڻي راءِ

اسان جي مانائتي ڀيڻ ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ جو قلم ۾ ڪتاب سان گهرو تعلق رهيو آهي. اهوئي سبب آهي جو هن سنڌي زبان ۾ سهڻا ڪتاب تخليق ڪيا آهن. ڪين شاهه لطيف جي شاعريءَ سان تمام گهڻي دلچسپي آهي. سندن اها آرزو هئي ته شاهه لطيف تي پي ايچ ڊي ڪري پر افسوس جو سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي جي استادن ڪين مايوس ڪيو. ان ڳالهه مون کي به سخت صدمو پهچايو. بهرحال هن محنت ڪري 2012ع ۾ ”سنڌي نثر ۾ عورتن جو حصو“ موضوع تي پي ايچ ڊي ڪئي. ڀيڻ پروين موسيٰ ميمڻ پنهنجي ڪتاب ”عالم سڀ آباد ڪرين“ جي پيش لفظ ۾ افسوس جو اظهار ڪندي لکيو آهي ته ”اسان وٽ اهڙا اهڙا نادر ماڻهو موجود آهن، جيڪي عورت ذات جي ترقيءَ جا دُشمن ۽ سندن اڳيان وڌڻ ۾ رُڪاوٽ آهن. انهيءَ وقت لطيف سرڪار جي فن تي ڪم نه ڪرڻ منهنجي دل کي جيڪو صدمو رسايو اهو آئون ٻُڌائي نه ٿي سگهان، پر وري به همت نه هاريم، سندن فن کي مڃتا ڏيندي هڪ تحقيقي ڪتاب مرتب ڪيم ”آديسين ادب آهي اکڙين ۾“.

ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ جي ڪتاب ”عالم سڀ آباد ڪرين“ جي اڀياس مان معلوم ٿئي ٿو ته هن شاهه جي ڪلام جو گهرو مطالعو ڪيو آهي. هن نه صرف پڙهيو آهي پر پروڙيو به آهي. ڊاڪٽر پروين لطيف کي ايترو ته پڙهيو آهي جو سندس هن ڪتاب ۾ اڪثر هنڌن تي شاهه واري ٻولي نظر اچي ٿي.

ڊاڪٽر پروين پنهنجي ڪتاب جي هر مضمون جو عنوان شاهه جي بيت جي مڪمل مصرع يا اڌ مصرع تان ڪنيو آهي. سندس ڪتاب

جي پهرين مضمون جو عنوان آهي "ڪري پاڙ ڪريم، جوڙون جوڙ جهان جي". هن مضمون ۾ ڊاڪٽر صاحبہ الله جي وحدانيت شاهہ جي شعرن جي روشنيءَ ۾ بيان ڪئي آهي. هُن سُر ڪلياڻ مان اهي بيت ڏنا آهن، جن ۾ وحدت جي وائي آهي.

ٻئي مضمون جو تعلق رسالت سان آهي، جنهن جو عنوان آهي "جنهن هادي ميڙيم ههڙو" ان مضمون ۾ شاهہ جي شعرن جي روشنيءَ ۾ رسول ڪريم صلي الله عليہ وآلِہ وسلم جي صفت ۾ ساراهہ بيان ڪئي وئي آهي. شروع ۾ سُر بلاول جو هي بيت ڏنو ويو آهي:

**جڪري جهڙو جوان، ڏسان ڪونہ ڏيهہَ ۾،**
**مُهڙ مڙني مُرسلين، سرسُ سندس شانُ،**
**ايءَ آڳي جو احسان، جنهن هادي ميڙيم ههڙو.**

ان بيت ۾ نبي سڳوري جي ساراهہ بيان ڪئي وئي آهي.

ٽئين مضمون جو عنوان آهي "سُورهيہ مرين سويَ ڪي" هن مضمون ۾ سُر ڪيڏارو جي روشنيءَ ۾ امام عالي مقام حُسين عليہ السلام ۽ سندن ساٿين جي سُورهيائي ۽ قرباني شاهہ جي بيتن جي روشنيءَ ۾ بيان ڪئي وئي آهي.

چوٿين مضمون جو عنوان آهي "سپيئي سُبحان جي ڪر حوالي ڪم". ڊاڪٽر پروين هن مضمون ۾ لکيو آهي تہ: "شاهہ صاحب وٽ ويسلو ٿي وهڻ عيب هو. انهيءَ ڪري هن محنت، جدوجهد ۽ ڪوشش کي همٿايو آهي، پر انهيءَ سان گڏوگڏ مايوسي ۽ نا اُميديءَ کان بچاءَ لاءِ توڪل کي ترهو ڄاڻايو آهي".

پنجين مضمون جو عنوان آهي "هوندا سي حيات"، هن

مضمون ۾ ڊاڪٽر پروين لکيو آهي تہ "حقيقت ۾ حياتي اها زنده جاويد آهي، جيڪا ٻين لاءِ آفتاب ۽ روشنيءَ مثل پيغام هجي. جنهن جي مهانتا مڃي وڃي، جنهن ۾ اسين روئندا اچون ۽ کلندا وڃون. جنهن ۾ اسين اهڙا ڪم ڪريون جو بقول غالب "صبحاڻي اسان جي مٽيءَ مان گلاب جا گل ڦُٽي نڪرن" ۽ اهو صرف تڏهن ئي ممڪن آهي جڏهن زندگيون سگهارن مقصدن تحت گهاريون وڃن."

چهين مضمون جو عنوان آهي "چڱا ڪن چڱايون" انهيءَ عنوان هيٺ هي بيت ڏنو ويو آهي.

**چڱا ڪن چڱايون، مَنايون مَٺن،**
**جو وڙ جڙي جن سين، سو وڙ سيئي ڪن.**

انهيءَ مضمون ۾ لکيو اٿن تہ، "حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو مٿيون بيت انساني ڪردارنگاريءَ کي ٻن سِٽن ۾ تمام اونهائيءَ سان بيان ڪري ٿو. شاهہ سائين جو سڄو ڪلام انساني زندگيءَ جو مڪمل اپياس آهي. سندن مطابق چڱا گُڻ/ سُنا اخلاق هڪ وڻندڙ عمل ۽ اهڙو واپار آهي، جيڪو نہ پئي پراڻو ٿئي ۽ نہ ئي کپائڻ سان کٽي ٿو. چڱايون خاص ڪنهن جي ميراث نہ آهن. پر انهن کي جيڪو پنهنجو ڪندو، سو پنهنجي حيثيت وِت ۽ ماحول آهر نہ فقط پاڻ مستفيض ٿيندو پر ٻيا بہ پيا هن سُرهاڻ سان واسبا."

ان کان پوءِ واري مضمون جو عنوان آهي "جي پانيين جوڳي ٿيان". هن مضمون ۾ ڊاڪٽر پروين ٻڌايو آهي تہ شاهہ صاحب هن بيت ۾ مثالي انسان جو ذڪر ڪيو آهي. ڊاڪٽر صاحبہ لکيو آهي تہ "شاهہ لطيف اهڙي آدرشي انسان کي پسند ڪندڙ آهي، جو ڪڙي ۽ قاتل جو

هيراڪ آهي، جو جَرَ تي ڦوٽي جيان اُپري ختم ٿيندڙ نہ، پر حيات جاودان ماڻيندڙ ۽ حياتيءَ جي اسرار کي سمجهندڙ آهي. هُو اجتماعي مقصدن کي اهميت ڏيندڙ سماج جي ڀليءَ اوسر لاءِ پاڻ پتوڙيندڙ انسان ذات جي ترقيءَ ۽ ڪاميابيءَ جي خوشخبري ڏيندڙ حق جي ڳولها ڪندڙ آهي. اهڙا سنياسي خوديءَ کان خالي، منافقت کان پاڪ، لاهوتي لعل ۽ محبتي مٽيادار ملڻ هر دور ۾ ملڻ محال رهيا آهن، پر رب پاڪ پنهنجن پيارن ٻانهن مان ڪڏهن بہ مايوس نہ ٿيو آهي. هُن وقت بہ وقت اهڙا اڻ املهہ موتي هن ڌرتيءَ تي موڪليا آهن، جن کي موتَ مات نہ ڏني آهي. ساڳئي مضمون جي آخر ۾ لکيو اٿن تہ: شاهہ صاحب جي شاعري سنڌي سماج جي هر دور جي اهم ترين ضرورت آهي. انهيءَ کي پڙهڻ، پروڙڻ، وڏائڻ ۽ ويجهائڻ سان ئي اسان مثالي انسانن جو معاشرو ناهي سگهنداسين.

ان کان پوءِ "نائي نيڻ نِهار" واري مضمون ۾ تصوف جي اُپٽار ڪئي وئي آهي. ڊاڪٽر پروين لکي ٿي تہ "شاهہ لطيف جو نالو سنڌ جي هڪ اهم صوفي شاعر جي حيثيت سان هنڌين ماڳين مشهور آهي، سنڌس دور ۾ نفس جي پاڪائيءَ لاءِ هلندڙ صوفي سلسلن ۾ سهروردي، قادري، نقش بندي ۽ چشتي مشهور سلسلا هئا. پاڻ قادري طريقي جي بزرگن مان هو جن وٽ اندر جي پاڪائي ۽ روحاني پاڪيزگيءَ جو ذريعو سماع هيو. هن وحدت الوجود جي نظريي کي پسند ڪندي مذهبي ڪٽرپڻي کي سخت ننديو. وٽس هندو ۽ مسلمان ۾ ڪوبہ ويڇو ڪونہ هو. سندس درس انسانيت لاءِ ۽ ڪُل خلق لاءِ هو. پاڻ پنهنجي شاعريءَ ۾ نيڪ خواهشن ۽ خاص خوبين جي پرچار ڪئي اٿن".

هڪ مضمون جو عنوان آهي "الا جُنگ جيين" ڊاڪٽر پروين

مُنڍَ ۾ اهو مڪمل بيت ڏنو آهي، جو هن ريت آهي.

**الا جُنگ جيين، جنين اجهي گهاريان،**
**شال مَ سُڪي ويئڙي، جئان پي پين،**
**مرڪڻ اکڙين، تو ڏني مون سُک ٿئي.**

ڀيڻ پروين صاحبہ هن بيت جي تمام سهڻي شرح ڪئي آهي. هن شاهہ لطيف جا ڪُجهہ ٻيا بيت ۽ هڪ تاريخي واقعو بيان ڪري پنهنجي مضمون کي مدلل بڻايو آهي.

ادي پروين پنهنجي هڪ ٻئي مضمون "سڙيا مٿي سچ"، ۾ سُر يمن ڪلياڻ جي هڪ بيت جي تشريح ڪندي شاهہ جي ڪلام جون خاص خوبيون بيان ڪندي لکيو آهي تہ "هُن (شاهہ) سنڌي سماج جي اڳيان، سنڌن ٿي ٻوليءَ ۾، عوامي لهجي ۾، لوڪ داستانن جي تمثيلن ۾، ثقافت ۽ تهذيب جي بيان ۾ سماج جي پيڙهيل ڪمزور ۽ هيٺن ڪردارن جي زبان ۾ سچ ۽ سندرتا جا سبق ڏنا آهن".

ڊاڪٽر پروين صاحبہ جي ڪتاب ۾ ٻيا بہ مضمون آهن، هتي رُڳو نموني طور ڪن مضمونن تي روشني وڌي وئي آهي. اهي مضمون شاهہ لطيف جي ڪنهن نہ ڪنهن بيت جي شرح آهن. ڀيڻ پروين هر بيت جي سهڻي شرح ڪئي آهي. جنهن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ ڪين شاهہ جي ڪلام جي سُٺي ڄاڻ آهي. هن شاهہ کي گهڻو پڙهيو آهي ۽ وڏي غور ۽ خوض سان پرهيو آهي جنهن جي شاهدي هي ڪتاب آهي.

**ڊاڪٽر نواز علي شوق**

ڪراچي، 20 ڊسمبر 2016ع

## مهاڳ:

# اُن جي عبداللطيف چئي، مِٺيءَ لڏو مانُ

“سچي رسالي جو پيغام ڪنهن خاص طبقي ۽ مذهب لاءِ نہ پر پوري انسانذات لاءِ آهي. جنهن کي جيترو بہ پڙهبو ۽ پروڙبو ايترو من شانت ٿيندو دل مان نراسائي نڪرندي ۽ ماڻهو ماڻهپي ڏانهن موٽندو.” (عالم سڀ آباد ڪرين، ص_23)

اِهي سِٽون ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ جي ڪتاب “عالمَ سڀ آباد ڪرين” جي هڪ مضمون “نائي نيڻ نهار، تو ۾ ديرو دوست جو” جون آخري سِٽون آهن. اِهي سٽون چڻ هن ڪتاب ۾ آيل مختلف عنوانن سان مضمونن جو ست سار آهن. يا اهي مضمون انهن سِٽن جو وستار آهن. انهن سِٽن ۾ ڊاڪٽرميمڻ، جهڙوڪر ڪوزي ۾ درياهہ بند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هن اهو بلڪل صحيح چيو آهي تہ رسالي جو پيغام آفاقي آهي. نہ ڪي ڪنهن خاص طبقي ۽ مذهب لاءِ بلڪ پوري انسان ذات لاءِ آهي. ان ڪري ئي ڊاڪٽر ميمڻ “شاهہ جو رسالو” جي آفاقي پيغام کي “پڙهڻ ۽ پروڙڻ” جي ڳالهہ تي ڪري، پڙهڻ کان پوءِ نہ پر اُن سان گڏوگڏ ڪڙهڻ بہ آهي.

پڙهيو تا پڙهن، ڪڙهن ڪين قلوب ۾،
پاٽان ڏوهہ چڙهن، جئن ورق ورائين وترا.
(يمن ڪلياڻ 3)

اسان وٽ حالت اها آهي تہ بنا پڙهڻ جي شاهہ سائين لاءِ ڏُکيو هجڻ ۽ نہ سمجهڻ ۾ اچڻ جي ڳالهہ ڪئي ٿي وڃي. اها صورتحال

وڏيڪ ڳنڀير تڏهن ٿي وڃي ٿي جڏهن اهڙي ڳالهه اديب ۽ خاص طور تي شاعر ڪن ٿا! سنڌيءَ ۾ ايم اي ڪيل يا رسالن جا ايڊيٽر ڪن ٿا! “مون چيومانس”، “ڪيس ڪي”، “سندس جو”، “ڪانئس ڪان”، جهڙيون غلطيون تہ ڏسڻ وائسڻ ليکڪ ڪن ٿا. جڏهن تہ چيومانس؛ جي معنيٰ آهي چيو مون هن کي، ڪيس معنيٰ آهي هن کي ۽ ڪانئس جي معنيٰ آهي هن کان. سنڌي ٻوليءَ ۾ ضميري پڇاڙين جو مکيہ پڌ آهي ۽ لاکيڻي لطيف جي ڪلام جو ان ڏس ۾ اڀياس ڏاڍو دلچسپ آهي.

(1) آيل! امڙ تي جيان، لا! جي سارينم سپرين (سهڻي 7، الف ب وار ڏسٽي ص 347) (سارينم مون کي سارين)

(2) ڪنديس! هاڻي، ماروءَ پاس ملير ۾. (مارئي 3، ساڳيو ص 178) (ڪنديس. آءُ ڪندي)

(3) لڳمر! ٻاڻ ٻروچ جو، امڙ! پل مَ مون (حُسيني 6، ساڳيو ص 168 (لڳمر_ مون کي لڳو)

پاڙي ويجَ هُئام تان مون مُور نہ پڇئا
تيلاهين پئام موريسر اکين ۾ (شاهواڻي، سُر يمن ڪلياڻ ص 99)

هئام _ مون کي هئا

پئام _ مِون کي پئا

سنڌي ٻوليءَ جا اهي ڳُڻ سُگڻ، سنڌي ٻوليءَ جي انهيءَ لازوال دستاويز ۾ درج آهن، جنهن کي “شاهہ جو رسالو” جي نالي سان جاتو سُڃاتو وڃي ٿو. ان ڪارڻ ئي علامہ آءِ آءِ قاضيءَ اهو چيو تہ “سنڌي ٻوليءَ کي ان ڪري بہ بچائڻ ضروري آهي تہ شاهہ لطيف جو ڪلام سنڌي ٻوليءَ ۾ آهي”. ڊاڪٽر ٽرمپ سنڌي ٻوليءَ کي ان ڪري بہ ٿو بچائڻ گهري جو ان پنهنجو ست سيل هيل تائين بچائي رکيو آهي ۽

اهي نشانيون يا اهي اهڃاڻ جيڪي ٻين ٻولين مان الوپ ٿي چُڪا آهن. سنڌي ٻوليءَ پاڻ وٽ محفوظ رکيا آهن. ساڳئي وقت سنڌي ٻولي، مختلف ٻولين جي وچ ۾، ڳانڍاپي جو واحد وسيلو آهي. ڊاڪٽر ٽرمپ پنهنجي اهم تصنيف "سنڌي ٻوليءَ جو گرامر" ۾ جڏهن به ڪنهن لفظ جي معنيٰ يا واهپي جي سند ٿو ڏي ته شاهه سائينءَ جي ڪلام مان ٿو ڏئي. ان مان ثابت آهي ته شاهه سائين پاڻ به لفظ جي اُچار، معنيٰ ۽ واهپي جي وڏي ۾ وڏي سَندَ آهي:

ڪُهه ٿو ڪاڱر ڪوريين وينو وچيائين مَسُ،
ڏُور تِنائان ئي ڏس، اَکَر جِنائين جُڙيا!

اکر، جيڪي لفظ ناهين ٿا، لفظ جيڪي ٻولي جوڙين ٿا، انهن اکرن جي ماهيت ڇا آهي؟ شاهه سائينءَ اکر جو، اُچار جو، لفظ جو، ان جي واهپي ۽ معنيٰ جو وڏو پارکو آهي اهو ان ڪري به آهي ته ٻولي سندس خمير ۾ آهي. جيڪڏهن ٻولي ڪنهن شاعر جي ضمير ۾ ناهي ته پوءِ هو مون کي ڏينم ڇڏي جهڙيون لفظي ترڪيبون گهڙي ٿو. جڏهن ته ڏينم ڇڏي جي معنيٰ ئي آهي "مون کي ڇڏي ڏي" ته پوءِ "مون کي ڏينم ڇڏي" ڇو؟ اچرج اهو آهي ته شاعر کي ان غلطيءَ بابت ڪڏهن به نه ٻڌايو ويو. جتي ايف بي سهنج پيدا ڪيا آهن اُتي اهنج به پيدا ڪيا آهن. عجلت کي اجلت واري شعر تي به واهه واهه، سهڻو شاندار ۽ الاءِ ڇا ڇا لکيو ٿو وڃي. ڪنهن کي به.... جڏهن چئجي ٿو ته اصل اصطلاح ۽ اصل لفظ هي آهي ته اهو سچ به مچ تي لڳي ٿو ۽ ٿورائتي ٽيڻ بدران ماٺهو ذاتيات تي لهي ٿا اچن، اهڙن لاءِ ئي شاهه سائين هيءَ سِٽ چئي آهي.

پاند ۾ پائي ويو ڪين وارو ڪينڪي!

پر ساڳئي وقت ڪجهه دوست ايف بي تي شاهه سائين جا بيت

معنيٰ سميت شيئر بہ ڪن ٿا ۽ اهو عمل هن انڌ اونداهي دور ۾ روشن ڪرڻ واري آهي. ويجهڙائيءَ ۾ ياسر قاضي (جيڪو پاڻ بہ شاعر آهي ۽ قاضي مقصود گل جو پُٽ آهي) ان "حاميءَ" جي هڪ مطلع ڏني:

سِر يار جي قدمن تان فدا ٿيو تہ بجا ٿيو.
هي قرض محبت جو ادا ٿيو تہ بجا ٿيو.

ان تي مون لکيو تہ: "ياسر اصل ۾ اها فارسي مطلع آهي، جيڪا شاهہ عنايت شهيد سان منسوب آهي. شاهہ سائين ان جي مصرع اوليٰ تضمين ڪئي آهي: سِر دم قدمِ يار فدا شد چہ بجاشد، وصل اهوئي ونگ"

فارسي مطلع هيئن آهي:

سر در قدم يار فدا شد چہ بجا شد.
اين بار گران بُود ادا شد چہ بجا شد."

چون ٿا تہ اها مطلع شاهہ عنايت پنهنجي شهادت مهل چئي هُئي، شاهہ سائينءَ پنهنجي ڪلام ۾ فارسي لفظ ڪتب آندا آهن، پر اها واحد عروضي مصرع آهي، جيڪا شاهہ سائينءَ تضمين ڪئي آهي، حاميءَ جي مطلع سڌو سنئون فارسي مطلع جو ترجمو آهي ۽ هُن ڪي اهڙو حوالو ڏيڻ ڪپندو هو!

"امسا" ۾ هر مهيني "لطيفي لات" پروگرام ٿيندو هو. (هاڻي الائي ٿئي ٿو يا نہ!) جنهن ۾ شاگردن/ شاگردياڻين کان شاهہ سائينءَ جا بيت پڙهايا ويندا هئا. بيتن جي تلفظ ۽ ادائگيءَ تي پهريون، ٻيو ۽ ٽيون نمبر ڏنو ويندو هو ۽ ان ۾ "شاهہ جو رسالو" انهن کي ڏنو ويندو هو. اڄرج ۽ خوشي ان تي بہ ٿيندي هُئي تہ انعام حاصل ڪندڙن ۾ گهڻائي اردو

ڳالهائيندڙن جي هوندي هُئي. SZABIST جي “سنڌ شناسي” فنڪشن ۾ هڪ شاگردياڻي ڪمپئرنگ ڪندي شاهه سائينءَ جا بيت پڙهيا هئا، جيڪي مجموعي طور هن صحيح پڙهيا هئا. وحيده مهيسر به هڪ فنڪشن ۾ شاهه سائينءَ جا بيت صحيح پڙهيا هئا ۽ مون سندس ساراهه به ڪئي هُئي ۽ ڪائنس آٽوگراف به ورتو هو. جنهن ۾ هن شاهه سائينءَ جو هي بيت لکيو هو:

الله جنءَ نالوءِ، تنءَ مون وڏو آسرو،
خالق تنهنجي ڪاند جو پروپاند نه ڪوءِ،
نالو رب سندوءِ، رهيو آهم روح ۾.

هُن بيت لکيو به صحيح هو ان مان لڳو ته هُن شاهه سائين کي پڙهيو به هو ته ڪڙهيو به هو! ٻئي پاسي وري اهڙا به سائينءَ سنواريا آهن، جيڪي ڪمپيئرنگ ڪندي پنهنجا ۽ پنهنجي دوستن يارن جا ڏکيا ڏکيا ساڳيا ساڳيا نظم اسان جي مٿي ۾ هڻندا آهن.!

ون يونٽ کان پهرين ۽ ڪجهه عرصو پوءِ شاهه سائينءَ جي ميلي کان پوءِ سڄي سنڌ جي ڪاليجن ۾ “لطيف ڏهاڙو” ملهايو ويندو هو. پر پوءِ اهو سلسلو ختم ٿي ويو ۽ جڏهن سرڪار سڱوريءَ درگاهن تي قبضا ڪيا، تڏهن سڄي آڳ واڳ ڪامورن جي هٿ ۾ اچي وئي. نتيجو اهو نِڪتو ته لطيف جي پڙَ ۾ “ايڏو نه ٿي جذباتي، ڦاٽي نه پَوَئي چاتي” جهڙا ڪلام به ڳايا ويا. سو ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ جي ان ڏس ۾ اها ڳڻتي گهٽي ياڳي صحيح آهي ته: “سنڌ ۾ ڪجهه ڏهاڪا اڳ سڀ کان گهڻو پڙهجندڙ ڪتاب “شاهه جو رسالو” شمار ٿيندو هو. پر هلندڙ وقت ۾ جڏهن اسان نظر ڊوڙايون ٿا ته لطيفي فن جو فروغ نوجوان نسل ۾ گهٽ ڏسڻ اچي ٿو”. (پنهنجي پاران ص 2)

ان صورتحال جا ڪارڻ ڪهڙا آهن؟ ڊاڪٽر ميمڻ ان ڏس ۾ لکي ٿي: ”انهيءَ جو سبب نوجوانن جي هن فن سان شناسائي گهٽ هئڻ آهي ته انهيءَ گهٽ شناسائيءَ جا ڪارڻ ججها آهن جن مان هر هڪ تي الڳ الڳ بحث ٿيڻ گهرجي ۽ ان مسئلي جو اُپاءُ به ڪجي. (ساڳيو ص)

سڀ کان وڏو ڪارڻ ته اسان جو تعليمي سرشتو آهي. سنڌ جي تعليمي سرشتي کي ورهاڱي کان پوءِ ۽ خاص ڪري ون يونٽ کان پوءِ هاسيڪاري تباهه ڪيو ويو! سنڌي ٻوليءَ جو اهو Status به بحال نه ٿي سگهيو آهي. جيڪو ورهاڱي کان اڳي ان کي حاصل هو! حالت اتي وڃي بيٺي آهي ته سنڌ جو وڏو وزير سچل سرمست جي عرس تي به سنڌيءَ ۾ تقرير نٿو ڪري؟ سلام آهي ڀوڏ جي ڏُتڙيل ان سنڌي مائيءَ کي جيڪا دنيا جي چينلز اڳيان به پنهنجو ڏُک سنڌيءَ ۾ روئي ٿي:

پِنڻ واريون پڌريون، ڳاڙها ڳَلَ سندن.

مون کي ياد آهي ته ريڊيو حيدرآباد تي غلام حُسين شيخ، عابده پروين جي آواز ۾ شاهه سائينءَ جي وائي:

”جيئري زيارت، جي مان هوءِ پرين سين“

رڪارڊ ڪئي هئي. جنهن ۾ ڀِهريون پيرو گتار ڪتب آندو ويو هو. ڊاڪٽر الياس عشقيءَ آغا سليم ۽ مون کي غلام حُسين شيخ اسٽوڊيو ۾ ان جي رڪارڊنگ ٻڌرائڻ لاءِ وٺي ويو. رڪارڊنگ ٻُڌي اسين آغا سليم جي آفيس ۾ اچي ويناسين. اها وائي، ان کان اڳ به حُميرا چنا جي ماءُ لڪي ناز جي آواز ۾ غلام حُسين شيخ ئي رڪارڊ ڪري چُڪو هو. پر گِتار جو تجربو ڀِهريون پيرو ڪيو ويو هو. آغا سليم ۽ مون ان تجربي کي ساراهيو. جڏهن ته ڊاڪٽر الياس عشقيءَ ان تي سخت اعتراض واريو. سندس بنيادي نڪتو اهو هو ته ان سان ”شاهه سائينءَ جو

تقدس مجروح ٿو ٿئي” مون ان تي ساڻس بحث بہ ڪيو هو تہ دنبوري کان، شاهہ سائينءَ جو ڪلام يڪتاري، چپڙين ۽ گهڙي تي، پوءِ هارمونيم ۽ بينجو تي بہ ڳايو ويو ۽ پوءِ گٽار، پيانو وغيره تي ڇو نہ ڳائجي؟ پر ڊاڪٽر الياس عشقيءَ پنهنجي ڳالهہ تان ترِ بہ نہ ڇُريو. عشقيءَ جي ڳالهہ مون کي تڏهن سمجهہ ۾ آئي جڏهن علڻ فقير کي ويهاري شاهہ سائينءَ جي تصوير ڪڍي وئي. يا مٿي اُگهاڙو مجسمو ناهيو ويو جيڪي هاڻي عام رواج ۾ آهن. يا جڏهن لطيف جي پِڙ ۾ “ايڏو نہ ٿي جذباتي، ڦاتي نہ پوئي ڇاتي” جهڙا ڪلام ڳايا ويا.!

ان ريت ٽر / “ت” ۽ “ڊر” / “ڊ” وارو مسئلو آهي. جڏهن تہ شاهہ سائينءَ جو بنيادي لهجو لاڙي آهي. هڪ بيت، جنهن ۾ “پيو/ٽيو/پيو قافيا آهن. ان ۾ بہ “ٽيو” کي “ٽِريو” ڪيو ويو آهي. ڪجهہ بيت بہ خارج ڪيا ويا آهن. جن لاءِ جواز انتهائي بي جواز ڏنو ويو آهي. جَس هُجي ڊاڪٽر هوتچند مولچند گُربخشاڻيءَ کي، جنهن سخت مخالفت جي باوجود “سُر ڪيڏارو” قائم رکيو. ان جو نتيجو اهو نڪتو جو گُربخشاڻيءَ جو سهيڙيل “شاهہ جو رسالو” جو چوٿون جلد سندس لاڏاڻي کان پوءِ گم ڪيو ويو! جنهن لاءِ ڊاڪٽر گُربخشاڻيءَ پاڻ لکيو آهي تہ: “اميد تہ باقي رهيل چوٿون جلد بہ ستت ئي ڇپائي پڌرو ڪيو ويندو.” (شاهہ جو رسالو مُنڍ (جلد ٽيون) ص 14)

جَس هُجي ڊاڪٽر سورلي کي جنهن “Shah of Bhit” جهڙو اهم ڪتاب لکيو نہ تہ ڪِن ڏُرين کي “شاهہ” کي “شاهہ” سڏڻ کان بہ برو ٿو چڙهي. اهو تہ طيءِ تہ شاهہ سائينءَ جي ڪلام جي پرک اسين پنهنجي سطح تي ڪريون ٿا. ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ جو هي ڪتاب “عالم سڀ آباد ڪرين” لطيف شناسي مضمونن جو مجموعو بہ هن جي پيار جو پورهيو آهي. ان ۾ هُن جيڪي عنوان رکيا آهن اهي انتهائي وسيع

آهن جن ڪي ڊاڪٽر ميمڻ نيائڻ جي پوري ڪوشش ڪئي آهي. مون کي اُميد آهي تہ هاڻوڪي صورتحال ۾ هي پيار جو پورهيو ضرور اگھامندو.

پروين ڳالهيون تہ گھڻيون آهن، پر وقت ٿورو آهي. تُنھنجي محنت صاب پئي، اهائي منھنجي دعا بہ آهي، اها لطيفي لغار تنھنجي اندر ۾ وڄندي رهي. مونکي اهڙي اُميد آهي.

"محبت پائي مَنَ ۾، رنڊا روڙيا جِنِ،
تَنِ جو صَرافن، اڻتوريو اَگھائيو."

(شاهہ جو رسالو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سنڌيڪا، ص 137)

## امداد حُسيني

# پُڇن سي پسن

پيٽ، ڊاڪٽر پروين موسيٰ جي فون آئي چيائين تہ ”ادا الطاف منهنجي ڪتابن ۾ ڪيتن وڏن ليکڪن جا مُهاڳ لکيل آهن پر توهان جي لکيل ٻن اکرن جي وڏي ڪمي پئي محسوس ڪيان. مون کي هن ڪتاب تي لکي ڏيو چيو مانس تہ ”ادي ڪو سفر نامو وغيره آهي ڇا؟ ورندي ڏنائين تہ ”ادا سفر نامو تہ ڪونهي پر جيڪڏهن لکان تہ الائي توهان جهڙو سفرنامو لکي سگهنديس يا نہ. “مون چيومانس، ”نہ ادي توهان بلڪل لکي ويندؤ“ هيترا سارا ڪتاب لکيا اٿوَ تہ سفرنامو بہ سُٺو لکي ويندا. مون کي خوشي ٿيندي توهان سفرنامو ضرور لکنديون. مون همٿايو مانس.

پروين سان منهنجي پهرين ملاقات سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ٿي. ڊاڪٽر نور افروز خواجہ ڊين فئڪلٽي آف آرٽس، سنڌ يونيورسٽيءَ م شاگردن کي ليڪچر ڏيڻ لاءِ مون کي گهرايو هو. پروين انهيءَ وقت ڊاڪٽر نور جي گائيڊينس ۾ سنڌيءَ ۾ پي ايچ ڊي ڪري رهي هُئي. هن مون کي پنهنجا ڇپيل ڪتاب گفت ڪيا ۽ مون کي خاص چيائين تہ ”ادا الطاف! انهيءَ ۾ مون توهان جي ڪتابن تي تبصرا لکيا آهن، ضرور پڙهجو. ڏٺم تہ پورو هڪ مڪمل باب ڏنل هو. جنهن ۾ ”بندر بازاريون“، ”سمونڊ جي سيوين“، ”وايون وڻجارن جون“، ”ڄت جر وهي تو جال“، ”دنگيءَ منجهہ دريا“، ”ڪراچيءَ کان ڪوپنهيگن تائين“ ۽ ٻين منهنجي ڪتابن تي هن واقعي اونهو analysis ڏنو هو. يونيورسٽيءَ واريءَ انهيءَ ملاقات ۾ سين سان سُٺي علمي ۽ ادبي ڪچهري ٿي. گڏ فوٽوز بہ نڪتا. پروين مون کي گهر اچڻ جي لاءِ بہ صلاح ڪئي. سندس گهر وارو انور خان انجنيئر آهي، هو بہ ڪيڊٽ ڪاليج پيٽارو مان پڙهيو آهي. سندس موجب تہ ”هو توهان سان ملاقات ڪري خوش ٿيندو“ پر اتفاق تہ آئون وڃي ڪونہ سگهيس. بهرحال فون تي هنن

سان ڳالهائڻ ٿيندو رهي ٿو. تازو سندس ياءُ اقبال احمد نيول ڪموڊور جي وفات آڪٽوبر 2015ع ۾ ٿي مون پنهنجي ڪتاب جو انتساب اقبال احمد جي نالي ڪيو آهي. هو ڏاڍو لائق ۽ محبتي ماڻهو هو.

آفتاب احمد سندس وڏو ياءُ آهي ساڻس منهنجي ملاقات رهي آهي. آفتاب پيٽارين پڻ آهي ته سي ايس ايس ڪري ڊسٽرڪٽ مئنجمينٽ ۾ ويو ۽ سيڪريٽريءَ جي عهدي تان رٽائرڊ ٿيو. سندس سڃاڻپ بيورو ڪريسيءَ کان سواءِ هڪ اديب ۽ ليکڪ جي حيثيت ۾ به آهي هُن جا گذريل چند سالن ۾ چار ڪتاب شايع ٿيا آهن ۽ مختلف اخبارن ۾ ڪالم ۽ مضمون ڳچ عرصي کان لکندو اچي.

هن ادب شناس ڪٽنب ۾ پروين مستقل پنجويهن سالن کان سنڌي ادب جي مختلف موضوعن تي لکندي پئي اچي. سندس ڪتاب دير سان ڇپجڻ شروع ٿيا. 2004ع ۾ پهريون ڪتاب "سنڌي ادب جو جائزو" شايع ٿيو. جو ڇتاپيٽيءَ جي امتحان ۾ ڪميشن لاءِ پڙهندڙن کي ڏاڍو لاڀائتو ٿيو. هيستائين ٻارنهن کن ڪتاب ڇپجي چُڪا اٿس جن جا موضوع تحقيق، تنقيد، سوانح، مضمون نويسي ۽ لطيف شناسي آهن ته ٻاراڻي ادب لاءِ پڻ ڪتاب ۽ مضمون لکيا اٿس. ڪيترن ڪتابن تي کيس انعام مِلي چُڪا آهن.

زيرِ موضوع ڪتاب لطيف شناسيءَ متعلق آهي. هن کان اڳ به هوءَ لطيفيات ۾ "آديسين ادب آهي اکڙين ۾" ڪتاب پيش ڪري چُڪي آهي جنهن ۾ پروين انهن ڪتابن کي فوڪس ڪيو آهي جن جا عنوان شاهه جي رسالي مان ورتل آهن. هن منهنجي سفرنامن جو به ذڪر ڪيو آهي جيئن "جوين به تي ڏينهڙا"، "سمنڊ جن ساٿيهه"، "بندر ديسان ديس" ۽ ٻيا. واقعي اهو هڪ تمام محنت طلب ڪم هو. جو

سنڌي ادب جي ٽِن سَوَن ڪتابن جا پهرين عنوان جمع ڪجن ۽ پوءِ شاهه جي رسالي مان اُهي بيت، سُر ۽ داستان سميت چونڊي پيش ڪجن. گڏ هن سئو ڪتابن جا نوان عنوان پڻ ڏنا آهن. جنهن مان اينڊڙ ليکڪ پنهنجي ڪتابن جا عنوان شاهه جي شاعريءَ مان ڏين. سندس لطيف شناسيءَ جي اها عقيدت ڏسي کيس داد ڏيڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي. "عالم سڀ آباد ڪرين" پڻ هڪ مختلف ڪاوش آهي جو هن ڪتاب ۾ شاهه جي رسالي جي بيتن مان عنوان چونڊي انهيءَ تي مضمون لکيا اٿس. ڪافي وقت کان لطيف شناسيءَ ۾ مقالا ته بي حساب لکجن پيا پر مضمونن جي اٽاڻ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. انهيءَ لحاظ کان هيءَ محنت به لطيفيات جي واڌاري لاءِ واکاڻ جوڳي آهي.

مون کي هنن مضمونن ۾ جيڪا خاص ڳالهه ڏسڻ ۾ آئي اُها اِها ته هن اهو ڪم وڏي محنت، محبت، عقيدت ۽ دلجمعيءَ سان ڪيو آهي. جنهن لاءِ کيس جَس هُجي. هوءَ درس و تدريس جي پيغمبري پيشي سان سلهاڙيل آهي. قلم ۽ علم سان سندس ناتو ۽ ادب سان اهو محبت جو سفر جاري ۽ ساري آهي. اُميد آهي ته پروين پنهنجو ادبي پورهيو جاري رکندي. رب پاڪ کيس وڏي حياتي ۽ تندرستي صحت ڏئي ۽ سندس لاءِ شاهه لطيف جي بيت مطابق اهو چوندس ته:

پُڇن سي پَسَنِ، جڌهن تڏهن پرين کي،
ڏوريندڙيون ڏِسن، اگهڻ عجيبَن جا.

(1_7 حُسيني)

**الطاف شيخ**

ڪراچي، 27 مئي 2016ع

# ميريائي مانُ لَهان

پنهنجو پاڻ تي اعتماد هئڻ، پر وسو رکڻ نہ صرف اڄ جي دور جي تقاضا آهي، بلڪ اهو سلسلو اڳتي بہ جاري رهندو. اسان کي ڄاڻ آهي تہ انسان جي سوچ، سندس ٻاهرين دنيا جون تبديليون، سندس مسئلن ۽ مامرن جي شروعات اُتان ٿي جِتان هن حياتيءَ جي سفر جو پهريون ڏينهن شروع ڪيو. ڪيترن جُڳن کان پيغمبر، اوليا ۽ فيلسوف ايندا رهيا آهن تن جي تعليم جو بنيادي مقصد اهو رهيو آهي تہ، انسان جي ڏُک ۽ پيڙائن کي گهٽائجي، مَن کي شانتي ملي. مذهب اسان جي انهيءَ سوچ تي اسريا آهن. ڏاهن ان کي پکيڙڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. صوفي بزرگن، پيار، امن ۽ ڀائيچاري جو پيغام ڏنو آهي. مذهبي ڪٽرپڻي جي مخالفت ڪندي شاهہ صاحب چوي ٿو تہ:

صُوفين صافِ ڪَيو، ڏوئي ورق وِجُود جو،
تِهان پوءِ ٿيو، جيئري پَسڻ پرينءَ جو.

(شاهہ)

ساڳيءَ طرح سچل سائين فرمايو آهي تہ:

مذهبن ملڪ ۾ ماڻهو مُنجهايا،
شيخيءَ پيريءَ مُريديءَ بيحد ڀُلايا،
ڪي نوڙي، نمازون پڙهن، تہ ڪن مندر وسايا،
اوڏو ڪين آيا، عقل وارا عشق کي.

(سچل)

سيئي صوفي شاعر همٿ ۽ حوصلي سان، مُڙس ٿي، ڏک ۽ سُک سان، منهن ڏيڻ جي ڳالهہ ڪن ٿا.

سانئڻ، پروين موسيٰ ميمڻ جو هيءُ مضمونن جو مجموعو ”عالم سڀ آباد ڪرين“ لطيف سائينءَ جي شاعريءَ جي فلاسافي، فن ۽ فڪر جي الڳ الڳ پهلوئن جي چنڊڇاڻ تي آڌاريل آهي. هيءُ شاندار تجزيو سندس محنت ۽ دل سان ڪيل پورهيي کي عيان ڪري ٿو. سپڪ، سهڻي، مٽيادار اندر جي اُجل ۽ جذبن جي سچائيءَ سان گڏ تحقيق جو پهلو پڻ اُجاگر ٿيل آهي. شاهه جي شاعريءَ جي ڪافي پهلوئن کي اجاگر ڪيو اٿس. چاهي ٻولي هجي يا سماجي پهلو هجن. تصوف جي اشارن ۽ علامتي اصطلاحن ذريعي شاهه سائينءَ جيڪا انساني اندر کي روشني ۽ رهنمائي ڏني آهي ان کي بيان ڪيو اٿس. سماج جي هر طبقي جي زندگيءَ جا عڪس ۽ اولڙا، ڪڙمي، ڪاسبي، پورهيت هجن يا وري نازڪ جنس عورت جي عظمت جو سوال هجي، سانئڻ پروين وڏي محنت ۽ محبت سان بيان ڪيو آهي ۽ هن اهو پورهيو پنهنجي پيارن پڙهندڙن کي ارپيو آهي. هنن، مضمونن جا عنوان شاهه لطيف جي بيتن مان ورتل آهن. جهڙوڪ، ”سورهيه مرين سوپ کي“، ”سيئي سُبحان جي ڪر حوالي ڪم، “جي ٻانئين جوڳي ٿيان“، ”الا! جُنگ جيئن“ ۽ ٻين مان سندس ڳوڙهي مطالعي ۽ مشاهدي جي ڄاڻ پوي ٿي. ڪتاب سندس بهترين ساٿي رهيا آهن. سندس ڪافي ڪتاب شايع ٿي چُڪا آهن ته وڏي انگ ۾ ڪيترائي مضمون ۽ مقالا مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ پڻ شايع ٿين پيا. لڳي پيو هوءَ هر وقت علمي ۽ ادبي ڪم ۾ مصروف آهي. سندس ئي چواڻيءَ ته: ”جنهن ڏينهن ڪجهه لکان ۽ پڙهان نٿي اهو ڏينهن مون کي مڪمل ضايع ٿيل لڳندو آهي. ڪتاب منهنجي زندگي ٿي ويا آهن“ مون کي سورنهن آنا سچ لڳي رهيو آهي. پروين مون کي پنهنجا ڪافي ڪتاب، دهلي پوسٽ ذريعي موڪليا آهن، جيڪي

پڙهي مون کي اندازو ٿئي ٿو تہ جڏهن هُن ايترا سَوين صفحن جا ڪتاب لکيا آهن تہ هن هزارين صفحا ضرور پڙهيا پڻ هوندا. مطلب تہ سندس مطالعو پڻ واڪاڻ جوڳو آهي. وٽس وڏو ڪتب خانو بہ هوندو. هوءَ علم ۽ ادب پرور پنهنجو سفر جاري رکندي. ورهاڱي کي 60 سال ٿيڻ باوجود، سنڌي ٻوليءَ جي قومي ٻولي نہ هئڻ ڪري ڪيس تعليم پرائڻ ۾ ڪيتريون دشواريون درپيش آيون پر پروين موسيٰ شاهہ جي سورمين جيان جُستجو ڪندي رهي ٿي. جنهن مان صاف ظاهر ٿئي ٿو تہ، سنڌ جي عورت باشعور ۽ تعليم جي اهميت کي اڄ محسوس ڪري رهي آهي نہ صرف پاڻ پر ايندڙ پيڙهيءَ جون راهون بہ روشن ڪري رهي آهي.

Those who have to show the path to others they have to find their path themselves.

انگريزيءَ جي ان چوڻيءَ موجب، جيڪي ٻين کي رستو ڏيکارين ٿا، انهن لاءِ پنهنجا رستا آسان ٿي وڃن ٿا. ان قول کي هن خود عمل ڪندي پنهنجون راهون گهڙيون آهن. حياتي اها زنده جاويد آهي جيڪا ٻين لاءِ آفتاب ۽ ٻين لاءِ روشني مثل پيغام هجي، پروين موسيٰ ان سان پاڻ نڀايو آهي. سائڻ ڊاڪٽر پروين کي مُبارڪون، جنهن نور نچوئي هيءَ سهڻي سوغات ڏني آهي. سندس لفظن ۾ "سنڌ ڌرتي تهذيبي ورثي جي لحاظ کان سون ورني ڌرتي رهي آهي. جتي ذات جا ڏيئا، سهڻي روشن لاٽ سان هر روپ ۾ جرڪيا آهن. انهيءَ جرڪندڙ لاٽ جو مهندار حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي آهي. جنهن جي قرب ڀرين ڪلامن ۽ پيار جي پيغامن ۾ اندلٺ جهڙا رنگ، آبشارن واري رواني، سمنڊ جهڙي گهرائي، آسمان جهڙي وسعت ۽ گلاب جي گُلن جهڙي مڌُر مهڪَ موجود آهي. سندس شاعريءَ ۾ لاتعداد خوبيون آهن.

جن جو ڪاٿو لڳائڻ هر هڪ جي وَس جي ڳالهه نه آهي پر ته به هر پڙهيل يا اڻ پڙهيل جڏهن سيراب ٿيندو آهي تڏهن بي ڏڙڪ اهوئي چوندو ته، بيشڪ، لطيف سائين دنيا جي شاعرن جو مهندار، مٽيادار ۽ تاجدار شاعر آهي”. سو پروين سائڻ، سنڌي ٻولي ۽ ادب جو جرڪندڙ لاٽ جي مهندار حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ ڪي جيڪا ميجتا هن ڪتاب “عالم سڀ آباد ڪرين” وسيلي ڏني آهي، سا تحقيق ميجڻ جوڳي آهي. ڪيس جَس هُجي ۽ اجان به هوءَ انهن راهن کي روشن رکندي.

**ڏاتار ته تون، ٻيا مڙيئي مڱڻا،**
**مينهن ته مُندائتا وسڻا، سدا وسين تون،**
**جي گهر اڇين مون، ته ميريائي مانُ لهان.**
(شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح)

# وينا شرنگي

21 سيپٽمبر 2016ع، نئين دهلي

# عالم سڀ آباد ڪرين بابت ٻه اکر

محترمه ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ جن جو نالو سنڌي تخليقي ۽ تحقيقي ادب ۾ هاڻي ڪنهن به تعارف جو محتاج ناهي رهيو. سندس هن مهل تائين مختلف موضوعن تي لکيل ٻارنهن ڪتاب ڇپجي چُڪا آهن. جنهن بابت ٻه اکر لکندي مون کي خود به فخر محسوس ٿي رهيو آهي ۽ آئون کين مبارڪباد به ڏيان ٿي. هن ڪتاب جو نالو پاڻ، لطيف سائين جي هڪ دعائيه بيت مان کنيو اٿن. "عالم سڀ آباد ڪرين" مانواري محقق ۽ مصنفه ڊاڪٽر پروين جي اڳ لکيل ڪتابن جيان سندن هيءَ تصنيف جيڪا يقينن سندن محنت جو ثمر ۽ شاهه لطيف سان سندن بي پناهه عقيدت ۽ محبت جو شاهڪار آهي. سا علم ۽ ادب جي قدردانن ۽ شاهه سائين جي پارکن ۾ ميجتا ۽ مقبوليت ماڻيندي.

"عالم سڀ آباد ڪرين" ۾ ڊاڪٽر صاحبه شاهه سائينءَ جي لازوال شاعريءَ مان مختلف موضوعن تي قلم آزمائي ڪئي آهي ۽ هن ڪتاب ۾ شامل مضمونن جا عنوان به شاهه سائينءَ جي بيتن مان کنيا ويا آهن ۽ جيئن ته منهنجو پنهنجو تحقيقي ۽ تصنيفي موضوع به هميشه شاهه لطيف ؒ جو اَملهه شعر ۽ شاعري ئي رهيو آهي، سو مون کي هي لکندي تمام گهڻي خوشي ٿئي ٿي ته ڊاڪٽر صاحبه هڪ هڪ موضوع کي اهڙو ته ڪمال خوبيءَ ۽ محنت سان نڀايو آهي جنهن کي لفظن ۾ قيد ڪرڻ مشڪل آهي، ان جو فيصلو پڙهندڙ پاڻ ئي ڪري سگهي ٿو. تمام سولي ٻولي استعمال ڪيل آهي جيئن هر عام و خاص هن مان پنهنجي مطلب جا موتي چوندي سگهي. شاهه سائينءَ سان سندن محبت ۽ عقيدت جو اهو عالم آهي جو سندس ڇپيل ڪتابن مان

اڪثر جا ۽ اڻ ڇپيل ڇهن ئي ڪتابن جا نالا لطيف سائينءَ جي بيتن مان چونڊيل آهن. دلي دعا آهي تہ رب پاڪ ڊاڪٽر پروين صاحبہ جي قلم ۾ اڃان بہ وڌيڪ سگهہ پيدا ڪري ۽ سنڌي ادب جي وڌ کان وڌ خدمت ڪرڻ جي توفيق عطا ڪري. (آمين)

## پروفيسر ڊاڪٽر اُمِّ ڪلثوم شاهہ

نوابشاهہ

# پنهنجي پاران

هن ڪتاب کان اڳ منهنجا ڏهه ڪتاب سنڌي ادب جي مختلف موضوعن تي ڇپجي چڪا آهن. سنڌي ادب سان منهنجو ناتو پراڻو آهي. 1988ع ۾ سنڌي ادب ۾ ايم اي فرسٽ ڪلاس فرسٽ پوزيشن سان پاس ڪيم ۽ 1991ع کان سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ذريعي سنڌيءَ ۾ ليڪچرر ٿيس ۽ اڄ ايسوسيئيٽ پروفيسر ٿي ستاويهن سالن کان سنڌي ادب پڙهائيندي اچان. باقي لکڻ جي حوالي سان ٿورو ٿڪو تہ پهرين لکندي هيس. باقاعدي ڪتاب ڇپجڻ جي شروعات "سنڌي ادب جو جائزو" ڪتاب سان ٿي جو روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو وارن شايع ڪيو هو ۽ ايئن پوءِ آئون مستقل لکندي رهيس ۽ الحمدالله انهيءَ شوق ۾ واڌارو ئي ايندو رهيو آهي ۽ هاڻي اهو محسوس پئي ڪريان تہ جنهن ڏينهن ڪجهه لکان ۽ پڙهان نٿي تہ اهو ڏينهن مون کي مڪمل ضايع ٿيل لڳندو آهي ۽ پنهنجو پاڻ کي اڌورو سمجهندي آهيان. وري بئي ڏينهن اها ليٽ ڪيڙڻ جي ڪوشش ڪندي آهيان. ڪتاب منهنجي زندگي ٿي ويا آهن. ڪتاب هر وقت هر هنڌ مون سان گڏ آهن. انهيءَ ڪري منهنجي ڊرائينگ روم ۾ ڪتاب، بيڊروم ۾ ڪتاب، گاڏيءَ ۾ ڪتاب، ڪاليج ۾ ڪتاب، بلڪ ڪاليج ۾ تہ آئون اسٽاف روم جي بدران لائبريريءَ ۾ ويهڻ پسند ڪندي آهيان ۽ جتي لائبريرين ڪيٽ منهنجي حوالي ڪري ڇڏينديون آهن ۽ مون کان جيترو پڄندو آهي، انهن ڪتابن مان فائدو وٺڻ جي ڪوشش ڪندي آهيان ۽ سيني ڪاليجن جي لائبريرين ۾ سنڌي ادب جا ڪتاب موجود آهن. انهيءَ کان سواءِ مون پاڻ وٽ بہ چڱو ڳاٽيتو ڪتابن جو آهي، پر اڪثر مون کي لڳندو آهي تہ مون وٽ وقت گهٽ آهي ۽ ڪم گهڻو ڪرڻ چاهيان ٿي. پنهنجي ڪتابن جي ڇپائڻ جي حوالي سان منهنجي دل چاهيندي آهي تہ منهنجا ڪتاب وڏا ادارا ڇپائين، پر انهن جي پاليسي منهنجي وَسَ ۾ ڪونهي، بلڪ خود انهن جي بہ وَسَ ۾ ڇا آهي؟ اها خبر انهن کي آهي. بهرحال آئون پنهنجي طور سنڌ ۽ سنڌ واسين

سان محبت جو قرض ادا ڪري رهي آهيان. انشاءَ الله منهنجو اهو پورهيو ضرور صاب پوندو. هيءُ ڪتاب لطيف سرڪار جي دَرِ عقيدت جو نذرانو آهي.

سنڌ ڌرتي تهذيبي ورثي جي لحاظ کان سون ورني ڌرتي رهي آهي، جتي ڏات جا ڏيئا سهڻي روشن لاٽ سان هر روپ ۾ جرڪيا آهن. انهيءَ جرڪندڙ لاٽ جو مهندار حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي آهي، جنهن جي قرب ڀرين ڪلامن ۾ پيار جي پيغامن ۾ اندلٺ جهڙا رنگ، آبشارن واري رواني، سمنڊ جهڙي گهرائي، آسمان جهڙي وسعت ۽ گلاب جي گلن جهڙي مڌر مهڪ موجود آهي. سندس شاعريءَ ۾ لاتعداد خوبيون آهن. جن جو ڪاٿو لڳائڻ هر هڪ جي وَس جي ڳالهه نه آهي. پر ته به هر پڙهيل يا اڻ پڙهيل جڏهن سيراب ٿيندو آهي تڏهن بي ڌڙڪ اهو ٿي چوندو ته بيشڪ لطيف سائِين دنيا جي شاعرن جو مهندار، مٽيادار ۽ تاجدار شاعر آهي، پاڻ هڪ مثالي انسان هو جنهن پنهنجي پيغام سان پڙهندڙن ۽ ٻڌندڙن کي مثالي سبق ڏنو آهي. سندس ڪلام سنڌ ۽ سنڌيءَ ٻوليءَ جي بقا جو پروانو آهي سنڌ ۾ ڪجهه ڏهاڪا اڳ سڀ کان گهڻو پڙهجندڙ ڪتاب "شاهه جو رسالو" شمار ٿيندو هو پر هلندڙ وقت ۾ جڏهن اسين نظر ڊوڙايون ٿا ته لطيفي فن جو فروغ نوجوان نسل ۾ گهٽ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. انهيءَ جو سبب نوجوانن جي هن فن سان شناسائي گهٽ هئڻ آهي. ۽ انهيءَ گهٽ شناسائيءَ جا ڪارڻ جهجها آهن. جن مان هر هڪ تي الڳ الڳ بحث ٿيڻ گهرجي ۽ ان مسئلي جو اُپاءُ به ڪجي، پر ٿورن لفظن ۾ ايئن چونديس ته اڄ نوجوان طبقي وٽ لطيف فقط فنڪشنن، لطيف ڏهاڙن ۽ موسيقيءَ جي محفلن ۾ موجود آهي. ڪو به "شاهه جو رسالو" وٺڻ ۽ صحيح اُچار سان پڙهڻ ۽ سمجهڻ جي زحمت نٿو ڪري، سواءِ چند جي، ها باقي ڪي جوان آهن، جي يونيورسٽي جي ليول تائين ايم فل يا ڊاڪتريٽ ڪن پيا يا ڪانفرنسن ۽ سيمينارن ۾ وڃي ڪجهه پرائين ٿا. پر اهڙن نوجوانن جو ڳاڻيٽو به اٽي ۾ لوڻ برابر آهي. اهو انهيءَ ڪري به آهي ته سنڌي ٻولي نصابي طور مڪمل رائج نه آهي. قومي ٻولي نه هئڻ ڪري به ههڙا هاڃا ٿين پيا. جيڪڏهن لطيف شناسيءَ کي هڪ مڪمل مضمون

طور سنڌ جي تعليمي نصاب جو حصو بڻائجي تہ پڻ وڏو واڌارو ٿيندو ۽ ائين ئي لطيف شناسيءَ کي ميڊيا معرفت وڌائجي ۽ ويجهائجي تہ پڻ ڪي ترقيءَ جون راهون روشن ٿي سگهن ٿيون.

آئون هتي پنهنجي ڳالهہ ڪيان ٿي تہ جڏهن 1995ع ۾ ليڪچرار طور ميرپورخاص ۾ پڙهائيندي هيس، تڏهن مون کي "شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ اخلاقي قدر". جي موضوع تي پي ايچ ڊي ڪرڻ جو خيال ٿيو ۽ انهيءَ سوچ کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ ميرپورخاص مان بہ ٽي دفعا سنڌ يونيورسٽيءَ لاءِ ڪاليج مان موڪل وٺي آيس. پر هر دفعي مون کي نااميد ڪري واپس ڪيو ويندو هو تہ شاهہ لطيف تي ڪراچي يونيورسٽيءَ مان پي ايچ ڊي ڪيو هتي ڪانہ ٿي سگهندي، اهو ايترو تہ ابتو جواب هو جنهن منهنجي ان وقت پي ايچ ڊي ڪرڻ تان ئي دل لاهي ڇڏي. هڪ شادي شده عورت ٻن ٻارن سان ميرپورخاص مان بدلي ڪراچيءَ ڪرائي ڪراچي يونيورسٽيءَ مان لطيف سائينءَ جي شاعريءَ تي پي ايچ ڊي ڪري ڇو جو سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ڪوبہ انهيءَ ۾ دلچسپي نہ پيو وٺي يا اُتي ئي "لطيف چيئر" آهي يا واالله اعلم ڪهڙو سبب هو؟ بهرحال، پوءِ آئون دلشڪستہ ٿي ويهي رهيس ۽ آخر 2004ع ۾ ايم فل ۾ داخلا ورتم ۽ 2012ع ۾ خير جو "سنڌي نثر جي ترقيءَ ۾ عورتن جو حصو" موضوع تي پي ايچ ڊي مڪمل ڪيم. جنهن جو فائدو آئون يونيورسٽيءَ جي شاگردن کي نہ ڏيئي سگهيس. جو عمر وڏيڪ ٿي وڃڻ ڪري هاڻي ريٽائرمينٽ ويجهي آهي ۽ يونيورسٽيءَ ۾ نوڪريءَ لاءِ هاڻي شفٽ ٿيڻ ڏکيو آهي. منهنجي چوڻ جو مطلب تہ اسان وٽ اهڙا اهڙا نادر ماڻهو موجود آهن، جيڪي عورت ذات جي ترقيءَ جا دشمن ۽ سندن اڳيان وڌڻ ۾ رُڪاوٽ آهن. انهيءَ وقت لطيف سرڪار جي فن تي ڪم نہ ڪرڻ منهنجي دِل کي جيڪو صدمو رسايو اهو آئون ٻڌائي نٿي سگهان، پر وري بہ همت ڪونہ هاريم. سندن فن کي مجتا ڏيندي هڪ تحقيقي ڪتاب مرتب ڪيم،

"آديسين ادب آهي اڪرين ۾" هن ڪتاب ۾ انهن بيتن جو چونڊو ڏنم جن لطيفي بيتن مان سنڌي ادب جي ڪتابن جا عنوان سِرجيل آهن. جيئن "پڙاڏو سوئي سڏ"، "وايون وڻجارن جون" ۽ ٻيا ڪتاب آهن. انهيءَ موضوع تي تفصيلي مقدمو پڻ ڏنو اٿم ۽ اهڙن تي سئو لطيفي بيتن جي انهيءَ ڪتاب ۾ نشاندهي ڪئي اٿم جن مان سنڌي ادب جي ڪتابن جا عنوان سِرجيل آهن. "آديسين ادب آهي اڪرين ۾" کي ڊاڪٽر فهميده حسين انوکي ۽ منفرد تحقيق قرار ڏنو ۽ محمد ابراهيم جويو صاحب انهيءَ ڪتاب جي خيال کي عملي جامو پهرائڻ هڪ اڇوتو ۽ مختلف آئيڊيا سڏيو. انهيءَ ڪتاب کي گهڻو پسند ڪيو ويو ۽ هيستائين ان ڪتاب جا 2 ڇاپا ختم ٿي چڪا آهن. هاڻي ارادو آهي ته انهيءَ ڪتاب ۾ وڌيڪ سئو بيتن جو واڌارو ڪري ٽيون ڇاپو شايع ڪجي. انهيءَ ڪتاب جي تياريءَ دوران هر وقت "شاهه جو رسالو" مون سان گڏ هوندو هو جو مون کي اهي بيت ڳولهڻا هوندا هئا، جن جا عنوان شاهه جي بيتن مان ورتل آهن. جن مان ڪي نه ملندا هئا ته وري مختلف نسخا ڏسندي هيس ۽ گهڻي ڀاڱي ڊاڪٽر گربخشاڻي، غلام محمد شاهواڻي ۽ ڪلياڻ آڏواڻي صاحب جا رسالا ڏسندي هيس. ان دور ۾ وري سوچيم ته هيءُ ڪتاب ختم ڪري پوءِ لطيف شناسيءَ تي تخليقي مضمونن جو مجموعو لکنديس پر پي ايچ ڊي جي ڪم وچان اهو وقت ڪڏي ڪونه سگهيس. انهيءَ هوندي به ڏهه کن مضمون لکيم پر مڪمل ڪتاب تيار ٿي نه سگهيو. شاهه عبداللطيف ڪانفرنس 2015ع جو تفصيل اخبار ۾ پڙهيم، جنهن ۾ مقالا پڙهندڙن ۾ ڊاڪٽر غلام علي الانا، جيئنو لالواڻي، هيرو ٺڪر، ڊاڪٽر نواز علي شوق، ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو، ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو، ڪي ايس ناگپال، صدف مرزا، جاويد علي چانڊيو ۽ ٻيا هئا، منظور قناصرو، رڪيل مورائي، ڊاڪٽر ڪمال جامڙو، جگديش لڇاڻي ۽ ٻين جي ڪل نون ڪتابن جا هن موقعي تي مهورت پڻ ٿيا. خاص ڳالهه ته هن دفعي مقررن چيو ته "ڪيتري عرصي کان لطيفي فن تي تحقيقي ڪم ٿي رهيو آهي

پر تخليقي ڪم جي موجوده وقت ڪوٺ محسوس ٿي رهي آهي. انهيءَ ڪري اهو به ضروري آهي ته لطيف شناسيءَ جي تخليقي ڪم تي توجهه ڏني وڃي.”
اهو تفصيل پڙهڻ ڪان پوءِ دل ۾ وري ساڳي خواهش ڪَرَ ڪنيو ته چو نه آئون تخليقي ڪم شروع ڪيان ۽ ايندڙ سال تائين منهنجو لطيف شناسيءَ تي هڪ نئون مضمونن جو مجموعو ميدان ۾ اچي. سو محنت ۾ جُنبي ويس ۽ جيڪا منهنجي فطرت جو حصو پڻ آهي نه ڏينهن ڏٺم نه رات ين ٽن مهينن ۾ ڪتاب لکي تيار ڪيم ۽ اڄ هيءُ ڪتاب مون 20 فيبروري 2016ع تي لکي مڪمل ڪيو آهي، آئون سمجهان ٿي ته ضرور مهينو به مهينا ڪمپوزنگ ۾ به لڳندا. باقي شايع ڪڏهن ٿيندو؟ انهيءَ جي باري ۾ في الوقت ڪجهه چئي نٿو سگهجي. انشاءَ الله ضرور شايع ٿيندو ۽ اڳواٽ ئي پڙهندڙن کي عرض آهي ته جيڪڏهن کين ڪتاب پسند اچي ته مون کي هن ايڊريس تي ضرور چاڻ ڪن. مهرباني.


## ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ

A_03 ڏيپلائي ڪالوني
نزد راجپوتانه اسپتال حيدرآباد
**0333-2766564**

# ٻئي ڇاپي لاءِ چند لفظ

مون کي تمام گھڻي خوشي ٿي جڏهن هي ڪتاب مقبول ٿيو ۽ هڪدم انهيءَ جو پهريون ڇاپو کپي ويو دراصل انهيءَ ڪتاب جا لطيفي مضمون ڪتابي صورت ۾ اچڻ کان اڳ روزاني عبرت اخبار ۾ شايع ٿيندا رهيا، درگاهه شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي گادي نشين جناب وقار حسين شاهه ۽ ٻين مريدن انهن مضمونن کي گھڻو پسند ڪيو ۽ عبرت وارن کي ٽيليفون ڪري منهنجو نمبر ڪڍي مون سان رابطو ڪيائون ۽ مون کي شاهه لطيف جي جنم ڏينهن تي لطيفي ايوارڊ ڏيڻ جو اناؤنس ڪيائون پر انهيءَ تقريب ۾ اهو ايوارڊ ڪڍڻ لاءِ بخار سبب آئون وڃي ڪانه سگھيس، اهو وٽن امانت آهي، ٻئي ڪنهن موقعي تي وڃي وصول ڪبو ٻين ڪيترن ئي عبرت پڙهندڙن جا تعريفي خط ۽ ميسيج آيا. جن سان مون جو شوق ۽ ڪم ڪرڻ جو جذبو وڌيو آهي.

آئون پنهنجي سيني پڙهندڙن ۽ پسند ڪندڙن جي دل سان ٿورائتي آهيان، هن ڪتاب جي ٻئي ڇاپي ۾ چند ٻين مضمونن جو واڌارو ڪيو اٿم، اميد ته پسند ايندو.

توهان کي هن ڪتاب پڙهڻ سان انشاءَ الله راحت ايندي ۽ لطيفي فلسفي جي روشنيءَ سان دل ۾ مثبت خيال ايندا. آئون سمجھنديس مون شاهه جو رسالو پڙهي، پروڙي ۽ اهو پيغام توهان تائين پهچائي انهيءَ جو ڪجهه حق ضرور ادا ڪيو آهي، وري به ورجائينديس ته ڪتاب جي پسنديدگيءَ جي ڄاڻ مون کي خط ذريعي گھرجي ائڊريس يا موبائيل تي ضرور ڏين. مهرباني

# ڪَري پاڻ ڪَريم جوڙُون جوڙ جهانَ جِي

اَوَل، اللهُ، عَليمِ، اعليٰ، عالمَ جو ڌڻي،
قادِرُ پنهنجي قُدرتَ سين، قائم آهِ قَديم،
والي، واحد، وَحدهُ، رازِقُ رَب، رحِيمُ،
سو ساراهِ سچو ڌڻي، چئِي حَمدُ حَڪِيمُ.
ڪري پاڻ ڪرِيمُ، جوڙُون جوڙَ جهانَ جِي.
(ڪليات، 1 ـ 1)

سُر ڪلياڻ جي مٿئين بيت مطابق حق هيڪڙو آهي ۽ ڪائنات حق جو ظهور آهي ۽ هر هڪ شيءِ ۾ ذاتِ الاهيءَ جو جلوو ضرور ڏسڻ ۾ اچي ٿو. شاهه لطيف جو ڪلام وحدانيت جي فلسفي جي اپٽار آهي. الله تعاليٰ جي ذات عظيم تر آهي، جنهن جي ڪبريائيءَ جو بيان ڪرڻ انسان جي وَس جي ڳالهه نه آهي. جيڪڏهن فقط انسان پنهنجي پيدائش تي ئي غور ڪري ته سندس لاءِ وڏي حيرت جو مقام آهي. قرآن پاڪ ۾ اندازاً ٽيهن کان به وڌيڪ دفعا انسان جي پيدائش جو ذڪر ۽ ان تي تدبر ڪرڻ جو چيو ويو آهي ته ”توهين پنهنجي پيدائش تي غور ڪيو ۽ ڪيئن ٿا چئو ته رب پاڪ توهان کي ٻيهر زنده نه ڪندو؟“ جيڪي به انسان دنيا ۾ ڏٺيءَ سڳوري جي هيڪڙائيءَ تي مڪمل يقين رکن ٿا، سي چڱيءَ پر ڄاڻن ٿا ته الله تعاليٰ کان سواءِ ٻيو ڪوبه مالڪ ڪونهي. اهو ئي اعليٰ عالم جو مالڪ ۽ خالق آهي. هو ئي هن زمين، آسمان ۽ مڪمل ڪائنات کي هلائڻ وارو آهي ۽ محمد مصطفيٰ ﷺ الله تعاليٰ جو آخري نبي آهي. شاهه صاحب فرمائي ٿو ته:

وَحدَهُ لاشريڪَ لَہُ، جَن اُتوسين ايمانَ،
تن مَڃيو مُحمَد ڪارڻي، قلبَ ساڻُ لِسان،
اوءِ فائِقَ ۾ فَرمانَ، اَو تَڙ ڪنهن نہ اوِليا.
(ڪليات، 1 ـ 7)

الله جل جلالہ هڪ آهي ۽ هو لاشريڪ آهي. اهي جيڪي ايمان آڻين ٿا ۽ حضور قلب سان اقرار ڪري محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن کي نجات جو وسيلو ۽ ڪارڻي ڄاڻن ٿا, انهن جي لاءِ قرآن پاڪ ۾ حڪم آهي تہ "ڪڏهن بہ گمراهہ نہ ٿيا ۽ نہ ئي ڪڏهن اُبتي رستي ڏانهن مڙيا." ڏٺو وڃي تہ هڪ ئي هستي آهي جا ڪائنات جي عظيم ڪارخاني کي هلائي رهي آهي. بغير ڪنهن رڪاوٽ جي اهوئي جيئري کي مئل ۽ مئلن کي زنده ڪرڻ وارو بيمارن کي صحت ڏيڻ وارو حاڪمن جو حاڪم آهي. سندس ڪبريائي بيان ڪرڻ انساني طاقت کان مٿي آهي. فرمان آهي تہ سڄيءَ دنيا جا وڻ قلم ٿي وڃن ۽ سمنڊ مس ۾ تبديل ٿي وڃن تہ بہ الاهي ذڪر جي وڏائي بيان ٿي نہ سگهندي. اهو ئي ڪريم ڪارساز آهي جو جهان جون جوڙون جوڙي ٿو. رب پاڪ سان پانهن جو رشتو تہ روحن جي وچن "قالو بليٰ" کان شروع ٿيئي ٿو ۽ اهو مالڪ ۽ پانهي جو ازل کان ناتو آهي. هُن آدم کي پنهنجي صورت مطابق خلقيو آهي. "خلق آدم عليٰ صورتہٖ" ۽ کيس خلقي ڪل ڪائنات کي وٽس جهڪايائين فقط شيطان انڪاري ٿيو ۽ اهوئي انسان جو وڏي ۾ وڏو دشمن ٿيو. حيلن ٻهانن سان کيس هر دم حياتيءَ ۾ هر ڪائيندو ۽ گمراهہ ڪندو اچي پر انهن کي, جيڪي سندس چوڻ تي اچن ٿا.

سر ڪلياڻ ۾ وحدانيت جي اُپٽار سان گڏ عشق جي انتها جو بيان آهي, جنهن جو پهريون درجو نفس جي پاڪائيءَ سان گڏ سچ ئي سچ آهي پٽ ڏٺي فرمائي ٿو تہ:

آگي ڪِيا آڳهِين, نِسورو ئي نُورُ,
"لاخَوفَ عَلَيَهُم وَلاهُم يَحزنوُنَ" سَچَنِ ڪونهي سُور,
موليٰ ڪيو مَعمُور, انگ ازل ۾ اُنَ جو.
(ڪلياڻ, 1_9)

قرآن پاڪ جي سورة البقره ۾ پنج ڇهہ دفعا اها آيت آيل آهي تہ

“لاخوف عليهُم ولا هُم يحزنون” “نہ انهن کي خوف هوندو ۽ نہ ئي هو ڪو ڏک ڏسندا.” ۽ انهن جون خاصيتون اهي ئي ٻڌايل آهن. جيڪي شاهہ لطيف ٿو اسان کي ٻڌائي جيڪي پنهنجي رب جي رستي ۾ سچا آهن. مال ميڙيندڙ نہ پر ڏٿيءَ جي رستي ۾ خرچ ڪندڙ آهن ۽ نيڪوڪار آهن. هدايت وٺندڙ سڌي ۽ سچي رستي وارا آهن. اهي ئي آهن جيڪي الا الله سين اورين ٿا ۽ ٻيائيءَ کي ٻڪ نٿا وجهن. شاهہ لطيف بار بار شرڪ کي پليو آهي هن صوفي شاعر سالڪ کي شريعت، طريقت، حقيقت ۽ معرفت جون منزلون درجي بہ درجي سهڻائيءَ سان سمجهايون آهن.

وَحدَہُ جي وِڍيا، الآ الله سين اِورين،
هنيُوَن حِقيقَت گڏِيو طريقَت تورين،
معرِفَتَ جي ماٿِ سِين، ڏيساندُر ڏورِين،
سُکِ نَہ سُتا ڪڏهِين، ويهي نہ وِوڙين،
ڪُلهنِئُون ڪورِين، عاشق عبداللطيف چي.

(ڪلياڻ 1-10)

سالڪ کي جڏهن اندروني مشڪلاتن تي ڪُلي ضابطو ٿو حاصل ٿي وڃي، تڏهن ئي سندس ڪاميابيءَ جي شروعات ٿي ٿئي. دنيا ۽ دنيا جون رعنائيون، رنگينيون، مڪر، فريب، سالڪ جي لاءِ رستي جون رڪاوٽون آهن. ان جي باوجود بہ جڏهن هو سيني طرفن کان مضبوط ٿي پنهنجي نفس جي وسوسن ۽ گمراهيءَ تي حاوي ٿو ٿي وڃي، تڏهن ئي سچي طالب جيان عشق جي منزل تي ٿو پهچي، اها منزل سوريءَ سيج آهي ۽ مرڻ مشاهدو آهي، قريب جي ڪاتي پل تہ سندس هڏ چم چيري، پر اهو چيرجڻ ۽ وڍجڻ عاشق جي لاءِ عين راحت آهي. هو پنهنجي انگ الله ڪارڻ ٿو وڍي، دل جي خوشيءَ سان ۽ روح جي راحت لاءِ خود ئي ڪلهِنئون ڪوري ٿو ڏي، بلڪ انهيءَ کان بہ هڪ درجو وڌي وڃي ٿو. ڪيس انهيءَ ڪُسجڻ ۾ جيڪا راحت ملي ٿي، سا

تڏهن ملي ٿي، جڏهن محبوب جا هٿ سندس ڪنڌ تي موجود هجن، هو مڏيءَ ڪاتيءَ سان ڪُسجڻ وڌيڪ پسند ٿو ڪري، جنهن جي بهاني سان ڪا ويرم وڌيڪ لڳي ۽ پرينءَ جا هٿ مُڏيءَ ڪاتيءَ سان ڪُهڻ وقت ڪجھ دير وڌيڪ سندس ويجهو هجن شاھ صاحب فرمائي ٿو تہ:

ڪاتي تِکي مَ ٿيئي، مَرُ مُنيائي هوءِ،
مانَ وِرمَن توءِ، مُون پِريان جا هَٿَڙا.

(ڪلياڻ، 2_12)

شاھ موجب تہ: سپرين جا ڏنل ڏيهاڙي ڏنڀ، ڪُهڻ، سوريءَ چاڙهڻ، وَڍَ وجهڻ، سڀ عين عبادت آهن. اُهي ئي آهن جيڪي پُڪي ڀاڄھ جي بہ ڏين ٿا. ڏکندو ڏور ڪن ٿا ۽ طبيب تي درد جو دارون ٿين ٿا. شل ڪين ڀاڄھ پئي. شاھ لطيف جو سچو ڪلام صوفياڻو ۽ روحانيت سان پُر آهي ۽ انهيءَ ۾ اخلاقي ۽ عاشقاڻو موضوع موجود آهي. هن آدرشي عاشق جو عشق اعليٰ درجي جو آهي. جيڏانهن بہ نهاري ٿو تہ سڄڻ سامهون آهي، سندس موجب محبوب جي مهر سان ئي حياتي آهي. اها ئي ابتدا آهي ۽ اها ئي انتها:

حبيبَن هيڪارَ مَنجهان مِهرَ سڏ ڪِيو،
سو مون سَڀِ جمارَ اورڻُ اهو ئِي ٿِيو.

(ڪلياڻ، 3_14)

# جنهن هادِي ميڙِيَم هَهڙو

جڪري جِهو جوانُ، ڏسان ڪو نہ ڏيهہ ۾،
مُهڙ مِڙني، مُرسلين، سَرسُ سندسُ شانُ،
فَڪانَ قابَ قوسين او اَدنيٰ، ايءُ مُيسَرُ مَڪانُ،
ايءُ آڳي جو احسانُ، جنهن هادي مِيڙِيَم هَهڙو.

(بلاول. 2_10)

جڏهن پوريءَ دنيا تي جهالت، مايوسي ۽ ڪفر جا ڪارا ڪڪر ڇانيل هئا ۽ انسان حرص، هٻچ، لالچ، دشمني ۽ بي حسيءَ جي ڪُن ۾ ڪريل هو تڏهن ڏٽيءَ سڳوري ڪي مٿس گهٽي ڪهل آئي ۽ هن پنهنجي پياري نبي حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن ڪي شمس الضحيٰ، بدرالدّجيٰ، صدرالعليٰ ۽ نورالهديٰ، جهڙين ۽ ٻين انيڪ خوبين سان معمور ڪري موڪليو. غير مهذب ۽ ڪريل اخلاقي قوتن جي خاتمي لاءِ رحمت اللعالمين جن اخلاق جا علمبردار ٿي آيا. ڪائنات تخليق ڪرڻ ڪان اڳ ڪائنات جي خالق نور جي خزاني ڪي تخليق ڪيو تہ جيئن هر شيءِ ۾ خالق جو مظهر نظر اچي. عاشقاڻي رسول جي عقيدي مطابق اهو نور جو سوجهرو ٻيو ڪجهہ بہ ڪونهي فقط خدا جو نور **"نور من نورالله"** نبي نورِ مجسم محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن آهن. جن جو سوجهرو تارن ڪتين ڪي تائب ٿو ڪري تہ سج ۽ چنڊ سندن جلوي اڳيان جهڪا آهن. جانب جو جمال سيني ڪان سرس آهي. پاڻ روشن دليل يعني قرآن پاڪ ڪٺي آيا ۽ عرب جي اڻ سڌريل ۽ ضدي قوم ڪي پنهنجي اعليٰ اخلاقي وصفن سان پنهنجو ڪري ڇڏيائون. اهو احسان ڏٽيءَ سڳوري جو مجيبندي پيٽ ڏٽي شڪر گذار آهي. سندن موجب تہ، ڏٽيءَ جا وڏا ڪرم آهن جنهن ههڙو هادي مهربان هن دنيا جي تاريڪين ڪي ختم ڪرڻ لاءِ عطا ڪيو.

شاهہ جي رسالي ۾ ڪيترين جڳهين تي قرآني آيتن ۽ حديثن جي مثالن سان اهڙا اشارا موجود آهن. جن مان خبر پوي ٿي تہ هُن فرضن، سنتن ۽

واجبن ادا ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي، تہ توبھ جي تسبيح پڙهڻ ۽ نفس کي مارڻ سان گڏ صوفين جون منزلون ڄاڻايون آهن. ايمان جي قُوت، شريعت ۾ ڪامل ٿيڻ، توبھ کي رسڻ، طريقت ۾ ڪامل ٿيڻ، زهد سان حقيقت حاصل ڪرڻ ۽ عبادتن سان معرفت جي مقام تي پهچڻ. اهي سڀ درجا تڏهن حاصل ٿيندا، جڏهن محمد مصطفيٰ صہ جي سنتن جي تابعداري الله پاڪ جي حڪمن سان گڏ ڪبي. ڇو جو پاڻ جيڪي فرمايائون اهو تہ خود ڌڻيءَ سڳوري فرمايو.

ترجمو: "۽ نڪي پنهنجي نفس جي سڌ (مرضيءَ) مان هو ڳالهائيندو آهي. اها تہ فقط هڪ وحي آهي جا مٿس نازل ڪئي ويئي آهي." (سورت النجم 27، رڪوع 1، آيت 3)

هو تہ پنهنجي رب کي ايترو تہ ويجهو هو جو سندن وچ ۾ ٻن ڪمانين جيترو فاصلو بچيو "فڪان قاب قوسين" اهڙي هاديءَ جي هدايت ئي ڇوٽڪارو آهي. پيٽ ڌڻيءَ جي نظر ۾ آخرت ان جي آجي آهي، جنهن مڃي محمد صہ جن کي ڪارڻي ۽ وسيلو ڄاڻي سندن ڏنل تعليم تي عمل ڪيو.

وحدَہُ لاشَريڪَ لَہُ، جان تو چَئين اِيئن،
تان مَڃُ مُحمدَ ڪارڻي، نر تُون منجهان نينهن،
تان تون وڃيو ڪيئن، نايين سِرُ پين کي.
(سر ڪلياڻ 1-5)

جن محمد مصطفيٰ صہ کي دل جي گهراين سان مڃيو انهن سڄن لاءِ ڪو سور ڪونهي، ڪو صدمو ڪونهي "لاخوف عليهم ولاهُم يحزنون" (سورة البقره) ترجمو: "نہ آهي انهن کي ڪو خوف ۽ نہ ئي انهن کي ڪو ڏک رسندو".
دنيا ۾ هر ماڻهو اهو چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو تہ هن دنيا جي حياتي وقتي آهي ۽ هڪ ڏينهن مقرر آهي، جنهن تي هر ڪنهن کي موت جو ذائقو ضرور چکڻو آهي ۽ هن حياتيءَ جو حساب ڪتاب پڻ هڪ مقرر ڏينهن "يوم الحساب" تي هر هڪ کي ڏيڻو آهي ۽ اتي شفيع المذنبين ۽ رحمت اللعالمين پنهنجي امت کي بخشائيندو مؤمنين تي الله جو اهو وڏو احسان ۽ ڪرم آهي جو ڪين اهڙي هاديءَ جي حمايت حاصل ٿيندي. پيٽ ڌڻي فرمائي ٿو تہ

آسَرو آهي، مون کي هوتَ حبيبَ جو،
جان جان اوڏا ڪَرَها، پَهچان تان ڪاهي.
مون کي هوت حبيب جو.
شفاعَتَ جا شفيعَ جِي، تنهن ۾ قيرُ هَڏهِين ناهي،
مون کي هوتَ حبيبَ جو.

(سر بلاول، وائي 2)

اهو ئي فرمايو اٿن تہ **"ڪاري سا قيام سنئين، هوت جنهن جو حامي"**،
سو تحقيق انهن جي لاءِ ڪاري قيامت بہ سهنجي آهي جن جا ساٿي رسول اڪرم جن آهن.

ڏِکَ ڏِيکيندو، مُون نَہ ڇڏيندو، شفيع شافعُ سُپرين،
انڌا اونڌا، اَڱُڙيا، سَڀَ نِباهِي نيندو،
شفيعُ، شافِعُ سُپرين.
اُتي عَبداللطيفُ جو، هادِي هَٿُ جَهلِيندو،
شفيع شافِعُ سُپرين.

(بلاول، وائي 4)

# سُورهيه مرين سوپَ ڪي

سُورهيہ مرين سوپَ ڪي، تہ دل جا وَهَم وِسارِ،
هَڻُ ڀالا، وڙهُہ ڀاڪُرين، آڏي ڍالَ مَ ڍارِ،
مَٿان تيغَ تَرارِ، مارِ تہ مَتارو ٿِين.
(سر ڪيڏارو 5_5)

دنيا جي قومن جي تاريخن کي جيڪڏهن ڌيان سان پڙهبو تہ خبر پوندي، تہ زوال پذير قومن تي جيڪڏهن ڏٽيءَ سڳوري جي مهر ثبت ٿيل هوندي آهي تہ انهيءَ قوم جو ضمير ضرور سجاڳ ٿيندو آهي ۽ پوءِ انهيءَ پوئتي پيل ۽ مظلوم سماج ۾ حق ۽ باطل سامهون ٿيندا آهن. ظلم جي حد ٽپڻ تي مظلوم سر کي ڪفن سان ٻڌي حق جي ڳولها ۾ سرگرم ٿيندا آهن ۽ اهڙيءَ حالت ۾ سندن اها ڳولها، اهو پنڌ، اها بيقراري وڃي شهادت تي دنگ ڪندي آهي. شهيدن جي رت سان رنگيل حق ۽ سچ جي تاريخ امر هجي ٿي ۽ قومن جا اڳواڻ ۽ مهندار پنهنجي عظيم فڪر سان، پنهنجيءَ قوم ۾ نئون روح ڦوڪڻ لاءِ ۽ کين سجاڳ ڪرڻ لاءِ اهڙين عظيم قربانين، خير ۽ شر جي واقعن ۽ رُڪ وهندين راندين کي پنهنجين تحريرن، تقريرن ۽ شاعرين ۾ ورجائيندا رهندا آهن.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، هڪ باشعور ۽ حساس شاعر هو. سندس شاعري جنهن دور ۾ اُسري اهو دور سنڌ جي حوالي سان هڪ مظلوم دور هو. ظلم، ڏاڍ، جبر ۽ ڦرلٽ جي گهاٽي ۾ سنڌ جو محڪوم طبقو پيڙهجي رهيو هو. انهيءَ هيٺي حال کي ڏسندي پٽ ڏٽيءَ اذيت ۽ پيڙا مان گذرندي، پنهنجي سچي ڪلام ۾ قوم کي همٿ ۽ اڳيان وڌڻ جا سبق ڏنا. هُن کين وهمن ۽ وسوسن مان نڪرڻ ۽ جنگ جوٽي محڪوميءَ مان ٻاهر اچڻ لاءِ اُتساهيو. هُو تاريخ جو ڄاڻو هو. سندس دور ۾ مذهبي طور وحدت الوجود، وحدت الشهود ۽ ڀڳتي تحريڪون هلندڙ هيون پاڻ وحدت الوجود جي نظريي جو حامي، شاهہ عنايت شهيد ۽ مخدوم محمد معين ٺٽويءَ جي فڪر ۽ فلسفي جو قائل هو. شاهہ عنايت جي شهادت مٿس گهڻو اثر ڪيو پاڻ انهيءَ وقت جوان هو. سنڌ جي مشڪل حالتن ۽ ڏکين گهڙين ۾ هن انقلابي شاعر تاريخي واقعن جي ورجاءَ سان جيڪو بہ شعر پنهنجي قوم کي آڇيو

اهو هُن يقيناً وڏي جذبي، ولولي ۽ سوچ سان پيش ڪيو آهي.

سندس ڪلام ۾ سُر ڪيڏاري جو بيان مزاحمتي ۽ انقلابي شاعريءَ جو اول ۽ آخر آهي. هن سُر جي هر هِڪِ سِٽَ لونءَ ڪانداريندڙ ۽ احساس متاثيندڙ آهي. شاهه صاحب فقط شاعر نه هو. هو هڪ ئي وقت عظيم فلاسافر ۽ انسان دوست انقلابي اڳواڻ هو. هن سچي مؤمن کي چڱيءَ پر جاڻ هئي ته حياتيءَ جو حسن دنيا جو جاهه و جلال نه پر حق ۽ سچ جو ساٿ ڏيڻ تي آهي. سوَين سور ۽ سختيون سهي، سچ ۽ حق جي راهه ۾ سر ڪٽائڻ جي حسين عليه السلام جي قربانيءَ هن حساس شاعر کي گهڻو متاثر ڪيو پاڻ ڪربلا معليٰ جي زيارت لاءِ پڻ سنيري نڪتو پر مريدن جي چوڻ تي پٺ نه چڏيائين واپس اچي ڪارو ويس ڪري امامن جي شهادت کي ياد ڪندي سر ڪيڏارو چيائين ۽ امام عالي مقام جي بارگاهه ۾ پنهنجي شاعريءَ جو نذرانو پيش ڪيائين. شاهه سائينءَ جيڪي به تاريخي واقعا ۽ داستان پيش ڪيا آهن اهي مڪمل شروع کان آخر تائين نه آهن، پر هيءُ واحد تاريخي واقعو آهي، جو پاڻ شروع کان آخر تائين بيان ڪيو اٿائون. سر ڪيڏارو جي شروعات هن بيت کان ٿئي ٿي:

ڏِنو مُحَرمُ ماهَ، سَنڪو شَهزادَن تِيو،
جاٽي هيڪُ اللهُ، وَٽَندِيُون جو ڪَري.

(ڪيڏارو، 1ـ1)

محرم جو مهينو جنهن ۾ جهيڙو جهٽو حرام آهي. سو شهزادن لاءِ ڳٽتيءَ ۽ شهادت جو پروانو ٿي الاهي امر سان آيو. امام حسين عليه الالسلام جي مديني مان اُسهڻ کان وٺي ڪربلا جي ميدان ۾ پڙاءُ ڪرڻ، پنهنجي عزيزن ۽ ساٿين سان گڏ شهيد ٿيڻ جي هن دلسوز داستان کي ڪيترن نثر نويسن، واقعه نويسن ۽ شاعرن هيستائين بيان ڪيو آهي پر شاهه عبداللطيف جي بيان جو سوز ئي ٻيو آهي. هو پاڻ حيران آهي ته نبيءَ جي پياري، بيبيءَ فاطمه جي دُلاري، علي المرتضيٰ جي دلبر شهزادي کي رب سائينءَ هيءَ تڪليف ڪيئن سهائي، تڏهن بي اختيار ٿي چوي ٿو ته:

سَختي شهادتَ جِي، نسورو ئي نازُ،
رِندَ پَروُڙِينِ رازُ، قَضِيي ڪَرِبَلا جو.

(11_1)

هيءُ تہ عشق اِلاهيءَ جو اسرار هو. جڏهن امام عالي مقام جو سر مبارڪ ڌڙ کان ڌار ٿيو ۽ سندن پاڪ رت سان اها واريءَ واري سر زمين رنڱجي ويئي، تڏهن ئي اسلام هميشہ لاءِ قائم ۽ دائم ٿي ويو. ڪربلا جي انهيءَ واقعي سچائي جو بنياد مضبوط ڪيو ۽ حق تي ابدي فتح حاصل ٿي. مديني کان مڪي پهچڻ ۽ اُتي ظالم يزيد جو جهيڙو لائڻ ۽ فتنا پيدا ڪرڻ ۽ اُتان ڪوفين جي خطن تي سفر لاءِ نڪرڻ ۽ مسلم بن عقيل (سندن سڳو سوٽ جنهن کي نمائندو بنائي ڪوفي موڪليو هئائون) جي شهادت جي خبر ٻڌڻ ۽ ڪوفي کان ڪنارو ڪري سٺ ستر ڪلو ميٽرن جي مفاصلي تي ڪربلا ۾ قيام ڪرڻ ۽ پوري قافلي جون سختيون سهڻ ۽ امام موليٰ جي عزيزن ۽ ساٿين جو هڪ هڪ تي شهيد ٿيڻ، فرات نديءَ جو پاڻي يزيدين پاران بند ٿيڻ ۽ امام سائينءَ جي قلم ڪيل سر جي دلسوز بيان سميت هر هڪ لمحي کي شاهہ صاحب هڪ ماهر فوٽوگرافر ۽ منظرنگار جيان اثرائتو پيش ڪيو آهي. شاهہ جو سُر ڪيڏارو پڙهندي/ٻڌندي ماڻهوءَ تي هڪ عجيب ڪيفيت طاري ٿي وڃي ٿي. اکين مان بوندون بس نٿيون ڪن. امامن جي سفر جون صعوبتون، بي سرو ساماني هوندي بہ اڏول عزم ۽ استقلال، همٿون ۽ حوصلا، جانثارن جا ترين تي رکيل سرن جا نذرانا، هڪ عظيم آدرش لاءِ رت ۾ رڱيل جوانن جا جسم، ساٿين جو سر فدا ڪرڻ کي عين عبادت ۽ هڪ وڏو اعزاز ۽ شرف سمجهڻ هڪ اهڙو مثال آهي، جو تاريخ جي پنن ۾ اِج تائين ٻيو ڪوبہ نٿو ملي. هن دردناڪ تاريخي واقعي جي بيان ۾ شاهہ لطيف انتهائي اعليٰ احساس وارن جذبن سان معمور ٿو ڏسجي. سندن همٿ کي داد ڏيندي چوي ٿو تہ:

ڪَربَلاَ جي پِڙَ ۾، خِيما کوڙيائُون،
جهيڙو يزِيدَ سامُهون، جُنبِي جوڙيائُون،
مُنهن نہ موڙِيائُون، پَسِي تاءُ تَرارَ جو.

(ڪيڏارو. 2_4)

عشق جي انتها کي ميڄتا ڏيندي فرمائي ٿو تہ:

ڪامِل ڪَربلاَ ۾، اهِل بيتَ آيا،
ماري مِصرِين سين، تَنِ ڪافَر ڪَنبايا،

سچ ڪِـ ٻيٻي ڄاڻيا، هِمڙا سُورهيه سُپرين.
(ڪيڏارو 2-5)

امام حسين سورهيه سردار ڪي شاهه لطيف جابجا مڃتا ڏيندي چوي ٿو تہ عظيم آهي اها ماءُ جنهن ههڙي شير کي جنميو فرمائي ٿو تہ:

ڏاڙهي رَتَ رَتياس، ڏَنڌَ تہ ڏاڙهونءَ گُلِ جئن،
چوڏهينءَ ماهہ چَنڊَ جيئن، پَڙ ۾ پاڳِڙياس،
ميڙي ۾ مُحمَدَ جي، مَرُ مَرَڪي ماس،
تنهن سُورهيہ کي شاباس، جو مَتي پِڙ پُرزا ٿئي.
(ڪيڏارو 5-9)

ڪوفين وچ الله وجهي ڪين خط لکي گهرايو تہ اسين تابع تنهنجا ۽ تون اسان جو شاهه پر سندن قري ويڄڻ ٿهر هو. هو يزيد جا حمايتي ٿي آل عليءَ جو پاٽي ٻہ بند ٿا ڪن. شاهه سندن حال تي حيف ٿو چئي:

جَنَين جهيڙيو ڪالَ، عليءَ جي اولاد سين،
هَئي تنَين جي حال، جي جَماتي يزيدَ جا.
(ڪيڏارو 4-3)

لطيف سائين اُن ڳجهہ کي پلي ٿو جا رت جي ريگاڙن ۾ لت پت ٿيل راجائن جي جَسدَن کي ويجهو ٿي اچي:

اَڪيُون ڪَڍُ مَ ڳَجهڙي، تارا تان مَ ڪاءُ،
پيو نہ پَسين پَٽَ ۾، ريگِڙيارو راءُ،
جيري جنهن جُوانَ جي، لڳا نَو سئو گهاءُ،
راتِ جنهن جي ماءُ، روئي، پَرِنيو رَبَ کي.
(ڪيڏارو 6-7)

ڳِجهڙيَن جو راتو ڏينهان رڻَ ۾ روئڻ، ڏُلڏُلن جو امامن جي عشق ۾ رَتن پيرن سان ڪڪوريءَ ڪربلا ۾ سَتون ڏيڻ، پکين جو پاڻ پڇاڙڻ، اُين ۾ مَلڪَن جا ڏک ڪرڻ، گهرن ۾ ماڻهن جا ماتام ڪرڻ، جهنگن ۾ مروئين جو روڄ راڙو ڪرڻ، مطلب تہ زمين ۽ آسمان ۾ ماتم ئي ماتم آهي ۽ انهيءَ ماتم جو جن کي احساس نہ آهي. شاهه لطيف اهڙن بي حِسَن لاءِ ڪابہ گنجائش نٿو رکي هو چئي ٿو تہ جن کي حسن، حسين سان محبت نہ آهي آلِ عليءَ لاءِ دل ۾ درد ۽ سوز نہ آهي انهن کي شل ڏٽي پاڪ بخش ئي نہ ڪري، فرمائي ٿو تہ:

حَسَنَ ميرَ حُسينَ جو، جَن نہ هينئڙي جارُ،
خالِق رَبُ جَبارُ، ڪِينَ مَرهِيندو تِن کي.

(ڪيڏارو 6_15)

بي شڪ امام حسين عليہ السلام جن موت کي شهادت سان شڪست ڏيئي، زندگيءَ کي زندگي بخشي ۽ پنهنجي ناني مبارڪ ۽ پيءُ ۽ ماءُ جو نالو روشن ڪيو. شاهه سائينءَ چواڻيءَ تہ **"پيءُ ڏاڏاٽا پاڻ سيد سڀ ملهايا".** شاهه لطيف سُر ڪيڏاري معرفت حضرت امام حسين عليہ السلام کي محبت سان مڃتا ڏني آهي ۽ گڏوگڏ سنڌي قوم ۾ پنهنجي ديس واسين کي هميشہ لاءِ حال توڙي مستقبل لاءِ ماضيءَ جي هن عظيم تاريخي قربانيءَ مان سبق سکڻ جو ڏس ڏنو آهي. هن ڄاڻايو آهي تہ گهوٽن ۽ گهوڙن جيئڻ تورا ڏينهڙا آهن. اهي گهوٽ اٽموت آهن جن جون ونيون ڪين جنگ جي ميدان ۾ معرڪو ماري اچڻ لاءِ موڪلين ٿيون ۽ لڄي ٿيون ٿين جي ڪين پٺ ۾ گهاءُ آهن. اهي بهادر جن جي ريت ئي هٽڻ، هڪلڻ ۽ پيلي سارڻ آهي سي ئي رُڪ وهنديءَ راند ۾ ڪامياب آهن. اهڙن ملڪ ۽ قوم جي ننگَ تان ساهہ صدقو ڪرڻ وارن جي ونين لاءِ چوي ٿو تہ:

مُنهن مَتانهان جَن جا، سي پٽيو ڪَڍنِ پارَ،
جيڏيون! هِن جونجهارَ، اُجاري اڇا ڪِيا.

(ڪيڏارو 3_14)

شاهه لطيف پنهنجي سماج ۾ ڏاهپ، همت، جرئت ۽ بهادريءَ جهڙن نيڪ گڻن کي ڏسڻ چاهيو ڪيس خبر هئي تہ هاڪاري خوبين سان سينگاريل قوم ۾ اعتبار ۽ اعتماد جي طاقت وڌندي آهي ۽ هو پاڻ پيرا ٿيندا آهن. اهڙيءَ ريت سڄي قوم پنهنجي قوت جي ٻلَ تي وڌندي رهندي. هن عوام جي اندر ۾ جهاتي پاتي ۽ سندن دِلي جذبن کي پر وڙڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. سندن وسوسن، وهمن، خوفن، خدشن ۽ ڏکن ڏهنجن جي ڪين پوري ڄاڻ هئي. انهيءَ ڪري هن عام لهجي ۾ عظيم بيان جي اظهار سان نج سنڌي ٻوليءَ ۾ اعليٰ فني اسلوب ۽ شعور سان شاعريءَ جو سمنڊ پلٽيو جنهن جا مقصد خاص طور سنڌ، سنڌي قوم ۽ سنڌي سماج جي وڌڻ ۽ ويجهڻ جا گَس هئا.

# سَپِيئي سُبحانَ جي ڪَرِ حوالي ڪَمَ

سَپِيئي سُبحانَ جي ڪَر حوالي ڪَمَ،
تِي تَحقيق تَسليم ۾، لاهي غَم وَهمَ،
قادِرُ ساڻِ ڪَرَمَ، حاصِل ڪَري حاجَ تو.
(سريراڳ، 4_2)

شاهه لطيف پنهنجي ڪلام ۾ ڪيترن ئي هنڌن تي توڪل ۽ يقين کي گهڻي اهميت ڏني آهي. هو ڪٿي ڪٿي تقدير پرست ڏسڻ ۾ اچي ٿو. پر ايئن به آهي ته شاهه تقدير سان گڏ تدبير جو پڻ خواهان آهي. اهو هڪ ڏکيو بحث آهي ته شاهه صاحب تقدير جو قائل هو يا تدبير جو؟ ڏنو وڃي ته شاهه سائينءَ وٽ ويسلو تي ويهڻ عيب هو انهيءَ ڪري هُن محنت، جدوجهد ۽ ڪوشش کي همٿايو آهي، پر انهيءَ سان گڏ مايوسيءَ ۽ نااميديءَ کان بچاءُ لاءِ هن توڪل کي ٿُرهو ڄاڻايو آهي. ڇو جو انسان تحقيق اُتاولو ۽ جلد باز آهي، سندس خمير اهڙيءَ مٽيءَ مان جڙيل آهي، جنهن ۾ صبر ۽ شڪر جو مادو گهٽ آهي، هو هر وقت پاڻ پچارڻ ۾ پورو آهي. هو رب جي رضا جي بجاءِ پنهنجي راضپي کي وڏي اهميت ڏيندڙ ۽ ڏکيون ڏکيون دعائون گهرندڙ آهي. شاهه صاحب ڪيس مڪمل اعتبار، يقين ۽ توڪل جو سبق ڏنو آهي.

سر سريراڳ جي چوٿين داستان جو هيءَ ٻيو نمبر بيت ڄاڻائي ٿو ته وهم ۽ وسوسا، اجايا ويچار ۽ انديشا ڪنهن به ڪم جي شروعات کي خراب ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن. جڏهن سڀ رب پاڪ جي هٿ ۾ آهي ۽ ان ئي پنهنجي ٻانهن کي پوري قوت ڏني آهي ته هو سمنڊ سيوين عميقن مان سپون سوجهين، تڏهن هو پنهنجي محبوب مالڪ تي مڪمل ڀروسو رکن. يقين جي قوت هڪ ايڏي وڏي شڪتي آهي، جنهن سان جبلن کي جهوري سگهجي ٿو. آسمانن جي وسعتن تي پهچي سگهجي ٿو. فقط شرط آهي ته پنهنجو پاڻ جي قوت سان گڏ شل انهيءَ ڪريم جي ڪرمن جي پالوت مٽانس هجي. سچا ٻانها اهي غواص آهن جي پاتارن ۾ پيهي ماڻڪ ٿا ميڙين. شاهه لطيف سمجهائي ٿو ته، تدبيرون تڏهن ناڪام ٿينديون آهن، جڏهن تقدير جو حڪم نه هوندو آهي.

اسين ڪيترو به خود کي ڏوهه ڏيون يا نصيب تي روج راڙو ڪريون، پر اهو جو ڪجهه اسين چاهيون ٿا جيڪڏهن نصيب ۾ لکيل نه هوندو ته بلڪل نه ٿيندو، فرمائي ٿو ته:

لِکِيو جو نِراڙ، سو انگُ ڪِياڙيءَ نه ٿِئي،
پاڙيو وينئي پار، جيڪين لالَنَ لِکيو لوحَ ۾.

(معذوري 5_8)

انسان عالم الغيب نه آهي ۽ نه ئي سندس سمجهه ڪامل آهي ڪيس اها خبر نه آهي ته سندس لاءِ ڇا برو آهي ۽ ڇا چڱو؟ قرآن پاڪ ۾ سورة البقره سيپاري سيقول ۾ آهي ته، ترجمو: ”۽ عجب ڪونهي هڪ شيءِ توهان کي بري لڳي ۽ اها توهان جي حق ۾ ڀلي هجي ۽ عجب ڪونهي ته هڪ شيءِ توهان کي ڀلي لڳي ۽ اها نقصانڪار هجي توهان لاءِ انهن ڳالهين کي الله بهتر ڄاڻي ٿو“.

ڪوشش ۽ محنتن جي باوجود به جيڪڏهن اسان جي مرضيءَ مطابق ڪو ڪم نٿو ٿئي ته اسين عام طور تي ته اهو ئي چوندا آهيون ته ”اسان جي ته دعا ئي نٿي لڳي“ يا ”الله تعاليٰ اسان تي نظر ئي نٿو ڪري“ پر حقيقت ۾ ان ريت نه آهي؟ انهيءَ ڪم جي نتيجي جي خبر نه هئڻ ڪري اسين انهيءَ لاءِ ڪوشان هوندا آهيون. ممڪن آهي اهو ڪم اسان لاءِ بهتر نه به هجي انساني، طاقتون، تدبيرون ۽ سمجهه انهيءَ رب العالمين جي اڳيان ڪجهه ڪونهي، ڪل ڪائنات جي خالق ۽ پنهنجي ٻانهي کي ستر مائرن جي محبت کان به وڌيڪ پائيندڙ ۽ سڀ قدرت رکندڙ کي اسان جي بهتريءَ جي وڌيڪ خبر آهي. انهيءَ ڪري ڀروسو ۽ توڪل لازمي آهي.

صاحِبَ تُنهنجي صاحبي، عَجَبِ ڏٺي سُون،
پَن پوڙِين پاتال ۾، پَهڻَ تارِين تُون،
جيڪَر اَچين مُون، تَه ميريائي ماڻُ لهان.

(ڏهر 2_19)

شاهه لطيف جي شاعري ايڏي ته عظيم حيثيت رکندڙ شاعري آهي جو سندس هِڪِ هِڪِ لفظ ۽ هِڪِ هِڪِ بيت کي جڏهن وَرَ ور ڏيئي پڙهبو ٻڌبو جهونگاربو ته نيون نيون معنائون پيون نڪرنديون سندس شاعريءَ ۾ اهڙي روحاني قوت آهي جڻ هر هڪ ماڻهو جي اندرجو آواز آهي. خاص طور

مٿي ڄاڻايل سر سريراڳ جي بيت جي حوالي سان جيڪڏهن وڌيڪ تفصيل ۾ وڃبو تہ معلوم ٿيندو تہ هيءَ دنيا هڪ سامونڊي سفر آهي، جنهن ۾ چؤطرف خطرائي خطرا آهن. ملاح، ناکئا، معلم/سالڪ، روحاني رهبر هر دؤر جي ضرورت آهن. سونهي کان سواءِ هيءُ سمنڊ اُڪرڻ محال آهي. حضرت علي ڪرم الله وجہ جو قول آهي تہ "توڪل حڪمت جو قلعو آهي، اِلاهي توفيق ۽ سڀ کان عمدي نعمت آهي ۽ خدا تي توڪل تڏهن ٿي سگهي ٿو جڏهن پورو پورو يقين هجي." خود خدا جي رسول پاڪ صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن توڪل کي اسلام جو بنياد قرار ڏنو آهي. مطلب تہ يقين جي قوت انسان جي وڏي ۾ وڏي طاقت آهي ۽ ڪيس پنهنجي پاڻ تي ۽ پنهنجي رب تي مڪمل ڀروسو هئڻ گهرجي تہ ڪيس ڪابہ تڪليف، الاهي امر کان سواءِ نٿي پهچي ۽ سندس لاءِ پنهنجي نفس جو محاسبو ڪرڻ لازمي آهي، ڇو جو ذري ذري جو رب پاڪ وٽ حساب آهي، جيڪي اسين پوکيندا آهيون، اهو ئي لڻيندا آهيون. انسان جي طبع ۾ لالچ، خودغرضي، بي همٿي، ڪوڙ ۽ ٻيون انيڪ خرابيون فقط انهيءَ ڪري پيدا ٿينديون آهن جو وٽس يقين جي قوت جي ڪمي هوندي آهي. انهيءَ ڪري هو ڀروسو نہ ڪندو آهي جيئن چوندا آهن تہ "هر شيءِ جي قيمت هوندي آهي، تيئن انسان جي قيمت ان جون خوبيون ۽ چڱا اخلاق آهن" سو انساني خوبين جي هن اعلىٰ وصف کي پنهنجو ڪرڻ سان اسان ڪيترين بيمارين ۽ مصيبتن کان بچي سگهون ٿا. ڪوڙ ۽ ڪائي ڪچ کان پري رهي سچ ۽ سونهن جو وکر وهايون ۽ اهو اسان تڏهن ڪري سگهون ٿا جڏهن وڏ ۾ وڏ نيڪيون ڪريون نہ نيڪي ڪندڙ ماڻهوءَ جي دل ويران جاءِ جيان آهي فقط اهو نہ آهي تہ نيڪين جي آڌار تي آخرت ۾ مرتبو ملندو آخرت تہ الاهي پري آهي، نيڪيون تہ هتي ئي پڌري پٽ پيون آهن. پوکبا گل تہ گل ئي ملندا، ڪنڊا پوکي گلن جي آس ڪرڻ ابوجهائي آهي ۽ جڏهن اسين الله تعالىٰ ۾ رحمت ۽ بخشش جي آس رکون ٿا تہ پوءِ اسان کي يقيناً انهن کي مايوس نہ ڪرڻ گهرجي. جيڪي اسان ۾ اميد رکن. پاڻ کان ننڍن ۽ ضرورتمندن جي ضرورت جو خيال رکڻ ۽ ٻين جي ڏکن کي سمجهڻ ئي احساس هوندو آهي ۽ نيڪيءَ جو صلو بلڪل يقيناً نيڪيءَ سان ئي ملندو آهي ۽ اها تڏهن ٿيندي جڏهن دل ۾ رحم ۽ پنهنجي پالڻهار لاءِ

پيار ۾ يقين هوندو تہ هو اسان ڪي ڏسي رهيو آهي ۽ ان وٽ انصاف آهي. باقي جيڪڏهن اسان جي اخلاقي قدرن جي عمارت جو بنياد ڪمزور آهي اها مضبوط ٿيڻ مشڪل آهي تہ پوءِ وڏين ڪوشش جي ضرورت آهي. جيڪڏهن سچيءَ دل سان اسين انساني عظمت ڪي ڇهڻ چاهيون ٿا تہ مولانا جلال الدين روميءَ جي چوڻ جيان تہ "انسانيت لاءِ نفرت جي بجاءِ دلين ۾ محبتون آباد ڪريو" تي عمل ڪرڻو پوندو ۽ شاهہ لطيف بہ ساڳي وائي وات آندي آهي، فرمائي ٿو تہ:

محبت جن جي من، تن تشنگي تار،
پي پيالو اج جو، اج سين اج اٿيار،
پنهون پاڻ پيار، تہ اج سين اج اجهائيان.

انسان اهو آهي جنهن جي ذات مان ٻين ڪي فائدو ٿئي مظلوم جي تڪليف تہ ڪي پل هجي ٿي، پر ظالم هميشہ مصيبت ۾ هوندو آهي. ماڻهو اُتاولو ٿي پنهنجي حصي کان وڌيڪ ڪٽڻ لاءِ سرگردان ڇو ٿو هجي؟ ڇو جو هن جو مَنُ پنهنجي رب تي اعتبار، توڪل ۽ ڀروسي کان پري هوندو آهي. هُن ڪي فقط حال ۽ مستقبل جي پرواهہ هجي ٿي. پنهنجي پالڻهار تي توڪل رکي جيڪڏهن سچيءَ دل ۽ صفائيءَ سان دين ۽ دنيا جي وهنوار ۾ هلي تہ هو جيڪي چاهيندو رب ڪيس نيڪ نيتيءَ سبب نوازيندو. مشهور ڏاهو خليل جبران چوي ٿو تہ "چڱائيءَ جو ڏس ڏيڻ ۽ برائيءَ کان نہ روڪڻ انساني، قومي ۽ خدائي ڏوهہ آهي. "هر ڪو پاڻ ڄاڻي" چئي پاڻ ڪي ضمير، قوم ۽ خدا جو ڏوهاري ٿيڻ کان بچايو." سو اسان تي فرض آهي تہ پنهنجي ڏاهي مفڪر شاهہ لطيف جي سڏ ڪي دل جي ڪنن سان ٻڌون جنهن اسان ڪي چڱائيءَ جا ڏس ڏنا آهن ۽ برائيءَ کان روڪيو آهي ۽ سندس ڪلام ڪي فقط زباني، ڪلامي استعمال نہ ڪيون، پر هينين سان هنڊائي عام ڪريون ۽ عمل ڪريون. هُن اسان ڪي ڪُلي نموني سمجهايو آهي تہ وهم وسوسا، خوف ۽ خطرا، مصلحتون ۽ مونجهارا فقط ۽ فقط ماڻهو ڪي ڀنيلائڻ، ڊيڄارڻ ۽ مقصد تان هٽائڻ لاءِ هوندا آهن. انهيءَ ڪري گهٽون گهيون ڇڏي لڪ ۽ لنگهہ لنگهيا. پنهنجي پالڻهار تي مڪمل ڀروسو ڪري اعليٰ مقصد جي تانگهہ طلب ۾ آڻڻ سان ئي زندگيءَ جو اجهاڳ سفر شان سان جهاڳي سگهجي ٿو.

# هُوندا سي حَياتِ

مَرَڻان اڳي جي مُئا، سي مَري ٿين نـ مات،
هُوندا سي حَياتِ، جِيئَڻان اڳي جي جِيا.
(4_7، سر معذوري)

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي هن بيت جا گهڻا ئي مقصد ۽ مطلب آهن پر هتي خاص اهم مقصد يعني زندگيءَ ۽ موت جي فلسفي تي روشني وجهجي ٿي. بيت ڏٺيءَ موجب اهي انسان لافاني آهن، جن پنهنجو پاڻ ڪي نيڪ مقصد ۾ فنا ڪري ڇڏيو. تن ڪي موت ڇا فنا ڪندو؟ جي موت ڪي مات ڪندڙ آهن، انسان ذات جي ڀلائي ۾ جوتڪاري توڙي علم ۽ ذهن جي واڌاري لاءِ سچ جي اٽانگي رستي تي سفر ڪندڙ پنهنجون حياتيون قربان ڪن ٿا، اصل ۾ اُهي مرندا ڪونهن، بلڪ انهن کي تـ "حياتِ جاودان" ملي ويندي آهي. سندن جيون تـ "جهڙا عاشق منجهه عيد، تهڙا منجهه مقام" جي مصداق هوندو آهي. موت وٽن ٻي معنيٰ ۾ هو دنيا جي طمع جي بجاءِ سوريءَ سيج چڙهڻ جي مشاهدي کي ماڻڻ پسند ڪندا آهن. اهڙي امر سدا رکندڙن جو حياتيءَ سان سٻنڌ نالي ماتر هوندو آهي. هن ڀنيور (دنيا) ۾ رهندي بـ هو موت جو سوچڻ ۽ ان جي آجيان ڪرڻ لاءِ آتا هوندا آهن. ڊڄڻ ۽ خوفزده رهڻ جي بجاءِ سر تريءَ تي رکي هلڻ وارا، هي جهونجهار جوڌا جوان، اصولي جيون جيئندا آهن. ڏٺو وڃي تـ واقعي هيءَ حياتي واريءَ سندو ڪوٽ آهي، جنهن کي آخر اڏي اڏبو ڪيترو؟ هتي گهڻا ٽڪسات ڪرڻ جي بجاءِ سڦل ۽ ڪارگر جيون گهارڻ کي ئي ترجيح ڏيڻ گهرجي.

مَري، جيءُ تـ ماڻيين، جانِبَ جو جَمالُ،
ٿنيين هوند حلالُ، جي پَندِ اهائي پارِيين.
(4_1، سر معذوري)

مقصدِ حيات جي نظريي تي غور ڪبو تـ معلوم ٿيندو تـ، بيشڪ هيءَ ڪائنات رب پاڪ پنهنجي پسند سان، ڪنهن خاص مقصد هيٺ ناهي آهي. سندس ئي فرمان موجب تـ:

ترجمو: "۽ نہ خلقيو آهي مون جنن ۽ انسانن کي مگر انهيءَ لاءِ تہ منهنجي بندگي ڪن."

جڏهن ڏٺيءَ سڳوري پنهنجي ربوبيت جي اقرار ۽ تسليم و رضا لاءِ ڪائنات کي وجود ۾ آڻي ۽ انسان کي اُتم درجو عطا ڪري، هيٺ موڪليو تہ پوءِ ڇا اهو انسان پنهنجي جيون جي مقصديت تي غور و فڪر ڪري ٿو؟ شاهہ سائينءَ انهيءَ ئي فلسفي کي سمجهائڻ لاءِ پنهنجي ڪلام ۾ ڪيترائي بيت سمجهاڻيءَ طور ڏنا آهن. هن فقط تصوف جي پرچار نہ ڪئي آهي ۽ نہ ئي هڪ هنڌ ويهي صوفي ازم جا مول متا سمجهايا آهن بلڪ هن حياتيءَ جي هر رُخ کي پنهنجي شاعريءَ ۾ آندو آهي. هن نيڪ ولي الله انسان، سنڌ جي ماحول ۽ مزاج مطابق، ماڻهن کي حياتي گهارڻ جا مول ۽ متا سنڌ واسين جي ئي ٻوليءَ ۾، سندن ئي مزاج مطابق، لازوال لوڪ ڪردارن جي اوٽ ۾ سمجهايا. گڏوگڏ ناصحاڻي نموني سان سڌو سنئون بہ ڪين نصيحتون ڏنيون اٿن. "سسئي" شاهہ جي شاعريءَ جو مقبول ڪردار آهي، جنهن جي ذڪر کي شاهہ پنائيءَ پنهنجي ڪلام ۾ پنجن سرن ۾ ڏنو آهي. سسئيءَ جي ثابت قدمي، همت ۽ حوصلي کي پٽ ڏٺيءَ تمام گهڻو سارا هيو آهي. بلڪ ايئن لڳي ٿو تہ شاهہ صاحب پنهنجي سيني ڪردارن ۾ سسئيءَ کان گهڻو متاثر آهي ۽ سسئيءَ جي ڪردار ۾ پيهي پاڻ پنهنجو عڪس چٽيو اٿن. سسئيءَ کي همت جون هدايتون مقصدي موت ماڻڻ جا سبق، ننڊن ۽ غفلتن کان بچاءُ جا حڪم ڏيڻ سان گڏ، سسئيءَ جي موت کي گهڻي ميڄتا ڏني اٿن. شاهہ جي نظر ۾ سسئي جيڪي ڏونگر تي ڏوري، تن کي ڏسي مرون بہ ماري تا پون، ٻي جان شيون بہ حيران ۽ پريشان آهن. فرمائين ٿا تہ:

وَڍِيءَ سي واڍوڙيا، رت نہ ڏنو جَنِ،
موتُ قَبُوليو تِن، ڏِٺو جَنِ ڏُکيءَ کي.

(16ـ6، معذوري)

سسئيءَ جي سفرن جا سور ۽ سختيون، وڇوڙي جو ويراڳ وٽن هڪ اتم حيثيت رکي ٿو. سندن موجب تہ اهو سسئيءَ جو سچو ۽ اٽل جذبو هو جنهن موت کي ماري محبت جو مان مٿانهون ڪيو. هڪ ٻي وس عورت جي ثابت قدمي ۽ ڪشالا جڏهن مردن کي مات ٿا ڪن، تڏهن شاهہ صاحب هيئن ٿو چوي
سسئي لنگهيو سو، مَردَ جنهن مات ڪيا.

(5_4، سرديسي)

موت زندگيءَ کي معنيٰ بخشيندڙ هڪ لافاني حقيقت آهي جنهن ۾ بظاهر ڏک ۽ وڇوڙو پر حقيقتاً وصال آهي. موت جيون جي پڇاڙي نہ، بلڪ فقط هڪ موڙ آهي. پوءِ اهو ڇو نہ ڪارائتو هجي؟ موت ئي زندگيءَ جي هڪ ابدي ۽ ازلي سچائي آهي. تڏي هير جهڙي جيون جي مقصد کي ڪڏهن بہ زوال حاصل نہ آهي. دنيا ۾ ڪيترن ملڪن ۽ مذهبن جا ماڻهو آهن پر لافاني اهي آهن جن جو نالو قائم آهي. اهي ئي جيئرا ۽ اهي ئي حيات آهن، جي دنيا ۾ انسانيت جي خدمت ڪري ويا. ڪنهن املهہ مقصد لاءِ حياتيون بي مول ڏئي، هميشہ لاءِ انهن کي انمول ڪري ويا. تڙپيندڙ انسانيت کي، اسپتالون، آسائشون ۽ ڄاڻ جا خزانا، علمي ادارا ۽ ڪتب خانا، بغير ڪنهن ڏيکاءَ جي ڏيئي ويا. نيڪ نيتيءَ سان ڀلائيءَ جي ڪمن ۾ جانيون ۽ مال خرچ ڪرڻ ئي انسانيت جي اهم ترين خدمت ۽ خدا کي خوش ڪرڻ جو رستو آهي ۽ سندس ڏسيل نيڪيءَ جي واٽ ئي سچائي جي ابدي واٽ آهي، جنهن جو سفر صدين کان جاري ۽ ساري آهي.

شيخ اياز فرمائي ٿو تہ:

خدا جي راهہ ۾ ڪيڏي خوشي سمايل آ،
قدم قدم تي لڳي ٿو، گلن جو ڍير آ،
لڳي ٿو هي ڪا خوشبو پري ڊگهي ول آ.
خدا جي راهہ ۾ ايئن روشني وڇايل آ.

روحاني عبادتون انسان جي باطن جي صفائي ۽ اندر اجارڻ لاءِ ڪارگر آهن. پر هن محدود ۽ مقرر وقت جي حياتيءَ ۾ جيڪڏهن انسان بغير ڪنهن لالچ ۽ لوڀ جي ڪنهن جي ڪم اچي ٿو تہ اهو ئي چونديل ۽ حقيقي رستو آهي. خدا پاڪ جي ٻانهن جا هڪٻئي تي حق آهن ۽ هيءَ دنيا هڪٻئي جي آڌار تي هلي رهي آهي. چوندا آهن تہ **"ڏٺي ڏئي مٿان پر ڪنهن جي هٿان،"** سو بيشڪ جيڪي انسان رب جي خوشنوديءَ خاطر نفعي نقصان کان بي غرض ٿي خدا جي خلق جي خدمت ڪن ٿا، سي تحقيق سڦل جيون گهارين ٿا. حقيقت ۾ مقصدن جي حاصلات لاءِ صحيح رهنمائيءَ جي بہ سخت ضرورت هجي ٿي. اسان وٽ ڪيترائي اهڙا ماڻهو آهن جن وٽ جذبو آهي پر رهنمائي ۽ رهبريءَ جي کوٽ آهي. (ڪٿي ڪٿي رهنما رهزنن جي

روپ ۾ به نروار ٿين ٿا). انهيءَ ڪري ضروري آهي ته نيڪي ۽ اخلاص جي پنهنجي سماج ۾ سجاڳي ڏني وڃي. پنهنجي گهرن ۾ انهن عملن ڪي همتائجي. انگريزي ٻوليءَ ۾ هيءَ مشهور چوٽي آهي ته:

"Those who have to show the path to others, they have to find their paths themselves."

جيڪي ٻه ٻين کي رستو ڏيکارين ٿا. انهن جي لاءِ پنهنجا رستا به آسان ٿين ٿا. هڪ ڏاهي موجب ته **"اسان کي اونچن آدرشي عملن سان حياتي گهارڻ گهرجي. انهيءَ سان ئي اسين پنهنجي موت کانپوءِ "Legend" يعني "ڏند ڪٿا" تي سگهون ٿا."** حقيقت ۾ حياتي اها زنده جاويد آهي جيڪا ٻين لاءِ آفتاب ۽ روشنيءَ مثل پيغام هجي، جنهن جي مهانتا مڃي وڃي. جنهن ۾ اسين روئندا اچون ۽ کلندا وڃون جنهن ۾ اسين اهڙا ڪم ڪريون جو بقول غالب، **"صبحاڻي اسان جي مٽيءَ مان به گلاب جا گل ڦٽي نڪرن"** ۽ اهو صرف تڏهن ئي ممڪن آهي، جڏهن زندگيون سگهارن مقصدن تحت گهاريون وڃن.

هن دنيا ۾ ڪابه شيءِ بغير مقصد جي وجود ۾ آيل نه آهي. هوا ڪان چمڪندڙ چنڊ، سج ۽ تارن تائين هر شيءِ جي تخليق جو هڪ مطلب آهي. انساني زندگيءَ جي تخليق هڪ اعليٰ مقصد هيٺ ٿيل آهي ڇا اهو خود انسان تي مدار نٿو رکي ته هو پنهنجي شرف کي سڃاڻي پنهنجي حياتيءَ جا ماپا مقرر ڪري ۽ سوچي ته هو ڪهڙي ريت ٿو جيون گهاري؟ آدرشي زندگين جي ابديت ماڻڻ لاءِ بيشڪ سفر ڪٺن هوندا آهن، پر هر سفر آسان ٿي، مشڪلون ڪٽجي، منزل مقصود ملي سگهي ٿو. جيڪڏهن ارادا نيڪ ۽ همتون سالم هجن. موت ته اڻ ٽر ۽ هر بشر کي اچڻو آهي پر ڪارائتي موت ڏانهن هلڻ واري زندگيءَ جو مقصد اونچو آهي. جيئن:

**"هوئن ئي جوندَ مئي، پر ٻڌيءَ جا ٻيٺا ٽيا"**

(سهڻي، 9_5)

ٻڌيءَ جا ٻيڙا ٽيڻ ٿي ابديت آهي. اهڙن قدرن کي اسان جي وڏن سمجهيو. انهن جو نظريو هو تہ ڪجھ ڪري نالو ڪمائي وڃجي. هنن ايندڙن لاءِ قربانيون ڏنيون، پنهنجون فاني حياتيون لافاني ڪيون. اهڙن اَمُلھ ماڻڪن کي شاعرن هن ريت ڳاتو آهي.

مون ڪاتيءَ هيٺان ڪنڌ ڏنا، مون ساٿا سَنڌ ڏنا،
مون چا چا مائيءَ لال ڏِنا، جي لوئيءَ لڄ بچائي ويا،
جي جيءَ جيارا ماڻهو هُئا، سي سڀ ڪان پيارا ماڻهو هئا،
جن ساهہ ڏيئي ويساهہ ڏِنو، سي دل ۾ دَردُ دُکائي ويا.

نيڪ انسانن اسان کي خير ۽ شر کان واقف ڪيو جنهن سبب دنيا ۾ بدين سان گڏ نيڪين جو وجود بہ قائم آهي. پر وري بہ هيءَ دنيا شيطاني قوتن جي اثر هيٺ آهي. مذهبن جي عصبيتن، فرقيواريتن ۽ زندگيءَ جي لاهن ۽ چاڙهڻ سبب ڪيتريون تنزليون ۽ بدحاليون انسانيت جو نصيب ٿيون ٿيون. ڪڏهن ڪڏهن چڱا چڱا ماڻهو بہ پنهنجن مقصدن کان هٽي ويندا آهن ۽ انهن جا سبب بہ انساني پيدا ڪيل مونجهارا، پلون ۽ نفساني خواهشن جا چار آهن. سچل سائين فرمائي ٿو تہ:

مذهبن ملڪن ۾ ماڻهو مُنجهايا،
شيخي، پيريءَ، بزرگيءَ، بيحد ڀُلايا،
ڪي نِوڙي نمازون پڙهن، ڪن مندر وسايا،
اوڏا ڪين آيا، عقل وارا عشق کي.

حاصل مطلب تہ مقصدي حياتي ئي مقصدي موت آهي. جنهن کانسواءِ معرفت ماڻڻ محال آهي. ڪوتاهيون ۽ غفلتون نيڪ انسانن جي لاءِ وڏيڪ هاڃيڪار آهن. سندن لاءِ ڪشالا ٿي سکن جو ڪارڻ آهي. اهڙن مُلهائتن ماڻهن جي محنتن کي ميجتا ڏيندي شاهہ سائين ڏٽيءَ در سندن لاءِ دعاڳو آهي:

وڏا وَڻَ وَڻڪارَ جا، جت نانگ سُڃن نيلا،
اُتي عبداللطيف چئي، ڪيا هيڪلين حيلا،
جِت ڪڙمَ نہ قَبيلا، اُتِ رسج رَهبَر! راهہ ۾.

(2_9، سسئي آبري)

شاهه سائينءَ موجب اهي اڙانگيون واٽون، پر خطر رستا، بيان ڪرڻ کان مٿي آهن، هتي، **"جيڪي فراقان، سو وصالان نه ٿيئي"**. وانگر ڏونگر ڏوري ڪشالا ڪڍي پنهنجو پاڻ کي تج ڪرڻو آهي، اهو حال سلڻ کان مٿي آهي:

حقيقت هن حال جي، ظاهِرُ ڪَريان ڏري،
لڳي مات مِرُوئن کي، ڏونگرَ پُوَن ڏِري،
وجن وَڻَ ٻَرِي، اويڙ ايڙي ڪِينَ ڪيو.

(ڪوهياري، 5_5)

لطيف سائين فقط تصوف ۽ مجاز نه پر ٻيا پڻ ڪيترائي موضوع ملن ٿا جي سهٽي جيون گهارڻ جا سبق ڏين ٿا.

# شاهه جي شاعريءَ ۾ سندس زندگيءَ جو عڪس

چڱا ڪن چڱايون، مَٺايون مَٺَنِ،
جو وَڙُ جُڙي جَنِ سين، سو وَڙُ سي ڏِي ڪَن.
(4_4، سريراڳ)

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح جو مٿيون بيت انساني ڪردار نگاريءَ کي ٻن سٽن ۾ تمام اونهائيءَ سان بيان ڪري ٿو. شاهه سائينءَ جو سجو ڪلام انساني زندگيءَ جو مڪمل اڀياس هئڻ سان گڏ سندن پنهنجي حياتيءَ جو مڪمل عڪس آهي. هو پنهنجو پاڻ نيڪ نيت ۽ نيڪ اخلاقن سان سينگاريل هو. سندن مطابق چڱا گُڻ/سٺا اخلاق هڪ وڻندڙ عمل ۽ اهڙو واپار آهي جيڪو نه پئي پراڻو ٿئي ۽ نه ئي کپائڻ سان کٽي ٿو. چڱايون خاص ڪنهن جي ميراث نه آهن، پر انهن کي جيڪو پنهنجو ڪندو سو پنهنجي حيثيت، وت ۽ ماحول آهر نه فقط پاڻ فيض حاصل ڪندو، پر ٻيا به پيا هن سرهاڻ سان واسبا.

نيڪ گڻن جو دائرو تمام وسيع آهي، نيڪين ۽ چڱن عملن جو مجموعو "حسن اخلاق"، سڏجي ٿو. ڪجهه خاص خوبيون جيئن صبر، سهپ، احسان، شفقت، رحم دلي، قناعت، سادگي، نهٺائي، پاڪيزگي، بردباري، شرم حيا، پيار ۽ ٻيون خاصيتون گڏجي نيڪين جي گلدستي جو واس ٿيون وڻائين. انهيءَ جي برعڪس بريون عادتون ۽ بدعمل بداخلاقين جي زمري ۾ اچن ٿا. جن سان نه صرف ايمان ڪمزور ٿو ٿئي پر خراب گڻن جا حامل ماڻهو بدڪردار ۽ بي عمل شمار ٿيندا آهن. چڱن اخلاقن جي برعڪس بداخلاقيون انهيءَ اونداهي گهر مثل آهن، جنهن ۾ ڪا به روشني نه آهي. نيڪ اخلاق، انسان جي قوت ٿي يقين ۽ وشواس جيان ڪيس مضبوط بنائين ٿا. جنهن جا ٿنيا ايمانداري، سچائي، پاڪائي، پريم ۽ پلائي آهن. شاهه ڀٽائيءَ انساني زندگي ۾ سٺن عملن ۽ سُٺين سوچن کي گهڻي فوقيت ڏني آهي. سندن موجب هر چڱي گُڻَ کي پنهنجو ڪرڻ ئي انساني، عظمت آهي جنهن سان ماڻهوءَ جي سيرت ٿي گهڙجي. ماٺ ۽ صبر

ڪي هڪ وڏي وٿ قرار ڏيندي درگذر ڪرڻ ۾ ماٺ رهڻ کي ايمان جي سلامتي ٻڌايو اٿن. فرمائين ٿا ته.

مِٺايان منو گهڻو، ڪَڙو ناهه ڪلام،
سُڪُوت ئي سلام، پِريان سَندي پارَ جو.

معاف ڪرڻ وارن کي هن طرح داد ڏنل آهي:

ڀلائي آهين پرين، ڀلائيءَ پانهنجي،
سامُهان سر چڙهيو، ڏوراپو نه ڏين،
مان ڏي مَدايون ٿِين، سڄڻ سڄاين ۾.

(1_1، ڪنيات)

شاهه صاحب جن ادب ۾ اخلاق واري واٽ ونڻ، حسد ۾ ڪيني کان بچاءُ سان گڏ توڪل جي ترهي تي ترڻ جون صلاحون هن ريت ٿا ڏين.

تن ۾ تراز توهه جي، گهڻو لهه گهوري،
ادب ۾ اخلاص جا، سڙهه ٻَڌِج سوري،
وَڪرَ وينتين جو، تنهن ۾ پاءِ توري،
ته عادتئون اوري، تنهنجو توائي نه ٿئي.

(6_12، سريراڳ)

شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ چڱن گڻن جي تعليم ڪئي ڪردارن جي اوٽ ۾، تمثيل طور ته ڪٿي سڌو سنئون ناصحانه نموني سمجهاڻيءَ طور بيان ٿيل آهي. ڪنهن ڪنهن هنڌ فهمائش ۾ تنبيهه به ڪئي اٿن پر مجموعي طور پاڻ انساني زندگيءَ کي اخلاقن جي دائري سان مشروط ڄاڻائي، نيڪ لڇڻن جي وکر کي ڇوٽڪاري جي ضمانت قرار ڏنو اٿن. فرمائين ٿا ته:

وَکَرُ سو وهاءِ، جو پَئِي پُراڻو نه ٿِيي،
ويچيندي ولات ۾، ذور ٿئي نه ضاءِ،
سا ڪا هَڙَ هَلاءِ، اڳهه جنهن جي اُبهين.

(3_2، سريراڳ)

عام طور چوندا آهن ته مَڻُ هڪ ناياب موتي آهي، جيڪو هڪ دفعو ڀڳو ته سڄو نه ٿيندو ۽ جي ٿيو ته به سنڌو رهجي ويندو آهي. ان ڪري نيڪ نيتي ۽ سچ تي ئي هن حياتيءَ جو مدار رکڻ گهرجي. شاهه لطيف هڪ سچو باعمل صوفي انسان هو. پاڻ زندگيءَ ۾ سچ جي عمل کي انساني اخلاقن جو

اعليٰ اهڃاڻ ۽ ڪردار جو بنيادي روبو ڄاڻايو اٿن. سچ وٽن انساني ڪردار جو بنيادي نقطو آهي ۽ گڏوگڏ ڪوڙ ڪي هر خرابيءَ جو سبب قرار ڏين ٿا. سچ جي بي قدري شاهه سائينءَ کي سخت ناپسند آهي. ڪائي ڪچ جي اگهجڻ تي دل سان ڏک ٿا محسوس ڪن.

اگهيو ڪائو ڪَچُ، ماڻِڪَن موت ٿي،
پَلئہ پايو سچ، آچيندي لَڄَ مَران.

(سريراڳ، 14_4)

سچ جي عمل کي اڻملهه ڄاڻائيندي ان جي پرک رکڻ وارن وٽ ويهڻ ۽ وڃڻ جي صلاح ڏيندي چون ٿا تہ:

جي نہ سڃاڻڻ سَچَ کي، ويهُہ مَ تَنِين وَٽِ،
املهہ کي اڏ ڪري، پاڻان هڻندا پٽ،
وڃي مهر تنين وٽ مٽ، جي پارکُو پارَس جا.

(سر سريراڳ، 12_5)

ڪوڙن ڪانيرن ۽ ٻگهن کان بچاءُ جي هدايت هن ريت ڏني اٿن:

هنجن سين هيڪار، جي ڳڻ ڪري نهاريين،
ٻگهن سين ٻيهارَ، پيلهہ نہ پڌين ڪڌهين.

(ڪاراڻل، 12_1)

دنيا جي سڀني مذهبن ۾ عبادتن ۽ رياضتن سان گڏ انساني سيرت جي سهڻائيءَ جا سبق ڏنل آهن. جن موجب ايمان جون تلقينون، عبادتون ۽ رياضتون تہ ذاتي چوٽڪاري جو باعث آهن، پر انسانيت جي ڪم اچڻ ئي ڪارائتو عمل آهي. نيڪ عمل ايمان جو جزو هئڻ سان گڏ نجات جو وسيلو آهن. ڪيترين ئي انساني تهذيبون، تاريخ جي تختيءَ تان ميسارجي ويون، سي صرف سندن وحشيانہ عملن ۽ بداخلاقين سبب. الله تعاليٰ جي موڪليل رهبرن ۽ رهنمائن هميشہ کان چڱائيءَ جو پرچار ڪيو آهي. خدا پاڪ فرمائي ٿو تہ:

**"نيڪي اها نہ آهي تہ توهان پنهنجا منهن مشرق ۽ مغرب ڏي موڙيو پر نيڪي آهي تہ جيڪي ايمان آڻين الله تي، آخرت جي ڏينهن تي، ملائڪن تي، ڪتابن تي ۽ نبين تي، ۽ ڏين مال الله جي راهہ ۾ محبت ۾ ويجهن قريبن کي، يتيمن کي، محتاجن کي ۽ راهہ جي مسافرن کي، گهرڻ وارن سائلن کي ۽**

**غلام کي آزاد ڪرائڻ ۾ ۽ قائم ڪن نماز ۽ زڪوات ۽ پورو ڪن جڏهن قول ڪن ۽ صبر ڪن سختيءَ ۽ تڪليف ۾ لڙائيءَ جي وقت ۾ اهي ئي سچا آهن. اهي ئي متقي آهن.**

رسول پاڪ ﷺ جو ارشاد آهي ته ”خَير مَن خيرًا اهله“

ترجمو: توهان ۾ چڱو اهو آهي جيڪو پنهنجي گهر وارن سان چڱي هلت هلي. معنيٰ ته چڱائيءَ جي شروعات پنهنجي گهر کان ڪرڻ جو حڪم آهي، پنهنجي اهل عيال، اوڙي پاڙي، مٽي مائٽي، راڄ ۽ قوم سان سُٺي هلت اسان جي اخلاق ۽ نيڪين جي ضامن آهي. انفرادي حياتين جو سڌرڻ ئي قومن جو سڌرڻ آهي. عربيءَ ۾ هڪ چوڻي آهي ته ”كَما تُدِيْنُ تُدانُ“ يعني جهڙو توهان ٻين سان ورتاءُ ڪندا، توهان سان به اهڙو ئي ورتاءُ ڪيو ويندو.

پياري پيغمبر حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جي ذات مبارڪ جي اخلاق جي اعليٰ درجي کي ڪير به پهچي نه سگهيو آهي ۽ نه ئي ممڪن آهي، قرآن پاڪ ۾ حڪم آهي ته:

ترجمو: بيشڪ اي محمد ﷺ توهين اخلاق جي اعليٰ درجي تي آهيو.

اهو سڀڪوري رسول ﷺ جي اعليٰ اخلاق جو ڪرشمو هو. جو سڄيءَ دنيا جي وڏي ۾ وڏي جنگجو ۽ جهيڙاڪ قوم اسلام قبول ڪيو. پاڻ ڪريم ﷺ جن براين جو خاتمو ئي نيڪين ۽ چڱاين سان آندو. قرآن پاڪ جي آيتن ۽ حديثن سڀورين جي روشنيءَ ۾ آيل سبق کي، لاڪيٽي لطيف بيتن جي صورت ۾، سولي سنڌيءَ ۾ سنڌ واسين کي سمجهايو آهي. حضرت شاهه عبداللطيف جن رسول پاڪ جن جي نيڪ وڙن کي هن ريت بيان ڪيو آهي.

چَڱن ساڻ چڱائيون، ايئن سڀڪو هوءِ،
تو جِئن ڪري نه ڪوءِ، بڇن سان ڀَلائيون.

(سر سريراڳ, 3_4)

چڱاين جو جواب ته ماڻهو چڱاين سان ئي ڏين. پر برن سان ڀلايون ڪرڻ ڪردار جي وڏي ۾ وڏي خوبي آهي. پندرهن صديون اڳ اسلام جي نور سان هن

دنيا کي منور ڪري پاڻ ڪريم جن اهو ئي حڪم ڏنو ته پاڻ ۾ تفرقا نه ڪريو. هڪٻئي جا حق غصب نه ڪريو. ڄاڻايائون ته هڪ مسلمان تي ٻئي مسلمان ڀاءُ جو خون، مال ۽ عزت حرام آهن ۽ اڄ جيڪڏهن ڏنو وڃي ته اخلاص ۽ محبتون ته ختم آهن، بلڪ هر ڪو هڪٻئي جو ماس پٽڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهي. شاهه سائين انهيءَ نفسانفسيءَ جي ماحول جي منظر ڪشي انتهائي ڏک سان ڪئي آهي،

آدمين اِخلاص، متائي ماٺو ڪِيو،
هاٺي ڪائي سَيڪو، ماڙهوءَ سندو ماسُ،
دلبَرَ! هن دنيا ۾ وڃي رَهندو واسُ،
پيو سڀ لوڪ لِباسُ، ڪو هِڪَدل هوندو هيڪڙو.

(3_4 بروو سنڌي)

هن دنيا جي تڪليفن ۽ پريشانين ۾ عام طور تي ماڻهو اُتاولو ٿي ڪاوڙ ۾ اچي وڏيڪ نقصان پرائيندو آهي. شاهه صاحب ڏمر کي ڏولائو سڏيندي چويٿو ته:

نمي ڪمي نهار تون، ڏمر ڏولائو،
ٿيئي ساڄائو، جي اِيين انهين پير تي،

(8_13، سر يمن ڪلياڻ)

يا

نمي ڪمي نهار تون، ڏمر وڏو ڏک،
منجهان صبُر سک، جي سنواريا سمجهين.

(8_12، يمن ڪلياڻ)

شاهه سائين صبر، ماٺ، سهپ ۽ سچ کي امر ڄاڻائيندي، جر تي قوتي جيئڻ جيون ۾ صبر، شڪر ۽ رب جي رضا تي راضي رهڻ کي خاص اهميت ڏني آهي. فرمائين ٿا ته:

ڪم ڪمندن ڪتيو، هارايو هوڙن،
چڪيو نه چُوندن، هو جو ساءُ صبر جو.

(8_5، يمن ڪلياڻ)

زندگيءَ جي امتحان ۾ تڪليفون ۽ پريشانيون اڻ ٽر آهن، صبر، شڪر، تحمل، بردباري، بهادري، سچ ۽ سنائيءَ جو ساٿ ۽ ٻيون انيڪ وصفون

هئڻ انهن پريشانين جو حل آهن.

گهڻا ماڻهو پاڻ کي اجاين خسارن ۾ منجهائي خود کي خودي ۾ انا جي چار ۾ قاسائي فرعونيت سان هلندا آهن. سمجهو ماڻهو دنيا جي تخليق تي غور ۽ فڪر ڪري، ان کي فاني سمجهي، نيڪ عملن سان حياتي گهارڻ کي اوليت ڏين ٿا. انهيءَ ڪري هو هر عمل ۾ ثابت قدم ٿيندا آهن. هيءَ دنيا فاني آهي، پر چڱن جون چڱايون لافاني آهن ۽ چڱائيءَ جو معيار ذات پات تي به نه آهي. هتي ته جيڪو وهي سولهي. بندگي، تقويٰ، سچايون ۽ اخلاص خود ئي ماڻهوءَ جو مان مٿانهون ڪن ٿا. دنيا دريا آهي، جنهن ۾ ڪي ڪي تارو خسارن کان مٿيرا ڪُڌن ۽ فرعوني ڪمن جي بجاءِ نيڪين کي وڌائيندڙ آهن. نيڪي ذات پات، شڪل و صورت ۽ ٻاهرين ٺاهه ٺوهه ۾ لڪيل نه آهي. سهڻي صورت ۽ ٺوهه جهڙو اندر شاهه صاحب هن ريت ٿو پيش ڪري.

صــورَتَ گــهــڻــو سُــهــڻــا، تــاڻــا ســنــدن ٺــوهـ،
ريـلـو ڏيـئـي روح، جـو ڪـائـي ســو ڪـامـي مـري.

چڱن وٽ زندگيءَ جي سونهن جو مقصد ۽ معيار سچ، سنائي ۽ نيڪي رهيو آهي. هڪ چواڻيءَ موجب:

The purpose of life is to rise to the state of goodness.

حسن انساني چهري ۾ نه پر دل جي نور ۾ آهي. انساني اندر جو آئينو جيڪڏهن نيڪ نيتيءَ تي ٻڌل آهي ته انهيءَ جو آب و تاب نه فقط اڪيلي ماڻهوءَ لاءِ پر پوري سماج جي لاءِ سونهن ۽ سوڀيا جو سبب بنجي ٿو. ڪنهن به ڪم ۾ ڏيکاءُ ۽ رياڪاري وارو عمل نه هجي ته پوءِ چڱاين جون واٽون خود ئي سونهون بنجي سامهون ايندڙيون. جيڪڏهن اسين خدا تعاليٰ جي حڪم ۽ نبيءَ سڳوري جي سنت تي دل سان عمل ڪنداسين ته حسن خلق جا خزانا اسان جو ورثو ٿي ويندا. سماج ۾ چڱاين جي ترغيب ۽ پرچار سان پاڻ ۾ محبتون پيدا ٿينديون. اهي ئي قومن جي ترقيءَ جا اهڃاڻ آهن. انهن سان ئي اسان ڌرتيءَ جا ڏک پري ڪرڻ ۾ هٿ ونڊائي سگهون ٿا.

اڇوا ته لاکيڻي لطيف جي ڏنل تعليم ۽ سندن حياتيءَ جي چڱن رُخن

تي غور ڪري ۽ عمل ڪري. روزن نمازن کان وڌيڪ اهو فهم حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون جنهن سان پرين پسڻ سهل ٿي وڃي. هن حسين دنيا ۾ انساني حقن کي پائمال ٿيڻ کان بچائي، انسانيت جي گلدستي جي پنکڙين کي پٽجڻ کان بچايون. حياتيءَ جي چمن کي نيڪ عادتن ۽ طور طريقن سان ميويدار وڻ بڻائي بي وڙائتا ٿيڻ کان بچون.

نوري ۽ ناري، جوڳيئڙا جَهان ۾،
ٻَرِي جن ٻارِي، آئون نه جيئندي ان رِي.

(1ـ1، رامڪلي)

# جي پانيئِنِ جوڳِي ٿِيان

شاهه عبداللطيف ڀٽائي سنڌ جي زرخيز سرزمين جو هڪ اهڙو مثالي انسان هو جنهن انساني حياتيءَ جي اسرارن کي نه فقط ڳولهيو ۽ ڦولهيو پر انهن کي پروڙي پنهنجي بيتن جي اڻ ملهه خزاني معرفت عام تائين آندو. هن پنهنجي شاعريءَ معرفت مثالي انسان جو جيڪو روپ چٽيو آهي، اهو هڪ اعليٰ انسان جو روپ آهي، اهڙو انسان جنهن جو الله تعاليٰ جي ذات تي مڪمل ڀروسو ۽ ايمان جبل جيان مضبوط ۽ پختو هجي. انسان دوستي، رواداري، رحمدلي، حب الوطني ۽ انيڪ خوبين سان معمور هجي. شاهه صاحب جو مثالي انسان، انسان ذات کي امن، ڀائيچارو ۽ محبت ڏيندڙ آهي، هو دل کي ڏوئي دوست جو ديرو دل ۾ وسائڻ وارو آهي جي ڪا ٿس غلطي تي ٿيئي ته پٽ ڏٽي ڪيس فهمائش ڪندي فرمائي ٿو ته:

جي پانِيِين جوڳِي ٿِيان، ته رلي ڪٽي مَ رُل،
ويڙهي ويهه وجود کي، پُڌ هيڪڙائيءَ جو هُل،
آهين پاڻ اَمُلهه، پِنين چو پينارن ڪان.

اسان کي شاهه عبداللطيف پنهنجي ڪلام ۾ جنهن مثالي (Ideal) انسان جو تصور ڏنو آهي، انهيءَ لاءِ هُن پهريان هڪ ماپو مقرر ڪيو آهي. ڏنو وڃي ته اُنهيءَ ماپي تي پورو پوڻ لاءِ هن جي پنهنجي حياتي، مثال طور اهم آهي. شاهه عبداللطيف پاڻ درد مند دِل رکندڙ سماجي خدمت گذار هو. هُو ڪنهن به انعام ۽ ايوارڊ جو طالبُ نه هو. هٺ، تڪبر، فخر، آڪڙ ۽ وڏائيءَ کان ڪوهون پري هن نيڪ نيت انسان جي حياتي جدوجهد ۽ ڪشالن ڪيڻ جي هئي، هن پنهنجي تن ۽ مَنَ کي ٿُسا ڏنا. لهواري لوڪ ۾ هُو **"اوچو وهه اوپار"** جي سوچ رکندڙ ۽ عمل ڪندڙ هو. ڏک ۽ سور ته حياتيءَ جو حصو آهن. پر اوجاڳا، سفر، بکون انهن انسانن جو مَرَڪ آهن، جيڪي پنهنجي پاڻ سان ڪجهه به نتا ڪٺن. جهڙا اچن ٿا تهڙائي وڃڻ چاهين ٿا. اهڙن جو ساٿ سهڻي لطيف کي پسند آهي ۽ انهن

جو ئي ساٿي رهيو.

نـہ ڪي ڪتن پاڻ سـين، نـہ ڪي سـاٿن پاڻ،
اهڙا جن اهـڃاڻ، آئون نـہ جيئنـدي ان ريءَ.

شاهہ لطيف اهڙي آدرشي انسان کي پسند ڪندڙ آهي، جوڪڙي ۾ قاتل جو هيراڪ آهي، جو جَرَ تي قوتي جيان اُڀري ختم ٿيندڙ نہ پر حيات جاودان ماڻيندڙ ۽ حياتيءَ جي اسرار کي سمجهندڙ آهي. هُو اجتماعي مقصدن کي اهميت ڏيندڙ سماج جي ڀليءَ اوسر لاءِ پاڻ پتوڙيندڙ انسان ذات جي ترقيءَ ۽ ڪاميابيءَ جي خوشخبري ڏيندڙ حق جي ڳولها ڪندڙ آهي. اهڙا سنياسي، خوديءَ کان خالي، منافقت کان پاڪ، لاهوتي لعل ۽ محبتي مٽيادار ملڻ هر دور ۾ محال رهيا آهن. پر رب پاڪ پنهنجي پيارن ٻانهن مان ڪڏهن بہ مايوس نہ ٿيو آهي، هُن وقت بہ وقت اهِڙا اڻ ملهہ موتي هن ڌرتيءَ تي موڪليا اهن، جن کي موت مات نہ ڏني آهي.

نـابُودي نـيـئـي، عـبـد کـي اعـلـيٰ کـيـو،
مُورت ۾ مـخـفـي ٿـيـا، صـورت پڻ سـيـئـي.
ڪـبـي ات ڪـيـهـي، ڳالهہ پريان جي ڳجهہ جي.

شاهہ عبداللطيف هڪ اعليٰ انسان ۽ منفرد شاعر هو. سندس ڪلام ۾ هن تمثيل طور جيڪي بہ ڪردار پيش ڪيا آهن، انهن جون خوبيون مثالي خوبيون آهن. هن عظيم مفڪر پنهنجي شاعريءَ ۾ شروع کان آخر تائين هنڌ هنڌ پنهنجي ڪردارن جي وصفن کي ڳائي انهن کي امر ڪيو آهي.

جيئن مثال طور ڪمزور ۽ مسڪين مارئيءَ کي شاهہ صاحب وقت جي بادشاهہ اڳيان جهڪائڻ جي بجاءِ ڪيس ايترو تہ بهادر، با همٿ ۽ با ڪردار ڪري پيش ڪيو آهي. جو لطيف سائينءَ کان اڳ جو سنڌ جو هيءَ رائج لوڪ داستان سندس بيتن وسيلي امر حيثيت ماڻي ويو آهي. مارئي واتان هن وَرَ وَرَ ڏيئي پنهنجي غريب ماروئڙن لاءِ محبت ۽ پيار جا آفاقي جذبا چٽيا آهن، لوئيءَ جي لڄ کي قائم رکڻ، شاهي شان، ويسن وڳن ۽ ست رڃين خوراڪن بجاءِ پنهنجي ذٽ ڏوٿرن ۽ جهانگين جي جهوپن لاءِ سڪڻ، فقط ۽ فقط مارئيءَ جي اعليٰ ڪردار جي ضمانت ٿو ڄاڻائي. سندس ڪردار کي

شاهه صاحب تمام مثالن ۾ پختو بيان ڪيو آهي جو نه ڏجي ٿو نه ئي لالچ ۾ ٿو اچي، جنهن جي لاءِ وطن جي ڪِهه ڪٿوري آهي ۾ هوءَ پکن جي پريت ماڙين سان مٿائڻ نٿي چاهي، سنڌ ۾ وطن جي حب جو عظيم جذبو شاهه لطيف جي مارئيءَ جي بيتن کان پوءِ ئي پروان چڙهيو آهي.

نه فقط مارئي پر شاهه جي رسالي جو هر ڪردار اخلاقي وصفن سان سينگاريل آهي، سر ڪاموڏ جي نوري جنهن جي سيرت جي سلڇڻائيءَ سمين ۾ سومرين تي فوقيت ماڻي، درياهه کي دليريءَ سان پار ڪندڙ سهڻي جا نه دريا جي ڪڙڪن کان ڪنبي ۾ نه مينهن ۾ سيءَ سندس رستو روڪيو. ساڳيءَ ريت سسئي شاهه صاحب جو هڪ اهڙو ڪامل ڪردار آهي، جنهن جي حياتي ئي "ڏورڻ" ۾ "لهڻ" ۾ "جهد" جي چوگرد ڦري ٿي. ڪيس سڄڻ سارن پنجن سُرن سسئي، معذوري، ديسي، ڪوهياري ۾ آبريءَ ۾ ميڄتا ڏني اٿس، ان کان سواءِ مومل، سورٺ ۾ ٻين ڪردارن وسيلي هن مثالي انسان جا نقش چٽيا آهن، سخي راءِ ڏياچ هُجي يا جادم جکرو ٻُري تي ٻچ ڪرڻ وارو جڏو مورڙو هجي يا گودڙين ۾ گهاريندڙ ڪاهوڙي هجي شاهه صاحب پنهنجي هر هڪ ڪردار کي امرتا بخشي آهي، سندس نظر وسيع ۾ فڪر بلند هو انهيءَ ڪري هُن مثبت خيالن ۾ هاڪاري روين کي پنهنجي شاعريءَ وسيلي عام ڪيو جن سان هر انسان لاءِ ٻنهي جهانن جي ڀلائي ٿئي.

شاهه جا مثالي انسان جڳ جي خوشَحالي ۾ بخت آهن هو عام مان آهن ۾ عام جا آهن، جهڙا جيئن اچن ٿا، تيئن ئي هن جهان مان واپس وڃن ٿا. هو روشن دماغ، باضمير، حساس ۾ همدرد آهن، سندن انفراديت اها آهي ته هُو جدت پسند، مهذب ۾ ترقي پسند ته آهن ئي، پر اصول پسند ۾ سماج جي حسين آدرشي اڏاوت جو تصور رکندڙ آهن اهڙن کي ميڄتا ڏيندي چوي ٿو ته:

**جکرا! جِيين شـالَ! تنهنجو ڪَنين مَدو مَ سُـٽـان،**
**جِـيـئـن تـو اچـي ڪـالَ، نـالائِـق نَـوازِيـا.**

(بلاول 2_2)

شاهه لطيف جو مثالي انسان نيڪ نيت ۽ بي لوث آهي، جنهن جي اندر جون وصفون هن ڌرتيءَ جي ذري ذري کي گل و گلزار ڪن ٿيون. اهڙن صوفين، ڪاهوڙين، آديسين، جوڳين، لاهوتين، سامين ۽ ڪن ڪٽ ڪاپڙين کي هُن ڪيترن ئي هنڌن تي ميجتا ڏني آهي.

جـهـڙا ڪَـرِچَ ڪَـڪِـرا، تِـهـڙا جـائِـن قُـلَ،
تَن سـامين جي سَـڌَ مَران، جَنِ جي گودڙين ۾ گُلَ،
اَنـدرِ مُـلـهـہَ اَمُـلَ، بَـهِـر ڪـوجـهـا ڪـاپـڙي.

(رامڪلي، 6_11)

شاهه صاحب جي شاعري سنڌي سماج جي هر دور جي اهم ترين ضرورت آهي، انهيءَ کي پڙهڻ، پروڙڻ، وڏائڻ ۽ ويجهائڻ سان ئي اسان مثالي انسانن جو معاشرو ٺاهي سگهنداسين.

# نائي نيڻ نِهار، تو ۾ ديرو دوستَ جو

وَڃين ڇو وَٽڪار، هِتِ نہ ڳولِين هوتَ کي،
لِڪو ڪِينَ، لطيفُ چي، پارو ڇو پئي پار،
تيءُ ستي، پَڌُ سَندِرو، پِرتِ پُنهونءَ سين پارِ،
نائي نيڻ نِهارِ، تو ۾ ديرو دوست جو.

(سسئي آبري، 3_11)

شاهہ لطيف جو نالو سنڌ جي هڪ اهم صوفي شاعر جي حيثيت سان هنڌين ماڳين مشهور آهي. سندس دؤر ۾ نفس جي پاڪائيءَ لاءِ هلندڙ صوفي سلسلن ۾ سهروردي، قادري، نقش بندي ۽ چشتي مشهور سلسلا هئا. پاڻ قادري طريقي جي بزرگن مان هو جن وٽ اندر جي پاڪائيءَ ۽ روحاني پاڪيزگيءَ جو ذريعو سماع هيو. هن وحدت الوجود جي نظريي کي پسند ڪندي مذهبي ڪٽرپڻي کي سخت ننديو. وٽس هندو ۽ مسلمان ۾ ڪوبہ ويڇو ڪونہ هو. سندس درس انسانيت لاءِ ۽ ڪل خلق لاءِ هو. پاڻ پنهنجي شاعريءَ ۾ نيڪ خواهشن ۽ خاص خوبين جي پرچار ڪئي اٿن. سندس صوفياڻي شاعري منزل تي پهچڻ جو سڏ آهي.

جيڪڏهن لطيفي بيتن تي غور ڪبو تہ معلوم ٿيندو تہ پٽ ڏٽي سڀ ڪان پهرين اندر اجارڻ تي زور ڏنو ڏئي ۽ ڳڏوڳڏ اهائي ڏو هدايت ڪري تہ محبوب توکان پري نہ آهي، فقط پنهنجي پاڻ کي سندس راهہ تي ثابت قدم رک تہ هو توکي وصل جو پيالو پياري. سندن موجب تہ جيڪي هڪ ئي واحد ذاتيءَ لاءِ رات ڏينهن هڪ ٿا ڪن هِت هُت پرين کي نتا ڳولهين. بلڪ اهو ٿا ڄاڻن تہ پوريءَ ڪائنات جو وجود ۽ سندن پنهنجو وجود ذاتيءَ سڳوري جو مظهر آهي هُو پاروچو ڀي پار ڪٿي لڪل نہ آهي، بلڪ دوست جو ديرو تہ سندن اندر موجود آهي، اهو غور ڪندا. تڏهن ئي ڪين راهہ سُجهندي، قران پاڪ ۾ آهي تہ "ونحن اقرب اليہ من حبل الوريد" (ترجمو) ۽ پوءِ "اسان توکي ساهہ جي رڳن کان بہ ويجها آهيون". شاهہ لطيف پڻ اها ئي وائي وات آندي آهي. هو دنيا جي عظيم مفڪرن مان هو هن حياتيءَ جي نظام تي، ڪائنات

تي، زمين ۽ آسمان تي وڏو غور ڪيو ۽ پوريءَ دنيا کي انهيءَ جي اصل رنگ سان پرکيو. اهو تفڪر ۽ تدبر سان سمجهيائين ۽ اسان کي سمجهايائين ته، زندگي ڇا آهي؟ موت ڇا آهي؟ انسان جي حقيقت ڇا آهي؟ سندس هن دنيا ۾ ڪهڙو مقام آهي؟ ڪيس ڪيئن حياتي گهارڻ گهرجي؟ انهن ۽ ٻين ڪيترن اهڙن سوالن تي هن سنڌ جي ڏاهي غور ۽ فڪر ڪيو انهيءَ کان پوءِ اسان کي ٻڌايو ته محبوب پري ناهي فقط ۽ فقط انسان کي پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائي ڪيس لهڻو آهي. جڏهن هو ساهه جي رڳن کان به ويجهو آهي ته پوءِ پري ڇا لاءِ وڃجي؟

تصوف شاهه لطيف جي شاعريءَ جو خزانو آهي. جنهن موجب هن عمل تي زور ڀريو آهي ۽ اندر اُجارڻ تي آماده ڪيو آهي. سندس نظر ۾ محبوب جو جلوو پسڻ ئي وحدت جو اعليٰ مقام آهي.

"جيڏانهن ڪريان پرک، تيڏانهن صاحب سامهون"

تصوف جو موضوع تمام وسيع موضوع آهي، پر مختصراً اهو چونداسين ته تصوف معنيٰ قلب ۾ هڪ نئين قسم جي روحاني تڙپ، صوفين وٽ ڪائنات "عالم اڪبر" آهي ۽ انسان "عالم اصغر" ۽ ڪائنات ۾ جيڪي ڪجهه موجود آهي، تنهن جو اختصار خود انسان ۾ موجود آهي. انسان پنهنجي الاهي اصل کي سڃاڻي حق ۾ حل ٿي سگهي ٿو ۽ جڏهن هو انهيءَ منزل تي پهچي ٿو تڏهن ڪيس هر صورت مان حق ئي حق پسبو آهي. ٻين لفظن ۾ هڪ مشهور حديث موجب ته "جنهن پنهنجي نفس کي سڃاتو تنهن پنهنجي رب کي سڃاتو". شاهه لطيف انهيءَ کي هن ريت ٿو بيان ڪري:

پُنهوَن ٿِيس پاڻِيهي، وِيو سَسُئيءَ جو سِينگارُ،
مَنْ عَرَفَ نَفسَہٗ فَقَدْ عَرَفَ رَبہٗ، اِهو ئي اُچارُ،
جو وِندَرَ ۾ واپارُ، سو سودو سَرِيس هِتهَين.

(سسئي آبري، 5_5)

"سچو صوفي اهو آهي جو ڪدر (ميراڻ) کي ڇڏي ڏئي" صفا جي معنيٰ ئي آهي روشن ۽ ظاهر. مٿي اڳ ۾ ئي ڄاڻايو اٿم ته تصوف هڪ وسيع

مطلب وارو موضوع آهي **“حقيقي تصوف مذهب جو روح، اخلاق جي جان ۽ ايمان جو ڪمال آهي ۽ جنهن جو بنياد شريعت آهي”** صوفياڻو تصور هر مذهب جو حصو رهيو آهي. اسلامي تصوف جي شروعات رسول پاڪ صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جي زندگيءَ جو نمونو شمار ٿئي ٿي. سندن حياتي تزڪيہ نفس ۽ تصفيہ قلب جو اعليٰ مثال رهي. ان ڪان پوءِ چار ئي خليفا جنهن ۾ خاص طور حضرت علي رضہ تہ تصوف جا سرچشما هئا. هو نفس سان جهاد ڪندڙ هئا. ڪانئن پوءِ “عشره مبشره” ۽ پوءِ “اصحاب صفہ” (اصحاب صفہ چبوتري، صفہ جي ويجهو ويهڻ وارا اصحاب جيڪي تمام گهڻا عبادت گذار هئا) مٿيون دور تصوف جو پهريون دور آهي ۽ ٻيو دور تابعين جو يعني 34 هجريءَ کان شمار ٿئي ٿو. جنهن ۾ ٻہ اهم هستيون حضرت اويس قرني ۽ حضرت حسن بصري رحہ اچن ٿا ۽ ٽيون دؤر تبع تابعين 151هہ کان 350هہ تائين صوفي ابو هاشم بي بي رابعہ بصري، حضرت ذالنون مصري، بايزيد بسطامي، جنيد بغدادي، داتا گنج بخش، حسين بن منصور حلاج، حضرت ابوبڪر شبلي اچي وڃن ٿا. متاخرين جي دور ۾ شيخ علي بن عثمان حلاجي، حضرت امام غزالي، شيخ محي الدين ابن اڪبر، حضرت مولانا جلال الدين رومي، امام ابوالقاسم القيشري (رسالي قشيريہ جو مالڪ) حضرت ابوالعباس محمد شفائي ۽ ٻيا آهن. (داتا گنج بخش جو ڪتاب “ڪشف المحجوب” اهلِ طريقت وارن وٽ تصوف جو ماخذ قرار ڏنل آهي. مٿين ترتيب سندن انهيءَ ڪتاب مان ورتل آهي)

مطلب تہ ننڍي کنڊ ۾ اسلام جي انهن عالمن جو وڏو چرچو هو. شاهہ لطيف مولانا روميءَ کان گهڻو متاثر هو ۽ پاڻ سان گڏ روميءَ جي مثنوي رکندو هو. پاڻ ساڳئي رنگ ۾ رنگيل وحدت الوجودي سلسلي جو شاعر شمار ٿئي ٿو. پاڻ تصوف جي ترقيءَ جي چئني منزلن کي پنهنجي ڪلام ۾ اشارن طور توڙي واضح نموني ڇاٽايو اٿن.

ساري سڪ سبق، شريعَتَ سَندو سُهڻي،
طريقَتان تِکو وَهي، حَقيِقتَ جو حَق،

مـعـرفَـتَ مَـرَڪ، اصـــل عـاشِـــقَـنِ جـو.

(سهڻي، 3_10)

شريعت بنا اڳتي وڌڻ شاھ صاحب موجب محال آھي. انھيءَ پهرين منزل کي وضاحت ڏيندي چون ٿا تہ،

وحَـدہُ لا شَـــريـڪَ لَـہُ، چَـئِـي چَـوَنـدو آءُ،
فَـرضَ، واجـبَ سُـــنـتـون، تـنـيـوءِ تَـرڪُ مَ پـاءِ،
تـوبـهـہ سَــنـدِي تَـســبِـيـح، پَـڙهَـڻ سَـــاڻِ پُـجـاءِ،
نانگا پنهنجِي نفسَ کي، ڪا سَـنئين راھہَ سُـونهاءِ،
تـہ سَــنـدِي دوزخ، بـاھِہ، تـو اِوڏيـائـي نـہ اَچـي.

(ڪلياڻ، 1-4)

شاھ صاحب موجب، طريقت جو طريقو نفس کي ماري ان مان لالچ لوڀ ڪيڏي گمراھيءَ کان بچڻ آھي. جنهن لاءِ طالب کي پنهنجي طلب کي مخفي رکي مطلوب تي منزل تي رسڻو آھي. مولا کي ملڻ لاءِ ڪروڙين رستا آھن. جيترا روح ايترا رستا. پر جيستائين پنهنجو پاڻ کي فنا نہ ڪبو تيستائين عشق الاھي جو مچ ازخود نہ ٻرندو. ان ڪري اھڙي ديدار جي تڙپ پيدا ٿئي جو ھر شيءِ ۾ حق جو جلوو نظر اچي.

تَـن تَـســبِـيـح مَـنِ مـڻـيـوُ، دِلِ دنـبـورو جَـنِ،
سـي سـتـائـي سُـونهن، نِـنـدَ عِـبـادتَ جَـنِ جي.

سالڪ جڏھن حقيقت جي منزل لاءِ پير ٿو ڌري، تڏھن ھو پنهنجي پاڻ کي ٿو سڃاڻي سندس اڳيان سڀ حقيقتون ظاھر ٿي پون ٿيون. محبوب ۽ سندس وچ جو ويڇو گهٽجي ٿو. شاھ لطيف مطابق تہ سچا سالڪ پنهنجي وجود جو ورق ورائي، سِسِي نيزي پاند اچلي، سوريءَ سورانگهڻ لاءِ ھڪيا تڪيا وينا آھن. ڪين دلدار جو ديدار گهرجي ھو بنا ڪنهن وسيلي جي نينهن جو نالو وني پرينءَ جي پار پهچن ٿا.

پُـچـن جي مـيـهـارَ کـي، پُـچـي سـي مـيـهـار،
تُـر ھَـو تَـنِـيـن بـارُ، عِـشــقَ جَـنـيـن کـي آڪَـرو.

(سر سهڻي، 1_31)

معرفت جو سرمو جنهن جي اثر سان اکيون حقيقي حسن بنا ڪجهه به نٿيون ڏسن. سالڪ جي آخري ۽ اهم منزل آهي. هتي الاهي اسرارن ۽ علمن جي بارش آهي، شروع ۾ جا ڪثرت هئي سا وحدت ۾ تبديل ٿي ويئي اصل شيءِ اها هڪ آهي، باقي سڀ انهيءَ هڪ سان ئي جڙيل آهي. فرمائي ٿو.

پَڙاڏو سوئي سُڏ، وَرَ وائيءَ جو جي لَهين،
هُئا اَڱَهين گڏ، پڌڻ ۾ پَـﮧ ٿيا.
(ڪلياڻ، 1-22)

شاهه لطيف جي سڄي ڪلام ۾ تصوف جي سيني مسئلن کي سهڻائيءَ سان بيان ڪيو ويو آهي. تصوف جا سڀ سلسلا ڏٽيءَ در جي رستي جي نمائندگي ڪن ٿا ۽ پنهنجي رب جي وحدانيت جي گواهي ڏين ٿا. شريعت، طريقت، معرفت ۽ حقيقت جي جدا جدا منزلن، قضا ۽ قدر، رضا ۽ تسليم، تجلي ۽ بيخوديءَ جا ڪيترائي اشارا شاهه جي شاعريءَ ۾ ملن ٿا.

تصوف جي منزلن، طلب، عشق، معرفت، استغنا، توحيد، حيرت ۽ فنا جي حوالي سان سالڪ کي پاڻ کي فنا ڪري بقا ۾ سمائڻ جي تلقين ڪيل آهي. سر ڪلياڻ ۽ يمن ڪلياڻ خاص طور قرآني آيتن ۽ حديثن سان سينگاريل آهن يا ٻين لفظن ۾ سندن اهي بيت قرآني آيتن جيان دنيا ۽ آخرت جي رازن کي کولي بيان ڪن ٿا. شروع جي پنجن سُرن ۾ تصوف جي اصولن، حڪمن ۽ رڪنن جو مڪمل اپياس آهي ۽ سر ڪيڏارو تائين اهي سالڪ ذڪر ڪيل آهن. جيڪي تصوف جي تعليم تي عمل ڪن ٿا ۽ آخر ۾ سر آسا سندن سڄيءَ تعليم جو نچوڙ آهي. سندس سڄي رسالي جو پيغام ڪنهن خاص طبقي ۽ مذهب لاءِ نـﮧ پر پوريءَ انسانذات لاءِ آهي، جنهن کي جيترو بـﮧ پڙهبو ۽ پروڙبو ايترو مَنَ شانت ٿيندو دِل مان نراسائي نڪرندي ۽ ماڻهو ماڻهپي ڏي موٽندو.

# قاضي ويٺو آهي قلب ۾

اَڻ چوندن مَ چَوُ، چُوندِن چَيو وِسارِ،
اٿ ئي پَهَرَ ادب سين، پَرِ اِهائي پارِ،
پايو منهن مُونَنِ ۾، غَربتَ ساڻُ گُذارِ،
مُفتِي منجهه وِهارِ، تہ قاضيءَ ڪاٽيارو نہ ٿِيين.

(يمن ڪلياڻ، 23-8)

شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام جو هڪ هڪ لفظ جڻ املهہ موتي ۽ هڪ هڪ سٽ لاجواب آهي، جنهن ۾ عميق معنيٰ سمايل آهي. سچ پچ تہ من ئي انسان جو سونهون ۽ من ئي قاضي آهي. من جي قاضيءَ يعني "بيدار ضمير". ڪان وڏيڪ ڪو بہ منصف ۽ مفتي نہ آهي. چوندا آهن تہ، **"قاضي ويٺو آهي قلب ۾، پيِن ڪان ڇا پڇجي"** ضمير جو آواز انساني اندر ۽ ايمان جو آواز آهي. اهو هڪ اهڙو عظيم گيان ۽ ڏيان آهي. جنهن سان پاپ ۽ اگيان کي شڪست ڏيئي سگهجي ٿي، پر فقط هڪڙو شرط آهي تہ نيڪ نيتي ۽ اندر جي سچائيءَ سان من جي سجاڳيءَ ۽ آواز تي ڌيان ڌري لبيڪ چئجي. بيداريءَ سان حق ۽ باطل جي پروڙ ڪجي، باضمير انسان جو هر قول، فعل ۽ فيصلو انصاف جي ڪسوٽيءَ تي پڌل هوندو آهي. وٽس ڪا بہ شرمساري ڪَرِ نہ ڪڍندي آهي. تحقيق اها ضمير جي پڪار آهي، جنهن جي اثر هيٺ ڪيل فيصلا ماڻهن جي دلين کي اندر جو اطمينان عطا ڪندا آهن. حڪيم فتح محمد سيوهاڻيءَ موجب تہ، "وويڪ جي واٽي شمشير جوهر ڪان بہ تيز آهي."

جيئن تہ انسان جي طبيعت ۾ ٻن قوتن ملڪوتي ۽ بهيمي يعني حيوانيءَ جي اثر هيٺ آهي ۽ مٿس جيڪڏهن پهرين قوت غالب آهي تہ هو **"فوق البشر" يعني "ڪامل انسان"** آهي ۽ اهو فوق البشر، جنهن پنهنجي نفس کي ماري مات ڪري پنهنجي وجود جو ورق ورائي پاڻ کي ڪامل انسان بنايو

آهي. تنهن ڪي بشري عارضن جي فنا ٿيڻ کانپوءِ جيڪو ڪماليت جو درجو عطا ٿئي ٿو ان جو سبب ٿي اندر جي بيداري آهي، جيڪا کيس ڪاٽيارو ٿيڻ کان بچائي، هڪ خاص مقام تي پهچائي ٿي. حضرت داتا گنج بخش علي هجويريءَ موجب تہ:

"الله تعاليٰ جڏهن ڪنهن ٻانهي تي ڀلائيءَ جو ارادو فرمائي ٿو تہ تڏهن کيس پنهنجي نفس جا عيب ڏيکاري ٿو."

اهڙيءَ طرح منصفانہ مزاج رکندڙ شخص جو يقين آهي تہ "وڃائي وجود تهان پوءِ تڪبير چوڻ" سان ئي هو اصلي عدالت ۾ اگهبو من جي موتيءَ کي سچائيءَ سان جرڪائڻ جو عمل ڏکيو ۽ اڙانگو ضرور آهي. اها شعوري ڪوشش هر ڪنهن جي وس جي ناهي. پر تہ بہ هن دنيا ۾ ڪيترائي ارادن جا اٽل، عزم ۽ همت جا پيڪر پيا آهن جن لاءِ "چپر چاڙڪي آهي"، هو سچ جي وات جي ڳولها ڪندي سک سان نٿا سمهن. هو مقصدي وات کي ترجيح ڏيندي لبيڪ چئي اڙانگن رستن تي ٿا هلن.

سڪن واري سڌ، متان ڪا مُون سين ڪري،
اندر جنين اڌ، ڏُونگر سي ڏوريندئون.

قلب ۾ جهاتي پائي پنهنجو محاسبو ڪرڻ وارن اهڙن ڪاپڙين جي هن ڪلجڳ ۾ ڪمي ڪانهي، پر ڪئين بي ضمير سندن رستن ۾ رڪاوٽون وجهي، پٿر ۽ ڪنڊا وڇائي کين طرح طرح جون مشڪلاتون ٿا ڏين. اهي حيوان سچ ۽ انصاف جي وات جا ويري آهن، پر سچ هميشہ کان امر رهيو آهي ۽ رهندو. ضمير جي اَمُلهہ ۽ اثرائتي آواز جي بدولت سقراط زهر جو پيالو پيتو. حضرت حسين عليہ السلام سر ڏيئي سرهو ٿيو ۽ اهڙا گهٽائي گهوٽ اڻ موت هن دنيا ۾ تي گذريا، جن مقصدي وات تي هلڻ لاءِ تَنَ، مَنَ ۽ ڌَنَ قربان ڪيا. اها روشني کين مَنَ جي سچائيءَ، سجاڳيءَ، غور ۽ فڪر جي سبب نصيب ٿي. واقعي **"جڏهن اسين پنهنجي اندر جي ديوتا جي ڳالهہ مڃيون ٿا، تڏهن اسان جي خيال، وچن ۽ ڪرم Thought, word, Dead ۾ پويتر تا اچي ٿي. تڏهن ئي اسان کي روشني ملي ٿي."**

دنيا ۾ اچڻ کانپوءِ انسان ڪي جيڪا مهان ۽ عظيم شڪتي محسوس ٿي. هن انهيءَ کي ٿي پنهنجو خدا تسليم ڪيو پر اڳيان هلي سندس رهنمائيءَ لاءِ گهڻائي رهبر، رهنما، ڏاها، عالم، پيغمبر ۽ پيامبر آيا، جن کين الاهي روشني عطا ڪئي. ڪيترائي مذهب وجود ۾ آيا. جيئن: اسلام، هندو ڌرم، عيسائيت، يهوديت، جيني ڌرم، سک ڌرم، ٻڌ ڌرم وغيره.

سڀني مذهبن جي تعليم ۽ تحقيق کانپوءِ انسان انهيءَ نتيجي تي پهتو تہ بيشڪ ڪا ڪائناتي قوت آهي، جيڪا هر هنڌ حاضر ۽ ناظر آهي. جنهن کي پل "خدا"، "ايشور" يا "گاڊ" جو نالو ڏيون، پر حقيقت ۾ اها قوت انسان کان مٿي ۽ سڄيءَ دنيا جو سرشتو هلائيندڙ آهي. ۽ تحقيق اها قوت انسان جي اندر پڻ موجود آهي. صرف ڌيان، گيان، سوچ ۽ نيڪ نيتيءَ جي ڳولها سان کيس لهي سگهجي ٿو. مَنَ جي عدالت جو حساب ڪتاب ڪري پاڻ کي پرکي کيس پاتٽو آهي. اسلام موجب تہ الله تعاليٰ ساهہ جي رڳن کان بہ ويجهو آهي. هو دلين جا حال ڄاڻندو آهي ۽ اندر جي صفائي ۽ پليتائي پرکيندڙ آهي. انساني نفس شيطاني قوتن سان گڏ اعليٰ بشري خاصيتن سان نوازيل آهي. هندو مذهب موجب، ايشور "نرگڻ" بہ آهي تہ "سگڻ" بہ آهي، ايشور کي ڏسي نٿا سگهون پر چاهيون تہ ڏسي سگهون ٿا. يعني "جيڪڏهن، دل کوٽي آهي تہ عذر گهڻا" جي مصداق اهو سڄو دل جو حساب ڪتاب آهي.

هتي تہ دوست جو ديرو دل ۾ آهي، رڳو نائي نيڻ نهارڻ جي قوت پيدا ڪرڻي آهي. ايشور جي وڏي ۾ وڏي رچنا/تخليق انسان آهي ۽ انسان جي وڏي ۾ وڏي رچنا پرارٿنا يعني عبادت آهي. دنيا ۾ ڪيترائي مذهبي ڪتاب آهن، جن جو مول متو عبادت ۽ پلائيءَ ڏي راغب ڪري ٿو. خاص طور قران پاڪ، بائيبل، ويد، پراڻ، اپشند، رامائڻ، مها ڀارت، گيتا، ڌمپد، ڪلپ سوتر، ٽين ڪمانڊمينٽس، گروگرنٿ، تاٿو تيہ چنگ، زند اويستا، بوڪ آف اسپرنگ ۽ آتم وغيره. سڀني جي فلاسافي سچ، سونهن، اندر جي صفائي، دان ۽ ديا تي ٻَڌل آهي، جنهن مطابق سماج ۾ رهي ان کي روحانيت بخشڻي آهي ۽ سڀ عبادتون پالڻهار جي گڻن ڳائڻ سان گڏ اهو ٿيون ڄاڻائين تہ هُو هر هنڌ حاضر

ناظر هئڻ سان گڏ انساني اندر ۾ شامل آهي. اندر جو آواز ڪن ڏيئي سوجهڻ سان سندس جلوو انساني اندر ۾ شامل آهي. اندر جو آواز ڪن ڏيئي سوجهڻ سان سندس جلوو سامهون ايندو. شاهه ڀٽائي انهيءَ نقطي کي هن ريت ٿو واضح ڪري،

هوتُ تُنهنجي هَنج ۾، پُڇين ڪوهُ پَهي،
"وَفِيۡ اَنفُسِكُم اَفَلَا تُبصِرُونَ"، سُوجهي ڪَرِ سَهي،
ڪَڏهن ڪا نَہ وَهي، هوتُ ڳولهڻ هَتَ تي.

(سسئي آبري، 12_5)

پنهنجي اندر ۾ ڳولها ڪري محبوب کي لهڻ لاءِ غور و فڪر ئي وڏو مقام آهي. "افلا تبصرون" يعني ڇا توهان نٿا ڏسو؟ مطلب تہ اها بصارت ڪپي جيڪا عام جي ڏسڻ جي نہ آهي هتي تہ سوجهڻو آهي. ڪائنات جي مطالعي ۽ مشاهدي کان اڳ ۾ پنهنجو مطالعو ۽ مشاهدو ڪرڻو آهي. پاڻ کي فتح ڪري، آتما کي سڃاڻڻ يا انساني اندر جو اپياس، مطلوب کي طالب جي ويجهو آڻي، اندر جا ڪٽ ڌوئي ڪيس پاڪ صاف ڪري ٿو.

ڏُودُ دل تان ڏُور ڪري، ڪَرِ ساڃَنَ صفائي،
"مَنۡ لَا شَيۡخَ لَهُ فَشَيۡخُهُ الشَيطانُ" ان رِيءَ اونداهي.

(ديسي_4_2)

اندر جو آواز صرف روحاني سجاڳيءَ نہ پر حياتيءَ جي هر مسئلي ۽ هر پريشانيءَ جو نبيرو ڪندڙ آهي، جنهن ۾ اسين ٻين سان اها هلت ڪنداسين جيڪا اسين پاڻ لاءِ بهتر سمجهنداسين. پوءِ ئي اسان جو ضمير سجاڳ ضمير شمار ٿيندو. قلب جي آئيني ۾ پنهنجو چهرو ڏسڻ سان ئي روح مطمئن ٿيندو. هڪ ڏاهي موجب تہ "سڪون سان سمهڻ لاءِ نرم وهاڻو نہ پر سجاڳ ضمير گهرجي" سو سچ جي حمايت، غلط ۽ صحيح جي پرک ۽ ضمير جي ندا کي لبيڪ چئي سهڻ جي جرئت، هئڻ ئي انسانيت جي عظمت آهي.

# مِٽيءَ لَڌو مَانُ

## (شاهه جي رسالي جي مقبوليت جا سبب)

سـاري راتِ سُـبحان، جاڳـي جَـن يـادِ ڪَـيو،
اُن جـي عـبداللطيف چـي، مِـٽـيءَ لَـڌو مـانِ،
ڪـوڙيـين ڪَـن سـلامُ، آڳـهه اچـيو اُنِ جـي.

(سريراڳ، 2_2)

شاهه عبداللطيف ڀٽائي سنڌ جي شاعرن جو سرتاج شاعر آهي. پوريءَ دنيا ۾ سندس نالو هنڌين ماڳين مشهور آهي. بلڪ سنڌ جي سڃاڻپ ئي شاهه سان آهي. سندس ڪلام نه فقط سنڌ واسين ۽ سنڌي ٻوليءَ لاءِ پر پوريءَ دنيا لاءِ هڪ عظيم سرمايو آهي. هيءَ شاعري هڪ اهڙو اڻ کٽ خزانو آهي. جنهن جي مقبوليت ۽ معروفيت ۾ اڄ صديون گذرڻ ڪان پوءِ به تِرَ جيتري به ڪمي نه ٿي آهي. شاهه سائينءَ زندگيءَ جي بي انت سمنڊ جي پاتار ۾ پيهي فاني شين مان لافاني ۽ وقتي ڳالهين مان آفاقي ۽ ازلي حقيقتون سامهون آنديون آهن ۽ انهيءَ جي ڪري ئي اڄ سندس شعر جي تجليءَ سان سنڌ ڌرتي ۽ سنڌي ٻولي چلڪي ۽ چمڪي رهي آهي. هتي اهو نڪتو غور طلب آهي ته سنڌ خطو ته ڪيترن نالي وارن شاعرن سان سينگاريل آهي. پوءِ آخر اهي ڪهڙا سبب آهن جو شاهه لطيف جي شاعريءَ جو ترازو سيني شاعرن کان ڳرو آهي؟ پوريءَ دنيا جي ڪيترن عالمن ۽ محققن پڻ لطيف شناسيءَ تي ڪم ڪيو آهي ته سنڌي ٻوليءَ ۾ پڻ سڀ کان وڌيڪ جيڪو لکيو ويو آهي اهو شاهه لطيف جي بابت ئي آهي، آخر سندس ايڏي مقبوليت جا ڪهڙا سبب آهن؟ ڏٺو وڃي ته اهو هڪ تمام تفصيل طلب موضوع آهي، جيڪو هڪ مختصر مقالي/ مضمون ۾ آڻڻ مشڪل آهي پر ته به هن مضمون معرفت آئون پڙهندڙن جي خدمت ۾ ڪي نڪتا پيش ڪيان ٿي، جن سان ڪين اها خبر پوندي ته لطيفي فن جي مقبوليت جا ڪهڙا اهم سبب آهن.

## شاهہ لطيف جي شاعريءَ جي مقبوليت جا سبب

1. شاهہ عبداللطيف جي شاعري عوامي شاعري آهي، جنهن ۾ لوڪ جي جيوت جا عڪس چٽا موجود آهن.
2. لطيف جو پيغام محبت جو پيغام آهي.
3. مجازي عشق سان سلهاڙيل حقيقي عشق ۾ فنا ٿيڻ جي آفاقي شاعري آهي.
4. شاهہ لطيف جو ڪلام سنڌي ٻوليءَ جي لغت جو خزانو آهي.
5. شاهہ جي شاعريءَ ۾ سنڌ جي تاريخي ۽ نيم تاريخي داستانن جو ذڪر تمام سهڻائيءَ سان موجود آهي.
6. شاهہ سنڌ جي تهذيب، تمدن، ثقافت ۽ سماجي قدرن جي اپٽار ڪئي آهي.
7. لطيف جي شاعريءَ ۾ موسيقيت آهي.
8. لطيف انسان دوست شاعر آهي.
9. شاعراڻيون خوبيون بي مثال آهن.
10. لطيف نيڪ نيت بزرگ هو تڏهن ئي سندس مٿيءَ مانُ لڏو ۽ اڄ ڪيترائي عالم، فاضل، پڙهيل، اڻ پڙهيل، غريب ۽ امير سندس در تي سلامي آهن.

### 1. شاهہ جي شاعري عوامي آهي ۽ پوري عوام جي اندر جو آواز آهي.

شاهہ لطيف پنهنجي دور جي مُروج شاعري جنهن ۾ قصيده گوئي ۽ عيب جوئي بہ شامل هئي کان پرهيز ڪئي، هن صوفي بزرگ ڪائنات جي هر شيءِ ۾ بهتريءَ جو عڪس ڳولهيو هن جي آئيڊيالاجي ڪائناتي آهي. هن هر عام کي پنهنجي شاعريءَ ۾ آندو هر معمولي کان معمولي شيءِ کي بہ نظرانداز نہ ڪيو. سئيءَ جهڙي معمولي شيءِ جنهن ڏي ڪنهن بہ شاعر جو خيال جيڪر نہ وڃي ان کي بہ شاهہ لطيف اوچو مقام ڏنو. سُئي جا پاڻ اُگهاڙي آهي، پر ڪروڙين، اربين انسانن جي شرافت، پاڪدامني ۽ پردي جي امين ٿي اُگهاڙن جي اوگهڙ ٿي ڍڪي، تنهن جي حيثيت شاهہ صاحب وٽ بادشاهيءَ کان بہ وڌيڪ آهي ۽ ابر (سئيءَ) جي وصفن کي سمجهڻ لاءِ سندن موجب هڪ زندگي ڪافي نہ آهي فرمائي ٿو تہ:

پـاچـاهـي نَـہ پـاڙيـان، سـرتـيـوُن سُـئـيءَ سـاڻُ،
ڏَڪـي اُگـهـاڙن ڪـي، ڪِـيـن ڏَڪـيـائِـيـن پـاڻ
پِـيـهـر جـاپِـي جـاڻِ، ابـرَ جـي اوصـــافَ ڪـي.
(مارئي، 7_14)

عوامي ٻولي ،عوام جا رسم ۽ رواج سندن خواهشون، ڪرتون، محبتون، نفرتون، مطلب تہ هُن هر جذبو ڇاڻايو آهي. سندس شاعري سنڌي قوم جي رڳن ۾ ڊوڙندڙ رت جيان تحليل ٿيل آهي، هو پنهنجي موقعن مهلن، مرڻن، پرڻن هر هنڌ تي شاهہ جي شاعريءَ کي جهونگارين ٿا. شاهہ جا بيت پڙهي دُعائون گهرن ٿا، شاهہ جي شاعري ميڙن ۽ محفلن ۾ ٻين هنڌن تي ڳائين ٿا. مطلب تہ سنڌي قوم شاهہ لطيف کان تمام گهڻي متاثر آهي. خاص طور سنڌ جي وڏي آبادي يعني عام ماڻهن وٽ شاهہ جي بيتن جو واهپو وڌيڪ آهي. تہ پڙهيلن وٽ وري پنهنجي حساب سان شاهہ جي شاعريءَ جي هڪ خاص حيثيت قائم آهي.

**2. لطيف جو پيغام محبت آهي.** پٽ ڌڻي هڪ امن پسند انسان هو. سندس ڪلام ڄڻ تہ قرآن پاڪ جو تفسير آهي. سندس ئي لفظن ۾ تہ "جي تو بيت ڀانيان، سي آيتون آهين" هو محبت جي جذبي سان هر هنڌ سرشار نظر اچي ٿو عشق جي اُمنگن جو ترجمان ٿو ڏسڻ ۾ اچي. سندس ڪلام جي ڪماليت جو وهڪرو وڏو آهي. مارئيءَ جي ملير لاءِ محبت پنهنجي قوم ۽ ملڪ سان محبت تي اُتساهي ٿي. وٽس محبت جو تصور آفاقي آهي. انسانيت سان محبت لطيف جي هر بيت، هر سِٽَ مان پسجي پيئي. استنبول، چين، سمر قند، بيڪانير ۽ ڏيٿ جهڙن هنڌن سان گڏ سڄيءَ سنڌ لاءِ ۽ پوري عالم لاءِ خوشحاليءَ جون دعائون ٿو گهري. انسانذات کي پيار، محبت ۽ ماڻهپي جا سبق سيکاريندي ڪين پکين جي پريت جا مثال ٿو سمجهائي.

وَڳَـرَ ڪـيـو وَتـنِ پـرتِ نَـہ ڇِـنَـنِ پـاڻَ ۾،
پَـسـو پِـڪـيـئـڙَن مـاڻـهـنِـئـان ميـٿ گـهـڻـو .
(ڏهر، 4_5)

**3. مجازي عشق/ حقيقي عشق ۾ فنا ٿيل آفاقي شاعري**، شاهه صاحب کي جوانيءَ ۾ ئي مجازي عشق جي چپيٽ لڳي ۽ هو عشق جي منزلن تي رچي ريٽو ٿيو. سندس شاعريءَ ۾ اهي جلوا چڱيءَ طرح نمايان آهن. عشق مٿس اهڙو غلبو ڪيو جو هو محو ٿي ويندو هو ۽ برهه جي باهه ۾ پچڻ بعد حقيقي عشق جو سفر شروع ٿيس. ايئن مجازي عشق مان لنگهي حقيقي عشق تائين پهچڻ ۾ هن اهڙي ته شاعريءَ جي پلٽ پلٽان ڪئي جو سڄي سنڌ سيراب ٿي ويئي. هن جو عشق آدرشي آهي. اهو عشق فقط پنهنجي پالڻهار سان نه آهي، پر سندس ناهيل سڄيءَ ڪائنات سان آهي، ڪائنات جي ذري ذري سان آهي. ان عشق ۾ جڳ جي خوشي ۽ خوشحاليءَ جي طلب آهي، هي اهڙو عشق آهي، جنهن ۾ پنهنجي هستيءَ کي نابود ڪرڻو آهي، هتي پنهنجي زندگيءَ جي ترِ جيتري به حيثيت ناهي هتي ته نياز نئڙت ۽ نماڻائي هٿيار آهي. هٺ، تڪبر، وڏائي ۽ دنيا جي لوڀ وارو عشق وڪائو عشق آهي. شاهه وارو عشق ان جي ابتڙ آهي. ان آڪري عشق ۾ ڪو ترهو ڪونهي هي اهو عشق آهي، جنهن ۾ عاشق پنهنجو پاڻَ کي پاڻَ سان نه ڪٺن.

نَـه ڪـِي ڪـٺَن پـاڻ سـِين، نـه ڪـو سـاڻُن پـاڻُ،
اهڙا جَنِ اَهـڃاڻَ، آئُون نـه جِيـئَـنـدي اُنِ ري.

(رامڪلي، 1_31)

پرينءَ کي پسڻ جي اُڪيرَ اها آهي، جنهن ۾ دنيا قيد خانو لڳي. عشق ۾ سُوري چڙهڻ سر قربان ڪرڻ ئي حقيقي عشق جي منزل آهي، چوي ٿو ته:

عِشـق نَـه آهي رانـدِ، تـه ڪـِي ڪَـنِس ڳـِيـرُو،
جِيءَ جَسـي ۽ جـان جي، پَـڃي جو هيـڪـانـد،
سِـسِـي نـيـزي پـانِـد، اُڇـل تـه اَڏَ ٿِـيـئـي.

(يمن ڪلياڻ، 6_19)

شاهه صاحب جو سارو رسالو عشق ئي عشق آهي. سندس ڪلام جو فڪري بنياد ئي عشق ٿو ڏسجي ۽ سندس عبادت به عشق آهي. اهلِ تصوف جي منزلن موجب حقيقي طالب به اهو آهي. جو عشق جي آرزوءَ ۾ فنا ٿي پنهنجي آخري منزل تي پهچي ٿو تڏهن هن وٽ سيٺ طرف محبوب ئي

محبوب آهي هو هُن جو عاشق پڻ آهي ته معشوق پڻ. شاهه سائين هر دم پنهنجي پرينءَ ڏي متوجه رهڻ کي ترجيح ڏيندي چوي ٿو:

هَتنَ سِين هاجَ ڪَر، نيڻَن سين نِهارِ،
اُيا اڱڻان پارِ، پَسُ پنهنجا سُپرين.

(سُر آسا، 4_6)

**4. شاهه جو ڪلام سنڌي ٻوليءَ جي لغت جو خزانو آهي.** شاهه صاحب جي شاعريءَ جي مقبوليت جو هڪ سبب اهو به آهي، ته سندس شاعريءَ ۾ سنڌ جي گهڻن علائقن جا ڪردار آهن. هُن انهن ڪردارن جو اونهو اڀياس ڪيو آهي. سندن واتان چوايل شاعريءَ ۾ شاهه صاحب انهيءَ هنڌ ۽ مڪان جي ٻوليءَ، ماحول ۽ سماج جي مجموعي نفسيات کي نظر ۾ رکيو آهي. انهن جي زندگي ۽ واقعن کي بيان ڪرڻ مهل هو پاڻ انهن ۾ پيهي ويو آهي. جڏهن لطيف مارئي ٻڌجي عمر کي ايلاز ٿو ڪري، جڏهن پنهنجي ٿر واسين جي ياد ۾ ڳچ ٿو ڳاري، تڏهن ايئن ٿو لڳي ته جڻ لطيف ٿر جو اڻ ٽُٽِ حصو آهي. ٿر جي ٻولي سندس هر بيت جو حصو ٿيل نظر اچي ٿي. ساڳيءَ ريت هُن ٻين ڪردارن جي علائقن جي ٻوليءَ جو استعمال اهڙوئي سهڻو ڪيو آهي. هن پنهنجي ڪلام ۾ جيڪا ٻولي استعمال ڪئي آهي، ان کي عالمن لاڙي ٻولي ڪوٺيو آهي، پر ڏٺو وڃي ته رسالي جي ٻوليءَ ۾ وڏي وسعت آهي. ان ۾ ايترو عظيم سنڌي لغت جو خزانو موجود آهي، جو اها ڪنهن هڪ طبعي ڀاڱي ۾ استعمال ٿيندڙ ٻولي نه، پر سنڌي ٻوليءَ جي مختلف لهجن جو ميلاپ آهي. شاهه صاحب سڄي سنڌ گهميو ۽ سنڌ کان ٻاهر ويو. سندس حافظو ۽ مشاهدو مضبوط هو. هن هر لهجي کي پنهنجي شاعريءَ ۾ موقعي جي مناسبت سان آندو. ڊاڪٽر الانا صاحب لکي ٿو ته:

”هن سنڌي ٻوليءَ جي ڌار ڌار لهجن، جهڙوڪ: اترادي، وچولي، لاڙي، ٿري، ڍاٽڪي، پارڪري، ماڇري، ڪارائي، منڇري، دريائي، ڪوهستاني جي ڪاڇي واري لهجي کان سواءِ لاسي، جدگالي ۽ فراقي لهجن کان سواءِ، ميواڙي، مارواڙي، جيسلميري ۽ ڪڇي ٻولين جي لغوي خزاني کي به پنهنجي ڪلام ۾ استعمال ڪيو. شاهه صاحب ان ساري ٻوليءَ جي خزاني کي سنواريو

سڏاريو. ان ۾ نواڻ آندي ۽ سنڌي زبان کي هر لحاظ کان وسيع، مائيدار ۽ شاهوڪار بڻايو.”

مطلب ته شاهه لطيف جي ٻوليءَ ۾ وسعت آهي، تنهن ڪري سندس ڪلام لغت جي اڻ کٽ کاڻ آهي. سچي شاعري عميق، مائيدار خيالن ۽ معنيٰ دار لفظن جو خزانو آهي ۽ گڏوگڏ شاعراڻين خوبين وزن، قافيو محاڪات، مصوري، تخيل ۽ حسن سان ڀرپور آهي. ڪين عربي، فارسي ۽ علم عروض جي ته مڪمل ڄاڻ هئي پر گڏ جدت، جوش، فصاحت، بلاغت، سلاست، تشبيهون، استعارا ۽ لطافت سندس شاعريءَ جو مرڪ آهن.

**5. تاريخي ۽ نيم تاريخي داستانن جو ذڪر:** سنڌ جا لوڪ رومانوي داستان شاهه جي رسالي جو شان آهن. سهڻيءَ جي سچي سڪ، سسئيءَ جا سور ۽ سوز، ليلا جي لوچ پوچ، مومل جو ماندو ٿيڻ، مارئيءَ جي محبت، نوريءَ جي نئڙت ۽ سورٺ جي قربانيءَ کي شاهه لطيف مانائتو ڪيو آهي. اهي رائج قصا ۽ داستان ڪانئن اڳ به سنڌ جي سگهڙن ۽ شاعرن ڳائي وڄائي پيش ڪيا هئا پر شاهه لطيف انهن کي اهڙي ته سوز ۽ سهڻائيءَ سان بيان ڪيو آهي، جو اهي مڪمل طور لافاني حيثيت اختيار ڪري ويا آهن. ان ڪانسواءِ مورڙي جي بهادري، ڏاهپ، سمن ۽ سومرن جي دور جي سخي سردارن کي ميجتا ڏيڻ، ڪربلا جي واقعي کي بيان ڪرڻ ۽ ٻين ڪيترن ئي اهم واقعن کي شاهه صاحب امر ڪري ڇڏيو آهي.

**6. سنڌ جي تهذيب، تمدن ۽ ثقافت جي اپٽار:** جي حوالي سان جيڪڏهن شاهه جي رسالي کي ڏسبو ته صدين جي سنڌ جو ثقافتي ڇٽ چِٽيل نظر ايندو. سندس شاعري سنڌي سماج جو هڪ اهڙو آئينو آهي جنهن ۾ سنڌ واسين جي رهڻيءَ ڪهڻيءَ جي عين ٻين تصوير چٽيل آهي. انساني زندگيءَ جون ضروري اهم شيون جيڪي تهذيب تمدن ۽ ثقافت جي دائري ۾ اچن ٿيون، جيئن ڪاڌ خوراڪ، لباس، رهڻي ڪهڻي، ريتون رسمون ۽ رواج، روحاني ترقي، نسلن جي

ارتقائي تاريخ، ٻوليون، مذهب، جاگرافيائي حالتون، معاشي حالتون، تاريخي ورثا، مذهبي قدر ۽ پروسا ان سان گڏ ملڪن ۽ قومن جون سماجي، معاشي ۽ علمي حالتون ۽ فن لطيف ئي قومن جي ثقافت ۽ تهذيب جي اپٽار ڪن ٿيون.

شاهه لطيف جي شاعري انهن سمورين حالتن جو هڪ اونهو اڀياس آهي. جيڪڏهن فقط اهو چئجي ته شاهه جو رسالو سنڌ جي تهذيب، تمدن ۽ ثقافت جو دستاويز آهي ته بلڪل بجا ٿيندو. هن سنڌ ڌرتيءَ جي هر طبقي، هر ڳوٺ، وستيءَ واهڻ، مُندن موسمن، دريائن، سمنڊن، ساهوارن، ماڻهن جي روين، حالتن ۽ ڪمن ڪارين جو مڪمل جائزو ڏنو آهي. جيئن:

1. سرها ڏٺم سي، جن ساجاهه سراڻ سين،
2. اچ آڳڙيا آئيا، رُڪ ڪريندا پڌرو،
3. هلو ته هلون ڪورئين، نازڪ جن جو نينهن،
4. سر سانداڻ ڪري، پُچج گهر لوهار جو،
5. سڙهه سنوان، لاڄو نوان، مهاڻا سندن مير،
6. سر ۾ سجڻ ناهه ڪي، موت مَ مڱڻهار
7. جَتا! شالَ! جيو، جيو! تا جاڙون ڪيو.

مٿي ڄاڻايل حوالن مان اهو اندازو ڪرڻ مشڪل ڪونهي ته شاهه صاحب وٽ لوهار، ڪوري، مهاڻا، مڱڻهار، جَتَ مطلب ڪو به عام ڪرت وارو شخص عام ڪونهي بلڪ مهاڻي کي مير ڪوٺيندي هو فخر ٿو محسوس ڪري ته ڪوري وٽس محبت ۽ عظمت جو اهڃاڻ آهي. اهڙيءَ ريت هن پنهنجي ماڻهن کي پنهنجي لهجي سان ئي پنهنجو ڪيو آهي. ڪين احساس ڪمتريءَ مان ڪڍيو آهي. ساڳيءَ ريت هن سر زمين جي ريتن رسمن سان به ڪيس وڏي محبت آهي.

1. سون برابر سڳڙا، مون کي پانهن پڏائون.
2. مون ماروءَ سين، لڏيون لوئيءَ ۾ لائئون.
3. پوچا ڏٺم پير، ڍڪڻ مٿي ڍول جا،
4. ڪيچين آئون نه ڪَڙي، ڪنهن ڏکيءَ ڏانوڻ ڏانيو،

### 5. ڪارا رڱ ڪپڙا، ادا نير و تي،

شاديءَ جي رسمن ۾ سڳڙا ٻانهن ۾ ٻڌڻ، لائون ڏيڻ، ڍڪڻ مٿي پير ڏيڻ، جنگي جوڌن جي شهادت تي عورتن جا ڪارا ماتمي ڪپڙا رنگائڻ، اهي سڀ هتان جي رهڻيءَ ڪهڻيءَ ۽ رسمن جا ذڪر آهن. ساڳيءَ ريت لباس جا ذڪر پڻ هر هنڌ نظر اچن ٿا. لاڪ رتيون لوئيون، ڪنهبيون ڪتيون، چندنن وارا چوٽا، گلابي گلن جهڙا اميزادين جا ويس، سونا ڪُرڪَنِ ۾، ڳِچيَن ۾ ڳاڙها هار ۽ ٻيون ريتون رسمون ذڪر ڪيل آهن. ٿر جي کاڌ خوراڪ کي مارئيءَ جي واتان هن ريت ٿو بيان ڪري،

ڪاچ ڪتيرن سفرو، سگر ۽ سائون،
سا ڪيئن ڪائي ڪارڪون،
جهڙ ڪي ڏُونرا ڏيج ڏنائون.

ان کان سواءِ مينهون، اٺ، گهوڙا، ٻڪريون، گابا، چيلڙا ۽ ٻئي مال کي بيان ڪندي سنڌ کي سڪيو ستابو بيان ڪيو ويو آهي، ڪيترن هٿن جي هنر جي اوزارن ۽ انهن ڪرتن کي پسند ڪندي سنڌي سماج کي مانائتو شانائتو ڪري اڳيان آندو اٿن. جيئن **"پچائي پهاڻ، جن رساٽيو رُڪ کي"، "وينو ٺُن تنيس مک ڏيهاڻي مَڪُڙي"، "سر سنداڻ ڪري، پچج گهر لوهار جو"، "چوري چنگ ٻنگ لهي، حبيبن هنيون"، "ڪچو ڏيج ڪلال کي، مه تي موٽائي"، "وڄن مَروينجهار پاٽيت جي پَرَ ڪٽا"،** ۽ اهڙا انيڪ بيت آهن جيڪي اها شاهدي ٿا ڏين، ته شاهه صاحب سنڌ جي چپي چپي جو ته واقف هو پر هتان جي تهذيب ۽ ثقافت جي حوالي سان هن ملڪ جي ڪنهن به حصي کي نه وساريو آهي، رسالو پڙهندڙ کي نه فقط سنڌ جي ماضي ۽ حال سان واقفيت ٿئي ٿي، پر ڪيس گهڻو سرور ۽ لذت تي حاصل ٿئي ۽ پنهنجي ثقافتي ورثي تي خوشي ۽ اطمينان ٿو محسوس ٿئي انهيءَ ۾ فقط هڪڙو شرط آهي ته شاهه کي ان ريت پڙهجي جنهن ريت پڙهڻ اسان تي حق آهي.

6. **لطيف جي شاعريءَ جي موسيقيت:** شاهه صاحب جي شاعريءَ جي ٻين خوبين سان گڏ هڪ اهم خوبي موسيقيءَ جي آهي. سندس شاعريءَ جي

لفظن ۾ هڪ اهڙو ترنم ۽ جادو آهي، جيڪو ايئن ٿو محسوس ٿئي ته جڻ هيءَ شاعري موسيقيءَ جي لئي تي مرتب ٿي آهي. هِڪ هِڪ بيت، هڪ هڪ وائي اهڙي آهي، جنهن کي ڳائي ۽ جهونگاري سگهجي ٿو. شاهه صاحب پنهنجي حياتيءَ ۾ موسيقيءَ جي مختلف راڳن ۽ سازن جي مڪمل پروڙ رکندڙ هو. راڳ سندس جيءَ جو جياپو هو. ان ڪري هُن هڪ راڳ جي اداري جو قيام عمل ۾ آندو. موسيقيءَ جي هند ۽ سنڌ جي جملي اڳين سلسلن کي سهيڙي هُن هڪ نئين راڳ جي روايت کي قائم ڪيو جو هڪ ٽولي جي صورت ۾ ۽ عوامي آلاپن جي اثرائتي انداز ۾ اپريو ۽ جمع رات تي اڄ تائين ڀٽ تي راڳ جي محفل فقير ڪندا اچن. ان ڪان سواءِ هن "دنبورو" ساز ايجاد ڪيو. جيڪا سندس منفرد ايجاد شمار ٿئي ٿي. اهو نئون خيال ۽ نئين ايجاد سنڌي فن جي عظمت تي نمايان ٿيو. نه فقط راڳ ۽ ساز جي حوالي سان پر لفظن جي ترنم جي لحاظ کان سندس شاعريءَ جي هِڪ هِڪ لفظ ۾ سنگيت جو تال ۽ ترنم آهي.

**8. لطيف جي انسان دوستي:** شاهه عبداللطيف انسان دوست شاعر شمار ٿئي ٿو. سندس ڪلام ڏيهه ٽوٽي پرڏيهه پڙهندڙن وٽ اهو ثابت ڪيو آهي، ته هن شاعر جي شاعريءَ ۾ انسانن لاءِ محبت ۽ پيار جا سبق آهن هو پرت چنڻ کان پلي ٿو. شاهه جي رسالي ۾ انسان ذات جي ڀلائي ۽ انسان ذات جي زندگيءَ سان لاڳاپيل هر ڳالهه تمام خوبصورت ۽ آسان نموني تمثيلن سان موجود آهي. خاص طور هو سنڌي قوم لاءِ هڪ وڏو نفسيات دان هو. تنهن ڪري ڪين پنهنجي ماحول مطابق وڙ سان هلڻ جو تاڪيد ڪيو اٿن. عورت جي عزت کي اهميت ڏيندي ڪيس پاڻ پرو ڏيکاريو اٿن. انسان شناسيءَ لاءِ انسان دوستيءَ واري اک ڏارڻ تي زور ڏيندي فرمائي ٿو ته:

سُرمون سُفيدِيءَ جو، جَڏهن پاتو جن،
تڏهن ڏِٺي تِنِ اچائي عالم جي.

شاهه جو رسالو انسان دوستيءَ جو سڏ آهي. انسان جون داخلي ۽

خارجي ڪيفيتون. فطرت جا اسرار، پاڻ کي سڃاڻڻ، ٻين جي لاءِ ڀلائي ڪرڻ، نفس اماره کي ضابطي ۾ آڻڻ ۽ ٻيا ڪيترائي نُڪتا آهن، جي سندس ڪلام ۾ واضح طور پسي سگهجن ٿا.

**9. شاعراڻيون خوبيون:** شاهه جي شاعريءَ جون شاعراڻيون خوبيون بي شمار آهن. جيڪي مٿي تفصيل طور ڄاڻايون ويون آهن، پر خاص طور شاعراڻي شعور جي حوالي سان ڪي خاصيتون اهڙيون آهن، جن جي سبب ڪري لطيف سائينءَ کان مٿانهون شاعر ٿي اڀريو سندس شاعري معنوي، ادبي ۽ لساني خوبين جو هڪ اونهو ساگر آهي. هن جو فن ۽ فڪر نه فقط سندس دور جون پر موجوده دور جون به سڀئي گهرجون پوريون ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿو. سندس شعر سنجيدو، سوادي ۽ سڪ ڀريو آهي. سندس منفرد شاعري اندروني مطلب جي لحاظ کان ڳوڙهين معنائن سان معمور آهي. جنهن ۾ آزادي، انسان دوستي ۽ وطن دوستيءَ جا اونچا تصور موجود آهن ۽ اهو سڀ هن سادگيءَ، سچائيءَ ۽ وڏي جذبي ۽ جوش سان بيان ڪيو آهي. ڪيتريون ئي تشبيهون، استعارا، تجنيسون، محاڪات، فصاحت، بلاغت، نزاڪت، اونهائي، رنگينيون ۽ رعنائيون سندن شاعريءَ ۾ ملن ٿيون. ڪو اهڙو مضمون ۽ موضوع ڪونهي، جو سندس شاعريءَ ۾ نه آيو هجي. سندس فڪر جو پرواز اعليٰ درجي جو آهي. هن وٽ هر خيال جديد ۽ نئون آهي. جدت جي انهيءَ انفراديت سندس ڪلام کي ٻين شاعرن کان ممتاز رکيو آهي. ان کان سواءِ موسيقيت ۽ غنائيت جي اثر انگيزي لاجواب ۽ ٻوليءَ جو استعمال وسعت وارو آهي. هڪ لحاظ کان شاهه جو رسالو سنڌي ٻوليءَ جو هڪ ضخيم انسائيڪلوپيڊيا آهي. جنهن جي دلڪشي ۽ سهڻائي اڄ صدين کانپوءِ به قائم آهي.

**10. نيڪ نيتي ۽ بزرگيءَ جا ڪمال:** لطيف سائين هڪ نيڪ نيت بزرگ شخص هو. جنهن جي قول ۽ فعل ۾ هڪجهڙائي هئي سندس سڄي حياتي هڪ کليو ڪتاب آهي. جيڪو به احوال ميسر ٿي سگهيو آهي، ان مان معلوم ٿئي ٿو ته شاهه

لطيف جهڙو هو پاڻ عظمت وارو اهڙي ئي سندس شاعري آهي ۽ ائين ئي سندس پيغام عظيم، آفاقي ۽ ڪائناتي آهي، هو پاڻ سڄيءَ دنيا لاءِ دعاڳو آهي ته اڄ سندس دَرَ تي ڪيترائي سوالي دعائون گهري ڪيس ياد ڪري رهيا آهن ۽ الله در ٻاڏائي رهيا آهن ته ”يا رب! هن نيڪ بزرگ جي نيڪين صدقي اسان جون مشڪلون معاف ڪر“ ۽ سندن عرض اگهجن پيا. شاهه جي رسالي جي مقبول ٿيڻ ۽ قائم دائم رهڻ جو اهو به هڪ سبب آهي ته هيءَ شاعري دل سان ۽ نيڪ نيتيءَ سان سرجيل آهي ۽ چڱائي هميشه قائم رهندي آهي، نيڪين کي وڏو درجو حاصل آهي ۽ اهي دلين جا درجا آهن جيڪي وڌندڙ ۽ قائم دائم رهندڙ آهن. هيءَ متي مانائتي ۽ شانائتي آهي ۽ شاهه جي نگري شاد ۽ آباد رهندي محققن ۽ پارکن وٽ شاهه جي شاعريءَ جا نوان نوان گوشا روز نمودار ٿيندا ۽ لطيف شناسي وڌندي ۽ ويجهندي رهندي (انشاءَ الله تعاليٰ)

# الا! جُنگ جِيئَن

الا! جُنگ جِيئَن، جَنِين اَجهي گهارِيان،
شالَ مَ سُڪي وِيرِي، جِئان پِي پِيَنِ،
مَرَڪَڻُ اَڪِرِيَنِ، تو ڏِني مون سُکُ ٿئي.
(بلاول_3_2)

شاهه عبداللطيف ڀٽائي انساني اعليٰ قدرن جي ترجماني ڪندي زندگيءَ جي هر ان رويي کي همٿايو آهي، جنهن سان انسان ذات کي فائدو پهچي. هو انهن سخي جوانن جي حياتيءَ جو طالبو آهي. جن جي آسري حياتي گهارجي. شل اهي وِيٽريون يعني نديون کُهيون بہ آباد هجن جن مان ايندڙ ويندڙ پاڻي پي اُڃ اجهائين. اهي مَرَڪَڻا مرد فخر لائق آهن جن کي ڏٺي اکيون ٺرن، هو سچن سخين کي ميٺا ٿو ڏٺي. ڪيس چڱيءَ پر جاڻ هئي تہ سخاوت جو جذبو ايمان جي نشاني آهي ۽ سخين کي ڏٺيءَ سگوري بي حد پسند ڪيو آهي. فرمايل آهي تہ "اِنَ الله جَوادُ يُحِبُ الجَواد" ترجمو "بيشڪ خدا پاڪ سخي آهي ۽ سخين کي پسند ڪندڙ آهي." سخاوت اعليٰ انساني خوبي ۽ خدائي صفت آهي. هيءُ اُتم جذبو پيغمبرن، نبين ۽ ولين ڪانسواءِ ڪجهہ سچن ۽ نيڪ انسانن جو ورثو آهي. ڏاتار تہ ڏيندڙ آهي. اُن ۽ گهرندڙ جي وچ ۾ وسيلو فقط اها "گهرج" آهي. جيڪا گهرندڙ گهري ٿو. ڏاتار تہ چاهي ٿو تہ ڪانئس گهريو وڃي، پر جڏهن بندو ڪيس چڏي سگهڻ درن جو سوالي ٿو ٿئي، تڏهن هو پاڻان ڏک ٿو ڪري، شاهه صاحب فرمائي ٿو تہ:

ڏاتارَ ڏُکَ ڪيا، پاڻان مٿي مَگَڻين،
"مُون دَرِ ڇڏيو، مَگڻا! مَگين، ڪوهہ پيا،
تَڏهِن تو پِئا، وِچان وِلها ڏِينهڙا".
(سر پرڀاتي، 1_13)

خالي ڏينهن انهن کي ٿي نصيب ٿيندا جي ڏاتار کي ڇڏي دَرِ دَرِ پنندا. سخاوت ۾ انسانيت جي سونهن سمايل آهي. جاني يا مالي طور ڪنهن بہ انسان جي لاءِ بغير غرض جي ڪم اچڻ ۽ بي ريا خدمت ڪرڻ بہ سخاوت

آهي. بنا ڪنهن اجوري جي ٻين کي علم عطا ڪرڻ بہ سخاوت آهي، ڪوهہ کوٽائڻ، وڻ پوکائڻ، خدا پاڪ جي ڏنل رزق مان ٻين کي کارائڻ، مدد ڪرڻ، مطلب خلق خدائيءَ جي هر طرح هڙئون ۽ وڙئون ڪم اچڻ سخاوت جا درجا آهن. انهيءَ ڪري شاهہ صاحب اِن اڻ ملهہ جذبي کي پنهنجي شاعريءَ وسيلي ميجتا ڏيندي بُخل کي ناپسند ڪيو آهي.

"الا جنگ جِيئَن" مان شاهہ سائينءَ جي مراد تمام وڏي ڄمار آهي، ڪيترائي سال، سوين سال يعني شل سندن ڄمار کُٽي ئي نہ ۽ سندن نہ کٽندڙ حياتي ئي هن ڌرتيءَ جي مخلوق جي خوشي، سڪون ۽ آسائش آهي. اهڙا سخي اُن کوهہ جيان آهن جو سخت گرميءَ ۾ اڃايلن جي اُڃ پنهنجي ٿڌي ۽ مٺي پاڻيءَ سان ٿو اُجهائي اهڙي کوهي جيڪا واٽهڙن لاءِ خدائي نعمت ۽ رحمت آهي، سا شل ڪڏهن بہ نہ سُڪي ائين ئي سخي مرد پنهنجي ڪٽنب لاءِ، قبيلي لاءِ ۽ سڄيءَ قوم لاءِ ڪارائتا آهن ۽ شل ڏٽي پاڪ منجهن برڪت وجهي ۽ سندس اها ئي دُعا آهي تہ اهڙن جُنگ جوانن جي سخاوتن سان سنڌ جي سرزمين سُکي ۽ ستابي هجي. پٽ ڏٽيءَ ڪيترن هنڌن تي سنڌ جي سخي ڏاتارن کي مانُ ڏنو آهي. جادم جکرو تہ سندس نظر ۾ سخاوت جو صاحب هو. ڄڻ سنڌ جو حاتم هو. سمن جي هن سرتاج کي تہ هو مخاطب ئي ٿيئي ٿو نہ، "سماتو سر چٽ، نات پاڳارا پُرس ٻيا". شاهہ لطيف جي نظر ۾ سرداريءَ جي قابل ۽ پڳ جي قابل فقط سمو سخي سردار آهي ڪيس ئي پڳ سونهي، سمي جهڙو ڪو ٻيو ڪونهي فرمائي ٿو تہ:

جَـڪـرو جَـس کَـرو، ٻـيـا سـڀ اَنِـيـرا،
جـئـائـيـن جُـڙيـو جَـڪـرو، تـئـائـيـن نَـہ ٻِـيـا،
مِـتـي تـنـهـن مـاڳـا، اَصـلُ هُـئـي ايـتَـرِي.

(سر بلاول، 2_4)

لس ٻيلي جي حاڪم سپڙ سخيءَ کي شاهہ سائين ڏٽيءَ سڱوري سان تمثيل تو ڏئي. ڏٽي اهڙو سخي آهي جو وٽس ڪوبہ حساب ڪتاب ڪونهي تہ ڪير ڪيترو ٿو لهي؟ سپڙ سخيءَ مڱڻهار کي سئو گهوڙا انعام ۾ ڏيئي ڇڏيا، سندس هاڪ ماڳين مشهور هئي. پٽ ڏٽي ڪيس شاندار نموني

مجتا ڏيندي چوي ٿو ته:

ذات نه آهي ذات تي، جو وَهي سو لهي،
آريُون اَپوجهن جُون، سپڙ جامُ سَهي،
جو راءِ وَٽِ راتِ رهي، تنهن جُڪي تان نَه ٿيئي.

(پرياتي. 1_10)

ابڙو سردار سخاوت جو سائين ۽ واعدي جو سچو هو ۽ سخين جي اها هڪ اضافي خوبي آهي ته هو واعدو وفا ڪندا آهن. سو هُن به واعدي مطابق هندوستاني لشڪر سان منهن مقابل ٿي سومرين جي حفاظت ۾ سر قربان ڪيو. عزتن جي حفاظت، سنڌ جي حفاظت ۽ واعدي وفائيءَ تي سر ڏيڻ وارا اهي تاريخي مثال آهن. جن کي شاهه صاحب امر ڪري بيان ڪيو آهي.

سَرِٽِيَنَ جي سُڪَ لئه، سامَ ڪنئي سَردارَ،
جي آيون ابڙي جي آڏارَ، سي سُونگ نه ڏِينديُون سُومريون.

(سر بلاول، 1_14)

راجا راءِ ڏياچ ڪانياواڙ جي چوڙا سما خاندان جي ڇهين بادشاهه 1103ع کانپوءِ گرنار تي حڪومت ڪئي. هن سخي سردار وڏي اُتساهه سان سر ڪلهن تان ڪوري بيجل کي ڏيندي اهو چيو ته، ”تون انيراءِ سان منهنجي سِرَ جو وچن ڪري آيو آهين. متان بيجل پنهنجي واعدي ۾ ڪوجهو ٿئين، هي هڪ سر ته ڇا پر جي ڪروڙين سِرَ هجن ته به تنهنجيءَ تند تنوار ۽ واعدي اڳيان ڪجهه ناهن“.

مَٿي اُتي مُنهنجي، جي ڪوڙين هُون ڪپارَ،
ته واريو واريو وڍيان، سِسيءَ کي سَو وارَ،
ته پُڻ تَندُ تنوارَ، مُونهان مَتانهون مَگَڻا.

(سر سورٺ، 3_14)

راءِ ڏياچ جهڙي سخيءَ کي بيجل آزمايو. سخين لاءِ سوال موٽائڻ مهڻو آهي، هُو سِرِ ڏيندڙ سوال تي به پريشان نٿو ٿيئي، پر وريو وريو ڪيس چوي ٿو ته ”جي ڪم اچيئي ڪپار ته ويهه ڀيرا وڍي ڏيئين“ ۽ ڪيس اهو به ڏک آهي ته جيڪڏهن بيجل ڪانئس ڪا اهڙي شيءِ گهري ها، جا وٽس نه هجي ها ۽ هو نه ڏيئي سگهي ها، ته ڏاتارن تي هميشه لاءِ ٽِڪو اچي وڃي ها. شاهه صاحب سندس زباني اهو هن ريت ٿو سُڻائي،

سوجيءَ مگڻهار مَ هوءِ، جنهن تو مَٿي سِر سَنو ڪِيو،
جو مُون مُل مُور نہ سَپَجي، تان جي سو ڳِهريوءِ،
تہ جُڳان جُڳ ڏِنوءِ، ڏُنگو ڏاتارِن ڪي
(سورٺ 3ـ8)

راءِ ڏياچ انهيءَ تي خوش آهي تہ ٻيجل ڪانئس سِر گهريو ۽ هِن خسيس ڪنڌ کي تہ ڪرت ۾ هٽي مان هميشہ لاءِ سخين ۽ ڏاتارن جي قطار ۾ مانائتو ٿيندس، پر جيڪڏهن ان ڪان بہ وڌ ڪا شيءِ اهڙي گهري ها، جا مون راجا جي بہ وَس ۾ نہ هجي ها ۽ آئون ناڪار ڪيان ها تہ هميشہ لاءِ سخين کي ٽڪو اچي وڃي ها. ڪيڏي نہ سهڻي فلاسافي آهي؟ سخاوت جي آزمائش ۾ پورو لهڻ ۽ واعدو وفا ڪري اطمينان محسوس ڪرڻ ۽ شاهہ صاحب جو ان کي اهڙي شان سان بيان ڪرڻ.

سمن جي دور جي وڪيئي ڏاتار جي ڳالهہ ڪندا آهن تہ سندس در تان ڪڏهن بہ سوالي خالي نہ موٽيو. ڪيس آزمائڻ لاءِ لاکي جي چوڻ تي سُمنگ چارڻ ڪانئس ٻي مُنڊائتا پيرون گهريا. هو ڏڪرجي ويو جو پيرون جي مُند ڪونہ هئي ۽ چارڻ کي موٽائڻ سندس لاءِ مهڻو هو. پر سندس مينهن ماڻڪي الائي ڪٿان پيرون جو ڇڳو ڪٽي آئي جو وڪيي سمنگ کي ڏنو پر ڪيس سندس ڪُمندائتي سوال تي ڏک ضرور ٿيو ۽ پاراتو ڏيندي چيائين تہ:

ڪُمند ۾ اهڙا گهرين، تون ڏاتارن ڪان ڏان،
وت چارڻ ڪوڙهيا، وڪيئي ڏنئي ڏان.

متين ڳالهہ مشهور آهي ۽ اهو بہ چون ٿا تہ سخي وڪيئي جي ايئن چوڻ سان چارڻ کي ڪوڙهہ جي بيماري ٿي پيئي جيڪو پوءِ وڪيئي جي دعا سان ٺيڪ ٿيو پر سندس نرڙتي ٽڪو قائم رهيو. سخين کي آزمائڻ نہ کپي. هو وڏيءَ دل وارا هوندا آهن. پاڻ کي تڪليف ڏيئي ٻئي جي ڪم اچڻ ئي سندن ريت ۽ روايت آهي. اهڙا ئي سچار بي خوف هجن ٿا، جن جي لاءِ قرآن پاڪ ۾ آهي، ”لا خوف عليهم ولا هم يحزنون“ (سورة البقره) رسول پاڪ جن سخاوت کي گهڻو پسند ڪندا هئا ۽ پاڻ ڪڏهن بہ ڪنهن سائل کي خالي هٿ ڪونہ موٽايائون. هڪ دفعي جنگ ۾ وٽن بني طئي قبيلي جا ماڻهو جنگي قيدي ٿي آيا انهن ۾ حاتم طائيءَ جي ڌيءَ هئي. جڏهن اُها سامهون پيش ٿي تہ چيائين،

"يا رسول الله! منهنجو والد غريبن ۽ مسڪينن جي پر گهور لهندو هو ۽ ڪين ڪاڏو ڪارائيندو هو". پاڻ فرمايائون ته "بيشڪ اهي مؤمنن جون خوبيون آهن تون سخيءَ جي ڌيءَ آهين ۽ هاڻي آزاد آهين." ۽ سندس ياءُ ڪي به پاڻ سڀني آزاد ڪيو. جنهن تي سڄو بني طئي جو قبيلو مسلمان ٿي ويو.

مطلب ته سخاوت هڪ اعليٰ اخلاقي قدر آهي. جنهن کان اڄ جي دور ۾ اسين بلڪل وانجهيل آهيون. اسين اڄ اعليٰ تعليم حاصل ڪريون ٿا ۽ اعليٰ عهدا حاصل ڪرڻ، اعليٰ اسٽيٽس واري حياتي گذارڻ جا جتن ڪرڻ ۾ پورا آهيون. پر اهو نٿا سوچيون ته زندگي نڪر جي ٿانوَ مثل آهي. اسان اڄ آهيون صبح نه هونداسين. چو نه اهڙا ڪم ڪري وڃون. جنهن سان ڪنهن کي ڪو فائدو رسي. ڪو اهڙو قائم رهندڙ چڱو ڪم ڪري وڃون جنهن سان انسانيت کي ڪا اُپيل اچي. سخاوت اخلاقن کي سونهن ڏئي ٿي. محبت کي چڪي ٿي، بخل ۽ بغض کان بچائي ٿي. هڪ اهڙي عمدي اخلاقي خصلت آهي جا ماڻهوءَ جي شرافت، بزرگيءَ ۽ بلنديءَ جو باعث بڻبي آهي. جنهن سان ماڻهو ماڻهن ۾ محبوب ۽ محمود آهي. ڪن ستن ۽ سچن جي صدقي ئي هن سنسار ۾ سونهن ۽ سنائي پيدا ٿيندي رهندي آهي.

شاهه صاحب هڪ آدرشي انسان هو هن ڪامل بزرگ جي حياتيءَ جو بيان پڙهڻ سان خبر پوي ٿي ته سندس طبع نيڪ نيت ۽ چڱين خاصيتن واري هئي انهيءَ ڪري هن پنهنجي ڪلام وسيلي نيڪين جي پرچار ڪئي آهي ۽ نيڪين کي ساراهيو آهي فرمائي ٿو ته:

جَڪِرا جيين شـالَ، تُنهنجو ڪَنين مَدومَ سُـڻان،
جِـيـئـن تـو اَچـي، ڪـالَ، نـالائِـقَ نَـوازِيـا.

(سر بلاول، 2_2)

# پيهي جان پاڻَ ۾ ڪِيَمِ رُوحَ رهاڻِ

پيهي جان پاڻَ ۾، ڪِيَم رُوحَ رهاڻِ،
تـہ نَڪو ڏُونگرُ ڏيهـَ ۾، نَڪا ڪيچِين ڪاڻِ،
پُنهون ٿِيَس پاڻِ، سَسُئي تان سُور هئا.
(سسئي آبري، 2ـ5)

حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ موجب طريقت جي راهہ تي هلندڙ سالڪ جي مشڪل تڏهن آسان ٿي پوي ٿي. جڏهن ڪيس معلوم ٿي ٿو وڃي تہ رب تعاليٰ جو جلوو سندس پنهنجي اندر ۾ ئي موجود آهي. مٿئين بيت موجب تہ جڏهن مون پنهنجي اندر ۾ جهاتي پاتي ۽ پنهنجو پاڻ سان روح رهاڻ ڪئي، تان ئي خبر پيم تہ نڪو ڪو جبل آهي ۽ نہ ئي مون کي ڪا ڪيچين جي غرض آهي، جيسين سسئي هيس (پاڻ کي الڳ ٿي ڀانيم) تيسين تہ وڇوڙي مون کي نهوڙي ڇڏيو هو پر جڏهن پنهنجو وجود وڃايم، تڏهن پاڻ ئي پنهون ٿي پيس. حقيقت ۾ شاهہ صاحب قرآن پاڪ جي حوالي موجب ئي اها وضاحت ڪري ٿو تہ "ڏٺي سڱورو تہ انسان کي ساهہ جي رڳن کان بہ ويجهو آهي". ۽ هن آدم کي پنهنجي صورت موجب خلقيو آهي. ڪيس دل سان خالق تسليم ڪرڻ ۽ دل ۾ آيل ٻيائيءَ کي شڪست ڏيڻ لاءِ بندي جي سچي ڳولها ۽ جستجو تڏهن صاب پوندي جڏهن ڪيس هر شيءِ ۾ ڏٺي ڏسڻ ۾ ايندو جيئن "مَا رَاَيۡتُ شَيۡئًا اِلاَّ وَ رَاَيۡتُ اللّٰهَ" يعني ڪا اهڙي شيءِ نہ ڏٺم جنهن ۾ مالڪ جو جلوو ۽ جمال نہ ڏٺم. شاهہ صاحب وٽ يقين جي قوت جي اهميت ۽ ٻيائيءَ کان بچاءُ جو حڪم هن ريت پڙ آهي. سر آسا ۾ فرمائين ٿا تہ:

"آئون" سين اَنَ پار، ڪَڏهن تان ڪو نَـہ ٿيو،
"اِنَّ اللّٰهَ وِترُ يحُبُ الِوترِ"، نيئي ٻيـائِيءَ پـارِ،
هيڪڙائي وٽ هـارِ، هنجون جي، "هُئڻ" جون.
(آسا، 2-1)

سسئي کي بہ اهي ئي نصيحتون ۽ هدايتون ڏيندي سمجهائين ٿا تہ **"سوئي ڪٽيو ساڻ، سوئي ڏورئينءِ سسئي"، "وڃين ڇو وٽڪار هٿ نہ ڳولهين هوت کي" يا "پنڌ مَ ڪر پهاڙ ڏي وجود ئي وٽڪار"** مطلب تہ هيڪڙائيءَ کي دل

سان تسليم ڪرڻ ڪانپوءِ، سڀ پرم ۽ وسوسا جڏهن انساني دل ۽ دماغ مان نڪري ٿا وڃن ۽ هڪوار خوديءَ کي ترڪ ڪري، هو محبوب کي ويجهو ٿو ٿئي، تڏهن ئي ڪيس سچو سک سري ٿو پوءِ وٽس دنيا جي هر شيءِ هيچ آهي. سچل سائين بہ ساڳي ئي صدا ٿو هڻي:

پُنهون پُنهون ٿي ڪريان، آئون پڻ پُنهون پاڻ،
اديون تِيَس اُجاڻ، جو ڪِينَ پروڙيم پاڻ کي.

(سچل سرمست)

صوفي بزرگن، نيڪن ۽ ولين هميشہ ڪان اندر کي اجارڻ، پرکڻ ۽ پروڙڻ تي زور ڀريو آهي. وٽن زندگيءَ جو رستو طريقت مان ئي روحانيت جي اعليٰ منزلن ڏانهن وڃي ٿو. پر سچي سفر ۾ يقين جي قوت، ٻيائيءَ جي ٻڪ کان بچائي ٿي. اها ئي اصل طاقت آهي، هن عظيم طاقت سان ماڻهو پاڻپي مان نڪري، خدا شناسيءَ ڏي مڙي، پوءِ ئي اعليٰ اسرار پروڙي ٿو. "اپنشد" ۾ آهي تہ:

"Self knowing is God knowing"

خود شناسي ئي انساني زندگيءَ جو حاصل ۽ معراج آهي، جنهن سان هو اندر سان اوري، پنهنجي محاسبي سان نيڪيءَ ڏي مڙي ٿو. هن رستي ۾ اسان جو من ئي اسان جو سڄڻ آهي تہ اهو ئي اسان جو دشمن آهي. من جيڪڏهن مثبت آهي تہ سنئين رستي تي مڙي ٿو تہ پوءِ نيڪ ارادا ۽ عزم سفر کي آسان ڪن ٿا. پر جيڪڏهن انساني من يا اندر تي خوف خطرا يا ڀئو ۽ گمان غالب ٿي ٿا پون، تہ پوءِ هو چنتائن جي وس ٿي مقصدن کان هٽي ٿو وڃي. انهيءَ ڪري پنهنجو پاڻ ۾ پيهي، پاڻ کي ڪمزور ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ جتن ڪرڻ کپن. مَنَ کي ڳولهي ڦولهي، ماري مچائي، پنهنجي وس ڪرڻ لاءِ مايا ۽ ڪايا جي موهہ مان نڪري، اندر جي اکين سان پسي خوديءَ کي رستي مان هٽائڻ جي قوت پيدا ڪرڻي آهي.

من جي طاقت ماڻهوءَ جو مڪمل وشواس ۽ دنيا جي وڏي ۾ وڏي طاقت آهي، جيڪا عبادتن، رياضتن ۽ همتن سان پيدا ٿئي ٿي، جنهن سان پهاڙن کي سوري سگهجي ٿو تہ پٿرن کي تاري سگهجي ٿو. سچي ۽ نيڪ نيتيءَ جي بندگيءَ کي جڏهن ڪماليت جو دامن نصيب ٿئي ٿو تہ نہ فقط اها

بندگي ڪيترين پريشانين مان ڪڍي ڪيس صحيح دڳ تي لائي ٿي پر تڏهن محبوب ۽ محب جي وچ وارو پردو هٽي، طلبيندڙ جو اندر آئينو ٿي ٿو وڃي ۽ ڪيس يقين ٿو اچي وڃي تہ **"دوست جو ديرو تہ دل ۾ آهي"**، اهو ئي رستو طالب ۽ مطلوب جي وچ ۾ اڻ ٽٽندڙ ڳنڍ آهي.

**هوتُ تُنهنجي هنجَ ۾، پُڇين ڪوھ پرياڻ؟**
**"وَنَحنُ اقربُ اِليہِ مِنۡ حَبۡلِ الۡوَرِيۡدۡ"، تنهنجو تو نهين ساڻ،**
**پنهنجو آهي پاڻ، آڏو عجيب ڪي.**

(5_13، سسئي آبري)

شاھ صاحب طالب ۽ مطلوب جي وچ جي پردي ۽ اٽڪ جي سببن کي هن ريت کولي بيان ڪيو آهي.

**پاڻُ مَ ڪڄُ پاڻَ سين، وَسيلا وِسارِ،**
**لُڙُ لنگهائي، سُوهَٽي! پرتِ وِجهندَڙي پارِ،**
**سي تُرتُ لنگهنديُون تارِ، اُڪندَ اَڳهہ جَنِ سين.**

(1_26، سهڻي)

هتي "پاڻ" مان مراد خود کي "عقل ڪل" ۽ ڏاهو سمجهڻ ۽ پنهنجن وسيلن، سمجهہ ۽ عقل تي پروسو رکڻ جي آهي. شاھ سائين اهڙيءَ ڏاهپ کي ننديو آهي. فرمائين ٿا تہ:

**الا! ڏاهي مَ ٿيان، ڏاهيون ڏُکَ ڏِسَنِ،**
**مون سين مُون پِريَنِ، پورائيءَ ۾ پالَ ڪِيا.**

(2_6، ليلا چنيسر)

ڏاهپ ئي تہ غلطين جو گهر آهي جنهن ۾ وسيلن جو اعتبار ۽ سمجهہ جو هٺ شامل آهي. شيخ اياز شاھ سائينءَ جي فڪري نظريي جي پرچار ڪندي، ڏاهپ جي فلاسافيءَ لاءِ چوي ٿو تہ:

**پورائيءَ ۾ پالَ ڪِيا تو، ڏاهپَ سارا ڏنبَ،**
**اندرِ ٻاهرِ تون ئي آهين، ڪوهيان ٿو مان ڪَنبَ.**

(شيخ اياز)

عقل ۽ ڏاهپ سان جيڪو شيطاني هٺ ٿو نصيب ٿئي، اهو ئي محبوب کان دوري آهي جو وصال جي واٽ بہ وڃائي ٿو. اها انا ۽ خودي وسيلن

جي وچ ۾ وڏي رڪاوٽ آهي. سالڪ کي گهرجي تہ اهڙن وسلين کي وٺ نہ سمجهي بلڪ وسيلي لاءِ ڏٺيءَ در طالبو رهي.

شاهہ صاحب مومل جي واتان اها مام هن ريت سمجهائي آهي:

مُون گهر اچِي جي ٿئي، مَينڌرو مِهماڻُ،
آڻي جهوڪيان آگ ۾، جيري وجهان جاڻُ،
تاڻي تَنُورنِ ۾، ڀيري هٽان ياڻ.
پيڪن، سوڏو پاڻ، گهر تڙُ گهوريان پرَ تان.

(سر مومل راڻو، 6ـ13)

جيئن تہ هيءَ دنيا نفساني خواهشن جو ڪن آهي، جنهن ۾ ڦاسڻ ۽ ڦٽڪڻ کانپوءِ پاڻ بچائڻ نهايت مشڪل آهي. هتي تہ "پيو جو پاتار سو ڪيئن پسڻ ڪان پالهو رهي" وانگر آهي، پر وري بہ اهو "پرو" يا رستو پالڻهار سيڪاريندو اهو ئي اسان جي ارادن جي قوتن کي مضبوطي ڏيئي اڪاري پار ڪندو هو راهہ ۾ رَسي، وسيلو ٿي ۽ پاڻ ئي پليلن جو رهبر ٿيندو صرف اسان جي سچي سڪ مشروط آهي.

هيڪَرَ هُئڻُ چَڏِ، تَہ اوڏِي ٿِيين عَجِيبَ کي.

(سسئي آبري، 5ـ11)

جڏهن سڀ وهم ۽ گمان ترڙي ڪيڍي ٿا ڇڏجن ۽ انهن جي هٽڻ کانپوءِ سچي سالڪ لاءِ ڪثرت وحدت ٿي وڃي ٿي، تڏهن عقل ۽ عرفان ڪا حيثيت نٿا رکن ۽ ڪل جهان ۾ فقط پرينءَ جو جلوو پسڻ ۾ اچي ٿو.

مُنهن مِحرابُ پرينءَ جو، جامِعُ سَڀ جِهانُ،
اُڏامي اُتِ ويو، عقل ۽ عِرفانُ،
سَيوئي سُبحانُ، ڪاڏي وڃي نيتيان.

(رامڪلي، 5ـ5)

# سَڙِيا مَٿي سَچَ

پُري پتنگ آئيا، مِڙيا مٿي مَچَ،
اوڏا تيا آڳِ ڪي، سَڙِيا مٿي سَچَ،
سندا ڳچِيُن ڳچَ، ويچارن وِڃائيا.

(سر يمن ڪلياڻ، 3_13)

عالمي ۽ آفاقي شاعر حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو ڪلام قدسي نصيحت نامو ۽ انسانيت لاءِ هدايت نامو ته آهي ئي آهي، پر سندس شاعريءَ ۾ جيڪي سچائيءَ ۽ شعوري سجاڳيءَ جا سڏ آهن، تن جو نعم البدل ڪٿي به ڳولهيو نه ملندو. هو روشن ضميريءَ واري وات ڏي راغب ڪري ٿو. هو هڪ باضمير مرد مجاهد هو جنهن هن ڌرتيءَ واسين لاءِ سچ جي سُوات ڪي نه فقط پسند ڪيو پر پنهنجي شاعريءَ ۾ انهيءَ کي وڏي وسيع معنيٰ ۽ مفهوم ۾ استعمال ڪيو ته جيئن ڪائنات شناسي، خوشناسي ۽ روحاني ترقيءَ جا رستا کلن. هُن پنهنجو مؤقف عام تائين اثرائتو پهچائڻ لاءِ علامتي انداز اختيار ڪيو. لطيف سائين سچائيءَ کي ئي سماج جي بقا ۽ بچاءُ جو ذريعو ٿو ڄاڻائي سندس موجب ته، ڪوڙ ڪپت، ٺڳي، جهالت ۽ اونداهي آهي، سچ سوجهرو ۽ پاڪ ضمير جو سڏ آهي. شاهه لطيف جي ساهه سان ساندڻ جهڙن سچن بيتن سان من ۾ سجاڳيءَ جون لهرون ٿيون اٿن هو سچ مٿي ساهه ڏيڻ وارن کي اَملُهه ٿو ڄاڻي. مَچَ مٿي مڙڻ جو سڏ ٿو ڏئي. منصور جو اناالحق جو نعرو ۽ سوريءَ سيج چڙهڻ، سقراط جو زهر جو پيالو پي سچ کي امر ڪرڻ، امام حسين عليه السلام جو سچ ۽ حق تي ساهه ڏيڻ ۽ ٻيا ڪيترا ئي واقعا آهن، جن تاريخ ۾ ثابت ڪيو ته حق تي ساهه صدقو ڪرڻ وارا قومن ۽ ملڪن جي تقدير تبديل ڪن ٿا. ڄُڱن ڪان سچائي انساني سماج جي هڪ مانائتي خاصيت رهي آهي. اها مڃيل حقيقت آهي ته حق جو رستو مونجهاري، فساد ۽ برائيءَ ڪان ته هميشه پري هجي ٿو پر سماج ۾ ڪوڙ ڪپت ۽ باطل سبب وڌندڙ برائين کي ٻنجو ڏيئي هڪ صحتمند، ترقي يافته، آزاد ۽ بااختيار سماج

ڪي قائم ڪرڻ ۾ مدد ڪري ٿو. شاهه صاحب فرمائي ٿو ته:

پتنگ چانيين پاڻَ کي، ته اَچي آڳ اُجهاءِ،
پَچڻَ گهڻا پَچايا، تُون پَچڻَ کي پَچاءِ،
واقفُ تِني وِساءِ، آڳ نه ڏِجي عامَ کي.

(يمن ڪلياڻ، 3_10)

سچائيءَ جي رستي تي پلي تنهنجي جان وڃي ۽ جيڪڏهن تون حق جو علمبردار ڪوناٿين ٿو ته اجا به هڪ درجو اڳتي وڌ. پنهنجي عمل ۾ اخلاص ۽ نيڪ نيتيءَ سان گڏ همت ۽ قربانيءَ جو جذبو وڌائي ۽ ايترو اڳتي اچ جو سچو عاشق ٿي ساهه وڃائڻ کان گريز نه ڪر. سچ کي نه سڃاڻن وارن منافقن کان پري ٿي ڪوڙن قدرن خلاف بغاوت ڪر. سچ ۽ ڪوڙ هڪ ئي تصوير جا به رخ آهن. سچ سهڻو آهي ته ڪوڙ ڪوجهو سچ عزت آهي ته ڪوڙ بي عزتي ۽ ذلت، ڪوڙ ڪمزوريءَ ۽ ڪانئريءَ سان گڏ هڪ اهڙو منو زهر آهي، جنهن سان انيڪ اخلاقي خرابيون جنم وٺن ٿيون. هن سنسار جي سڄي سونهن فقط ۽ فقط سچ کي قائم ڪرڻ ۾ لڪيل آهي. پٺ ڏٺي ته انهن کان به پاسو ڪرڻ لاءِ ٿو چوي، جيڪي هن اَڻَ مُلهه وِٿ کي نٿا سڃاڻن ۽ بي قدرا آهن.

جي نه سڃاڻن سچ کي، ويهه مَ تنين وٽِ،
امُلهه کي اَڏَ ڪَري، پاڻان هَڻَندا پَٽِ،
وڃي مهَر تِنِي وَٽِ مَتِ، جي پارَکو پارِسَ جا.

(سريراڳ، 3_12)

سچائي دنيا جي قيمتي ترين شيءِ آهي. جنهن به هن دنيا ۾ سچ ۽ چڱائيءَ کي نه سڃاتو تنهن جڻ ڪجهه نه پاتو. سچائي حقيقت ۾ ضمير جو آواز ۽ من ۾ مفتي ويهاري اندر جو حساب ڪتاب ڪرڻ آهي، سچائي حقيقت شناسي، سونهن ۽ انصاف ته آهي پر سچائي وڏي ايماني قوت ۽ قلبي قرار سان گڏ اخلاقي گڻن جو سرتاج ۽ انسانيت جو اهم ترين سرمايو آهي، هڪ اهڙو سوجهرو آهي، جنهن جو قدر فقط انهن جوهرين وٽ آهي جي انهيءَ پارس جا پارکو آهن. ڪوڙ کي فنا پر سچ کي دائمي بقا آهي سچ لاءِ سوري سيج ۽ سُج وسندي آهي. بس قدردان ئي قدر ڪن.

اَمُلهه آچِ مَ اُن کي، جي نه پَر وِڙن مَٿِ،

جِتِ گَڏُ جيئي جوهري، ماڻڪ تَتَهين هَٿِ،
جَنين سُون سين سَٿ، تن هٽي ريءَ رَدِ ڪيو.

(سريراڳ، 3_7)

مٿئين بيت پڙهڻ سان لڳي ٿو ڄڻ لاڪيڻي لطيف دريا کي ڪوزي ۾ بند ڪيو آهي. فرمائي ٿو تہ، جنين کي ڪا خبر ئي ڪونهي، ڪا پروڙ ڪونهي، ڪو قدر ئي ڪونهي انهن کي اَمُلهہ آڇڻ وڏي غلطي آهي، متان اها خطا ڪرين، سچا جوهري ملنيئي پوءِ ئي ماڻڪ آڇج. باقي جن جي ڪسوٽي ئي صحيح ڪانهي جن جو اهو واپار ئي ڪونهي اهي تنهنجي ماڻڪن کي موٽائيندا. پٽ ڏٽي چاٽائي ٿو تہ هن نفسانفسيءَ واري دور ۾ اشرافن، سچن ۽ حقيقت شناسن جو قدر ئي ڪونهي. ڪين زماني جي ناقدري ڏک تي ڏئي. هو تنبيهون ٿا ڪن تہ پارکوءِ وينجهار ويا هاٽي تہ حالتون اهڙيون ٿي ويون آهن جو ڪِٽ پيو ڪُتجي. فرمائي ٿو تہ:

ويا سي وينجهار، هيرو لعلِ وَنڊين جي،
تنين سندا پوئيان، سِيهي لَهنِ نہ سارَ،
ڪُتين ڪٽ لوهار، هاٽي اُنين پيٽِيين.

شاهہ لطيف هڪ باعمل ۽ سچاڻ انسان هو هُن وٽ سچاڳيءَ ۽ ضمير جي سچائيءَ جو وڏو درجو هو ۽ سندس نظر ۾ جيستائين حق ۽ سچ لاءِ سر جي سٽ نہ ڏبي، جدوجهدون نہ ڪبيون، اڳتي نہ وڌبو تيستائين سماج ۾ تبديلي ناممڪن آهي. سچ جا هميشہ رستا روڪيا ويندا آهن. حسين بن منصور حلاج جي شهادت لاءِ چيائين تہ "همہ منصور هزار، ڪهڙا چاڙهئو چاڙهين". مخدوم بلاول جو گهاڻي ۾ پيڙهجڻ، شاهہ عنايت جي شهادت ۽ ٻين تاريخي واقعن جي ڪين مڪمل چاڻ هئي انهيءَ ڪري اهڙن عاشقن جن لاءِ سوري سيج ۽ مرڻ مشاهدو هو تن جي وڃڻ جا ڪين ارمان هئا هي سچاڻ مفڪر واقف هو تہ سماج ۾ سک، شانتي، امن ۽ انصاف تڏهن قائم ٿيندا جڏهن سيني کي برابريءَ وارا حق ملندا. هن سنڌي سماج جي اڳيان سندن ئي ٻوليءَ ۾، عوامي لهجي ۾، لوڪ داستانن جي تمثيلن ۾، ثقافت ۽ تهذيب جي بيان ۾، سماج جي پيڙهيل، ڪمزور ۽ هيٺن ڪردارن جي زبان ۾، سچ ۽ سندرتا جا سبق ڏنا آهن.

سندس ڪلام سنڌي سماج جي سماجي، معاشي ۽ سياسي حالتن جو آئينو آهي. جنهن ۾ هن سخا، سورهيائي، سچائي، شعوري سجاڳي، جدوجهد ۽ آزاديءَ جي اپٽار ڪئي آهي. منافقي، غلامي، ڪوڙ ڪوجهائي، ڪپت، نااميدي، مذهبي تفرقي بازي، بيوسائي، بي حسي، محتاجي ۽ غاصبيت کان پليو آهي. اجتماعيت سان قومي پڌيءَ واري جيون جيئڻ جو گس ڏنو آهي. جنهن ۾ نيڪ اُمنگون، آسائشون، پڏيون، محبتون ۽ ميٺ هجن. فرمائي ٿو ته:

وَڳَر ڪيو وتن پِرتِ نہ ڇِنَنِ پاڻَ ۾،
پَسو پَکِيئڙَن ماڻهِنئان ميٺ گهُڻو.

(ڏهر، 4_5)

# نِيرُ منهنجي نينهن اُجاري اڇو ڪيو

سَــڪر ســي ئي ڏينهن، جي مُون گهاريا بَندَ ۾،
وَســايَـم وَڏڦـڙا، مَـتـي مـاڙيـن مـيـنـهـن،
واجهـاڻيس وِصـال ڪيِ، تِيس تِهوارُون تيئن،
نِـيرُ مـنـهـنـجي نِـيـنـهـن، اُجـاري اَڇـو ڪِـيـو.

(سر مارئي، 11ـ8)

شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ غم جو فلسفو ٻين شاعرن کان منفرد ۽ مختلف آهي. هو سورن ۽ سوز جي ڳالهه وڏي دانائيءَ سان ٿو ڪري. وٽس درد ۽ سور جي فلسفي جي منزلن جو معيار ئي نرالو آهي. سندس ڪيترائي سُر انهيءَ درد جي منزل تي آڏاريل آهن. سُر ڪلياڻ، سُر يمن ڪلياڻ، سسئيءَ جا پنجئي سُر، سسئي آبري، معذوري، ديسي، ڪوهياري ۽ خاص طور حسيني. سُر ڪيڏارو، ڪاهوڙي ۽ مارئيءَ جا انيڪ بيت اها شاهدي ٿا ڏين ته ڏکن سان انساني سيرت تي گهڙجي ۽ ڏک ئي آهن جيڪي ڪيس ابدي خوشي عطا ڪن ٿا. ڏٺو وڃي ته ڏک ۽ سک زندگيءَ جا ٻه اهم رخ آهن، جيڪي هڪ ٻئي جي ابتڙ هوندي به حياتيءَ ۾ هر ڪنهن سان گڏ گڏ آهن. ڏکن ۽ ڏولاون، صبر ۽ تڪليف کان پوءِ مليل خوشيءَ بعد سک بي معنيٰ تي ويندو آهي ۽ لڳندو آهي ته ڄڻ اهي ڏک نعمت هئا جن سان محبوب مهربان ٿيو ۽ هُن قرب سان ڪوني پنهنجو ڪيو آهي.

مارئيءَ جي واتان شاهه لطيف چورائي ٿو ته "اهي ڏينهن سنا هئا جيڪي مون بَندَ ۾ ڪٽيا. منهنجي اکين مان وڏڦڙي مينهن جيئن لڙڪ لڙيا پئي ۽ جيئن جيئن وصال لاءِ واجهايم پئي تيئن تيئن پرزا پرزا ٿيندي ويس منهنجي انهيءَ محبت قيد جي زنجيرن ڪي به ڏوئي پوئي اڇو ڪري ڇڏيو".

ڏک انساني روح کي مادي زنجيرن مان آجو ٿو ڪري ۽ جڏهن سندس اندر محبوب جو نوراني جلوو ٿو پسي ۽ سندس دل نور سان منور ٿي ٿيئي تڏهن ئي ڪيس سچو سک ٿو سري. ڏکن جي اندروني لذت جو احساس سندس اندر کي اجاري ٿو ڇڏي ۽ محبوب جي پنهنجي ڪرڻ سان سندس

رياضتن، محنتن ۽ جداين جا سڀ سور ختم ٿي ٿا وڃن. ڏٺيءَ جي وصال لاءِ روئندڙ اکيون انهن نفساني خواهشن جي زنجيرن کي پورا پورا ڪري ٽيون چڏين ۽ اهي ڏکن جا ڏينهن امر ٿي ٿا وڃن. سندس نظر ۾ ته.

اَڳهي اَڳهائِي، رَنجُ پرِيان ڪي رَسيو،
چَڪَيم چڱائِي، سورانگهي سُوريءَ تان.

(ڪلياڻ-2-1)

شاهه لطيف هڪ دردمند دل رکندڙ دانشور هو. سندس احساس واري دل درد ۽ غم جي عظيم عڪاس آهي. هن سماج ۾ ٿيندڙ ظلمن جي پيڙاءُ کي پنهنجي اندر ۾ اوتي عام تائين آندو. پاڻ پنهنجي ماڻهن کي سندن ئي سورن معرفت سڌو رستو سمجهايائين. هو سورن مان آجپي جا ڏَس ڏيڻ بجاءِ انهن کي جهوليءَ پائي جهلڻ جي تلقين پيو ڪري فرمائي ٿو ته:

اَچو تَہ سُورن وارِيُون ڪَيُون سُور پَچارِ،
ڪَنِين گهٽا ڪَنِين تورا، ڪانهي ڏُکن ڏارِ،
ڏِنا جي ڏاتارِ، سي مُون جهوليءَ پائي جَهليا.

شاهه صاحب پاڻ دنيا جي آزمائشن مان لنگهيو ۽ انهي جي حقيقتن ۽ نتيجن تي غور ڪيائين ۽ ڪيس دين جي بہ وڏي ڄاڻ هئي، ڪيس اها مڪمل خبر هئي تہ ڏک ئي آهن، جيڪي ابدي سک جو نشان آهن ۽ اهي ڏک ڏولاوا نبين ۽ اوليائن تي پڻ آيا. پر انهن تي همٿ ۽ صبر سان پورو لهڻ ئي انساني حياتيءَ جي معراج آهي. پاڻ پنهنجي مشاهدي جي ڏات سان ٻڌايو اٿن ته:

سُڪن ڪان شاباس، ڏَهہ ڏَهہ پيرا ڏُکن کي،
مُنجهي هوندَ مُياس، پر سورن ڪٽي سونهون ڪيو.

سورن کي سونهون بنائيندي هو چئي ٿو تہ سکن کان بہ وڌيڪ ڏک اَڻَ مُلهہ آهن جيڪي پرين در اگهجن ٿا. ڏنو وڃي تہ سکن تي تہ سڄڻ پڻ ساڙ ڪائيندا آهن ۽ ڏکن تي دشمن پڻ دل ۾ درد ۽ احساس رکن ٿا، ان ڪري سکن ۾ ڪڏهن بہ اُتاولو نہ ٿجي. جان ۽ جسم ۾ استقامت جو مادو صرف ڏکن سهڻ بعد ئي حاصل ٿيندو آهي. شاهه جي نظر ۾ عشق درد آهي ۽ درد ۾ روح جي لذت آهي ۽ اها ئي تن ۽ من جي دوا ۽ دارون آهي ۽ اها ئي سچي راحت آهي جا اندر جي خوشيءَ تي دارومدار رکي ٿي.

سڄؤ سُکن ڏيئي وَرهہ وِهايمَ هيڪڙو،
مون کي تنهن نِيئي، پيرِ ڏيکاريو پِرين جو.

مطلب تہ پٽ ڏٽيءَ وٽ پرين تائين پهچڻ جو رستو ڏکن جي پيچري کي پار ڪري پوڻ ئي اچي ٿو. شاهہ لطيف پنهنجي ڪردار سسئي کي سچي عشق جي تمثيل ڪري پيش ڪيو آهي. سکن کي تج ڪري هڪ عورت ذات ڏکن ۽ ڏولاون کي ترجيح ٿي ڏئي ۽ اهڙا ڏک، سور ۽ سوز جو ڪنهن مرد جي مجال نہ آهي تہ هٿ وجهي، جبلن جي لاهين چاڙهين ۽ مسلسل ڪشالن جي هن تاريخي داستان ۾ ڏک ئي ڏک آهن. مقصد پويان فنا جي مقام تي پهچڻ ۾ آفرين آهي هڪ عورت جي حوصلي ۽ همت کي، جا سرتين کي بہ پلي ٿي تہ هن اڙانگي سفر تي مون سان گڏ نہ اچو متان ڪَڪَ ٿي منهنجي پنهونءَ کي ڪو پاراتو ڏيئي وجهو ۽ اهو بہ چوي ٿي تہ:

سُکن واري سَڌَ، مَتان ڪا مُون سان ڪَري،
اَندرَ جَنِين اَڌَ، ڏوُنگر سي ڏورينديُون.

(سسئي آبري)

سسئيءَ جا سِيئي سر سچيءَ سڪ ۽ محبوب جي جدائيءَ جي ورلاپن جو بيان آهن.ڏونگرن کي ڏورڻ جي شڪتي انهن دِلين کي ئي نصيب ٿيندي، جيڪي اندر سڪ ۽ سوز ۾ وڍيل هوندا. جن کي پرينءَ جي پچار ۾ فرقت جو فيض ملندو سندن سورن ۾ سڪ جو سڳو سدائين تمنا ۽ تلاش ۾ رهي ٿو. سسئيءَ جبلن جي پنڌن پيچرن کان واقف ڪونہ هئي ۽ سندس سچيءَ سڪ ئي کيس اهو رستو ڏيکاريو هوءَ سِڪَ ۽ سوز ۾ پچي جڏهن راس ٿي، تڏهن فنا تي بقا ماڻيائين. سندس سورن کي مڃيندي شاهہ صاحب چوي ٿو تہ:

وِيٺي وَرَ نہ پُون، سُتي نَہ مِلنَ سُپرين،
جي مٿي رندن رُوَن، ساڃن مِلي تَن کي.

الاهي قرب جو بہ حقدار اهو ٿيندو جو سندس واٽ تي پاڻ کي ولوڙيندو. شاهہ صاحب وٽ سور، سوز ۽ درد جي ڳالهہ وڏي ولولي سان آهي. درد جو فلسفو تصوف جي حوالي سان هڪ تمام تفصيلي موضوع آهي. سنڌ جي صوفي شاعرن وٽ درد ۽ سوز جو ذڪر وڏي پئماني تي ملي ٿو ۽ شاهہ

صاحب انهي ۾ سوايو ڪردار ادا ڪيو آهي. هو سنئون سڌو سوز سان ئي چوي ٿو. جيئن هينئين بيت ڏسو ته ڪيئن نه ٻن سٽن ۾ سسئيءَ جي سڄيءَ حياتيءَ جو درد آميز نقشو ٿو چٽي.

سِــر جِي تـان سُــورَ، ســامـائِـي تـان سُــکَ ويـا،
اهـي ٻـيـئـي پُـورِ، مُـون نـمـاٽـيءَ نَـصـيـب ٿـيـا.

(حسيني 10_17)

۽ اهو به چوي ٿو ته:

سُـــورَن ســـانـدِيـاس، پُـورَن پَـالـي آهـيـان،
سُـــکَـن جـي سَـــيـد چَـئـي، پُـکـي نـه پـيـاس،
جـيـکـس آئـون هُـيـاس، گـري گـونـدر ول جـي.

(حسيني 10_16)

شاهه صاحب جي غم جي فلسفي لاءِ جيئن آئون مٿي ڄاڻائي آئي آهيان ته اهو غم جو فلسفو هُن وٽ بلڪل منفرد ۽ نرالو آهي، هو ڏکن کان پوءِ سکن کي به ترجيح نٿو ڏئي پر اندر پچي، ڏوپجي راس ٿيڻ کي مانائتو ٿو سمجهي، اهو ئي محب سان ميل آهي ۽ ان جو اعليٰ درجو اهو آهي ته **“پنهون ٿيس پاڻ، سسئيءَ تان سورهئا”، يا “وجود ئي وڻڪار”، “آريءَ جي آ هُڪُ مون رهنما راهه ٿيو” يا “ڪنهن پر روئان پرينءَ کي اندر ناهي اُسات”،** سندس اندر ۾ ڏک پيهي وڃڻ بعد هوءَ پنهنجي جان، جسم ۽ روح سميت ڏک جو هڪ اڻ ٽٽندڙ حصو آهي. سندس وجود جو سور سهڻ جو سفر ايترو ته عام کان مختلف آهي جو ڪيس فراق کان پوءِ وصال جي به تمنا نه آهي. جڏهن ته ڏکن جي شروعات ۾ هوءَ پاڻ کي پلي ٿي ته ڪانئس ڪهڙيون غلطيون ٿيون. ڪيس نياڳي ننڊ چو آئي؟ ڏاگهن، ڏيرن، ڏونگرن ڪيس چوايڏا ڏک ڏنا؟ قسمت ساڻس ائين ڇو ڪيو؟ هوءَ آيل ڏکن تي ڏونگرن کي ڏوراپا ٿي ڏي، پير پٿون ٿا ٿينس، تڏهن ڪانئن دِلاسا ٿي گهري پر جڏهن انهن سورن ۽ سختين ڪيس سوز، فراق ۽ عشق جي اُسات ۾ رچائي ريتو ڪيو تڏهن اهي سختيون ۽ سور ساڻس گڏ هوندي به بي حيثيت ٿي ويا. هوءَ پاڻ پنهون ٿي ويئي سندس طلب شانت ٿي ويئي اهو ئي غم جو فلسفو شاهه صاحب وٽ آهي. پٽ ڏٽيءَ وٽ ڏک سکن جي سونهن آهن جن جي سبب ئي محبوب ڪوني پنهنجو ٿو ڪري ۽

پنهنجي پياري محب جي ڏنل ڏکن کي ظاهر نه ڪونهي ڪرڻو اهي سور سيني سان لڳائيا، تڏهن ئي پرين پسبو فرمائي ٿو

جَن ڪي دَوُر دَرِدَ جو، سبق سور پڙهن،
فڪر قرهي هٿ ۾، ماٺ مطالعو ڪن،
پَنو سو پَڙهَن، جنهن ۾ پسن پرينءَ کي.

(يمن ڪلياڻ، 5_17)

جيڪي وري ورجائي سورن جو سبق پڙهن ٿا. اهي ئي پرين پسن ٿا. شاهه سائين توحيد جي عقيدي کي بنياد ڄاڻائيندي شرڪ کان بچڻ جي تنبيهه ڪئي آهي. سندس موجب غم ئي اتان شروع ٿيندو جتان بيائي شروع ٿيندي. صوفين جي چوڻ مطابق پنهنجي وجود کي حقيقي نه سمجهڻ گهرجي. حضرت جنيد بغداديءَ موجب ته، "صوفي پنهنجي ذات کان فاني ٿي الله تعاليٰ جي ذات ۾ گم ٿي بقا حاصل ڪندو آهي". ساڳيءَ ريت شاهه صاحب پڻ اهو ئي فنا جو فلسفو ڏنو آهي. سندن موجب ته، "پاڻ کي فنا ڪري حق جي ذات جو قرب حاصل ڪر ۽ وجود وسارڻ ئي محبوب حقيقيءَ جو وصال آهي" حقيقي عشق جي رستي جون تڪليفون، سختيون ۽ سورئي راحت جو موجب آهن. سپريان جي سور جو ذڪر ڪرڻ به نه جڳائي شاهه فرمائي ٿو ته،

جي تو سِڪڻ سِکيو ته ڪاتيءَ پئي مَ ڪَنجهہُ،
سُپريان جي سُورَ جو، ماڙهُن ڏِجي نه منجهہ،
اندر ايءَ اَهنجُ، سانڍِج سُڪائون ڪري.

(ڪلياڻ، 2_14)

نه فقط ذڪر ڪرڻ جڳائي پر اهو سور اندر ۾ سانڍڻو آهي ۽ ان اهنج ۾ پچي راس ٿيڻو آهي. نڪو ڪاتيءَ پئي ڪُنجهڻو ۽ ڪُرِ آهي ۽ نڪو ماڻهن کي منجهه ڏيڻو آهي، مطلب ته نِهائينءَ جيئن نِينهن کي پچائڻو آهي سارو ڏينهن سڙي به ٻاهر ٻاڦ ناهي ڪڍڻي، هن ڏٽيءَ در جڏهن اهو صبر جو درجو اگهجي ٿو، تڏهن ئي سڪوت سلام ٿئي ٿو. لطيف سائين فرمائي ٿو ته،

پَرَ ۾ پچيائُون، عِشقَ جي اسبابَ کي،
دارونُ هن درد جو ڏاڍو ڏَسيائُون،
آخِرُ وَالعصَر، جو ايهين اُتائُون،

تِنهان پوءِ آئُون، سِڪان تي سَلامَ ڪي.
(ڪلياڻ، 3_8)

سورة "والعصر" قران پاڪ جي 30 سيپاري جي 3 آيتن جي سورة آهي ۽ قرآن پاڪ جي ترتيب مطابق 103 نمبر سورة آهي، جنهن جو ترجمو آهي تہ، "زماني جو قسم تہ انسان نقصان ۾ آهي. پر اهي، جن الله تي ايمان آندو ۽ نيڪ عمل ڪيا ۽ حق جي تلقين ۽ صبر جو تاڪيد ڪندا رهيا". يعني صابرين نقصان کان بچيل آهي ۽ سچ ڳالهائيندڙ ۽ حق ۽ سچ جي مدد ڪندڙ ئي ڪامياب آهي.

شاهہ لطيف سوره والعصر جي آخر يعني "وتواصوبالصبر" جي تاڪيد کي دل سان ۽ سچي جذبي سان تسليم ڪرڻ جو حڪم ٿو ڏئي. عام طور تڪليفن ۾ ماڻهوءَ جي واويلا وڏي ويندي آهي. پر هيءُ غم جو فلسفو ڄاڻائي ٿو تہ غم جو هٿيار ئي صبر آهي، غم کي غم سان مارڻو آهي، غم جي اندر لهي وڃڻو آهي ۽ پنهنجو پاڻ کي انهيءَ جي حوالي ڪرڻو آهي، جنهن ڏنو آهي ۽ لاهيندو بہ اهو ئي ڏاتار، پلي ڪپي ڪوري پر اصل عاشق اَجَل سامهان هوندا. هو پوئتي نہ هٽندا.

پَاٻوهيو پُڇن، ڪِٿي هَٿِ حَبيبَ جو،
نيزي هِيٺان نِينهَن جي، پاسي پاڻُ نہ ڪَن،
عاشِق اَجل سامهان، اوُنچي ڳاٽ اَچن،
ڪُسڻ قرب جَن، مرَڻ تن مشاهدو!
(سر ڪلياڻ، 3_16)

# رَونديُون ڏٿيون مُون اِنَ دَرَ مٿي دادِليُون

چئي چنيسر جامَ سين، ليلا! لڪاءِ مَ تُون،
ايءُ ڪاند ڪنهن جو نہ ٿئي، نہ ڪامُون نہ تُون،
رُوندِيُون ڏِٺيُون مُون، اِن دَرَ مٿي دادليون.
(ليلا چنيسر، 2_18)

مٿيون بيت شاهہ صاحب جي سُر ليلا چنيسر جي داستان بئي ۾ ارڙهون نمبر بيت (رسالو شاهواڻي) آهي. سر ليلا چنيسر ۾ پڻ سُر ڪاموڏ جيان نياز ۽ نئڙت ڌارڻ جو سبق ڏنل آهي پر هن سُر ۾ خاص طور خطا ٿيڻ ۽ پوءِ جي شدت واري پڇتاءُ بعد مالڪ طرفان مهر جي نظر ٿيڻ جي موضوع کي بيان ڪيو ويو آهي. ليلا چنيسر جو تاريخي واقعو سنڌ جي ڪيترن سگهڙن ۽ شاعرن بيان ڪيو آهي پر لطيفي بيان جي ڳالهہ ئي نرالي آهي. شاهہ صاحب جو سچو ڪلام سڪ ۽ سوز، وندر ۽ ورونهن، سچائي ۽ سخاوت، تصوف ۽ وحدانيت، امن ۽ انسانيت جي ايثار آهي. سندس شاعري سونهن ۽ سچ جي نشانبر آهي سو هن واقعي کي بہ امر حيثيت ڏئي ڇڏي اٿس. انساني محبت ۽ نفسيات جي ڪيفيتن کي هن پنهنجي اعليٰ شاعراڻي شعور سان هڪ ماهر مصور جيان چٽيو آهي. ليلا جا ايلاز ۽ منٿون، چنيسر جو ڏيهان ڏيهہ ڌڪار، عشق ۽ محبت، درد ۽ فراق، رسڻ ۽ پرچڻ، ڪلڻ ۽ روئڻ جا سڀ منظر پڙهندڙن جي اکين اڳيان واضح ٿي اچي بيهن ٿا. چنيسر جو ليلا سان ايڏو اٿاهہ پيار ۽ ايتري چري چاهت جو ڪيس ڪا خبر ئي نہ پئي تہ ڇا پيو وهي واپري ۽ جڏهن ريساٽو راجا سجاڳ ٿو ٿئي تڏهن ليلا کي ڏهاڳ جو ڏنڊ ڏيندي دير ئي نٿو ڪري.

در حقيقت دنيا جي سمورن فسادن جي جڙ لالچ آهي. اها لالچ ئي آهي جا حضرت آدم ۽ بي بي حوا کي ان وڻ جي ويجهو وٺي ويئي جنهن جو کين اهو حڪم هو تہ "لاتقربا هذه الشجرة". "هن وڻ جي ويجها نہ وڃجو" پر دائمي حياتيءَ جي خواهش کائڻ اهو ڪم ڪرايو جو کين هميشہ لاءِ پنهنجي رب وٽ اهو نافرمانيءَ جو داغ ڪٽڻو پيو. اهڙيون خواهشون جن ۾ لالچ سمايل هجي هميشہ هيٺانهين درجي تي پهچائينديون آهن. جڏهن ڪا

خواهش شدت اختيار ڪري جنون جي حد تائين پهچي وڃي، تڏهن ان جو انجام هميشہ ناڪاري ئي ٿيندو آهي. ليلا هارَ تي هرڪجي، چنيسر جي چاهت ۾ ايترو تہ چري ٿي وئي، جو ڪيس اها خبر ئي ڪانہ پيئي تہ سندس اها انڌي لالچ ۾ انڌي محبت ڪانئس ڪانڌ قربان ڪرائيندي ۽ هيڏي وڏي هاڃي ڪيس پرزا پرزا ڪري ڇڏيو. هوءَ فقط ليلائيندي رهي. ڏنو وڃي تہ لالچ هميشہ خواهش مان جنم وٺندي آهي ۽ خواهش کي قابو رکڻ ۾ وڏو ڪم انسان جو نفس ئي ادا ڪري سگهي ٿو. جيڪڏهن هو نفس جي گهوڙي کي قابو رکي ۽ ضرورت ۽ خواهش ۾ فرق کي ڄاڻي تہ ڪڏهن بہ ساڙس اهي هاڃا نہ ٿين جن کان پوءِ پڇتاءُ سندس مقدر بڻجي. حضرت علي ڪرم الله وجهہ جو قول آهي تہ "زندگيءَ کي ضرورت تائين محدود رکو ۽ ضرورت فقيرن جي بہ پوري ٿيندي آهي ۽ خواهشون بادشاهن جون بہ رهجي وينديون آهن" ۽ اهو بہ فرمايو اٿن تہ "ڪوشش ڪريو تہ توهان دنيا ۾ رهو ۽ دنيا توهان ۾ نہ رهي، ڇو تہ ٻيڙي جڏهن پاڻيءَ تي رهندي آهي، تہ اها ترندي رهندي آهي ۽ جڏهن پاڻي ٻيڙيءَ ۾ اچي ويندو آهي تہ اها ٻڏي ويندي آهي".

خواهشون رکڻ عيب ڪونهي پر بي جا ۽ غلط خواهشون حياتيءَ جو سڪون وڃائينديون آهن ۽ پوءِ انسان کي بري ۽ ڀلي ۾ تميز نٿي رهي ۽ شين جي محبت جڏهن دل ۾ وسي ويندي آهي، تڏهن انهيءَ دل جو مالڪ اتان لڏي ويندو آهي، پوءِ فقط اميدن ۽ لاحاصل خواهشن کي ممڪنات ۾ بدلائڻ جا پَوَ هوندا آهن، سو ليلا پڻ لالچ ۽ نفساني خواهش سبب نافرمانيءَ جي مرتڪب ٿي. سچيءَ محبت جو جذبو پاڪ ۽ شفاف آهي جيئن ڏٽي سڳوري کي پنهنجي محبت ۾ شراڪت جو جذبو پسند ڪونهي هو سڀ ڪجهہ معاف ڪري ٿو پر شرڪ کي معاف نٿو ڪري، تيئن دنياوي طور پڻ محبت ۾ ٻيائي محبتين وٽ معافيءَ جوڳو عمل نہ آهي، سو شاهہ صاحب پڻ شرڪ ۽ ٻيائيءَ کان روڪي ٿو. ڪيس چڱيءَ پر خبر آهي تہ ڪانڌ کي وڏائي ۽ ڪبريائي پسند ڪونهي فرمائي ٿو تہ

چنيسر سين چاءُ، متان ڪا مُنڌ ڪري،
ڪانڌ ڪنهن جو نہ وٽي گيرَب ۽ گاءُ،
جي ٽِڙي ٽورڙياءِ تہ دوسِ ڏَسائي داسِڙو.
(ليلا چنيسر 3_2)

سچي محبت بي عيب آهي جا ليلا کي نصيب هئي پر هُن انهيءَ ۾ ٻيائي ڪئي سو سندس سٺائي سردار کي پسند نه پيئي پانيائين ته حيلوتي ڪريان هار پائي پاڻ کي وڏيڪ وٺائيندي، پر ان هارتي کيس هلڪو ڪيو. شاهه لطيف ليلا جي واتان سندس اهو ڏک هن ريت بيان ڪيو آهي فرمائي ٿو ته:

وڏيري هُياس، چنيسر جي رَاجَ ۾،
دُهلين دَمامِين، نقُرين تي پلپل پُڇياسِ،
هُيس دادِلي دوسنِ جي، کٽِي هارَ هَلڪِي ڪَياس،
تهان پوءِ تِياسِ، ڪانِيارِي ڪانڌَ جِي.

(ليلا چنيسر، 2_5)

ليلا جي واتان عيبن جا اعتراف آهن ۽ پڇتاءُ جي پيڙا آهي ڏنو وڃي ته آزي نيزاري ۽ التجا ٻانهي جو هٿيار هئڻ گهرجي، پاڻ پڏائڻ ۽ سينو ساهڻ شيطاني رستو آهي جنهن سان ڪئي ڪمائي ڪُٽ ٿي ٿي وڃي. ليلا ڪيڏي نه ماناڻي هئي؟ هاڻي کيس مڪمل احساس آهي ته اها وڏيرائپ نه سندس ذات هئي ۽ نه سندس ڏانءُ هو. اها ته فقط دوس داسڙي جي مهرباني هئي. سندس واتان پٽ ڏٺي ماضيءَ جا ڏک ٿو سارائي،

الا اڏاهي مَ ٿيان، ڏاهيُون ڏُک ڏسن،
مون سين مون پرين، پورائيءَ ۾ پال ڪيا.

(ليلا چنيسر، 2_6)

هتي ليلا، ڪريم جي ڪيل ڪرمن کي ياد ڪندي اهو مڃي ٿي ته مون خود کي "عقلِ ڪل" سمجهيو. عام طور ڏاهپ مان مراد عقل ۽ سمجهه جي ورتي ويندي آهي ۽ پورائي اهڃاڻ آهي بي عقليءَ جو پر هن بيت ۾ اها حيرت جهڙي ڳالهه آهي ته "ڏاهي مَ ٿيان" يعني "شل مون کي عقل ئي نه هجي" اهڙو گفتو شاهه صاحب پنهنجي هن سُورميءَ کان ڪيئن چورايو آهي؟ جڏهن ته عقل ۽ سمجهه ته خدائي نعمت ۽ هڪ وڏو عطيو آهي ۽ اهو اعليٰ عطيو ته پيغمبرن ۽ نيڪن جو ورثو آهي پوءِ ان کي چونِنديو ويو آهي؟ غور ڪرڻ سان واضح ٿئي ٿو ته هيءُ اهو عقل ۽ ڏاهپ ڪانهي جا پيغمبري سمجهه ۽ ڏاهپ آهي، بلڪ هيءَ ڏاهپ اها آهي جنهن ڪانپوءِ انسان پاڻ کي "عقلِ ڪل" ۽ خودمختيار سمجهندو آهي ۽ اتان ئي نفس جي گمراهي شروع ٿي وڃي ٿي ۽ جنهن ليلا کي ٻه چنيسر راجا جي دل تان لاٿو. هتي "پورائيءَ" مان مراد ها سادگي

۽ نهٺائي آهي، جنهن ۾ بندي جو عاجزيءَ سان محبوب کي مانائتو ڪرڻ ۽ پنهنجي "خودي" ۽ "پاڻ پٽي" کي ختم ڪرڻ آهي. مطلب ته پورائي بي عقلي هوندي به عقل آهي ۽ بي سمجهائي هوندي به سمجهه ۽ ڏاهپ آهي، جنهن ۾ ڪريم جا ڪروڙين ڪرم ٿين ٿا ۽ انهيءَ جي ابتڙ ڏاهپ ٿي اهو شيطاني فخر آهي، جيڪو هميشه لاءِ هيٺانهين تي لعنتي ڪرائي پهچائي ٿو ۽ انهيءَ ڪان پوءِ فقط ۽ فقط پڇتاءُ ۽ آزيون ۽ نيزاريون ٿيون بچن، سي به شل قبول پون. آزين ۽ نيزارين ڪان پوءِ ليلائڻ ۽ منٿن ڪان پوءِ به نڏر کي نوازڻ هُن غفار الذنوب جو ڪم آهي، جتي فقط ڪيرت ڪرڻي آهي ۽ رحمت مان مايوس به نه ٿيڻو آهي "لاتقنطو من رحمت الله" يعني الله تعاليٰ جي رحمت مان مايوس نه ٿيو. هُن مالڪ کي، دل جي صفائي گهرجي ۽ هو داسڙو ته دليون ٿو پرکي ان ڪري شاهه صاحب چوي ٿو ته:

جي ليلائي نَه لهين ته پُڻ ليلائج،
آسَرِمَ لاهيج، سڄڻ پاڄهيندڙ گهڻو.

(ليلا چنيسر 2_21)

شاهه صاحب جي هن سچي سُر ۾ اها هدايت آهي ته لالچ ڪان بچو هٺ، فخر ۽ غرور ڪان پاسو ڪيو. پنهنجي پاڻ ڪان ٿيل غلطين کي دل سان مڃي، پاند غريبيءَ گڏي، معافيءَ جا طالبو ٿيو ۽ سچيءَ دل جي اها معافي جنهن ۾ خوديءَ جو ڪوڙو پرم نه هجي ضرور قبول ٿيندي، سچيءَ محبت جو قدر ڪيو محبتن جا قدردارن ڪڏهن به ڏکيا ڪونه ٿيندا آهن. ليلا تي چنيسر جا وڏا وڙ وڏا قرب ۽ وڏيون عنايتون ۽ عطائون هيون. پر هڪ معمولي هيري تي هرڪجي هيڏي بي بها دل واري ناياب هيري کي هٿان وڃايائين سو پيار ئي دنيا جي اصل حقيقت آهي، سچي پيار جو قدر ڪرڻ ۽ ان جي پرک ڪرڻ لاءِ صاف ضمير ۽ خالص دل ئي ڪسوٽي آهي. اخلاص، نياز ۽ ٻانهپ جي ٻولي هر هڪ ماڻهوءَ جي دل جيتڻ جو هٿيار آهي ۽ ان سان ئي هن زمين تي محبتون ۽ دلين ۾ وسعتون پيدا ٿينديون رهنديون.

# سُلطاني سُهاڳ نِندوُن ڪَندي نہ مِلي

سُـــتا اُٿِـي جـاڳُ، نِـنـڊ نــہ ڪـجَـي ايـتَـري،
سُــلـطـانـي سُــهـاڳِ، نـنـڊوُنِ ڪَـنـدِي نــہ مَلي.

(سر ڏهر، 3_8)

شاهہ لطيف هڪ سڄاڻ ۽ سڄاڳ انسان هو سندس شاعري انهيءَ جي مڪمل گواهي پيئي ڏئي. هن پنهنجي سڄي شاعريءَ ۾ سنڌي سماج کي غفلت مان ڪيڏڻ جا ڏس ڏنا آهن. هو ڪم همتيءَ کي، بي صبريءَ کي، بي شڪريءَ کي، لاپرواهيءَ کي، بي سمجهائيءَ کي ديني ۽ دنياوي غلفتن کي ننڊ سڏي ٿو. سندس هڪڙوئي مقصد آهي تہ منهنجي قوم، منهنجا پنهنجا ماڻهو سکيا ستابا ۽ بي اونا هجن ۽ انهيءَ لاءِ هو حياتي گهارڻ جي مقرر مَتَن تي عمل ڪن. وقتي سک ۽ آرام ترڪ ڪري هميشہ لاءِ جا سک حاصل ڪن. "سلطاني سهاڳ" وٽس "مقصد جي حاصلات" آهي ۽ "ننڊ" انهيءَ مقصد کان غفلت آهي. ائين بہ نٿو چوي تہ بلڪل بي آرام هجو. "ننڊ تہ ڪجي ايتري" مان مراد آهي غافل تي سمهڻ اهو بہ چوي ٿو تہ:

ڪِـي سُــمـهہ، ڪِـي جـاڳِ، نِـنـڊَ نـہ ڪـجِـي ايـتَـرِي،
ايءُ مـانجهـانـديءَ جو مـاڳُ، جو تو ســاڻِيهہ پـائـيو.

(ڏهر، 3_9)

مطلب تہ لطيف سائين غفلت مان نڪرڻ لاءِ ڪيترن ئي مثالن ذريعي انسان کي همٿ، بهادري ۽ سڄاڳيءَ جا رستا ڏيکاريا آهن. هن جي شاعريءَ جو مڪمل واسطو سندس ڌرتيءَ ۽ ان ڌرتيءَ تي ڳالهائيندڙ ٻولي ۽ ڌرتيءَ واسين سان هو. سندس دور ۾ جيڪي سماجي حالتون هيون سي سياسي ابتريءَ واريون ۽ سماجي طور غير منظم هيون. طبقاتي فرق، جاگيرداري نظام ۽ پيري مريديءَ ڪانسواءِ عام ماڻهوءَ جي زندگي ڏکي ۽ بکي هئي ۽ سٽيءَ سنڌ تي ڌارين جون شورشون دنگل، فساد هوندائي هوندا هئا. ذات پات جا فرق ڏسي هُن هيٺن کي همٿايو. معاشي بدحاليون ڏسي سندس اندر ڏريو. هُن ڪين سون ورنن هٿن سان پورهئي لاءِ همٿايو پنهنجا حق جاگيردارن، زميندارن ۽ وڏيرن کان وٺڻ لاءِ ڪين

"اوچووهه اوپار" جون صلاحون ڏيئي هڪ نئين سنڌي سماج جي تشڪيل ڪرڻ چاهي. اهڙو سماج جنهن ۾ ننڍ ڪنڌڙ نياڳن ڪي اوپالا ملن. پاڻ جتي جيڪي "گهڙن سي چڙهن" ۽ "ويئلن تان واري وري" جا سبق ڏنائين اتي هن هارين نارين، مهاڻن، پيڙياتن، ڪنيارن، ناڪئن ۽ ويڙهيچن سان حال اوري پنهنجن کي مايوسيءَ جي کُن مان ڪيڻ لاءِ ڪين انسانيت جا، پيار ۽ محبت جا، سنئين رستي تي هلڻ جا، امن پسنديءَ جا ۽ حوصلي ۽ بهاديءَ جا سڏ ڏنا. سندس ڪلام اڻٿڪ محنت، جدوجهد ۽ ڪشالن ڪيڻ جهڙين هدايتن جو خزانو آهي، سر رامڪلي، سامونڊي، سسئي، سهڻي مطلب ته هر پاسي هن عظيم مقصدن خاطر جدوجهد جي جوت جرڪائي آهي. عورت ذات کي ڪمزور نه پر سورهيائيءَ جو سمبل ڪري پيش ڪيائين. سهڻيءَ جي لاءِ مهراڻ جون موجون، ڪُنن جا ڪڙڪا، درياءَ جي دهشت، سخت سياري جي رات ۾ ڪوبه خوف نه آهي. ڪيس پنهنجي سر جو سانگو لاهي مئي متي مهراڻ ۾ ٽپو ڏيڻو آهي ۽ موجن جي مستيءَ ۾ ڪاهي پوڻو آهي. سهڻيءَ جو گهڙو پڳو ته گهوريو شاهه موجب وسيلا وسارڻا آهن. پلي دنيا جا وسيلا تنگ ٿي وڃن، پر رب جي رحمت کان نه مايوس ٿيڻو آهي ۽ نه ئي غفلت ڪري پري هٽڻو آهي. همٿ ۽ جستجو انهيءَ غفلت کي ختم ڪرڻ سان ئي پيدا ٿينديون. پهرين پنهنجي نفس جي نفس ڪشي ڪري، ان گمراهيءَ جي کُن مان نڪري پوءِ ئي اڳيان وڌبو جنهن جو اهم حل غفلت کان بچاءُ آهي. مطلب هر وقت چوڪس ۽ سجاڳ رهڻو آهي. ان ڪري فرمائي ٿو ته:

جَڏهِن سُتيون جي پَترَ پيرَ ڍِگها ڪَري،
تڏهن تَنِين کي، ساٿَ سُتيئي ڇڏيو.
(ڪوهياري، 1_8)

لطيف جي هر بيت ۾ سجاڳيءَ جا سڏ ۽ همت جا هوڪا آهن. هو ويل کي هٿان نه وڃائڻ جو طالبو آهي، سندس سڄي شاعري ۽ سمورا ئي بيت اهو ئي بيان آهن ته سچائيءَ سان جدوجهد ڪريو. جستجو ڪريو باقي سستي، ڪاهلي، آرام پسندي، غفلت ۽ سنجهي سمهي رهڻ ناڪاميءَ جا دليل آهن. ڏاڍ خلاف جدوجهد، آزاديءَ جي امنگ، سامراجي قوتن خلاف جهاد، جهالت ۽ بي انصافيءَ خلاف واڪا، انتهاپسنديءَ کي نندڻ ۽ ظلم سان مهاڏو اٽڪائڻ لطيفي فڪر جا اهم متا آهن. هو وطن دوست شاعر پنهنجي هم

وطنن ڪي، مظلوم ڏرتيءَ واسين ڪي سجاڳ ڪندي چوي ٿو ته ننڊ توهان ڪي نهوڙي ويندي. سندس رسالي جو اهم ڪردار سسئي فقط ۽ فقط همٿ ۽ سجاڳيءَ جي تمثيل آهي، جا ويهڻ کي عيب ٿي ڄاڻي. هن جو حوصلو برداري، بهادري، جرئت جو جذبو جستجو جاري رکڻ جا جتن ڪيس اڳيان ۽ وڏيڪ اڳيان وڌڻ لاءِ هر ڪائين ٿا. سسئيءَ کي پنهنجي ننڊ ۽ غفلت تي پڇتاءُ پڻ آهي شاهه صاحب چوي ٿو ته:

سَـنجهي مُون نَـه سـنپاليو، ماريسَ سـورَ صـبوح،
نيڻَ هيرايئـِ ننـڊَ سِـين، جَتنَ لنگهـي جوءِ،
هـاجـو ڪـري هُـوءِ، آڏيءَ راتِ اُٿـي ويـا.
(ديسي، 4_10)

سسئيءَ کي جيڪي تڪليفون پيش اچن ٿيون. انهن تي سندس دل ڪڙهي ٿي پر هوءَ سيني مسئلن جو سبب پنهنجي غفلت ٿي ڄاڻي ننڊ ڪانئس وقت وڃائي ڇڏيو هاڻي هوءَ آهي ۽ سندس سچو سفر سورن جو ته به عزم ۽ ارادي جي پختگيءَ سان چوي ٿي ته،

ڪِـنـدا مُـون پـيـرَنِ ۾، تـوـٽـي لَـڪَ لڳـن،
آڱِـر، آڱُـوٺـي نـه مِـڙي، ڇِـپُـون پـيـرَ ڇِـنَـنِ،
وِيـنـدي ڏانهن پِرين، جُتي جـاتِ نـه پـائيـان.
(معذوري، 3_10)

سسئي سج کي، چنڊ کي، ڪتين کي، جبلن کي، هوائن کي، مروئن کي، ائن کي، ڏيرن کي، پنهون کي، ڏوهه ڏيندي به سپ ڪان گهٽو پاڻ کي ڏوهاري ٿي سمجهي ته ڪيس غفلت ڇو ٿي؟ پٽ ڏٽي ڪيس هنڌ هنڌ اهي فهمائشون ڪيون آهن. فرمائي ٿو ته:

اِي ڪَمُ ڪمِيـٽِـيَـن، جيئَن سـمهن پير ڊگها ڪري،
لـوچِـيـن چـو نَـه، لـطـيـف چـي، هـاريٰ لـئـي هـوتـن،
نـنـدان نِـيـاڳـن ڪـي، اويـالا اَچَـن،
سـي پُنهون ڪُوهَـه پُـڇن، جي سَـنجهي رَهن سُـمِهي.
(ڪوهياري، 1_10)

بين به ڪيترن ئي هنڌن تي سندس غلفت کي پليواٽن ۽ گڏوگڏ سندس همٿ حوصلي کي وڏي مجتا به ڏني اٿن. انسان ته غفلت جو گهر آهي ان ڪان غلطيون ضرور ٿيون ٿين. پر اصل ڳالهه آهي ان مان سبق سکڻ جي، شاهه لطيف

اسان کي اهي سبق سمجهايا آهن. هُن ڄاڻايو آهي ته انساني عظمت هماليه جيڏين همتن ۾ آدرشن کي پنهنجو ڪرڻ ۾ آهي. اسان کي گهرجي ته لطيف سائينءَ کي پنهنجو روحاني، اخلاقي، ايماني ۾ ذهني رهبر ڄاڻون. سندس هِڪ هِڪ سُر مان هِڪ هِڪ داستان مان ۾ هر داستان جي هر بيت جي هِڪ هِڪ سٽ مان ڄاڻ پرايون علم ۾ عمل جي هن درياهه مان سُرڪيون پري لطيف جي هاڪاري سوچ Positivity کي پنهنجو ڪريون. اڄ جيڪڏهن سنڌي سماج جي هر گهر جو هر هڪ فرد پنهنجو پاڻ ۾ ترِ جيتري به منفي سوچ نه رکي ۾ هاڪاري جذبن ۾ عملن کي پکيڙي ته اسين هڪ بهتر سماج کي اڏڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا سين. شرط فقط اهو آهي ته لطيفي فڪر کي عام ڪريون ۾ ان آدرش جي پيروي ڪريون. اها ئي سنڌي قوم جي ترقيءَ جي روشن راهه آهي.

# شاهہ لطيف جو پيغام

سنڌ جي سونهن ۽ سوڀيا ڪي وڏاڻ ۽ سنڌي ٻوليءَ کي جيارڻ ۾ سنڌ جي صوفين ۽ شاعرن جو وڏو هٿ آهي. انهي سڀني صوفين ۽ باڪمال بزرگن ۾ شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو ڪردار سوايو آهي، شاهہ لطيف هڪ آدرشي انسان هو ۽ هُن پنهنجي شاعريءَ معرفت انسان ذات کي آدرشي جيون جيئڻ جا گس ڏسيا آهن. سندس شاعري هڪ مڪمل رسالي جي صورت ۾ اڄ اسان وٽ محفوظ آهي، جنهن کي "شاهہ جو رسالو" سڏيو وڃي ٿو "رسالو" لفظ "رسل" مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، "پيغام" شاهہ صاحب پنهنجي شاعريءَ وسيلي اسان کي ڪهڙو پيغام ڏنو آهي؟ ڇا اسان سندس ڏنل پيغام کي پروڙي ان تي عمل ڪيو آهي؟ ۽ اهو ئي هِن دور ۾ غور جو مقام آهي.

شاهہ لطيف فقط شاعر نہ هو بلڪ هُو سنڌ جو هڪ عظيم مفڪر ۽ دانشور هو جنهن جي دل ۾ هن ڌرتيءَ جو درد سمايل هو. ڪيس سنڌ جي ذري ذري سان محبت هئي، انهيءَ ئي ڪري هُن ڌرتيءَ واسين کي محبت ۽ ڀائيچاري جا سبق ڏنا. سندس شاعري سنڌ ۽ سنڌي قوم لاءِ نہ، پر پوريءَ دنيا لاءِ جدوجهد، امن ۽ سجاڳيءَ جو سڏ آهي. فرمائي ٿو تہ:

> سائينم! سدائين ڪرين مٿي سنڌ سُڪار،
> دوس! مٺا دِلدارَ عَالم سَڀ آبادِ ڪرين.
>
> (سارنگ 4_12)

پوري عالم لاءِ دعاڳو هن عظيم انسان جو پيغام محبت آهي، هن چاڻايو آهي تہ دوست جو ديرو دِل ۾ آهي ۽ هر ماڻهوءَ کي پنهنجي مَنَ مان ڪِتِ ڪڍي ان کي ڌوئي صاف ۽ پاڪ ڪري پوءِ اڳيان وڌڻو آهي، محبت جي آفاقي جذبي سان ٿمتار دل ئي انسانيت آهي، دل جي صفائيءَ لاءِ شاهہ لطيف پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪيترائي نصيحت ڀريا نڪتا ڏسيا آهن. پنهنجي پاڻ جي حساب ڪتاب تي زور ڏنو آهي، انساني اصلاح لاءِ سندس هي سٽون ئي ڪافي آهن.

جان پيهي ڏتم پاڻ ۾، ڪري رُوحَ رهاڻ،
تہ نڪو ڏونگر ڏيهہ ۾، نڪا ڪيچين ڪاڻ،
پنهون ٿيس پاڻ سَسُئي تان سور هُئا.

(سسئي آبري 3_7)

انسان اشرف المخلوقات جي لازوال رتبي جو روادار تڏهن ٿي سگهي ٿو جڏهن سندس خيال ۽ عمل ٻين انسانن لاءِ بہ فائديمند هجن. لطيف سائين فرمائي ٿو تہ:

هو چونيئي تون ۾ چئو، واتان ورائي.

شاهہ لطيف صبر، سخاوت، سچ ۽ ماٺ کي پسند ڪندي، همٿ ۽ بهادريءَ جا سبق ڏنا آهن. اخوت ۽ پيار جا پيغام پيش ڪيا آهن.

هُو ابوبن آدهم جيان الله جي بندن کي پيار ڪرڻ جو قائل آهي، پوريءَ انسانيت جو ڀلو چاهيندڙ آهي، ڪين ٻڌيءَ ۾ محبت جو سبق ڏيندي چوي ٿو تہ:

وَڳر ڪيو وَتَنِ پرتِ، نہ ڇنَنِ پاڻ ۾،
پَسو پَکيئڙن ماڻهِنئان مِيٺ گهڻُو.

(ڏهر 4_5)

لطيف جي شاعري روايتي شاعري نہ آهي، سندس سڄاڻپ ئي اها آهي تہ هُو مختلف ۽ انفرادي سوچ جو شاعر آهي، هُن جو ڪائناتي مطالعو مشاهدو، وسيع النظري، ڪشاده دِلي، اوچي سوچ، شاعريءَ جي گهرائي، ڪماليت جي وسعتن تي آهي. تنگ نظري، مفاد پرستي ۽ منافقت تي چوٽ ڇَنديندي هو فقط ۽ فقط پيار جا پيغام ٿو سڻائي. انهيءَ پريت جي پرچار سبب ئي تہ هو انسانيت جو علمبردار پيامبر سڏيو ويو آهي. لطيف جو فن ۽ فڪر **"محبت پائي من ۾ رنڍن روڙڻ جو"** آهي. **"چائت پائي چتَ ۾ سنهي ڪتڻ"** کي پسند نٿو ڪري، وٽس دل جو درجو اُتم آهي، ڪيس اها چڱيءَ پر پروڙهئي تہ سنڌ ڌرتيءَ کي امن، محبت ۽ رواداريءَ جي ضرورت آهي، جڏهن انتهاپسنديون ۽ دهشتگرديون ديرو ٿيون ڄمائين، تڏهن **"سنڌ مٿي سُڪار"** لاءِ سندس پُڪار سنڌ واسين کي سڏي ٿي. پر اهو علم هوندي بہ اسين عمل کان وانجهيل آهيون ۽ اڄ جيڪي غير يقيني

حالتون اسان جي آس پاس موجود آهن. انهيءَ جو سبب اهو ئي آهي تہ اڄا اسان لطيف جي پيغام کي صحيح پروڙيو نہ آهي ۽ جي ٿورو گهڻو سمجهيو آهي تہ عمل نہ هئڻ برابر آهي ۽ بي عمل ۽ بي تحرڪ زندگي تہ ظاهر آهي بيڪار ئي آهي. جڏهن اسان وٽ زندگي گذارڻ جو سولو ۽ آسان دستاويز شاهہ جي رسالي جي صورت ۾ موجود آهي تہ پوءِ ڇو ٺٺا ڏيان ڏريون؟ ۽ سندس ڏنل پيغام کي اندر ۾ اوتي عمل ڪيون؟ اهو وڏي فڪر جو مقام آهي شاهہ جي فن ۽ فڪر جو اونهو اڀياس ئي آهي جو سنڌ واسين جي حياتيءَ کي سنئين دڳ تي لائي سگهي ٿو.

شاهہ جو رسالو پڙهڻ، پروڙڻ ۽ ان کي عام ڪرڻ جي شروعات پنهنجي پنهنجي گهرن، اسڪولن، ڪاليجن، يونيورسٽين، مڪتبن، مدرسن، محفلن، سيمينارن، شادين غمين ۽ ٻين هر موقعن ۽ هنڌن تي ڪريون. هر محفل جي شروعات شاهہ صاحب جي بيت ۽ سمجهاڻيءَ سان ڪريون. ميڊيا معرفت شاهہ جو پيغام عام ڪريون. سندس مثبت سوچ کي جڏهن سنڌي سماج چڱيءَ پر سمجهي ويندو. تڏهن ئي سنڌي قوم ۾ هڪ وڏي تبديلي ايندي لطيف جو پيغام انسانيت آهي. سندس رسالو حقيقي رهبر ۽ سونهون آهي. ۽ ان جي سمجهڻ سان نئين نسل ۾ انسانيت جو واسو پيدا ٿيندو تہ لطيف شناسي منجهن پيار ۽ محبت جا اڻ ملهہ جذبا وکيريندي. هو هر دور جو ڪيميا گر شاعر آهي. سندس پيغام هر دور لاءِ محبت ۽ فقط محبت آهي.

# شاهه جي شاعريءَ ۾ سجاڳيءَ جو سڏ

گذريل ٽن چئن صدين دوران سنڌ جيڪڏهن ڪو وڏو ماڻهو پيدا ڪيو آهي ته اهو فقط ۽ فقط "شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح" آهي. جنهن جي پنهنجي حياتيءَ جو احوال ۽ سندس شاعريءَ جو رسالو مڪمل طور اهو ڄاڻائي ٿو ته شاهه لطيف خود هڪ سمجهو سجاڳ ۽ سُڄاڻ شخص هو ۽ هن پنهنجي قوم ۽ ڌرتيءَ واسين کي پڻ اهو ئي سُجاڳيءَ جو سڏ ڏنو آهي. شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ ڪو به بيت ڪابه وائي اهڙِي نه ملندي جنهن ۾ مايوسي، بي همتي ۽ حياتيءَ کان بيزاري ملي.

اڄ جي دؤر ۾ ماڻهن جا وسيلا وڌيڪ هوندي به انهن جا حال هيٺا ۽ سور ٻيٽا آهن. جسماني ۽ ذهني بيمارين کين نهوڙي وڌيڪ مسئلن جي اونهي غار ڏي ڌِڪي رهيون آهن. انهيءَ ڪري هر دور جيان هن دور ۾ پڻ فقط شاهه جو رسالو ئي آهي، جنهن کي پڙهڻ ۽ پروڙڻ سان مَن ۾ مثبت خيال ۽ سوچون اڀنديون آهن. دل خدا ڏي راغب ٿيندي ۽ حياتيءَ کي صحيح گهارڻ لاءِ همٿ ۽ قوت ايندي آهي. شاهه صاحب واحد شاعر آهي، جنهن پنهنجي شاعريءَ ۾ انساني حياتيءَ جي اڻ مُلهه قدرن کي وڌيڪ اهميت ڏني آهي. سندس ڪلام انساني حياتيءَ جو مڪمل اڀياس آهي. هو پنهنجي پيارن کي بار بار سمجهائي ٿو ته "**غافل غفلت ڇوڙ**"، "**سلطاني سهاڳ ننڊون ڪنَدي نه ملي**"، "**جن وڃايو حال، حيف تنين جي حال تي**"، يا "**ننڊ نه ڪجي ناڪئا**" هو ڄاڻائي ٿو ته زندگي چرپر ۽ سُجاڳيءَ جو نالو آهي. هلڻ ۾ سوڀ آهي ته ويهڻ ۾ هار آهي. ماڻڪ موتي انهن کي ملندا جيڪي سمنڊ سيويندا.

سمنڊ جي سيوين، تنين ماڻڪ ميڙيا،
چلڙ جي چُوئين، تن سانئوٽا ۽ سپون.

شاهه جو رسالو سُجاڳي ۽ سچائيءَ جي عالمي پڌرنامو آهي. جنهن ۾ جهالت ۽ ڪوڙ جي خلاف ڪيترائي روشن سج چمڪندي ۽ چلڪندي نظر پيا اچن. شاهه لطيف انسان جي منزل مقصود ڏانهن وڌڻ جو پهريون ڏاڪو

سُجاڳي ڀڏايو آهي ۽ اهو پڻ ڀڏايو آهي جڏهن جاڳ ٿيندي تہ اهڙو وَکر حاصل ٿيندو جيڪو هميشہ ڪم ايندو ۽ ڪڏهن بہ ضايع نہ ٿيندو.

فرمائي ٿو تہ:

**وَ کر سوو وِهاءِ جو پئي پراٽو نہ ٿيئي.**

شاهہ لطيف ان ڪهڙي وَکر ڏانهن اشارو ڪيو آهي؟ جيڪو پئي پراٽو نہ ٿيندو تہ اهو وَکر آهي، وطن دوستي، انسان دوستي، عوام دوستي اهو وَکر آهي غلاميءَ کان نفرت، آزاديءَ سان پيار، ڏاڍ آڏو نہ جُهڪڻ، اصولن تي اَٽل ٿي بيهڻ، مقصد لاءِ لڳاتار پاڻ پتوڙڻ، سچ جو ساٿاري بڻجڻ، اهو وَکر آهي نيڪيءَ جي ڳولها، بديءَ کان بُڇان، اهو وَکر آهي جهالت جي پاڙ پٽڻ ۽ علم کي عام ڪرڻ. انهيءَ جي لاءِ هن پنهنجي سڄي شاعريءَ ۾ محبت ۽ پيار جو لازوال سبق ڏيندي ماڻهوءَ جي مَنَ کي محنت لاءِ اُتساهيو آهي. سندس اهو ئي چوڻ آهي تہ ننڊ نياڳ آهي ۽ سلطاني سهاڳ ننڊون ڪندي نہ ملندو. پنهنجي ڪلام ۾ ڪيترن هنڌن تي هُن ديني توڙي دنياوي طور غفلتن کان پليو آهي، ڇو تہ آرام ۽ عيش جي ترجيح نفس کي گمراهيءَ ڏي موڙي ٿي. نفس کي مارڻ ئي "جهادِ اڪبر" آهي. هو مقصدي حياتيءَ کي اهميت ڏيندي ماڻهوءَ کي اڻ ورچائيءَ ڏي موڙي ٿو. سندس نظر ۾ وقت جو قدر ئي انساني معراج آهي. چوي ٿو تہ:

**جڏهن سـتيون جي، پٿر پير ڏکـا ڪـري،**
**تـڏهـن تـنـين کـي، ســاٿ سُــتـي ئي ڇـڏيـو.**

رب کي ريجهائڻ جو ذريعو بہ ڪشالن، محنتن ۽ تڪليفن سان ڀرپور هجي ٿو جڏهن قبول پوي، راتين جا رڪوع، قيام ۽ ذڪر هر ڪنهن جي وَس جي ڳالهہ نہ آهي قرآن پاڪ ۾ جاٽايل آهي تہ:

**"انَّ الْقُرآنَ لِفَجْرِ مشهوداً"**

ترجمو: بيشڪ فجر جو پڙهيل قرآن پاڪ حاضر ۽ پسند ڪيو ويو آهي. بنيادي طور نہ فقط اسلام پر هر مذهب ۾ عبادتن ۽ رياضتن لاءِ نفس ڪُشي محنت، جدوجهد ۽ اوجاڳن کي اهميت آهي. هڪ سُني انسان ٿيڻ لاءِ اهم وصف قرباني ۽ مقصد لاءِ پنهنجو پاڻ کي تج ڪرڻ آهي. جنهن جي لاءِ هر وقت چوڪس ۽ سُجاڳ رهڻو آهي، متان اوندهہ تي وجي ۽ پرينءَ جو پير

لهي نہ سگهجي، تنهيءَ ٿڌيءَ ڪاھہ ڪرڻي آهي. اها ڪاھہ هر ڪنهن کي ڪرڻي آهي، چاهي اهو شاگرد هجي يا استاد، ڪڙمي ڪاسبي هجي يا مزدور، ڪامورو هجي يا سياستدان، طالب هجي يا مطلوب، محبوب هجي يا معشوق مطلب تہ حياتيءَ کي مثبت نموني گهارڻ لاءِ ماڻهوءَ کي محبت مَن ۾ پائي محنت ۾ مستقبل مزاجيءَ سان منزل مقصود ڏانهن وڌڻو آهي، مقصد ۾ محبوب انهيءَ کي ملندا، جيڪي رندن روئندا، لامحدود عشق جي ڪماليت ۾ بي خود ٿيڻ سان ئي رستو آسان ٿو ٿئي.

مٿي اڳ ۾ ڄاڻايو اٿم تہ شاهہ صاحب جي شاعريءَ ۾ ڪٿي بہ ڪنهن بہ هنڌ ڪابہ مايوسي، بي همتي ۽ بيزاري نٿي ملي. جڏهن انسان ۾ اهڙا ناڪاري جذبا پروان چڙهندا آهن، تڏهن هو آهستي آهستي وِساڻيل اُجهاميل ۽ نيستو ٿيندو ويندو آهي. هو آزاديءَ کان غلاميءَ ڏي، اصولن کان بي اصوليءَ ڏي، سچ کان ڪوڙ ڏي مڙڻ لڳندو آهي. جتان ئي سندس زوال جو پهريون ڏاڪو شروع ٿيئي ٿو. غلاميءَ کي نندينديسنڌ جو ڏاهو حڪيم فتح محمد سيوهاڻي پنهنجي مضمون "ڪمال ۽ زوال" ۾ لکي ٿو تہ، "اهڙيون قومون جن ۾ همٿ ۽ محنت ناهي، انهن جا مرد عورتن جهڙا ۽ عورتون جنازن جهڙيون هونديون آهن ۽ آخرڪار اهي قومون غلام ٿين ٿيون". آزاديون پڌري پٽ مشڪلاتن سان مهاڏا اٽڪائي ملن ٿيون. هن جهان جو جنسار ۽ سنسار جو سينگار ۽ انساني عظمت جو معراج محنت ئي آهي ۽ پٽ ڏٽي پڻ اسان کي اها ئي تلقين ٿو ڪري.

تڪيا ئي ترتيلهہ، چڙهہ چڪيائي چوٽئين،
هلندي هوت پنهونءَ ڏي، پو مڙيئي پيل،
اٿي رائو ريل، وينن تان واري وري.

شاهہ لطيف پنهنجي وقت ۾ سنڌ کي ڏکين حالتن مان لنگهندي ڏٺو هو. ڪيس قنڌارين جي ڪرتوتن، ارغونن ۽ ترغانن جي هانءُ ۾ هٿ وجهڻ وارن ڦهري ظلمن جي پليءَ پٽ خبر هئي. ان ڪري هُن غيرن جي غلاميءَ کي پلينندي آزاديءَ جا، سنڌ تان سر ساهہ صدقو ڪرڻ جا سبق ڏنا. سور ۽ سختيون سهي سچ ۽ ساٿيهہ لاءِ سُجاڳ رهڻ جو حڪم ڏنو. مارئيءَ جي ملير

لاءِ محبت معرفت سنڌ واسين کي سنڌ سان سچي رهڻ لاءِ سُجاڳ ڪيائين. جُنگ جوانن ابڙن کي ۽ دودن دليرن کي ڳائي همٿ ۽ بهادريءَ جو مانُ مٿانهون ڪيائين.

ارڻ پــڌي ابــڙي، رِڻ ۾ رُڪ رئــي،
تيغن تاءُ تِڪو گهٽو، ســگهي ڪونـ ســهي،
رَبّ هـب لـي اُمـتـي، چـڙهـئـو جام چـئـي،
سـمي ســام ڪنئي، ســرٽين جو ســڪ ٿيو.

سورهيائي سجاڳيءَ جو اهڃاڻ آهي، صدين کان اها وصف سنڌ واسين وٽ هڪ لازوال خوبي سڏي وڃي ٿي. سورهيہ سرويچ ملڪن جو مان ۽ شان هوندا آهن. مٿن صديون فخر ۽ ناز ٿيندو رهندو آهي، شاهہ لطيف سنڌي مردن ۽ عورتن کي سورهيائيءَ جا سبق ڏيندي چاٽائي ٿو تہ "اهي گهوٽ اڻ موٽ آهن، جن کي سندن ونيون جنگ جي ميدانن ۾ پڻ پارت ڪري ٿيون موڪلين تہ ڪين پنيءَ تي گهاءُ نہ لڳل هجن، هُو بزدلي بي همتي ۽ بي غيرتيءَ جو باعث نہ بڻجن. سندن واتان پٽ ڏٽي فرمائي ٿو تہ.

ڪانڌ منهن ۾ ڏڪڙا، ســيڪيندي سُــونهان،
تــ پــڻ لــج مــران، جــي هــونــس پــٺ ۾.

شاهہ سائينءَ موجب حياتيءَ کي غفلت ۾ نہ گهاريو. "مقصد نہ ماڻڻ معنيٰ زندگي ضايع ڪرڻ" زندگي ربّ پاڪ جي امانت آهي، جيڪا فقط هڪ دفعو ئي عطا ٿئي ٿي، جنهن ۾ ماڻهو پنهنجي وجود جي بقا جي جنگ پيو وڙهي، ڪائنات جو ذرو ذرو رب پاڪ جي قائم ڪيل هن ڪائنات ۾ پنهنجي پنهنجي ڪم ۾ رڌل آهي. ماکيءَ جي معمولي مک پڻ گهٽيءَ محنت ڪانپوءِ ماکيءَ جهڙي شفاياب خوراڪ تيار ڪري ٿي، جنهن ۾ انسان ذات لاءِ شفا آهي. مک جي اورچائي، ڪوشش ۽ جفاڪشيءَ جي صلي ۾ تيار ٿيل ماکيءَ جو ڏٽي سڳوري قرآن پاڪ جي چوڏهين سيپاري رُبما جي سورة "نحل" ۾ ذڪر ڪيو آهي حڪمِ خداونديءَ سان ڪيل سندس محنت کي ڏٽيءَ سڳوري پسند ڪيو آهي.

جڏهن سڄيءَ دنيا ۾ جن، ملائڪ، پکي پکڻ، جيت جانور پنهنجي پنهنجي ڪمن ۾ رُڌل آهن، تڏهن انسان تہ سڀني کان مٿانهين مخلوق آهي،

هُن کي تہ بلڪل اهو ويچار ڪرڻ گهرجي، تہ سندس حياتيءَ جو ڪارڻ ڇا آهي؟ فقط مقرر ڪي سال حياتي جنهن جي مسئلن لاءِ هُو هر دم فڪرمند آهي، سا اصل نہ آهي، اصل آهي، حياتيءَ جو مقصد، جو سمجهہ، سجاڳيءَ، ڪامل يقين جي قوت، نيڪ نيتي، اورچائي ۽ محنت جي اٿاهہ قوت سان ئي ماڻڻ ممڪن آهي.

**"سي پنهون ڪوهہ پچن جي سنجهي رهن سُمهي"، "ستي نہ سرندياءِ ڪر پچار پرينءَ جي"، "ستي سجڻ نہ مِلن آهي ايءَ ڪري"، "ساري رات سبحان جاڳي جن ياد ڪيو."، "ڪاهي ويٺو ناڪئا ڪريو بري تي بڇ"، "جاڳڻ منجهان جس آهي جن ڪي"، "ستا اٿي جاڳ ننڊ نہ ڪجي ايتري، جاڳو جاڙيجا سما سک مَ سمهو"، "ايڏو سور سهي ننڊ نہ ڪجي ناڪئا"، "جاڳڻ جشن جن ڪي"، سک نہ ساري رات، "جاڳيان سي واڳيا، طالب پهتا توڙ"، "ويئين نہ آهي وراڪو ستين نہ آهي سنگ"، "راتيون جاڳن جي سي آئون ڪندي سيڻ"،** مطلب تہ شاهہ جي رسالي ۾ انيڪ بيت اهڙا ملندا جن کي باريڪ نظر سان جانچبو تہ اهي فقط ۽ فقط غفلت کان بچاءُ ۽ سجاڳيءَ جا سبق آهن. لطيف سائينءَ جي فڪر جو محور ترقيءَ جي راهہ آهي، هن جي رسالي جو اکر اکر حقيقي ڪاميابي ماڻڻ جا گس پنڌ ڏيندڙ آهي، حياتيءَ لاءِ اُتساهيندڙ ۽ همت ڏيرائيندڙ آهي، جنهن تي غور ڪرڻ ۽ عمل ڪرڻ سان هر هڪ ماڻهوءَ لاءِ حياتيءَ جي هر هڪ پل تي آسانيون پيدا ٿي سگهن ٿيون، شرط اهو آهي تہ اهو عملي انسان هجي. شاهہ عبداللطيف جي شاعريءَ جو محور ئي اهو آهي تہ:

تتيءَ ٿڌيءَ ڪاهہ، **ڪانهي ويل ويهڻ جي،**
**متان ٿيئي اونداهہ،** پير نہ لهين پرينءَ جو.

# ۾ عورت جي عظمت شاھ ڀٽائيءَ جي شاعريءَ

سنڌ جي سرزمين کي اھو فخر حاصل آھي تہ ان مان لطيف سائينءَ جھڙي عظيم ڏاھي مفڪر جنم ورتو. ھو ھڪ اھڙو باڪمال شاعر ھو جنھن پنھنجي شاعريءَ وسيلي سنڌ جي چپي چپي کي پنھنجي شاعريءَ ۾ ذڪر ڪيو آھي. ھتان جي رھڻي ڪھڻي، ريتن رسمن، ثقافت، ٻولي، تھذيب ۽ تمدن جي اُپٽار ڪئي آھي. پنھنجي شاعريءَ کي عام ڪرڻ لاءِ شاھ صاحب عورت ذات کي مرڪزي ڪردار طور چونڊيو. پاڻ عورت جي عظمت جو قائل ھو. سندس نظر ۾ عورت انسان جي پھرين عظيم درسگاھ آھي. ان ڪري جيڪڏھن ڪيس آدرش بڻائبو تہ قوم ۾ آدرش پرچاري جو عمل قيامت تائين ھلندو رھندو. انھيءَ ڪري ڪيس نازڪ ۽ ڪمزور سمجھي نظر انداز نہ ڪرڻ گھرجي.

ڏٺو وڃي تہ عورت صدين کان اڻ برابري ۽ ناانصافيءَ جي گھاڻي ۾ پيڙھجندڙ رھي آھي. عورت کي تمثيل بڻائي شاھ لطيف سماج ۾ انقلاب آڻڻ چاھيو. ھن ڄاڻو شخص کي چڱيءَ پر خبر ھئي تہ ھن معاشري ۾ جيڪڏھن تبديلي آڻڻي آھي تہ عورت کي مٿانھون درجو عطا ڪرڻو پوندو.

انسانيت جي علمبردار شاھ لطيف، عورت کي بحيثيت انسانذات عشق ۽ وندر جو ذريعو نہ پر ھمت، بھادري، جدوجھد، جستجوءِ ۽ انساني جذبن ۽ احساسن جو ترجمان ڄاڻايو آھي. شاھ صاحب عورت جي نفسيات جو ماھر ھو. ھن پنھنجي شاعريءَ جي زنانن ڪردارن ذريعي انڪشاف ڪيو آھي تہ زندگي طلب جو نالو آھي. زندگي جدوجھد ۽ جستجو جو عُنوان آھي. زندگي جبر ۽ ڏاڍ کان آزادي حاصل ڪرڻ جو پيغام آھي ۽ ان عشق جو نالو آھي، جنھن سان حياتيءَ جا سمورا ھاڪاري رخ ظاھر ٿين ٿا. لطيف مارئي ٻڌجي وطن پرستيءَ جو جذبو ٿي جاڳائي. مومل ٻڌجي مصلحتن جي مام ٿو پروڙي، سھڻيءَ جي سچي عشق کي ميجتا ڏيندي چوي ٿو تہ.

عشق جنين کي آڪرو، ترهو مٿي تِن
جي ساهڙ کي سِڪن، تنين جَرِ جندَ ٿئي

سسئيءَ جا ڏک ڏاکڙا سهڻ ۽ منزل مقصود پويان ڪاهي پوڻ جي جدوجهد کي شاهه لطيف امر بڻائي ڇڏيو. شاهه جي رسالي ۾ سسئيءَ جي باري ۾ سچا سارا پنج سُر آهن. پُنهون لاءِ سندس لوچ پوچ ۽ ڪشالن ڪڍڻ کي همٿائيندي وري به اڳيان وڌڻ جي تلقين ڪندي چوي ٿو ته.

ويٺي وَر نه پُون، سُتي نه ملن سُپرين،
جي مٿي رَندن رون، ساڃن ملي تِن کي.

مارئيءَ جي حب الوطني ۽ ساٿيهه جي سڪ کي شاهه لطيف وطن پرستيءَ جو اهڃاڻ ڪري پيش ڪيو آهي تڏهن ته چوي ٿو ته ”حيف تنين هوءِ وطن جن وساريو“ هُو ليلا جي لالچ کي نندي ٿو ۽ نوريءَ جي نِهٺائيءَ کي واکاڻي ٿو ته سهڻي من موهڻي سورٺ جو پنهنجي وَرَ جي واعدي پاڙڻ ۾ ساهه صدقو ڪرڻ کي ساراهي ٿو. مطلب ته شاهه صاحب عورت جي جذبن جو قدردان آهي، نه فقط ستن سورمين جي معرفت، پر هن پنهنجي شاعريءَ ۾ بيين پڻ عورتن جو ذڪر ڪيو آهي. سُر سارنگ جون سُڪار لاءِ آسائتيون عورتون، سُر ساموندِيءَ جون وڻجاريون، سُر ڪاپائتيءَ جون ڪتڻ واريون، سُر ڪيڏارو جون عظيم بهادرعورتون مطلب ته شاهه لطيف عورت ذات جي احساسن کي اعليٰ درجي تي بيان ڪيو آهي. هُن پنهنجي سُورمين جا سور، درد ۽ سوز اهڙي ته انساني فلسفي سان پيش ڪيا آهن جو جڻ ته ڪائنات جو محورئي عورت تي بيٺي آهي. سندس شاعريءَ ۾ پيش ڪيل عورتون سادگي، سونهن، سچائي، عشق، جدوجهد ۽ جستجو سان گڏ سنڌي سماج جي شاناٿي، اوسر جون امين آهن. اهي طالب نه پر مطلوب آهن جن جو مقصد عظيم منزل مقصود تي پهچڻ آهي.

هئه ٿو وجي هوت، آئون ڪي اڳيري ٿيان،
متان چوي بلوچ، ڪميٽيءَ مان ڪين ٿيو.

# لطيفيات تي سنڌي، اردوءِ انگريزي ٻولين ۾ ٿيل ڪم جو جائزو

علم ادب جون ڪيتريون ئي اهم شخصيتون آهن، جن حضرت شاهه ڀٽائيءَ جي سوانح، ڪلام ۽ موسيقيءَ جي مختلف رخن تي پنهنجي خيالن جو اظهار مختلف تحريرن ۽ تقريرن ذريعي ڪيو آهي. جنهن ۾ گهٽائي مضمون/ مقالا مختلف مخزنن، تحقيقي جرنلن ۽ اخبارن جي سونهن بنيا آهن ته ڪيترائي ڪتاب لکيا ويا آهن ته ڪجهه مضمونن ۽ مقالن ڪي سهيڙي ڪتابي صورت ۾ آندو ويو آهي ۽ ڪجهه ڪم ترجمي جي عمل مان گذري ٻين ٻولين ۾ پڻ منتقل ٿيو آهي.

جن علمي شخصيتن هن اهم ادبي ۽ نيڪ ڪاريه ۾ هٿ ونڊايو آهي انهن مان ڪجهه جا نالا هن ريت آهن (هن ۾ قلمي نسخن جي ڪتابن جا نالا شامل نه آهن.)

مير علي شير قانع ٺٽوي، خانزئي غلام محمد، مخدوم محمد معين ٺٽوي، مخدوم محمد عاقل، مخدوم الله بخش، مير عبدالحسين خان سانگي، سيد رفيق علي حسيني، هدايت الله هالائي، نظر علي بلوچ، نياز همايوني، ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ، سر رچرڊ برٽن، سر آرنولڊ ٿامس، ڊاڪٽر ايچ ٽي سورلي، مئڊم اينيمري شمل، عثمان انصاري، محمد بخش واصف، شمس العلماء مرزا قليچ بيگ، مرزا اجمل بيگ، لطف الله بدوي، ميران محمد شاهه (اول) ليلا رام وتڻمل، ايم ايم گدواڻي پيرومل مهر چند آڏواڻي، لعل چند امر ڏنو مل، تاراچند شوقيرام، خانبهادر محمد صديق ميمڻ، ڊاڪٽر گربخشاڻي، ڄيٺمل پرسرام، رام پنجواڻي، پرسو گدواڻي، نارائڻ داس ميوارام پمياڻي، ٽي ايل واسواڻي، تيرٿ داس هوتچند آڏواڻي، هرومل سدارنگاڻي، علامه آءِ آءِ قاضي، ايلسا قاضي، علامه عمر بن محمد دائود پوٽو خانم خديجه دائودپوٽو آغا محمد يعقوب، آغا بيگم طاهره، محمد اڪرم انصاري، ايس ايم جهانگياڻي، موتي لعل جوتواڻي،

پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي، ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، ڊاڪٽر سنتنداس جهانگياڻي، ڊاڪٽر منوهر داس متلاڻي، پروفيسر پوپٽي هيرانانداڻي، خوبچند آڏواڻي، دين محمد وفائي، محمد صديق مسافر، فتح چند واسواڻي، شيخ اياز، ڊاڪٽر حميده کهڙو، پير علي محمد راشدي، پير حسام الدين راشدي، محمد عمر چند، جي الانا، جي ايم سيد، علامه غلام مصطفيٰ قاسمي، پروفيسر محبوب علي چنا، غلام محمد گرامي، پير سعيد حسن، لعل بخش جهرڪائي، ڊاڪٽر قاضي نبي بخش، ڪريم بخش خالد، آخوند عبدالحميد، ظفر ڪاظمي، محمد ابراهيم جويو، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر غلام علي الانا، شيخ محمد ابراهيم خليل، شيخ محمد سومار، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، حميد سنڌي، سراج الحق ميمڻ، مظهر الحق صديقي، ڊاڪٽر تنوير عباسي، علي نواز حاجن جتوئي، محمد حسين ڪاشف، رسول بخش پليجو، فقير امداد علي سرائي، معمور يوسفاڻي، غلام محمد گرامي، عطا محمد حامي، رحيمداد مولائي شيدائي، الله بخش نظاماڻي، سيد نجف علي، مخدوم امير احمد، تاج صحرائي، اسحاق حسن ميمڻ، ضياءُ الدين بلبل، ممتاز مرزا، آغا سليم، حافظ محمد احسن، الحاج رسول بخش ڏيرو، آغا تاج محمد، غلام محمد شاهواڻي، پروفيسر غلام عباس سريوال، شمشير الحيدري، ڪي ايم لاڙڪ، ممتاز عقيلي، اي ڪي بروهي، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو، ڊاڪٽر غلام حسين پناڻ، پرفيسر شفيع ميمڻ، پروفيسر اعجاز احمد قريشي، ڊاڪٽر دُرِ شهوار سيد، مقبول صديقي، اعجاز الحق قدوسي، ڊاڪٽر جميل جالبي، سيد صفدر علي شاهه، ايس ايم ناز انصاري، اختر اڪبر آبادي، پروفيسر آفاق صديقي، پريشان خٽڪ، مظهر يوسف، رياض صديقي، سيد وقار حسين رضوي، پروفيسر محمد احمد شيخ، احمد محمد قاضي، ڪريم بخش چنا، الله بخش سرشار عقيلي، ناصر موارئي، محمد بچل تنيو، ايس ايم فاروقي، عبدالغفار سومرو، شيخ عبدالرحيم، شيخ عبدالرزاق راز، نثار حسيني، قمر شهباز، مدد علي سنڌي، منظور نقوي، غلام حسين مشتاق سچاروي، رشيد احمد لاشاري، مدد علي قادري، محمد اسماعيل شيخ، ڪي ايم پنهور، اسد الله پتو، تقوي نعيم، علي احمد بروهي، محمد بخش

انصاري، مير محمد پيو محمد علي قاضي، غلام رسول بلوچ، سيد احسان علي شاهه، ڊاڪٽر بشير احمد شاد، ايم اي عالماڻي، ناز سنائي، آفتاب ابڙو الحاج قمر لاکو عابد لغاري، نجم عباسي، علي نواز وفائي، حبيب الله پتو ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، ڊاڪٽر عبدالغفور سنڌي، ڊاڪٽر اياز حسين قادري، غلام رباني آگرو عبدالواحد آريسر، بدر ابڙو انب گوپانگ، سيد اظهر گيلاني، تاج جويو محمد سليم پتو انور هالائي، عبدالعلي قلباڻي، ابن سالڪ، عبدالغفار گوهر، محمد عالم سومرو پانهون خان شيخ، غلام مصطفيٰ مشتاق، ج.ع منگهاڻي، پريتم پياسي، خادم عباسي، پروفيسر الهڏنو سومرو نصرت حسين ابڙو حافظ عبدالرحيم جمالي، قطب علي شاهه حسيني، حافظ ارشد انيڙ فقير محمد لاشاري، احسان احمد بدوي، ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ، ڊاڪٽر محمد يعقوب مغل، ڊاڪٽر عزيز الرحمان ٻگهيو شيخ عبدالحليم جوش، سلطان احمد خواجه فدائي، ابن الياس سومرو محمد عرس سمون، غلام محمد ولي محمد طاهر زادو الياس عشقي، حامد علي خانائي قريشي، پروفيسر عنايت الله زنگيجو منصور قادر جوڻيجو احمد خان آصف مصراڻي، ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر، ڊاڪٽر غلام نبي سڏايو ڊاڪٽر نواز علي شوق، ڊاڪٽر فهميده حسين، ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيو ڊاڪٽرنور افروز خواجه، ڊاڪٽر سحر امداد، ڊاڪٽر خورشيد عباسي، ڊاڪٽر تهمينه مفتي، ڊاڪٽر هدايت پريم، ڊاڪٽر اُمِ ڪلثوم، پروفيسر سليم ميمڻ، ڊاڪٽر ادل سومرو ڊاڪٽر نديم ملڪ، ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ ۽ ٻيا ڪيترائي نالا هن ڏس ۾ ڳڻائي سگهجن ٿا.

شاهه پتائيءَ جي باري ۾ لکڻ لاءِ اسان وٽ "ماخذ" طور شاهه جو رسالو ئي آهي، شاهه صاحب جي پنهنجي شاعريءَ لاءِ وٽس ڪهڙا ماخذ هئا، جنهن تحت هيءَ اعليٰ شاعري وجود ۾ آئي؟ انهيءَ لاءِ علامه قاضي صاحب جي نظر ۾ قرآن پاڪ ئي سندن شاعريءَ جو ماخذ آهي. ڊاڪٽر سوڍر موجب قرآن پاڪ، تصوف، موسيقي ۽ راڳ، عوامي جيوت، سنڌي زبان ۽ ان جي صلاحيت سندن شاعريءَ جا ماخذ آهن، جڏهن ته ڪاشف صاحب وٽ سندن شاعريءَ جا ماخذ، تاريخ جو اهو دؤر جنهن ۾ سندن جنم ٿيو خانداني ماحول، پرورش ۽ والدين جي

تربيت جو اثر، سير ۽ سفر ۽ زندگيءَ جي مختلف روين ۽ عام حالتن جو اپياس، وقت جي درويشن ۽ عالمن سان ملاقاتون، قرآن، تصوف ۽ راڳ کي روح جي غذا سمجهڻ آهن. منهنجي نظر ۾ ته شاهه صاحب جو ڪلام جن حالتن ۾ اُسريو انهيءَ ۾ سندن ذاتي طبع ۽ مزاج شريف، ديني دنياوي تعليم، فطرت جو مشاهدو ۽ مطالعو سنڌ واسين جي محبت پڻ مٿين نڪتن سان گڏ اهم آهن. شاهه ڀٽائيءَ پنهنجو سڄو ڪلام ڪو هڪ هنڌ يا هڪ جڳهه يا هڪ خيال ۽ ماحول ۾ ڪونه چيو آهي. بلڪ سندن شاعري مختلف وقتن، موقعن، مهلن ۽ ماحولن ۾ سرجي آهي، جنهن تي زمان ۽ مڪان جو اثر عائد ڪري سگهجي ٿو. ماضي حال ۽ مستقبل جي ترجماني ڪندڙ هن شاعريءَ ۾ شاعر جي طبع جي رواني جي زير و زبر سان گڏ انهيءَ وقت جي هلندڙ حالتن ۽ پيش ايندڙ ننڍن وڏن واقعن جو وڏو اثر آهي. هن پنهنجي شاعراڻي شعور سان اهڙو علمي مها ساگر وجود ۾ آندو جنهن ۾ هن ڌرتيءَ جي جياپي لاءِ آدرشي اصول ڏسيل ته آهن، پر "فوق البشر" ۽ "ڪامل انسان" ٺيڻ لاءِ مڪمل رهنمائي ڏنل آهي، انساني زندگيءَ کي آدرشي ۽ آفاقي درجو ڏيڻ لاءِ سنڌي ٻوليءَ جي هن شاعر جو پيغام فقط سنڌ واسين لاءِ نه، پر پوريءَ دنيا جي انسانن لاءِ آهي، جنهن کي دنيا ۾ عام ڪرڻ لاءِ ترجمي جو عمل ئي افاديت وارو ۽ ڪارگر آهي. شاهه لطيف جي سوانح ۽ فن جي باري ۾ هيستائين ڪهڙو ۽ ڪيترو ڪم سنڌي ٻوليءَ ۾ ٿيو آهي ۽ ڪيترو ٻين ٻولين ۾ ٿيو آهي؟ ڪهڙن ڪتابن جا ترجما ٿيا آهن، انهيءَ لاءِ هيٺ مختصر جائزو ڏجي ٿو.

لطيفيات ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ ٿيل ڪم: حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي فن ۽ پيغام تي هيستائين جيڪو ڪم ٿيو آهي، انهي مطابق تقريباً سندن ڪلام جا 42 قلمي نسخا ۽ 25 ڇاپي رسالا ۽ لطيفيات جي موضوع تي لکيل ڪتابن جو تعداد اٽڪل 149 لغت ۽ گرامر تي لکيل ڪتابن جو تعداد 10، رسالي جي جدا جدا منتخب چيپيل سُرن جو تعداد 105 آهي، انهيءَ کان علاوه اردو، عربي، فارسي، انگريزي ۽ جرمن ڪتابن جو تفصيل الڳ آهي. مقالن ۽ مضمونن جو تعداد تقريباً اٺ سئو کان به مٿي آهي، (اهو احوال ڊاڪٽر عبدالجبار صاحب جي ڇپيل ببليو گرافي 2000ع جي حوالي سان ڏنو ويو

آهي) هاڻي 2000ع ڌاري ٻيا به ڪافي ڪتاب هن ڏس ۾ آيا آهن. ان ڪري اهو بلڪل چٽي سگهجي ٿو ته سنڌي ٻوليءَ ۾ شاهه صاحب جي باري ۾ ڇپيل ڪتابن جو تعداد هند ۽ سنڌ ۾ 500 کان مٿي هوندو. شاهه سائينءَ جي باري ۾ لکيل مڪمل ڪتابن مان چند ڪتابن جا نالا هن ريت آهن:

"منهاج العاشقين"، خانزئي غلام محمد. "لطائف لطيفي" مير عبدالحسين خان سانگي، "احوال شاهه لطيف"، "لغات لطيفي"، "شاهه جي رسالي جي ڪنجي"، "لطيفي لاٽ"، شمس العلما مرزا قليچ بيگ، "شاهه لطيف ۽ صورت بهار جا چرتر" (بيت ۽ ٻچن) تاراچند شوقيرام، "شاهه جو رسالو" (هڪ اڀياس) ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، "سنڌ جون ست آڪاڻيون" رام پنجواڻي، "شاهه جو شعر" پرسو گدواڻي، "سرتاج شاعر" (Musa Pervaganos)، "ڀٽ جو گهوٽ" (Shah Abdul Latif of Bhit) ڊاڪٽر ايڇ ٽي سورلي، "سنڌي ساهت جو خزانو"، "شاهه ڀٽائيءَ جي حياتي"، "شاهه جون آڪاڻيون"، ڄيٺمل پرسرام، "شاهه جو رسالو"، "روح رهاڻ"، "مقدمهءِ لطيفي" ڊاڪٽر گربخشاڻي، "سر سورٺ"، "ڀٽائي گهوٽ"، "غريب اللغات"، "لطيفي سير"، "گربخشاڻي وارو رسالو منهنجي نظر ۾"، ڀيرو مل مهر چند آڏواڻي، "شاهه جون سورميون"، نارائڻ داس ميوارام ڀمڀاڻي، "شاهاڻو شاهه" لالچند امرڏنو مل، "سنڌوءَ جون لهرون" مرليڌر جيٽلي، "تن سپون سوجهي ڪڍيون پاتاران پيهي"، "شاهه سنڌ جي تهذيب جو روح"، پوپٽي هيراننداڻي، "شاهه سچل ۽ سامي" اي جي اتم، "ڪنول پاڙون پاتال ۾" هرومل سدا رنگاڻي، "ٽي عظيم شاعر" دادا هولارام هنس، "هنج چڱن موتي" آسا نند مامتورا، "لطيف ٻاري" ارجن ڪي جهوڙيملاڻي، "مضمون ۽ مقالا" ڊاڪٽر عمربن محمد دائودپوٽو "شاهه عبداللطيف دنيا جو بي مثال شاعر" علامه آءِ آءِ قاضي (مترجم) عبدالغفار سومرو، "شرح لطيفي" محمد بخش واصف، "لطف اللطيف"، "شاهه جي رسالي جو مطالعو" مولانا دين محمد وفائي، "نقش لطيف" امام بخش نياز، "لطيف" اڪرم انصاري، "شاهه جو پيغام" حافظ محمد احسن، "لطيفي لنئون" پروفيسر محبوب علي چنا، "شاهه جي رسالي جو رهبر" ۽ "شاهه جو رسالو" محمد عثمان

ڏيپلائي، "شاهہ ۽ نوجوان" (ترتيب) پروفيسر غلام مصطفيٰ شاهہ. "لاکيڻو لطيف" قطب علي شاهہ. "پيغام لطيف" جي ايم سيد. "شاهہ-سچل-سامي" محمد ابراهيم جويو. "شاهہ جي رسالي جا سرچشما"، "شاهہ جي رسالي جي ترتيب" "شاهہ عبداللطيف"، "سنڌي موسيقيءَ جي تاريخ" ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ. "شاهہ عبداللطيف جي ڪلام ۾ اسلامي اخلاقي قدر"، "شاهہ عبداللطيف سنڌي ٻوليءَ جو معمار" ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ. "سنڌين جو فرض" امير خدا بخش. "شاهہ عبداللطيف ان جو ڪلام ۽ فڪر" عبدالغفار بلوچ. "راڳ نامو" صوفي صادق. "لطيفي لات" پنهور خان محمد. "شاهہ"، "ڪامل جو ڪلام" ۽ شاهہ جو رسالو" (مرتب) ڪلياڻ آڏواڻي. "شاهہ جو انيوءَ" ايف ڪي ساڌواڻي. "واجهائي وطن ڪي" (سر مارئي) ناصر مورائي. "سي آيتون آهن"، "شاهہ جو رسالو سنڌ جي تاريخ جو ماخذ"، ڪريم بخش خالد. "وساريان نہ وسرن"، "لطيفي لات"، ممتاز مرزا. "نئين شرح لطيف"، رسول بخش ڏيرو. "فڪر لطيف"، اسد الله ڀٽو. "شاهہ قرآن جي روشنيءَ ۾" غلام عباس سريوال. "شاعرن جو سرتاج" خانم خديجہ دائودپوٽو. "لطيفي باغ جو سير"، "سر ڪلياڻ عرف تصوف جو آئينو"، "شاهہ جي سوانح" رشيد احمد لاشاري. "شاهہ جو پيغام. "ڏونگر سي ڏوريندين" حافظ محمد احسن چنا. "لطيفي لهرون" علي نواز حاجن جتوئي. "حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي" ميمڻ عبدالغفور سنڌي. "شاهہ جا گم ٿيل بيت" محمد سومار شيخ. "لطيف قومي شاعر" ناز سنائي. "لطيفي لات" ڪي ايم پنهور. "سي آيتون آهن" تقوي نعيم. "عڪس لطيف"، آغا تاج محمد. "شاهہ عبداللطيف جو ميلو ۽ سنڌ جا ملاڪڙا" آغا شهاب الدين. "ڪارٽي" سرور علي سيف. "لطيفي گل" عبدالواحد سيلاني. "قدم ڪاپڙين جا" فقير امداد علي سرائي. "ڪارٽي" سرور علي سمون. "شاهہ لطيف جي موسيقي"، "شاهہ لطيف تي تحقيق"، "شاهہ لطيف تي ببليو گرافي"، "تحقيق جو طريقيڪار"، "شاهہ لطيف شاعري اور فکر"، "شاهہ جو رسالو" (مرتب) ڊاڪٽر درشهوار سيد. "شاهہ لطيف جو پيغام" ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي. "تحقيقات لطيف" ڊاڪٽر نواز علي شوق. "ڪنزالطيف"، "لطيفيات"، "شاهہ

جي ڪتابن جي ببليو گرافي”. “ڪشف الابيات”. “شاهه جي رسالي جو مطالعو” ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو. “شاهه لطيف جي شاعري” ڊاڪٽر تنوير عباسي، “مون مطالع سپرين” ڊاڪٽر اياز حسين قادري، “شاهه جو عشق ۽ مختصر بول” “لطيف چئي”، “پيچ پٽائي” “نئون روپ نئون انداز”. “سيد سچل سامي” ايم۔اي عالماڻي، “عرفانِ لطيف” غلام محمد گرامي، “موتي ماڳ نه آيا”. “شاهه جو پيغام”. لعل بخش جهرڪائي، “باهيون بيراڳين جون”. “حسينيءَ جي هاڪ”. سر رپ هڪ مطالعو”. “شاهه لطيف هڪ تحرڪ. هڪ تحريڪ” تاج جويو. “لطيفي لات” خان محمد پنهور. “لاڪيٽو لطيف” موسيٰ سومرو. “فرائيڊ ۽ شاهه لطيف”. عبدالڪريم لغاري، “تحفهءِ لطيف”. “شاهه لطيف ۽ سنڌي ٻوليءَ جوا پياس” منير لغاري، “بادشاهه پٽائي” حاجي موسيٰ خان، “پرچن شال پنهوار” انور هالائي، “جي تو بيت پانيان” خالد سيف الله ۽ رميش ڪمار، “لطيف ڪوئيز”. عاشق بروهي “لطيف سنڌ آهي” منصور قادر جوڻيجو “شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ منظر نگاري” راز شر. “سورائتي سنڌ” قربان علي صوفي. “شاهه جو شعر” عزيز. “ظرافتِ لطيف” خادم. “خزانة العارفين” در محمد خاڪ صديقي. “چراغ حقيقت” سلطان احمد خواجه فدائي. “شاهه لطيف عظيم مفڪر”. “شاهه جي ٻولي”. “دائم آباد شاهه لطيف” آفتاب ابڙو. “عرفانِ لطيف”. “پلارو پت ڏٺي”. “پت جو گهوت” ڊاڪٽر بشير احمد شاد. “شانِ نزول”. “شاهه جي ڪلام ۾ پهاڪا ۽ محاورا” انور علي شاهه گيلاني. “اظهر”. “شاهه عبداللطيف” (ٻارن لاءِ) مراد علي مرزا. “فڪرِ لطيف”. “شاهه جي سرن جو سچ”. “لطيف جي شاعريءَ جو جديد فڪر”. “لطيفي لات جا ذات ڏٺي”. “حقيقت هن حال جي”. “لات جا لطيف جي” سليم پٽو. “ماڻڪ موتي” الحاج قمر لاڪو. “لطيف جا تر تان پيرا”. “ست سورهيه ڌه ڌاتار”. “ڊوليو ڊٿ ڏٺي”. “ڪائو ڪمايوم” معمور يوسفاڻي. “پلارو پت ڏٺي” پياسي پير محمد. “شاهه جو رسالو”. “رسالي جي ڪلام تي هڪ نظر”. “ويني ويڄن وٽ”. “ڪنڌيءَ ڪونئر ترن” محمد حسين ڪاشف. “ٻاروچي ٻولي” ڪمتر نقوي. “سنڌ جو لال” عبدالرحمان پٽو. “اوجاڳي اجاريا” ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر. “وريا واهرو”.

عبدالواحد آريسر، "انڊا اونڊا ويچ" رسول بخش پليجو، "شاهه عبداللطيف" ڊاڪٽر ميمڻ عبدالغفور سنڌي، "ڳالهيون شاهه لطيف جون" غلام مصطفيٰ مشتاق، "سنڌ جو شاهه" بدر ابڙو، "شاهه عبداللطيف ڀٽائي هڪ مطالعو" (مرتب) آزاد قاضي، "ڇپر ڪين ڏي"، "شاهه لطيف جي ٻولي-تحقيقي جائزو" ج ع منگهاڻي، "ڇپر جي ڇولي"، انب گوپانگ، "لطيفي گل" عبدالواحد ڀٽي، "سنڌ جو لال" مولوي عبدالرحمن، "بهارِ لطيف" قاضي عبدالحئي هالائي، "ڀٽائي" حافظ ارشد انيڙ "لطيفي گل" عبدالواحد سيلاني، "ميخانءِ لطيف-عرف موڪي ۽ متارا" خليل سيوهاڻي، "الله جو سچو عاشق" حڪيم محمد قاسم، "فڪر لطيف" اردو/سنڌي-عبدالعزيز اشرف، "ٻارن جو شاهه" انور هالائي، "جديد دؤر جو سهڻي ميهار" در محمد ڪانڌيلوي، "لطيف قومي شاعر" (ٻارن جا مضمون) (ترتيب) ناز سنائي، "لطيفي مينيفيسٽو" (ٻاران لطيف ازم تحريڪ)، "شاهه لطيف جو علامتي شعور" ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو "اگهيا سُٽ سندا" (ترتيب) ڊاڪٽر نور افروز خواجه، "آديسين ادب آهي اڪڙين ۾" "عالم سپ آباد ڪرين" پروين موسيٰ ميمڻ جا ڪتاب آهن. تحقيقي مقالن ۾ "شاهه جي جمالياتي شاعريءَ جو تحقيقي جائزو" (اڻ ڇپيل پي ايچ ڊي مقالو) ڊاڪٽر شڪنتلا سيواڻي، "شاهه لطيف تي ٿيل تحقيق جو جائزو" (پي ايچ ڊي ٿيسز 1999ع) ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ کهڙو، "شاهه عبداللطيف جي ڇپيل رسالن جو تنقيدي جائزو" (ايم فل مقالو 1994ع اڻ ڇپيل) ڊاڪٽر غلام حيدر چنا، "شاهه جي ڪلام جي روشنيءَ ۾ سنڌي عورت جو مطالعو" (ايم فل جو اڻ ڇپيل مقالو) حسن بانو سومرو، "سنڌي ثقافت ۽ شاهه لطيف" ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر، "شاهه جي شاعريءَ ۾ علامت نگاري" ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو "شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ عورت جو روپ" ڊاڪٽر فهميده حسين، "شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ استعاره ۽ تشبيهه" ڊاڪٽر اُمِّ ڪلثوم لکيون آهن.

هي ڪتاب شاهه سائينءَ جي بيتن جي مصوريءَ تي مشتمل آهن، جن ۾ هڪ مصور گل محمد ڪتريءَ جو 24 صفحن جو ته ٻيو علي اڪبر سومري جو 78 صفحن جو ڪتاب آهي جنهن ۾ هر صفحي تي بيت سان گڏ تصوير ڪشي

ڪيل آهي ۽ انهيءَ ڪان علاوه ڪيترائي لطيف نمبر ڪڍيا ويا آهن. جن ۾ شاهه صاحب جي باري ۾ گهڻن ليکڪن لکيو آهي. جيئن "يادِ لطيف"، "سوغاتِ لطيف"، "لاڪيڻو لطيف"، "گلستانِ لطيف"، "ذڪرِ لطيف"، نذرِ لطيف"، تحفهءِ لطيف"، "بزم لطيف"، "نقش لطيف" وغيره ۽ ٻين مختلف رسالن جيئن "نئين زندگي"، "مهراڻ"، "سهڻي"، "ڪلاچي"، "سنڌي ادب"، "ڪينجهر"، "روح رهاڻ ۽ ٻين جا لطيف نمبرز پڻ آهن. علي احمد بروهي صاحب "لطيف ڊائجيسٽ" ڪافي سال ڪڍيو جنهن ۾ لطيفيات جا مقالا ڇپيا.

خاص سُرن جي حوالي سان لطيفي ڪانفرنسن جا ڪتاب ڇپيا آهن. جن ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب لطيف سالگرهه مخزن 1969ع کان 1973ع تائين شايع ڪرايا. انهيءَ ڪانپوءِ ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز طرفان مختلف سُرن جي حوالي سان هڪ سُر تي لطيفي ڪانفرنس ۾ مختلف ليکڪن جا پڙهيل مقالا ترتيب ڏيئي ڇپايا ويا آهن. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ حميد سنڌيءَ جا ڇپايل ڪتاب هن ريت آهن:

سر ڪلياڻ جو مطالعو 1970ع، سرجمن جو مطالعو 1971ع، سر ڪنيات جو مطالعو 1972ع، سر سريراڳ جو مطالعو 1973ع، سر سامونڊي جو مطالعو 1974ع، سر سسئي آبري جو مطالعو 1976ع، سر معذوري جو مطالعو 1977ع (ترتيب) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ.

سرگهاتو 1982ع، سر ليلا چنيسر 1986ع، سر ڪاموڏ 1988ع، سر ڪاپائتي 1991ع، سر بروو سنڌي 1995ع، سر ڪارايل 1996ع، سر ڪاهوڙي 1996ع (ترتيب) حميد سنڌي.

انهيءَ ڪان سواءِ "يادگار لطيف" بيگم زينت عبدالله چنا 1959ع ۽ 60 جا ٻه پرچا، "ياد لطيف"، "تحفهءِ لطيف"، خواجه ايس اسماعيل "نذر لطيف"، "ذڪرِ لطيف"، "گلستانِ لطيف"، "سي آيتون آهن"، "لطيف تحريڪ" ڪريم بخش خالد. "بزم لطيف" محبوب علي چنا. "يادگار لطيف" اسد الله بيخود حسيني. "شاعرن جو سرتاج" خانم خديجه دائودپوٽو. "رهبر لطيف"، سيد صفدر علي شاهه. "فڪر لطيف" ڊاڪٽر بشير احمد شاد. "نقش لطيف" شيخ عزيز. "نذر لطيف" سيد عارف شاهه گيلاني. "تحفهءِ لطيف" عابد

لغاري، "سنڌ صدين ڪان"، "لطيفي لات"، ممتاز مرزا، "فڪر لطيف"، ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، "حسينيءَ جي هاڪ"، "سر رپ جو مطالعو" ۽ ٻيا ڪتاب ترتيب ڏيئي شايع ڪيا ويا آهن. مطلب ته موجوده وقت ۾ لطيف سالگرهه نمبرز ۽ لطيفي ڪانفرنسن جا مقالا پڻ ڇپجي عام تائين پهچي رهيا آهن. (ضرورت آهي ته اهڙن ڪتابن خاص طور لطيفي ڪانفرنس جي مقالن کي ٻيهر ڇپرائي سستي اگهن تي عام ڪيو وڃي ته جيئن پڙهندڙن جو وڏو انگ مستفيض ٿي سگهي.)

## شاهه لطيف تي ٻين ٻولين ۾ ٿيل ڪم جو جائزو:

**شاهه پنائيءَ تي اردو ٻوليءَ ۾ ٿيل ڪم:** شاهه لطيف کي اردو ادب جي شاعرن، عالمن ۽ اديبن مڃتا ڏني آهي ته ڪيترن سنڌي ليکڪن پڻ اردو ٻوليءَ ۾ شاهه صاحب جي باري ۾ لکيو آهي. اردو ٻوليءَ ۾ لکندڙن ۾ پروفيسر احمد محمد، اعجاز الحق قدوسي، سيد صفدر علي شاهه، ايس ايم ناز ڊاڪٽر جميل جالبي، پريشان خٽڪ، پروفيسر رياض صديقي، پروفيسر آفاق صديقي، مظهر يوسف، آغا تاج محمد، شيخ اياز، ممتاز مرزا، سيد وقار حسين رضوي، اظهر اشتياق حسين، اختر اڪبر آبادي، اي ڪي بروهي، خواجه اسماعيل، ڪريم بخش خالد، رشيد احمد لاشاري، آغا سليم، اياز حسين قادري ۽ ٻين لکيو آهي. اردو ادب جي ڪجهه ڪتابن ۾ شاهه صاحب جو ذڪر آيل آهي ته ڪجهه ڪتاب خاص مڪمل سنڌن جي باري ۾ لکيا ويا آهن. ڪجهه سنڌي ادب جا اهم ڪتاب اردو ۾ ترجمو پڻ ٿيا آهن. جيئن ڊاڪٽر ايچ ٽي سورلي جي تحقيقي مقالي جو رياض صديقي صاحب "شاهه عبداللطيف آف ڀٽ" جي ساڳئي عنوان سان اردو ترجمو ڪيو. ڊاڪٽر دُر شهوار جي پي ايچ ڊي جي انگريزي مقالي کي ڊاڪٽر ابراهيم خليل نقوي "شاهه لطيف کي شاعري اور فکر" جي عنوان سان اردو ۾ ترجمو ڪيو آهي. ڊاڪٽر فهميده حسين جو پي ايچ ڊي جو مقالو سنڌيءَ مان اردوءَ جي قالب ۾ ڊاڪٽر صاحب پاڻ "شاهه لطيف کي شاعري مين عورت کا روپ" جي عنوان سان آندو آهي، ان ڪانسواءِ جناب جي

ايم سيد جو ڪتاب ”پيغام لطيف“ پڻ اردو ۾ ترجمو ٿيل آهي. ڊاڪٽر دُر شهوار ”لطيفي ڪهانيان“ جي عنوان سان شاهه جي ڪلام ۾ آيل ڪلاسيڪل داستانن کي اردو ۾ پيش ڪيو آهي. رشيد احمد لاشاري جي سُر ڪلياڻ ۽ يمن ڪلياڻ جو اردو منظوم ترجمو آر ايڇ احمد اينڊ برادرس شايع ڪيو. اردو ۾ مڪمل رسالو آغا سليم 1993ع ۾ ترجمو ڪيو. ايم اي عالماڻي مختصر رسالو ”لطيف کهي“ جي عنوان سان منتخب ڇپايو. مبارڪ علي شيخ اياز جو اردو منظوم ترجمو خاص حيثيت رکي ٿو. ڊاڪٽر اياز قادري ۽ سيد وقار حسين رضوي، شاهه جي ڪلام جو اردو نثري ترجمو چئن حصن ۾ ڪيو جو اڪيڊمي ادبيات اسلام آباد وارن 1993ع ۾ شايع ڪيو. ادبي تاريخن جي حوالي سان سيد مظهر جميل جي سنڌي ادب جي باري ۾ لکيل تاريخ ”جديد سنڌي ادب“. ۾ چڱو حصو لطيفيات جي باري ۾ آهي. انهيءَ کان علاوه اردو ٻوليءَ ۾ جيڪي شاهه صاحب جي باري ۾ مضمونن ۽ مقالن جا مجموعا لکيا ۽ ڇپيا آهن سي هن ريت آهن.

عڪس لطيف، نذرِ لطيف، شاهه عبداللطيف حيات اور شاعري، نغماتِ لطيف، گلستان لطيف، لطيف نامه، شاهه عبداللطيف ڀٽائي، آوازِ لطيف، سنڌه کي تاريخي ڪهانيان، فڪر لطيف، سنڌه کي دهرتي سدا جيئي، آفتاب مهران ۽ ٻيا مخزن شامل آهن.

## شاهه صاحب جي باري ۾ انگريزي ٻوليءَ ۾ ٿيل ڪم:

شاهه صاحب جي رسالي کي انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪندڙيا سندن جي باري ۾ انگريزي ٻوليءَ ۾ لکندڙ هيٺيان ليکڪ مشهور آهن: ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ، رچرڊ برٽن، آرنولڊ ٿامس، ڊاڪٽر ايڇ ٽي سورلي، ائنميري شمل، شمس العلما مرزا قليچ بيگ، ايم ايم گدواڻي، ليلا رام وٽمل، علامه آءِ آءِ قاضي، مسز ايلسا قاضي، ميران محمد شاهه (اول)، ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽو، پيرومل مهر چند آڏواڻي، ڄيٺمل پرسرام، تيرٿ داس هوتچند واسواڻي، محمد اڪرم انصاري، ايس ايم جهانگياڻي، جي الانا، جي ايم سيد، آغا محمد يعقوب، آغا بيگم طاهره، ڊاڪٽر حميده کهڙو، عبدالغفار سومرو، محمد ابراهيم جويو، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، آخوند عبدالحميد، پروفيسر

امينا خميساڻي، ڊاڪٽر موتي لال جوتواڻي، ظفر ڪاظمي، اسحاق حسين ميمڻ، اعجاز احمد قريشي، محمد بچل تنيو پروفيسر محبوب علي چنا، ڪلياڻ آڏواڻي، مظهر يوسف، ضياءَ الدين بلبل، ليلاوتي هرچنداڻي، ڊاڪٽر دُر شهوار سيد، ممتاز عقيلي، ڊاڪٽر محمد علي ميمڻ، ڪي ايم لاڙڪ، ڪريم بخش خالد، ايس ايم فاروقي، مظهر الدين صديقي، سليم پٽو شيخ عبدالرحيم، عزيز جعفراڻي، عبدالغفور الستي، عبدالعلي قلباڻي، ابن سالڪ ۽ ٻيا آهن.

انگريزي ۾ لکيل ڪجهه ڪتابن جا نالا هن ريت آهن:

ڊاڪٽر ايچ ٽي سورلي جو "Shah Abdul Latif of Bhit"

ڄيٺمل پرسرام جو "Sindh and its Sufies"

شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ جو "Life of Shah Abdul Latif Bhitai"

تيرٿ داس هوتچند جو "Shah Abdul Latif: an introducation to his seven singing stories"

ليلارام وٽڻمل جو "The life, Religion and Poetry of Shah Abdul Latif"

ايم ايم گدواڻيءَ جو "Shah Abdul Latif"

اڪرم انصاريءَ جو "Symbolism in Latif's Poetry"

اڪرم انصاري جو "Shah Latif and modern World"

جي الانا جو "Classical Poets"

علامه آءِ آءِ قاضي ۽ ايلسا قاضيءَ جو "Selection from Risalo"

موتي لعل جوتواڻي جو "Shah Abdul Latif, his life and works"

آغا يعقوب جو "Life of Shah Latif"

پروفيسر امينا خميساڻيءَ جو "Risalo Shah Latif"

ظفر ڪاظميءَ جو "Bhitai The Messeger of the Master"

اسحاق حسين ميمڻ جو "The life and the Poetry of Shah Latif"

علامه آءِ آءِ قاضيءَ جو "Shah Abdul Latif Poet of Love and humanity"

جناب جي ايم سيد جو "Shah Latif and his Message"
ڊاڪٽر دُر شهوار سيد جو "The Poetry of Shah Abdul Latif"
اعجاز احمد قريشيءَ جو "Shah Latif A Poet for all times"
آخوند عبدالحميد جو Shah Abdul Latif his Mystical Poetry
عبدالغفور الستيءَ جو "Sunrise from Sindh"
ڪريم بخش خالد جو "The Poet of People"
سليم پتو جو "Shah Abdul Latif"
جرمن عالمن ۾ ڊاڪٽر ٽرمپ ۽ ڊاڪٽر اينميري شمل جو لطيفيات جو ڪم تمام اهم آهي. ڊاڪٽر اينميري شمل، شاهه جي رسالي جو ڪجهه حصو ترجمو ڪيو. پاڻ لطيفيات تي مضمون ۽ مقالا لکيائين. ڪين شاهه صاحب سان وڏي عقيدت هئي.

انهيءَ ڪان علاوه پنجابيءَ ۾ ڪرتار سنگهه، هنديءَ ۾ مٽي شنڪر دويدي، عربيءَ ۾ ڊاڪٽر فضل رحيم فارسيءَ ۾ نياز همايوني، شاهه جا رسالا ڇپايا. فارسيءَ ۾ جن بين ليکڪن شاهه صاحب جي باري ۾ لکيو انهن ۾ مير علي شير قانع ٺٽوي، مخدوم محمد حسين ٺٽوي، مخدوم محمد عاقل، مير عبدالحسين خان سانگي، سيد رفيق علي حسيني، مخدوم الله بخش خانزئي، هدايت الله هالائي، نظر علي بلوچ ۽ بيا شامل آهن.

لطيفي فن ۽ فڪر تي جيڪي ڪجهه هيستائين لکيو ويو آهي، اهو ڪاشف صاحب چواڻيءَ ته "ڪن محبت پائي من ۾ رندا روڙيا آهن ته ڪن سنهو ڪَتي ست سقلي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. پوءِ ڪن جو ڪائو ۽ ڪچ اگهيو آهي، ته ڪن جي ماڻڪن مُلهه ئي نه ڪيو آهي". بهرحال هن مقالي ۾ شاهه صاحب جي شاعريءَ جي پارکن کي مڃتا ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي، جنهن ۾ ڪافي اهم ڪتابن جو ذڪر آندو ويو آهي، پر ممڪن آهي ته ڪجهه رهجي ويا هجن. هي لطيفي سفر جاري ۽ ساري آهي. جيستائين سنڌ ڌرتي قائم ۽ دائم آهي، شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو نالو زنده ۽ قائم رهندو. سندس رسالي مان سنڌ واسين سميت انيڪ انسان سيراب ٿي سمجهه/سياڻپ جون سرڪيون پريندا رهندا. (آمين)

# شاهه جي رسالي جي مقصديت

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي سنڌ جي زرخيز ڌرتيءَ جو اهو املهه ماڻڪ آهي، جنهن جي ذات ۾ ڏات تي هيستائين جيڪي ڪجهه چيو ۽ لکيو ويو آهي، انهيءَ جو تَتُ اهو شمار ڪري سگهجي ٿو تہ هن اعليٰ پايي جي نيڪ نيت بزرگ جي شاعري هڪ عجب اسرار آهي. اهو هڪ لازوال معجزو آهي، تہ سنڌي ٻوليءَ جي بقا جو پروانو پڻ، انساني زندگيءَ جي مڪمل رخن جو اپياس آهي تہ عوام الناس کي ماڻهپي جا سبق سيکاريندڙ سنڌي صحيفو پڻ.

شاهه سائينءَ جي سوانح ۽ شاعريءَ جي باري ۾ تفصيلي طور مون هڪ ڪتاب "جي پارڪو پارس جا" لکيو آهي، پر هن مختصر مقالي ۾ فقط سندن فن ۽ ان جي مقصديت ۽ پيغام تي مختصر روشني وجهنديس.

جيئن تہ فن ۽ فنڪار جو پاڻ ۾ گهاٽو لاڳاپو آهي، سو شاهه سائينءَ جي شخصيت کي سندن شاعريءَ کان جدا نٿو ڪري سگهجي. هن عظيم فنڪار جو فن سندس ذات جي انيڪ خوبين جيئن نيڪ نيتي، خلوص، مهرباني، بردباري، سمجهه، حوصلو، همت، شجاعت، ذڪاوت، سخاوت، سچائي ۽ رحمدليءَ جو ترجمان آهي. شاهه صاحب جو فن سندس رسالو آهي. "رسالو" عربي ٻوليءَ جي لفظ "رسل" مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ پهچائڻ جي آهي، يعني شاهه جو رسالو اسان وٽ سندن پيغام جي صورت طور پهتو آهي. شاهه جو رسالو پنهنجي شاعراڻي خوبين ۽ فني لوازمات سان گڏ هڪ خاص معنيٰ رکي ٿو جيڪا آهي "پيغام". هاڻي اهو پيغام ڪهڙو آهي، جيڪو هُن سنڌ واسين کي ڏنو آهي ۽ ان ۾ سندس ڪهڙو مقصد ڪارفرما آهي؟ ۽ اهو بہ سوچڻ جو مقام آهي تہ ڇا سنڌي قوم پنهنجي هن قومي شاعر جي شاعريءَ مان اهي مقصد جا موتي حاصل ڪيا آهن. جيڪا هن جي مراد هئي؟ انهيءَ لاءِ سڀ کان پهرين شاهه صاحب جي رسالي/فن جي ماهيت ۽ ٻوليءَ تي ڪجهه روشني وجهنداسين، پوءِ ئي مقصديت تي بحث ڪبو.

شاهہ جو رسالو "گنج" جي قلمي نسخن جي صورت ۾ پيٽ شاهہ تي سندن وفات کانپوءِ محفوظ هو جنهن تان ڪيترائي قلمي نسخا مرتب ٿيا ۽ پوءِ جڏهن انگريز دور ۾ ڇاپخانا قائم ٿيا تڏهن قلمي نسخن کي ڪتابي صورت ۾ آڻڻ جو ڪم عمل ۾ آيو. پهريون شخص ڊاڪٽر ٽرمپ هو جنهن شاهہ جي رسالي جو ڇاپي نسخو جرمنيءَ مان شايع ڪرايو جنهن ۾ هُن ٻن ڏيهي شخصن جي مدد سان بہ قلمي نسخا پيٽي تيار ڪرايو هو.

اصل گنج اڄ تائين موجود نہ رهيو آهي، جو شاهہ صاحب جي حياتيءَ ۾ فقيرن لکيو هو جنهن جي باري ۾ مشهور آهي تہ پاڻ ڪراڙ ڍنڍ ۾ ڦٽي ڪري ڇڏيو هيائون. شاهہ صاحب جي مريدن ۽ فقيرن جيئن تمر فقير، رحيم فقير ۽ مائي ملياٽي نيامت کي شاهہ جي ڪلام جو وڏو حصو ياد هو. اهڙيءَ ريت جيترن کي سندن ڪلام ياد هو انهن خود هڪ ٻئي کان پڇي نسخو لکيو جو پڻ محفوظ رهي نہ سگهيو.

اسان وٽ موجوده وقت جيڪو معتبر گنج موجود آهي، سو ڪاتب فقير عبدالعليم عرف وڏل شاهہ ميين اسماعيل جي چوڻ تي لکيو (ميون اسماعيل تمر فقير جو نائب هو) انهيءَ گنج ۾ شاهہ صاحب جي ڪلام سان گڏ ٻين فقيرن، ڪلاسيڪل شاعرن ۽ سگهڙن جا بيت بہ شامل آهن.

هاڻي جيڪڏهن شاهہ صاحب جي اجازت سان لکيل سچو پچو نسخو موجود هجي ها تہ اڄ اسان جي محققن جون پوريون حياتيون شاهہ جي ڪلام کي ڌارين ڪلام مان آجي ڪرڻ ۾ صرف نہ ٿين ها. شاهہ صاحب جي ڪلام کي ڪراڙ ڍنڍ ۾ ٻوڙڻ واري واقعي تي جيڪڏهن اعتبار بہ ڪجي تہ پوءِ بہ جيڪو ڪلام سندن حياتيءَ ۾ وري لکيو ويو اهو مستند هو پر اهو نسخو بہ سنڌ جي سياسي حالتن ۽ ان وقت جي غير موافق ماحول سبب رُلي ويو. (انهيءَ وقت ذاتي ڪتب خانن جو رواج وڏيڪ هو. ممڪن آهي اهڙو ڪو ٻيو بہ مستند نسخو ميرن يا ٻين عالمن جي ڪتب خانن ۾ وقت سان گڏ تباهہ ٿي ويو هجي) بلڙي شاهہ ۽ پيٽ جا نسخا جيڪي ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ انگريزن جي دور ۾ پيٽا، اهي بہ هن وقت موجود ڪونهن، انهيءَ تي ڪيترو بہ ڏک ڪجي، گهٽ

آهي. بهرحال موجوده وقت جيڪي نسخا هٿ آيل آهن، انهن جو وچور تقريباً پنجاهه تائين وڃي ٿو. جيڪي گهڻي ڀاڱي نقلن جا نقل آهن، انهن مان محققن وڏيءَ جاکوڙ سان شاهه صاحب جو ڪلام ترتيب ڏنو آهي. آفرين آهي انهن محققن جي محنت کي، جن قلمي نسخا پيٽي ۾ مستند ڪلام کي ڇپائڻ جون ڪوششون عمل ۾ آنديون. خاص طور ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ، ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي، علامه آءِ آءِ قاضي، غلام محمد شاهواڻي، ڪلياڻ آڏواڻي، عثمان علي انصاري، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ ٻين جي محنت کي مڃتا ڏيڻ ضروري آهي.

شاهه جو رسالو "گنج" جي صورت ۾ واضح طور شاعراڻي مواد تي مبني آهي. ڇاپي رسالن ۾ سرن جي ترتيب ۾ فصلن جي ورهاست موجود آهي. ڪجهه رسالن ۾ ڏکين لفظن جي معنيٰ ۽ شرح پڻ ڏنل آهي ۽ ڪجهه ۾ ڪلاسيڪل داستانن جو تفصيل پڻ موجود آهي، جيڪو عام خواندو پڻ پڙهي مطلب جا موتي حاصل ڪري سگهجي ٿو.

شاهه صاحب جي رسالي جي ٻولي سلوڻي، سون ساريکي، سڀاجهي سنڌي آهي، جيڪا هر سنڌيءَ جي دل کي سيبائيندڙ ۽ جڻ ان جي دل جو آواز آهي. هن پنهنجي شاعريءَ ۾ لساني ذخيري جو وڏو تعداد موقعي مهل مطابق استعمال ڪندي، سنڌي ٻوليءَ کي پختائيءَ ۽ اوچائيءَ جي اعليٰ درجي تي پهچائي ڇڏيو آهي. شاهه جي رسالي ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بقا جا مڪمل اسباب موجود آهن. هو نه فقط سنڌي ٻوليءَ جي ماهيت جو مالڪ آهي، پر پنهنجي ڪامل مهارت ۽ قابل دسترس سان ان کي قائم دائم رکندڙ آهي. ڪيس سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪابه ملاوٽ پسند ڪونهي. تڏهن ئي ته فرمائي ٿو ته:

جي تون فارسي سکين ته گولو تون غلام

يا

پيم پٺاڻن سين ٻولي ٻي نه ٻُجهن،
آئون سنڌيءَ جو سعيو ڪريان، هو پارسي پُڇن،
مون پڻ ملان تن، سرتيون سُور پِرايا.

هن رسالي جي معرفت سنڌي ٻولي هڪ سداحيات ۽ جيئري

جاڳندي ٻولي تي قائم رهندي اچي. بيتن ۾ چا تہ تجنيس حرفيءَ جا جنسار آهن! هڪ هڪ لفظ جون ڪيتريون ئي معنائون آهن! ڪيترا نہ هڪ هڪ شيءِ لاءِ لفظ موجود آهن! مثال ڏيڻ ويهجي تہ صفحن جا صفحا پرجي وڃن. لفظن جون زيب دار تخليقون، تمثيل جون تازگيون، تشبيهون، حڪايتون، مطلب تہ انيڪ خوبيون آهن.

**مقصديت ۽ پيغام:** شاهہ صاحب جو پيغام ڪل ڪائنات جي ڀلائي آهي. سندس شاعريءَ جو محور انسانذات آهي. هن خودشناسيءَ معرفت خداشناسيءَ تائين پهچڻ جا درس ڏنا آهن. هن غير معمولي ذهين (Extra Ordinary Genius) شخص جو شاعراڻو شعور فقط چند هلندڙ صدين تي نہ بلڪ هڪ تمام وڏي عرصي تي محيط آهي. سندس فن سنڌ جي هر دور جي سماجي ۽ سياسي حالتن جي ردو بدل ۽ مذهبي ماحول جي عڪاسيءَ سان گڏ عوامي جيوت جي هڪ هڪ رخ جو اولڙو آهي. هن پنهنجي تجربي، مطالعي، مشاهدي ۽ فڪري ڏات سان جيڪو فڪر سنڌين ڏانهن منتقل ڪيو آهي، اهو نہ ڪير اڄ تائين ڪري سگهيو آهي ۽ نہ ئي ٿيندڙ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ڊاڪٽر سارلي چواڻيءَ تہ "سنڌ شاهہ صاحب جهڙو ٻيو شاعر پيدا نہ ڪري سگهي آهي ۽ نہ ئي ڪري سگهندي". هن فقط بيت نہ چيا آهن، پر انهن بيتن جي اونهائيءَ کي ماڻهن لاءِ عام کي خبردار ڪيو اٿس تہ انهن بيتن کي عقيدت، سچ، سونهن، خلوص ۽ محبت جي ماپي ۾ پرکيو ۽ پروڙيو. قرآني آيتن وانگر يقيني قوت سان قلب ۾ اوتيو تہ ئي قرار پائيندؤ ۽ تڏهن ئي ابدي حياتي ماڻيندؤ.

بامقصد انساني قدرن ڏي مائل ڪندي حياتيءَ جي هر رخ جي حقيقت بيان ڪئي اٿس. زندگيءَ جي هر پهلو ڏک، سک، خوشي، غمي، علم، عبادت، محبت، ڪدورت، عشق جون اونهايون، وڇوڙي جا ورلاپ، وصال جي لذت، مطلب تہ ڪوبہ انساني جذبو نہ آهي، جنهن کي سندس شاعريءَ ڇهيو نہ هجي. هو هڪ ماهر نفسيات دان، دانا، عالم، رهبر ۽ رهنما وانگر انساني ڪردار جي اوچائي نيچائي، اماره، لوامہ خاصيتون پڌري پٽ ٻڌائي ٿو. سندس شاعراڻي رمز ايتري تہ

اونهي آهي، جو هن مهاساگر مان هر ماڻهو اعليٰ توڙي ادنيٰ، عالم توڙي بي علم، استاد توڙي شاگرد، مالڪ توڙي مزدور، مطلب تہ سيني کي پنهنجي پنهنجي مطلب مطابق معنيٰ ملي ٿي. هن جي دل ۽ دماغ هڪ مثبت رويي ڏي مائل ٿين ٿا. سندس اندر کي هڪ نئين قسم جي روشني ملي ٿي.

ڪيترن ئي شارحن شاهہ صاحب جي ڪلام جون شرحون لکيون آهن. ڪئين ظاهري ۽ باطني معنائون بيان ڪيون آهن ۽ هر طبقي جي ماڻهن انهيءَ مان فيض حاصل ڪيو آهي ۽ ڪڏهن بہ ڪنهن کي ڪوبہ ناڪاري (Negative) رخ هن ڪلام مان نہ مليو آهي. نہ شيعن، نہ سنين، نہ هندوئن، نہ مسلمانن، نہ مولوين، نہ محققن، مطلب تہ ڪنهن کي بہ سندس ڪلام جي ڪنهن بہ سٽ تي اعتراض نہ ٿيو آهي، بلڪ سندس سڄي ڪلام ۾ نيڪ نيتيءَ جو پهلو سيني پهلوئن کان وڌيڪ نمايان ۽ چٽو آهي، جو هو پاڻ هڪ بي انتها نيڪ نيت ۽ نيڪ عمل انسان هو.

اها ڳالهہ بہ مُندِيءَ تي ٽڪ جيان آهي تہ هن شاعريءَ کي تصوف جي تارازوءَ ۾ توريو ويو تہ بہ تمام صحيح لڳي. جڏهن محققن سنڌ جي سماجي، علمي، ادبي، سياسي، مذهبي ۽ تاريخي حالتن جي تناظر ۾ پرکيو تہ پڻ مُدلل لڳي. مطلب تہ هن نوراني شاعريءَ ۾ وطن دوستي، وسيع النظري، وسيع القلبي ۽ وسيع الوسعتي آهي، جنهن جهڙو هڪ بہ شعر پيش ڪرڻ جڻ تہ معجزو آهي. انهيءَ ڪري ئي هن شاعريءَ کي "**سداحيات شاعري**" جو لقب مليو آهي.

مقصدي طور مثبت لاڙن، نيڪيءَ جي تربيت، سجاڳي، سورهيائي، سچائي، همت، محنت، معرفت، محبت، بي ڊپائي، مستقل مزاجي ۽ خاص طور ماڻهپي ڏي موڙڻ ئي شاهہ لطيف جي شاعريءَ جو مقصد ۽ پيغام آهي.

وڳر ڪيو وَتن، پرت نہ ڇنن پاڻ ۾،
پَسو پَکيئڙن، ماڻُهئان ميث گهڻو.

(4_5، سر ڏهر)

# شاهه جي شاعريءَ ۾ اخلاقي ۽ روحاني درس

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ رحہ جو نالو عظيم شاعر جي طور مڃيل آهي. هو سنڌ ڌرتيءَ جو هڪ اهڙو مانائتو ۽ شانائتو شاعر هو جنهن جي شاعريءَ ۾ نہ فقط سنڌ ۽ سنڌي قوم لاءِ پر پوري عالم لاءِ امن، سک ۽ شانتيءَ جا سڏ آهن. سندس شاعري سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ صحيفو ۽ الهامي معجزو مڃي وڃي ٿي. هن انساني حياتيءَ جي هر رخ کي پنهنجي شاعريءَ ۾ اُجاگر ڪيو آهي. سندس بيت پڙهڻ ۽ ٻڌڻ سان دل ۾ نيڪ جذبا پروان چڙهن ٿا ۽ ماڻهوءَ جي عزم ۽ ارادي ۾ مثبت تبديلي اچي ٿي ۽ ايئن شاهه صاحب جي شاعريءَ جي پڙهڻ، ٻڌڻ، سمجهڻ ۽ سمجهائڻ سان اسان جي سماجي اوسر ۾ وڏي تبديلي اچي سگهي ٿي.

شاهه لطيف جي شاعريءَ جا جهجها رُخ آهن جن ۾ هڪ خاص رُخ اعليٰ انساني قدرن جي اپٽار آهي، هن انسانيت جي علمبردار شاعر کي پليءَ پٽ خبر هئي تہ انسان ڇا آهي؟ ان جي ڪائنات ۾ ڪهڙي حيثيت آهي؟ هُو هِن دنيا جي احسن ترين مخلوق هوندي بہ ڇوهيڻانهين ڏي مُڙي ٿو؟ ڪيس ڪهڙن انساني قدرن جي پورائو ڪرڻ گهرجي، جن وسيلي هُو پنهنجي اشرف المخلوقات جو لقب برقرار رکي سگهي. شاهه صاحب پنهنجي شاعريءَ وسيلي انسان ۽ انسانيت جي لاڳاپي کي سهڻائيءَ سان واضح ڪيو آهي. هن اسان کي اهي قدر ۽ وسيلا ڏسيا آهن، جن معرفت اسين الله تعاليٰ جي پيدا ڪيل ٻيءَ سڀ مخلوق کان اوچو درجو حاصل ڪيون. هن سماج ۾ ڏٺو وڃي تہ انسان قدرت جي خوبصورت ترين تخليق آهي ۽ عقل الاهيءَ جي نعمت سبب کيس سيني مخلوقن تي مٿانهين حيثيت حاصل آهي. هو هر پل سوچيندڙ ۽ انهيءَ سوچ کي عملي جامو پهرائيندڙ آهي. پٿر جي شروعاتي دور کان اڄ تائين جاکوڙيندڙ رهيو آهي. انهيءَ ڪري ئي هو پنهنجي پاڻ ۾ هڪ اهڙي ڪائنات آهي. جنهن ۾ هزارين سالن جون تهذيبون، تمدن، علم ۽ هنر

سمايل آهن.

انسان جڏهن هن دنيا ۾ قدم رکيو انهيءَ وقت کان وٺي هُن پنهنجي وجود کي مڃائڻ جي جنگ جاري رکي آهي. هُن جڏهن پنهنجو پاڻ تي ۽ هن ڪائنات تي غور ڪيو تڏهن مٿس اها حقيقت کُلي، ته سندس بقا تڏهن ئي قائم رهي سگهي ٿي، جڏهن هُو انسانيت جو احترام ڪري ۽ اهو ئي انسان ۽ انسانيت جو رشتو آهي. اهو انسانيت جي احترام جو جذبو ئي آهي، جنهن سان ”حيوانيت“ ۽ ”انسانيت“ ۾ امتياز قائم ٿيئي ٿو.

هن دنيا ۾ ڪيترائي پيغمبر، نبي، ولي ۽ نيڪ انسان وقت به وقت انسانذات جي سڌاري جا پيغام ڏيڻ آيا آهن. جن کين انسانيت جي خدمت ڪرڻ لاءِ اُتساهيو آهي ۽ کيس پنهنجو اعليٰ هئڻ جو شرف سمجهايو آهي. الله تعاليٰ جي اهڙن نيڪ بانهن ۾ سنڌ جي سرزمين جو ڪامل ولي حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي پڻ شامل آهي. جنهن پنهنجي شاعريءَ وسيلي صاف ۽ سڌن لفظن ۾، ته تمثيلن ۽ علامتن جي اوٽ ۾ انساني زندگيءَ کي سٺي نموني گهارڻ جا پيغام ڏنا آهن، شاهه جي شاعريءَ جو تت ۽ ست اعليٰ انساني اخلاقي قدرن جي اُپٽار آهي وٽس انساني قدرن ۾ خاص اهميت چڱن اخلاقن جي آهي. چڱا اخلاق تحقيق هڪ روشن گهر جيئن آهن، جي ماڻهوءَ جي مَنَ کي اوجر ڏين ٿا ۽ بد اخلاقيون هڪ اونداهي گهر مثل آهن جنهن ۾ ڪابه باک نٿي ڦٽي. شاهه سائين کي چڱيءَ پر جاڻ هئي ته ماڻهو ته مٽيءَ جي مُٺ آهي ۽ سندس ماڻهپوئي کيس ملائڪن کان مٿانهون مقام عطا ڪري ٿو. اهي نيڪ گُڻ جيڪي انسان جي شخصيت جي تعمير ڪن، سي شاهه صاحب بار بار پنهنجي شاعريءَ ۾ ورجايا آهن. جيئن ٻڌي، محبت، وطن دوستي، همت، بهادري، شجاعت، عزم جي پختگي، قرباني، فرض شناسي، پيار، رحمدلي، قناعت، شفقت، عدل و انصاف، همدردي، مهمان نوازي، سچ، سادگي، نهٺائي، پاڪيزگي، بردباري، ايمانداري، شرم و حيا، سخاوت، غيرت، امن پسندي، قرباني، نيڪ نيتي، عبادت، علميت مطلب ته انيڪ اهڙين خوبين جن سان هڪ انسان هن زمين جو هڪ ڪار آمد فرد هجي، تن کي ذڪر

ڪيو اٿن ۽ ان جي ابتڙ جيڪي اَوَگُڻ آهن انهن کي نِندِيو اٿن ۽ ايئن شاهه صاحب ماڻهپي جا سبق ڏنا آهن. هُن ان ڏِسَ ۾ فهمائشون ڪيون آهن تہ برملا کُليو اظهار پڻ ڪيو آهي. سچ کي سڌو رستو ڄاڻائيندي ڪوڙ ۽ ڪپٽ کان پاسو ڪندي تنبيهہ ڪئي اٿن تہ.

"جي نہ سڃاڻن سچ کي، ويهہ مَ تني وٽ"

(سرسريراڳ)

سندس نظر ۾ بي ايماني، بي انصافي، بي حيائي، بزدلي، بخيلي، بي همتي، بي رحمي، انساني حياتيءَ لاءِ بي انتها هاڃيڪار آهن. هو سُستي ڪاهلي، ناشڪري، بي صبري، تڪبر، فخر، نفرت، مايوسي، ناميدي، لالچ، نڱي ۽ ٻين ڪيترين بي اخلاقين کي سماج لاءِ نقصانڪار ٿو ڄاڻائي سندس موجب هر چڱو گُڻ انساني عظمت جو اهڃاڻ آهي ۽ هر برو عمل ۽ بداخلاقي، شيطاني قوتن جو عڪس آهي.

انسانيت جي هن علمبردار وٽ آجپي، آزادي ۽ انسان دوستيءَ جو وڏو قدر آهي تڏهن ئي تہ چوي ٿو تہ:

وڳر ڪيو وتن پِرت نہ ڇنن پاڻ ۾،
پسو پکيئڙن، ماڻهنِئان ميٺ گهڻو.

(ڏهر_4_5)

شاهہ صاحب جو فڪر تمام مٿانهون آهي، هن جي شاعريءَ جو محور انسان ۽ انسان ذات آهي هُو اُن انسان کي اُتم ٿو ڄاڻي، جو وطن دوست ۽ انسان دوست آهي ۽ جيڪو ان ريت نہ آهي ۽ انهن خوبين کان محروم آهي، سوا ڻاسو ۽ بد بخت آهي.

سڄڻ ۽ ساٿيهہ، ڪنهن اڻاسيءَ وسري،
حيف تنين هوءِ، جن وطن وساريو.

انساني ارادي جي قوت جي مضبوطي ۽ همت شاهہ صاحب وٽ گهڻي اهميت رکندڙ آهي. سسئي سندس شاعريءَ جو اهم ڪردار آهي، جنهن جي معرفت هن جستجو، همت ۽ سڄاڳيءَ جا سڏ ڏنا آهن.

جڏهن سُتيون جي، پٽر پير ڏگها ڪري،

تـڏهن تـنين ڪي، ســاٿ ســتي ئي چـڏيو.

ساڳيءَ ريت ٻين ڪيترن سُرن ۾ سندس اهو ئي پيغام آهي ته همٿ ڪيو بهادريءَ سان اڳيان اچو سر ڪيڏارو ۾ فرمائي ٿو ته:

سـورهيہ مرين سـوپ ڪي تـہ دل جا وهم سـڀ وسـار،
هـڻ پـالا وڙهـہ پـاڪـريـن، آڏي ڍال مَ ڍار،
مـتـان تـيـغ تَـرار، مـار تـہ مـتـارو تـيـئـن.

"تتيءَ ٿڌيءَ ڪاهہ"، "گهڙيا سي چڙهيا"، "وينءَ ناهِ وراڪو"، "ستا اٿي جاڳ"، "ڪاهي وڃئو ناڪئا"، "سُتي نہ سرند ياءِ"، "ڏورج ڏيئو هٿ ڪري"، "ٽڪيائي ٽر ٽيلهہ چڙهہ چڪيا ئي چوٽيئن"، "ويني وَرَ نہ ملن سُتي نہ ملن سپرين" ۽ ٻيا سوين بيت اهي ثابتي ٿا ڏين، تہ شاهہ صاحب جي شاعري همٿ، شجاعت، بهادري، عزم ۽ ارادي جي پختگي، قرباني، غيرت، فرض شناسي ۽ وطن دوستيءَ جو اهڃاڻ آهي ۽ اهي اهڙا اعليٰ انساني قدر آهن، جن سان انسان مانائتو ۽ شانائتو جيون جيئي ٿو. شاهہ لطيف ذاتي طور هڪ نرم دل، نهٺو شفيق ۽ همٿ ڀريو ماڻهو هيو. هن وٽ پيار ۽ محبت جي آفاقي جذبي جو وڏو قدر هو. سندس ڪلام ۾ اهڙا ڪيترائي بيت ملن ٿا، جن ۾ آفاقي، الهامي ۽ مجازي محبت جا سڏ ڏنل آهن.

ڪـڙو مـنـجهہ ڪـڙي، جيئن لوهـار لپيٽيو،
منهنجو جيءُ جڙي، سـپريـان سـوگهو ڪيو.
(يمن ڪلياڻ 2_5)

عشــق جـنـين ڪـي آڪـرو، تـرهـو مـتـي تـن،
جي ســاهڙ ڪي ســڪن، تنين جر جنـڊ ٿيئي.

شاهہ صاحب چاٽائي ٿو تہ دوست جو ديرو تہ دِل ۾ آهي فقط من جي مفتيءَ معرفت پنهنجو پاڻ اهو اندر ۾ ڳولهڻو آهي، مَنَ مان ڪٽ ڪڍي ان کي ڌوئي پاڪ ۽ صاف ڪري اڳيان وڌڻو آهي. دنياوي ڏاهپ ڪجهہ ڪونهي اصل تہ دل جي صفائي ڪپي، ليلا جو پنهنجي لالچ تي پشيمان هئڻ هن ريت ٿو بيان ڪري:

الا! ڏاهي مَ ٿيان، ڏاهيون ڏک ڏسن،
مون سين مون پرين پورائيءَ ۾ پال ڪيا

نوريءَ جي نهٺائي ۽ سادگي وٽس مانائتي آهي، ڪيس ساراهيندي چوي ٿو ته:

گند جنين جي گوڏ ۾، پاپوڙا پوشاڪ،
انين جي اوطاق، راجا ريجهي آئيو.

بهادري وٽس غيرت ۽ قومن جو شان ۽ مان آهي. بزدل ۽ ڪانئر ڪي هو قوم ۽ ملڪ لاءِ بربادي جو سبب سمجهي ٿو. سورهيه مردن جي ونين واتان چورايو اٿس ته:

پڳو آئون نه چوان، ماريو ته وسهان،
ڪانڌ منهن ۾ ڏڪڙا، سيڪيندي سونهان،
ته پڻ لڄ مران، جي هونس پٺ ۾.

(سُر ڪيڏارو)

گيدي، بزدل، ڊڄڻو انسان ٻين به ڪيترين خامين سان ڀرپور هجي ٿو. شاهه صاحب انهيءَ ڪري سخي ابڙن بهادرن ۽ سورهين ڪي ساراهي سنڌي قوم کي سورهيائيءَ جا سبق ڏنا آهن. جادم جکرو سمن جو سخي سردار ۽ راءِ ڏياچ چوڙا سما خاندان جو بادشاهه جنهن ٻيجل جي تند تنوار تي وڏي شوق سان سر قربان ڪيو. جنهن کي شاهه صاحب واکاڻيو آهي. اهڙيءَ ريت شاهه صاحب ڪيترن ئي هنڌن تي غيرت، سخاوت، وطن دوستي، سادگي، محبت ۽ مجاز جا مثال ڏيئي، سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ شاهڪار رسالي کي تخليق ڪري پنهنجي قوم کي انساني قدرن سان شناسائي ڪرائي آهي، بد اخلاقين ۽ برائين کان بچڻ جا گُر ڏسيا آهن. صبر جهڙي پيغمبري صفت کي ڳايو آهي. بي همتي ۽ بزدليءَ کان بچاءُ جي جاڻ ڏني آهي. لالچ کي ننديو آهي. غيرت ۽ خودداريءَ سان جيون گذارڻ کي اهميت ڏيندي آزاديءَ جو سبق ڏنو آهي، چڱائين جي اپٽار ڪئي آهي. **"ڏمر کي ڏولائو"** سڏيندي، **"نمي کمي نهارڻ جي"** تلقين ڪئي آهي. سندس اهو ئي مؤقف آهي ته **"هُو چو نيئي تون مَ چئو واتان ورائي"**، **ڪم ڪمندن ڪٿيو هارايو هوڙن"** يا **"چپ**

**سين جي چون ادب ڪجي ان جو“.**

انساني اخلاقي قدرن سان گڏ شاهه صاحب سنڌي قوم ۽ سماج جي معاشي ۽ ثقافتي قدرن کي پڻ پنهنجي شاعريءَ ۾ وڏي اهميت ڏني آهي. سندس نظر ۾ جيڪا قوم پنهنجي ماضيءَ کي وساري ٿي ويهي اها هميشه غيرن جي پوئواري ڪندي ۽ ايئن آهستي آهستي هُن جون جڙون پنهنجي ڌرتيءَ تان ڪٽجي وينديون. انهيءَ ڪري پنهنجي شاندار ماضيءَ جي اوٽ ۾ شاهه صاحب سنڌ واسين کي سماجي حالتن مطابق سندن تهذيبي معاشي، مذهبي، علمي ۽ ثقافتي قدر ڄاڻايا آهن. هن جي ڪلام ۾ انيڪ اهڙا بيت ملن ٿا، جن مان خبر پوي ٿي ته سنڌي قوم هڪ اعليٰ تهذيبي ورثي جي وارث آهي، جنهن جو پري پري ملڪن سان وڻج واپار هلندڙ هو هتي جون رسمون رواج، اٺيون وينيون اهي ثقافتي قدر آهن، جن سان هتان جي ماڻهن جو مان مٿانهون آهي، علمي ۽ مذهبي طور هي امن پسند ماڻهو پڙهيل ۽ محنتي آهن ۽ ايئن شاهه صاحب پنهنجي شاعريءَ وسيلي انساني اخلاقي خوبين کي ڳائي ۽ خامين کي برو ڄاڻائي پنهنجي پڙهندڙ کي پيغام ڏنو آهي ته توهان بهترين انسان ٿي ۽ پنهنجو پاڻ کي اعليٰ انساني صفتن سان معمور ڪيو. ته توهان هڪ خوشحال ۽ آسودي سماج کي ٺاهي سگهندؤ جتي امن ۽ ڀائيچارو هوندو جتي معاشي حالتون بهتر هونديون، جتي ڪوڙ ڪپت، ٺڳي ۽ چور بازاري نه هوندي، جتي ڪير ڪنهن جا حق غصب نه ڪندو ۽ نيڪ عملن ۽ نيڪ نيتن سان رب پاڪ جو ڪرم نصيب ٿيندو. سڄيءَ سنڌ سان گڏ هو پوري عالم لاءِ دعاڳو آهي.

سائينم! سدائين ڪرين، مٿي سنڌ سُڪار،
دوس! مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

# شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ سنڌي سماج جا معاشي ۽ ثقافتي قدر

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي سنڌي عوام جو اڳواڻ شاعر شمار ٿئي ٿو. سندس شاعراڻي ڪٿ فقط اها نه آهي، ته هو اعليٰ درجي جو شاعر هو پر در حقيقت هُن وٽ خيالن جي اڏام، لفظن جي سونهن ۽ شاندار شاعريءَ سان گڏ ٻيون جيڪي وصفون آهن، انهي ئي ڪيس هڪ منفرد ۽ يگاني محبت جي پيامبر، قومي اڳواڻ ۽ سنڌي قوم جي نفسياتدان طور مڃايو آهي. سندس اونهي مشاهدي واري نظر سنڌ ڌرتيءَ جي پاتال ۾ پيهي ويئي. هن هتان جي رهڻي ڪهڻي، ريتن رسمن، ٻولي، تمدن، تهذيب ۽ ثقافت سان گڏ ڌرتيءَ واسين جي جيءَ ۾ جهاتي پائي سندن ڏک، سک، خوشيون، غميون آسون، اميدون، خدشا، خوف، وهم ويچار مطلب ته هر جذبي هر خيال ۽ هر سوچ کي نمايان ڪري پيش ڪيو. هو سنڌي سماج جو صدين کان هڪ اهڙو سُونهون آهي جو ڏنو ويجي ته هر مشڪل جو حل "شاهه جو رسالو" آهي ۽ اسان کي فقط ايترو ڪرڻو آهي جو اسان کي سندس ڪلام کي اُن ريت سمجهڻ جي قوت پيدا ڪرڻي آهي. شاهه صاحب سنڌي سماج جي مختلف حالتن جو گهرو مطالعو ڪيو. هُنَ هِتان جي معاشي حالتن جي لاهن چاڙهن کي پروڙيو ڪيس چڱيءَ پر خبر هئي ته سنڌ صدين کان عظيم ثقافت ۽ تهذيبي ورثي جي امين آهي. هيءُ باهمت محنتي ماڻهو آهن پر منجهن جي ڪي خاميون آهن ته اهي ضرور هٽڻ گهرجن. شاهه صاحب پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪيترن هنڌن تي کين ساراهيو ته ڪيترن جڳهين تي سمجهايو آهي ۽ فهمائشون ڪيون آهن. پر هر حالت ۾ هو پنهنجي قوم واسين کي خودمختيار ۽ بااختيار ڏسڻ جو خواهشمند هو.

جيئن ته علم ادب ۽ سماج جو ساٿ هميشه پاڻ ۾ ڳنڍيل رهيو آهي. آس پاس ۾ جيڪي وهي واپري ٿو اهو ليکڪ ۽ شاعر جنهن شدت سان محسوس ڪندو آهي، ايترو ٻيو ڪو عام ماڻهو محسوس نه ڪري سگهندو

آهي ۽ جيڪڏهن هو محسوس ڪري ٿو ته ٿو ته به وٽس اها سگهه نٿي هجي، جو هو اهو اهڙي ريت چاٽائي سگهي جهڙيءَ ريت عالم، اديب ۽ شاعر بيان ڪري سگهن ٿا. سو شاهه صاحب ته وڏيءَ نظر وارو حساس شاعر هو. سندس دور ۾ سنڌ هڪ وڏي آزمائش واري دور مان گذري رهي هئي، مغلن جي غلاميءَ کان پوءِ ظلم جا نشان ٿي نادر نمودار ٿيا. انهن کان ڇوٽڪارو مَس حاصل ٿيو ته قنڌارين اچي ڪڙڪو ڪيو ۽ سنڌ واسين جو ساهه سُڪايو. اهڙين غير يقيني حالتن ۾ سختيون سهائي سورهيائيءَ سان منهن مقابل ٿي سنڌ جي حفاظت ڪرڻ لاءِ همٿائڻ ۽ غيرت پيدا ڪرڻ جا سبق ڏيڻ هر شاعر جي قوت نه هئي، اهو شاهه لطيف هو جنهن چاٽايو ته، مانجهي مڙس اهي آهن، جي رُڪ وهندي راند ۾ هٽڻ ۽ هڪلڻ کي ترجيح ڏيندي اڳيان ٿا اچن ۽ قومن جو شان مٿانهون ٿا ڪن.

صوفين، سنياسين ۽ عاشقن جو مرڪز هيءَ سنڌ جي سرزمين هميشه واپار وسيلي مختلف تهذيبن سان ڳانڍاپي ۾ رهي آهي. هتان جي تجارت ملڪان ملڪ مشهور هئي. ديبل جو بندر سامونڊي تجارت جو وڏو مرڪز هو. هتان جي واپار جا سلسلا بخارا، سمرقند، چين ۽ جپان تائين جاري ۽ ساري هئا. پر ڪيترين قومن هن ڌرتيءَ تي داخل ٿيڻ کان پوءِ هتي پنهنجي حاڪميت مڙهيندي اصل رهاڪن کي تڙڻ جون ڪوششون ڪيون آهن، جن جي ڪري هن زمين تي ڪيترائي مالي بحران آيا آهن. اها هڪ مڃيل حقيقت آهي، ته ڪا به قوم تيستائين ترقي نٿي ڪري سگهي، جيستائين اها مالي طور مضبوط نه آهي ۽ شاهه لطيف انهيءَ نڪتي کي سمجهندي پنهنجي قوم کي وَرَ وَرَ ڏيئي محنت ۽ همٿ جي لاءِ اُتساهيو ۽ سچيءَ سنڌ لاءِ سُڪار جو تمنائي ٿيو ۽ اهو سُڪار فقط ۽ فقط سون ورنن هٿن جي پورهئي سان ممڪن هو. هن روشن خيال شاعر سنڌي سماج جي هران شخص کي عزت ۽ احترام جوڳو چاٽايو. جو هن سماج کي سونهن بخشي، شاهه صاحب ڪاپائتيءَ جي ڪردار کي امرتا بخشيندي هڪ پورو سُر سندس نالي ڪيو آهي. ائٽ جي اوٽ ۾ هُن سنڌين کي سبق ڏنو آهي ته ڏٽيءَ سڳوري توهان کي

۽ سون جهڙا هٿ ڏنا آهن. اتو ۽ پنهنجي رزق ڪي ڳولهيو. فرمائي ٿو تہ:

سونَ سارِيڪا هَٿڙا، ڪُوهہ نہ ڪَتين رَڏ،
ويهي ڪُنڊ ڪاپو ڪر، گهُتيون گوهُيون چڏ،
تہ صرافاٽي سڏ، مرڪيو هوند متائِيين.

(سر ڪاپائتي، 1_12)

حياتيءَ جي هر رخ کي ظاهر ڪندي هر طبقي، هر مذهب کان بالاتر ٿي هر عام جيئڻ هاري ناري، رنگريز ملاح، لوهار ڌوبي، ڪوري، واڍي کي شاهه صاحب پنهنجي شاعريءَ وسيلي عزت جوڳو مقام ڏنو آهي. هو سڪڻ کي ترجيح ڏيندڙ آهي. وقت جي اهميت وتس جهجهي آهي. مالي طور مضبوط ٿيڻ لاءِ هن اقتصادي نظريا سمجهايا آهن. چوي ٿو تہ:

تُنبائي تاڪيد سين، جَنين پچايو پاءُ،
لَسِي تندُ لَطِيف چئي، هلي تِن هٿاءُ،
مَلَمَل منجهان ماءُ! جي سِڪيُون تِن سونِ ڪيو.

(ڪاپائتي، 1_20)

جنهن سماج ۾ پورهئي ۽ هنر کان بيزاري هوندي اهو سماج ڪڏهن بہ ترقي ڪري نٿو سگهي ۽ پوءِ اهڙي ناڪاره سماج ۾ ئي سماجي نابرابري، افرادي استحصال، طبقاتي ويڙهہ، مذهبي ويچا وڌندا ۽ ويجهندا آهن. محنت ۾ امن آهي، ڌاهپ آهي، طاقت آهي، اختيار آهي تہ سُک ۽ سُڪار آهي. احترام لائق ۽ عزت لائق آهن، اهي قوم واسي جيڪي ملڪ جي ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار آهن. ماڻهو جڏهن مانيءَ ڳيي لاءِ پريشان هوندو، تڏهن لازمي آهي تہ هو حياتيءَ جي بنيادي ضرورتن کي صحيح پهچي نہ سگهندو ۽ نہ پهچي سگهڻ سان ئي بي چيني ۽ انتشاري ڪيفيتون ڪَرَ ڪيڏنديون آهن. معاشري جي خوشحالي معاشي حالتن جي ترقيءَ تي آڌاريل آهي ۽ قومي احساس جاڳائڻ تي آهي. شاهہ صاحب موجب تہ، ڪنهن بہ حالت ۾ سُست نہ ٿيو ۽ ڪم ڪريو ۽ ٻين کي ڪم اچو. زندگي چرپر جو نالو ۽ درياهہ جي رواني آهي جا بنا محنت جي هڪ مصيبت آهي. ويهي وقت وڃائڻ کان روڪيندي شاهہ صاحب چوي ٿو تہ.

سي تو ويهي وِڃائيا، جي ڪَتَڻ سَندا ڏِينهن،
اَرِٽَ اوڏِي نہ تِينين، پوري! پورِيا سِينءَ،

ڪنڌِ ڳڻنـدِينءِ ڪِيئَن، اَڱڻ عَجِيبَن جي.
(ڪاپائتي، 1_10)

هن سنڌي سماج کي آسودو ڏسڻ تي چاهيو هتان جا جيڪي وڻجارا قرقل ڦوٽا ۽ قيمتي ڪپڙا ڪٽي لنڪا، عدن ۽ ٻين پري جي ملڪن ۾ وڻج واپار لاءِ ويندا هئا ۽ واپسيءَ ۾ ماڻڪ موتي ۽ سون آڻيندا هئا انهن جو پاڻ دعاڳو آهي، فرمائي ٿو ته،

قَرقُل، ڦوٽا، پارچا، پاٽيـت، پاتائُون،
ڪوڙِيون قيمتَ سَنديُون، تَرَ ۾ تاڪيائُون،
لاڄُن مَنجهـ، لطيف چي، پيڙا پَڏائُون،
نـذُرَ نبيءَ جامَ جو، چَڙهندي چيائُون،
جي ڇُهي چوڙيائُون، سي پيڙيون رَکين پاڄَهـ سين!
(سريراڳ، 5_11)

جنهن قوم يا ملڪ ۾ معاشي بي حالي هوندي انهيءَ قوم يا ملڪ ۾ نه علم وڌندو ويجهندو ۽ نه ئي تهذيب، تمدن ۽ ثقافت کي ترقي ملندي انهيءَ قوم جي ترقي رڪجي ويندي آهي. شاهه لطيف سنڌي سماج کي ترقيءَ جا ڳس ڄاڻائيندي کين بهترين تهذيبي ۽ ثقافتي ورثي جو امين ٿو قرار ڏئي، هر قوم جو ثقافتي ورثو انهيءَ قوم جون ريتون، رسمون، رواج، سوڻ ساٺ ۽ اٿيون ويٺيون آهن، جن مان خبر پوي ٿي ته سنڌ واسي صدين کان پنهنجي ريتن ۽ رسمن سان نڀائڻ وارا ۽ ريتن روايتن جا امين آهن. ليلا چنيسر وٽ وڏو درجو رکندڙ هئي. سندس لاءِ وڏيري هئڻ ۾ فخر جو احساس آهي پر پنهنجي ڪانڌ وٽ ڪانياري ٿيڻ سان هوءَ غلطين تي پڇتاءُ ڪندي چوي ٿي ته،

وڏيري هُياسِ، چنيسر جي راڄَ ۾،
دائين پائين، دربانن ۾ پَرَ ۾، تي پُڇياس.
ڍولي ڏيليـاس، تيس ڏهاڳڻ ڏيهه ۾
(ليلا چنيسر، 2_8)

ڪانڌ جو ڏهاڳ ڏيڻ سنڌي سماج ۾ عيب جي نشاني آهي ڪيس شاهه صاحب تنبيهه ٿو ڪري ته "پائي پاند ڳچيءَ ۾ پاڻ غريبيءَ گڏ" چنيسر جي دادليءَ ليلان کي خبر ئي ڪانه پيئي ته ڪو ڪانئس محبوب ان ريت رُسي ويندو ''هُيس هندورن ۾، پيم ڪا نه پروڙ، سامهان ٿيم سور، ويو ولڻ

ولهو”، سو ليلا آسودي ۽ بادشاهي گهر جي هئي، ان جي هندورن ۾ لڏڻ ڪي بيان ڪندي شاهه صاحب هندوري ڪي سنڌي ثقافت جو اهڃاڻ ڪري پيش ڪيو آهي. شاعريءَ جي زنانن ڪردارن ۾ جتي شاهه صاحب سسئيءَ جي وفا ۽ قربانيءَ کي، نوريءَ جي نيازمنديءَ کي ساراهيو آهي اُتي ليلا جي هَٺَ کي ناپسند ڪيو آهي، سندس نظر ۾ سنڌ جي عورت وفادار ۽ پنهنجي وَرَ لاءِ محبت ۽ عقيدت جا جذبا رکندڙ آهي، سر سامونديءَ جي وڻجاريءَ جي جذبن کي پسند ڪيو اٿس جا پنهنجي محبوب جي ميلاپ لاءِ جَلَ کي اکا هٽي وڻن ٽڻن کي جهنڊيون ٽي ٻڌي شاهه جي نظر ۾ محبوب جي جدائيءَ ۾ وڻجاريءَ جي محبت جا اهي اٿل جذبا آهن جي انهن ساموندين کي وطن ورڻ تي مجبور ٿا ڪن، انهن کي واڪاڻيندي ۽ همٿائيندي چوي ٿو تہ

جا جَرجاتون نہ ڏئي، ڏِيا نَہ موهي،
سَڏون ڪوهہ ڪَري، سا پَنهنِجي ڪانڌَ جُون؟

(ساموندي 2_23)

جا زال سمنڊ نٿي پوڄي ۽ ڏيئا نٿي ٻاري، سا پنهنجي محبوب سان ملڻ جي سڌ ڇو ٿي ڪري؟ جل پوڄڻ، اَکا هڻڻ ۽ ان سان سلهاڙيل سوڻ ساٺ هندو سماج جون ريتون رهيون آهن . شاهه صاحب هر طبقي ۽ مذهب جي فرق ٻِنا سنڌ جي ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي، لباس، سوچون محبتون، عشق، ڏک ۽ سک مطلب تہ احساسن ۽ عملن جو هڪ وڏو سمنڊ رسالي ۾ پلٽيو آهي. مارئيءَ جي لوئيءَ، چوڙن، سڳڙن ۽ پنهوارن جي پکن کان وٺي ٿر جي هر معمولي کان معمولي شيءِ کي بہ ذڪر ڪيو اٿن. پيرون، پپون، ڪونڊير، گولاڙا ۽ گاهہ ڪا بہ شيءِ نہ آهي جا هُن مارئيءَ جي ذڪر سان گڏ وساري هجي، “سهسين سيبا ڪنجري، لوئي ليڙ ٿيام” (مارئي، 2_5) “ڪنجري” لفظ مونث آهي اهڙو چولو جنهن جي سيني واري حصي تي پرت پريل هوندو آهي. “سبي، سيبا ڏئي، پوري نينهن نہ ڪڄوئي” اها قاتل ڪنجري جا عمرڪوٽ ۾ عمر بادشاهہ جي قيد ۾ معصوم مارئي سيبا، پيئي ڏئي، پر پنهنجو نينهن مارن سان نٿي گهٽائي، جهڙي ريت “ڪنجري” لفظ مونث آهي تهڙيءَ ريت “ڪنجرو” مذڪر لفظ آهي ڪنجرو، هڪ ڊگهو پرت وارو شيشن پريل

گهگهو آهي، جيڪو خاص وهاڻ لاءِ تيار ڪيو ويندو آهي ۽ شادي شده عورت ئي ان کي پائيندي آهي. سسئي مٿي اگهاڙي آهي، ڪنجرو قاتل اٿس، پر پنهنجي وَرَ لاءِ پنڌ ڪاهيندي ٿي وڃي، سسئيءَ جي واتان پٽ ڏٽي چوائي ٿو ته.

ڪُلهي قاتو ڪَنجرو، مَٿو اُگهاڙو،
پينر ڪُڄاڙو، مُنهنجو هِنَ پنيورَ ۾.

سپرين جي سار لهڻ کي پسند ڪندي هڪ هنڌ سسئيءَ جي واتان اهو چورايو اٿس ته، "**ڳچو لايان ڳُرَ جي ڪيچان اوري وران.**" مطلب ته ڪيچ مڪران ڪان جي اورتي موتي اچان ته ڇڻ پنهنجي ڳُرَ/خاندان، کي ٽڪو لاتم. اسان وٽ ڪيترائي هترادو ۽ هٿ ٺوڪيا قدر خانداني عزتن سان منسوب ڪيا ويندا آهن پر هيءُ ڪيترو نه انوکو قدر آهي جو هڪ ڪمزور عورت ذات پنهنجي حق ڪي، پنهنجي وَرَ کي، واپس نه وٺي اچڻ ۽ پنهنجي پاڻ سان ان جو گڏ نه هئڻ، پنهنجي سڄي ڪٽنب لاءِ بي عزتيءَ جو سبب ٿي سمجهي، سلام آهي، سسئيءَ جي سمجهه، همٿ ۽ بهادريءَ کي. اهي مانَ مرتبا ۽ عزتون آهن، جن کي شاهه صاحب امر بنايو آهي. پرڻيل عورت لاءِ هار سينگار نئڊي ڪنڊ ۾ مَرَڪ سمجهيو وڃي ٿو پر شاهه صاحب موجب اهي سوين سينگار به محبوب جي دل کٽڻ لاءِ گهٽ آهن. جيڪڏهن عورت ۾ "پاڻ پڻو" آهي. هو هيناهين ڏار کي پسند ڪندي چوي ٿو ته.

سيئي سُهاڳڻيُون، سَيني ڳِچيءَ هارَ،
پَسڻ ڪارڻ پرينءَ جي، سهسين ڪَنِ سينگار،
ڏول تنين جي ڏار، هيناهِيُون هَلنَ جي.

(ليلا چنيسر 3_3)

اهڙيءَ ريت رسالي ۾ ڪيترين جڳهين تي مختلف نمونن سان سنڌ جي ثقافت تي روشني وڌل آهي. سر مومل راڻو پڻ انهيءَ جو هڪ اعليٰ مثال آهي. سوڍين راڻين جي ويس وڳن جو ذڪر، عطرن، عنبيرن ۽ شالن جي سونهن، لاثاني زيور، جي مومل ۽ سرتين جي سونهن کي ڀهڪائين پيا. چانديءَ جي روپين سان سوڍين جون رانديون ڪرڻ، اوطاقن ۾ چندنن جي خوشبوئن جو هئڻ. ڪاڪ محل ۾ بهترين باغن جو هئڻ، ڪٿورين سان ولات واسجڻ، مطلب ته هر پاسي

سنڌي سماج جي آسودي ۽ شانائتي خوشحال طبقي جي اتي ويٺيءَ جي اپٽار آهي. جتي هن سنڌ جي راڻين، ليلا، مومل ۽ سورٺ جي خوشحاليءَ ڪي بيان ڪيو آهي، اُتي هن مارئيءَ جي غريبيءَ ۽ نوريءَ جي سادگيءَ ڪي بہ آندو آهي. نوريءَ جي غربت ۽ افلاس جو منظر چٽيو اٿس تہ گڏ هڪ بادشاهہ ۽ غريب مهاڻيءَ جي ميلاپ ڪي سهڻائيءَ سان بيان ڪيو اٿس، هو طبقاتي فرق جي خلاف آهي، ان ڪري سسئيءَ جي ڏيرن جو ڪيس ڇڏي وڃڻ ۽ سسئيءَ جو پنهونءَ جي لاءِ پنهنجي مقصد پوِيان ڪاهي وڃڻ کي پسند ڪندي، سندس پٺ پرائي ڪئي اٿس.

پنهنجي دلير، مستقل مزاج ۽ بي ڊپين سورمين معرفت سنڌي سماج مان غلط رسمون ۽ ريتون ختم ڪرڻ تي چاهيائين. سهڻيءَ کي بچاءُ ڏيندي سندس ساراهہ ٿو ڪري،

سهڻيءَ کي سيد چئي، وڏو قرب کُهي،
هُونهين هُوند مُئي، پر پڏيءَ جا پِيٺا تيا.

(سُر سهڻي_5_5)

لطيف سائينءَ سنڌ جي چپي چپي کي مشاهداتي اک سان پروڙيو هن هڪ عظيم فنڪار وانگر پنهنجي سماج جي جنهن بہ ڪردار کي بيان ڪيو تہ انهيءَ ڪردار جي سوچ، ڪرت، نفسيات، ٻولي، حيثيت، هڪ اهڙي تہ اونهي مطالعي سان پيش ڪئي آهي جو ان جهڙو مثال ملڻ مشڪل آهي. سندس انهيءَ پيشڪش ۾ هتان جا سماجي، معاشي ۽ ثقافتي قدر بلڪل چڱيءَ طرح چٽا ٿي سامهون آيا آهن.

# عالم سڀ آباد ڪرين

## (شاهه جي دُعائيه شاعري)

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله عليه سنڌ جو صوفي، آدرشي ۽ آفاقي شاعر آهي. هن جي شاعري هن قوم جي لاءِ نه پر پوريءَ دنيا لاءِ انساني اعليٰ قدرن جي اپٽار آهي. هُو ڪائناتي شاعر دنيا جي سردار شاعرن مان آهي، تڏهن ته پوري دنيا لاءِ دُعاڳو ٿي چوي ٿو ته

سائينم! سدائين، ڪرين مٿي سِنڌ سُڪار،
دوسَ! مٺا دلدار! عَالمُ سَڀُ آبادُ ڪِرين.

(سارنگ، 4ـ12)

پوري عالم لاءِ دعاڳو هن عظيم شاعر پنهنجي شاعريءَ وسيلي ڄاڻايو آهي ته "گهر تنهن ڪان مڱڻا جو ڏيهاڙي ٿو ڏئي". هُو دُعا کي دل جو آواز ۽ عبادت جو مغز ٿو ڄاڻائي، شرڪ کان پلي ٿو.

وحده لاشريڪ لہ، جان ٿو چئين ايئن،
تان مڃ محمد ڪارڻي، نرتئون منجهان نينهن،
سوتون وڃئو ڪيئن، نائين سرپين کي،

شاهه صاحب جو ڪلام واحد جي وحدانيت جي اُپٽار ۽ پانهي جي عاجزيءَ جي اقرار ۽ دل سان گهريل دُعائن سان سينگاريل آهي، مٿي محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جن کي هادي، رهبر ۽ ڪارڻي ڄاڻائيندي ڪين ئي نجات جو وسيلو سڏيو اٿن.

مَدِيني جا شاهَہ، سُڻ مُنهنجا سڏِڙا،
ڪَارڻ لڳ الله، سِگهو رَسجِ سُپرين.

(ڏهر، 4، 2)

مدِيني جا مِيرَ، سُڻ منهنجا سَڏِڙا،
سَرَڻ تنهنجي سِيرَ، تُون پار لنگهائنين پيئڙا.

(ڏهر، 2ـ1)

“دُعا” لفظ جي معنيٰ آهي، “گهرڻ”، “التجا ڪرڻ” ۽ دُعائي آهي جا مومن جو هٿيار ۽ عبادت وسيلي تقدير کي موڙڻ جي تدبير آهي. انسان ته عاجز بندو آهي ۽ عاجزي ئي دعا جي اولين شرط آهي. الله تعاليٰ وٽ زمينن ۽ آسمانن جي بادشاهي آهي هن وٽ سڀ ڪجهه آهي ۽ هُو پاڪ پروردگار هر شيءِ تي قادر آهي. پر هن وٽ ٽي شيون نه آهن. جيڪي سندس پياري ٻانهي وٽ آهن. عاجزي، انڪساري ۽ لڙڪ. الله تعاليٰ جي خوف ۽ اميد ۾ ڪريل ٻانهي جا لڙڪ ۽ عاجزي ۽ انڪساريءَ سان ڪيل دُعائون ڪيس گهڻيون پسند آهن جي قبوليت جو شرف ٿيون حاصل ڪن. بندي جو حقير ٿيڻ ۽ باربار رحم جي گذارش ڪرڻ، ٻاجهه جي خيرات پنڻ، ٻئي در نه واجهائڻ ۽ ڪائنس ئي سڀ ڪجهه ملڻ جو پڪو يقين هئڻ ڪيس عبديت جي اوچي مقام تي پهچائي ٿو. شاهه صاحب شرڪ ۽ ٻيائيءَ کي پليندي رڳو ڏٽيءَ سڳوري در واجهائڻ کي هِن ريت بيان ڪيو آهي.

جي پاينين جوڳي ٿيان، ته رَلي کٽي مَر رُل،
ويڙهي ويهه وجود کي، ٻُڌ هيڪڙائيءَ جو هُل،
آهِين پاڻ اَمُلهه، پنين جو پينارن ڪان.

لطيفي سوچ ۽ نظر جو محور ان ئي هڪ نقطي تي زور ڀري ٿو ته. تن تنهنجو تسبيح ۽ مَن مٽيو آهي پوءِ تنهنجي هن انساني وجود کي هيڪڙائيءَ جي هُلَ کي ٻڌڻو آهي ۽ ان ڪان ئي گهرڻو آهي، جو ڏڻن کي نوازي، نالائقن ڏي نهاري، اهو ئي حبيب آهي اهو ئي طبيب آهي، اهو ئي ڏک ڏيندڙ ۽ اهو ئي لاهيندڙ آهي، ٻيو ڪو در ڪونهي جو همراهي ڪري، هُو مهربان موليٰ، مددگار ۽ مشڪل ڪشا آهي، ان ڪري ڪائنس ئي هر پل، هر دم مدد، محبت ۽ معرفت پنڻي آهي.

مِنٿ جئن نالوءِ، تيئن مُون وڏو آسَرو،
ڪو درناهي جهوءِ، مُون پيا دَرَ گهٽا نِهاريا.
(ڏهر 2_22)

حضرت شاهه پٽائي هڪ باعمل انسان هيو جنهن جو عقيدو هو ته دنيا ۾ نيڪ عملن بدولت ئي رب جو ڪرم نصيب ٿيندو ۽ ڏٽيءَ سڳوري جي

رحمت مان ڪڏهن بہ مايوس نہ ٿيو واضح طور چوي ٿو تہ.

جي ليلائي نَـہ لَهين، تـان پڻ لِيلائج،
آسـرَمَ لاهيج، سَـڄَڻ پـاڄِهينـدڙ گهڻو.

(ليلا چنيسر 2ـ21)

دُعا جو فلسفو شاهہ صاحب اهڙو اختيار ڪيو آهي، جنهن ۾ عاجزي ۽ انڪساري آهي تہ اُميد ۽ يقين پڻ، گڏوگڏ توڪل جي قوت اُتم آهي تہ وجود جي ڪامليت جو احساس پڻ، "نائي نيڻ نهار تو ۾ ديرو دوست جو" جي حوالي سان پرين جو پاڻ ۾ هئڻ، اعتبار جي قوت قائم ٿيڻ جو اعليٰ مثال آهي، جيڪڏهن عبادت ۽ دعا جي فلسفي تي غور ڪبو تہ معلوم ٿيندو تہ دُعا ۽ عبادت لازم ملزم آهن. جيڪو ٻانهو دعا نٿو گهري ان ڪان رب پري ٿو ٿيئي، ۽ دُعا دنيا جي هر مذهب ۾ گهري وئي آهي، ڪيترن بزرگن، نيڪن، پيغمبرن ۽ ولين جون دُعائون اڄ بہ مذهبي ڪتابن ۾ موجود آهن. سڀ کان پهرين حضرت آدم عليہ السلام جي دُعا ڪي ڏسنداسين، جيڪا هُن پنهنجي غلطيءَ جي اعتراف ۾ گهري ۽ قرآن پاڪ ۾ اٺين سيپاري "وَلوانّنَّا" ۾ آيل آهي، "ربّنَا ظَلَمِنا اَنفُسَنَا........

ترجمو: اي اسان جا رب! اسان پنهنجي نفس تي ظلم ڪيو جيڪڏهن تون نہ بخش ڪندين ۽ رحم ڪندين، تہ پوءِ اسين خساري وارن مان ٿينداسين"

اهڙيءَ ريت انيڪ دُعائون آهن، جن ۾ غلطين تي ندامتون پيشيمانيون ۽ آئينده جي لاءِ معافيون گهريل ڏسڻ ۾ اينديون. تحقيق انسان خطا جو گهر آهي، ۽ نفس اماره جڏهن ڪيس نهوڙي ٿو تڏهن هو سڌي رستي تان هٽي ٿو وڃي، ۽ سڌو رستو فقط ۽ فقط ڏٺيءَ سڳوري جي ذات ڏَسي ٿي ۽ اهو ئي هدايت ڏيندڙ هادي ۽ رهنما آهي ۽ اها هدايت تڏهن ملندي، جڏهن گهرندڙ صبر، شڪر، انسڪاري ۽ عاجزيءَ سان گهرندو انا، غرور ۽ آڪڙ ٻانهي ۽ الله جي وچ ۾ تعلق ڪي ڪمزور ترين ڪري، ان ٻانهي ڪي هيڻانهين ڏي ڏڪي خوار ۽ خراب ڪري ٿي. دعا اميد ۽ پروسي سان تعلق رکي ٿي، ۽ اميد اهو جذبو آهي، جنهن ۾ مڪمل يقين جي قوت ضروري آهي. اڏوري آس

نراسائي ۾ تبديل ٿي ويندي، هتي يقين جي قوت مشروط آهي، ٽٽل دلين جو جڏهن سهارو ئي دعا آهي تہ پوءِ انهيءَ هٿيار کي پياري رسول مؤمن جو هٿيار سڏيو آهي. انهيءَ لاءِ هٿيار کي مُڏي ٿين کان بچائڻ لاءِ ضروري آهي تہ دل کي ڌوئي ساڃن لاءِ صاف ڪجي ۽ نفس جي پاڪائيءَ کان پوءِ رب کي وسيلو بڻائجي پٽ ڏٽي هن ڏس ۾ فرمائي ٿو تہ:

مَگُ تِنهين کان مَگڻا! جو ڏيهاڙي ٿو ڏي،
ڪوڙا دَر دُنيا جا، جاچِڪَ مَگين جي،
سيان تُنهِين ڪي، موتي ڏيندا مُنهن ۾.

(پرياتي، 1_19)

شاهہ صاحب جي دُعائيہ شاعري شخصي توڙي اجتماعي طور، دعائن لاءِ ڪنيل هٿن سان گڏ هر لطيف شناس جي چپن تي ازخود تري ايندي آهي، هن اسان کي نہ فقط دعا جو سليقو سيکاريو آهي پر دعا جي قبوليت جو يقين پڻ ڏنو آهي.

ڏاتارُ تَہ تُون پيا مِڙيئي مِگَڻا،
مِينهنَ تہ مُدائِتا وَسِڻا، سَدا وَسِين تُون،
جي گهر اَچِين مُون، تَہ مِيريائِي مان لَهان.

(پرياتي، 1_26)

رب پاڪ جا ڪروڙين ڪرم ۽ پال پلايون انسان ذات تي آهن، سندس ٻاجهہ ۽ مهر جي پڪيڙ ڪائنات جي پڪيڙ کان مٿي آهي، جيترو سندس نالو وڏو آهي ۽ اوتري ئي سندس ٻاجهہ وڏي آهي، شاهہ صاحب کي پنهنجي ڪامل ربَ جي ذات ۾ مڪمل يقين آهي، هُن پنهنجي دُعائن کي محدود ۽ مخصوص نہ رکيو بلڪ ڪل عالم جي لاءِ دعاگو ٿيو سندس دعائيہ شاعريءَ جو دائرو وسيع ۽ آفاقي آهي، تڏهن تہ چوي ٿو تہ:

دوست! مٿا دلدارعالم سپ آباد ڪرين.

# ڪتاب "عالم سڀ آباد ڪرين" تي هڪ نظر

زاهده تاج ابڙو

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح جو ڪلام هڪ اهڙو مڪمل ۽ ڪليل پيغامائي دستاويز آهي جو سچائي، سِڪ، سخاوت، وحدانيت ۽ انسانيت جو چِٽو ڏس ڏئي ٿو سندن شاعريءَ جو هر جذبو ۽ احساس صاف، پاڪ ۽ شفاف آهي پر سندن جو ڪلام ايترو تہ اونهي معنيٰ رکندڙ آهي جو هر لفظ کي سمجهڻ لاءِ هڪ وڏي پَروڙ گهرجي. هن ڪلام جي لفظن کي اچارڻ ۽ سمجهڻ هر پڙهندڙ لاءِ آسان نہ آهي، شاهه سائينءَ جي شاعريءَ تي ڪيترائي تحقيقي، فني ۽ تخليقي ڪتاب لکجي چُڪا آهن. هن وقت تازو ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ جو تخليقي ڪتاب "عالم سڀ آباد ڪرين" ڇپيو آهي.هن ڪتاب جو مهاڳ ڊاڪٽر نواز علي شوق لکيو آهي، جڏهن تہ امداد حُسيني، الطاف شيخ، وينا شرنگي، ڊاڪٽر اُمِ ڪلثوم شاهه بہ پنهنجي خوبصورت پر اثر ويچارن سان ڊاڪٽر پروين موسيٰ جي ڪم کي ساراهيو آهي.

"عالم سڀ آباد ڪرين" ڪتاب جي خوبصورت ڳالهہ اها آهي تہ ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ نهايت محبت سان بيحد لاڀائتو ڪم ڪري آسان زبان ۾ اثر رکندڙ لهجي ۽ نهايت فلسفياڻي انداز ۾ شاهه سائينءَ جي شاعريءَ کي کولي سمجهايو آهي. سنڌي ادب ۾ عورتن جو ڪم تمام گهٽ اتي ۾ لوڻَ برابر ٿي رهي رهيو آهي، اهڙي وقت ڊاڪٽر پروين وقت بہ وقت پنهنجا تخليقي ۽ تحقيقي ڪتاب آڻي گهٽي حد تائين ان ڪميءَ کي پورو ڪري ڇڏيو آهي، هي داد

طلب ڪتاب ڏسي سندن صلاحيتن کان انڪار ڪري ئي نٿو سگهي. ڊاڪٽر پروين پنهنجي سيپاءَ جي جيتري نرم ڪِل مُک آهن ڪتاب به اهڙو ئي لطيف آندو اٿن. چا ته خوب ڪتاب آهي لفظن ۾ جيڏي گهرائي آهي اوتري سادگي آهي، مطلب کي ڪلام کي معنيٰ ڏئي وزندار به رکيو اٿن ۽ آسان به. سچ پچ ته هي ڪتاب شاهه سائينءَ جي شاعريءَ کي آسانيءَ سان سمجهائي ٿو. ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ جي سمجهاڻي ۾ رعنائيون ۽ رنگينيون به آهن ۽ ساڳئي وقت وري فلسفي ۾ ويڙهيل انتهائي وسيع معنيٰ رکندڙ لفظ ڪنهن خوبصورت مالها ۾ پوبل موتين جيان رکيا اٿن. ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ جي هن ڪتاب "عالم سڀ آباد ڪرين" پڙهڻ سان اندازو ٿئي ٿو ته ڪين شاهه جي شاعريءَ سان ڪيڏو چاهه ۽ پيار آهي، سندن لکڻ جو انداز ٻڌائي ٿو ته شاهه جي شاعريءَ جو پاڙ ڪيڏو اونهون اڀياس ڪيو اٿن. هي بلاشبه هڪ شاهڪار تخليقي ڪتاب آهي، اسان جي دعا آهي ته سندن ڏات کي اجان وڌيڪ سگهه ملي.

(سوپ سنڌي مئگزين، 5 فيبروري 2017ع)

# عالم سپ آباد ڪرين

## علي نواز آريسر

شاهہ لطيف، جنهن کي ايچ. ٽي سورلي ’سرتاج شاعر‘ ڪوٺيو آهي. يوسف شاهين ’سنڌ جي آزاديءَ جو پهريون عظيم شاعر‘ سڏيو آهي، جيڪو پوري عالمِ انسانيت جو شاعر آهي، جنهن پنهنجي شاعريءَ ۾ نہ فقط سنڌ کي امرتا بخشي آهي، پر شاهہ سائين پوري ڪائنات جو فلسفو پنهنجي شاعريءَ ۾ سمائي ڇڏيو آهي. ڪائنات جو اُهو ڪهڙو ڳُجهہ آهي، جيڪو شاهہ سائين جي شاعريءَ ۾ نروار ٿيل نہ هُجي، اُهو ڪهڙو اسرار آهي، جنهن کي شاهہ سائين ڳُجهو رکيو هُجي. اهڙي آفاقي شاعر تي لکڻ، اُن تي تحقيق ڪرڻ، ان جي فڪر کي ڦهلائڻ جو ڪم اُهو ئي ڪري سگهي ٿو، جنهن جي اندر ۾ عشق جي سِگري دُکندڙ هُجي ۽ اسان جي ماناٽي ليکڪا ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ علم سان سسئي جهڙو عشق ڪيو آهي، سندس عشق جو نہ پنڌ ٿو کُٽي ۽ نہ هُوءَ ويساهين ڪائي ويهي ٿي، مسلسل پنڌ ۾ آهي، لکڻ هن جي عبادت آهي. ڊاڪٽر صاحبہ جيتوڻيڪ ڪيترن ئي موضوعن تي لکيو آهي، سندس ڪيترا ڪتاب پڙهي ڇپجي مڃتا ماڻي چُڪا آهن. سندس هيءُ ڪتاب ’عالم سپ آباد ڪرين‘ هن جو اهڙو تخليقي پورهيو آهي، جنهن تي سنڌ جو نئون نسل يقيناً فخر ڪندو. هن ڪتاب ۾ ڪُل 20 مضمون ڏنا ويا آهن، جن ۾ ”سُورهيہ مَرين سوپ ڪي، جي پانئين جوڳي ٿيان، مِٺيءَ لڏومان، شاهہ جي شاعريءَ ۾ سُجاڳيءَ جو سڏ، شاهہ جي شاعريءَ ۾ عورت جي عظمت، شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾

سنڌي سماج جا معاشي ۽ ثقافتي قدر شاهه لطيف جي سوانح ۽ فن تي تيل ڪم جو جائزو شاهه لطيف جو پيغام ۽ "عالم سڀ آباد ڪرين" شاهڪار مضمون آهن. هنن مضمونن ۾ هن ڪوشش ڪري شاهه سائين جي شاعريءَ مان مقصديت وارا نُڪتا ڳولي ڪڍيا آهن, جيڪي سنڌي سماج جا ترجمان آهن, ان حوالي سان هُوءَ لکي ٿي تہ:

"شاهه لطيف جو سڄو ڪلام صوفياڻو ۽ رُوحانيت سان پُر آهي ۽ اُنهي ۾ اخلاقي ۽ عاشقاڻو موضوع موجود آهي." (ص:29)

هن مضمون ۾ شاهه سائينءَ جي آفاقيت کي نروار ڪيو ويو آهي ۽ شاهه سائين جي شاعريءَ ۾ موجود اخلاقي قدرن ۽ سندس عشق کي سامهون آندو ويو آهي. ساڳيءَ طرح وري هن ٻئي مضمون ۾ شاهه سائينءَ جي وطن پرستي کي ڏيکاريو ويو آهي ۽ پنهنجي مادرِ وطن جي آزاديءَ لاءِ شاهه سائين سنڌ جي جوڌن کي ڪيئن اُتساهي ٿو سُورهين کي ڪيئن همٿائي ٿو اُن بابت تفصيلي ويچاريو ويو آهي. مثال طور:

"شاهه عبداللطيف ڀٽائي, هڪ باشعور ۽ حساس شاعر هو. سندس شاعري جنهن دَور ۾ اُسري, اُهو دور سنڌ جي حوالي سان هڪ مظلوم دَور هو. ظلم, ڏاڍ, جبر, ڦُرلٽ جي گهاٽي ۾ سنڌ جو محڪوم طبقو پيڙجي رهيو هو. انهي هيٺي حال کي ڏسي پٽ ڏٺيءَ اذيت ۽ پيڙا مان گذرندي پنهنجي سڄي ڪلام ۾ قوم کي همٿ ۽ اڳيان وڌڻ جا سبق ڏنا. هُن ڪين وهمن ۽ وسوسن مان نڪرڻ ۽ جنگ جوٽي محڪوميءَ مان نڪرڻ لاءِ اُتساهيو." (صفحو: 33)

آءُ ڊاڪٽر صاحب جي مٿين راءِ سان اتفاق ڪريان ٿو, چاڪاڻ جو شاهه سائينءَ جو سڄو ڪلام سنڌي قوم ۾ شعوري بيداريءَ

تي ٻڌل آهي. شاهه لطيف بنيادي طور باغي شاعر هو هن جي پهرين بغاوت اِها هُئي جو هن فارسي جهڙي سرڪاري زبان کي ٺُڏي، پنهنجي سنڌي زبان کي ترجيح ڏني ۽ سنڌي زبان ۾ شاعري ڪري سنڌ جي گهٽين ۾ رولاڪيون ڪندو وطن بچائڻ جا هوڪا ڏيندو رهيو. شاهه لطيف سنڌي سماج جو سُونهون هو جنهن هر پيش ايندڙ خطرن کان قوم کي آگاهه پئي ڪيو ۽ هُن پرئي سمنڊ مان اُهي ڪوڏ ۽ سِپيون سنڀاليون ڪنيون، جيڪي وطن لاءِ مثالي آهن. جيڪي آدرشي ڪردار آهن، جن ڪنهن نه ڪنهن رُوپ ۾ سنڌي سماج لاءِ پنهنجو ڪردار ادا پئي ڪيو آهي. اهڙي شاهدي ڊاڪٽر صاحب جي هن ڪتاب مان به ملي ٿي ته: "شاهه لطيف اهڙي آدرشي انسان کي پسند ڪندڙ آهي، جو ڪَڙي ۽ قاتل جو هيراڪ آهي، جو جَرَ تي قوتي جيان اُپري ختم ٿيندڙ نه پر حيات جاودان ماڻيندڙ ۽ حياتيءَ جي اسرار کي سمجهندڙ آهي." (ص:43)

شاهه سائين سنڌي سماج ۾ اُهي روايتون وِجهڻ کي ترجيح ڏني، جيڪي سچائيءَ تي ٻڌل هُيون ۽ سچ جي راهه تي هلندي جي موت کي قبول ڪرڻو پوي ته ڪنڌ نه ڪيائجي، هُن چاهيو ٿئي ته سنڌي قوم سچائيءَ جو پاند پڪڙي اڳتي وڌي، جو صبح جو ڪا به انڌاري رات هُن جي وجود کي ميساري نه سگهي، هُن جي تشخص کي ڪير به ميرو نه ڪري سگهي، هُن جي غيرت کي ڪير به مياري نه ڪري سگهي ۽ هُن پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪيترائي پيرا اهڙي راهه تي هلڻ جي تلقين ڪئي آهي، وڏيڪ ڊاڪٽر صاحب جي راءِ جي روشنيءَ ۾ ان جي پرک ڪري سگهجي ٿي ته: "شاهه لطيف هڪ باعمل ۽ سُڄاڻ انسان هو. هُن وٽ سچاڳيءَ ۽ ضمير جي سچائيءَ جو وڏو درجو هو ۽ سندس نظر ۾ جيستائين حق ۽ سچ لاءِ سِر جي سٽ نه ڏبي، جدوجهدون

نہ ڪبيون، اڳتي نہ وڌبو تيستائين سماج ۾ تبديلي ناممڪن آهي.“ (ص:68)

ڊاڪٽر پروين موسيٰ هن ڪتاب ۾ شاهہ سائينءَ جي سيني پهلوئن تي ننڍا مضمون لکيا آهن، جن ۾ اختصار سان ئي سهي، پر جامع معلومات ڏني وئي آهي، ۽ نهايت ئي اهم ڳالهيون سمجهايون ويون آهن. مثال طور: هن شاهہ سائين جي لغت نويسي، لوڪ داستان، سنڌ جي جيوت، ماڻهن سان ميٺ، شعوري سُجاڳي، شعوري اَوسر، سماجي اَوسر، قومي جاڳرتا وغيره جهڙن اهم نُڪتن جو ڳوڙهو اڀياس ڪيو آهي. شاهہ جي شاعريءَ ۾ سُجاڳيءَ جو سڏ جي حوالي سان هوءَ لکي ٿي تہ: ”شاهہ لطيف پنهنجي وقت ۾ سنڌ کي ڏُکين حالتن مان لنگهندي ڏٺو هو. کيس ڦنڌارين جي ڪرتوتن ۽ ارغونن ۽ ترخانن جي هانءُ ۾ هٿ وجهڻ وارن قهري ظلمن جي پليءَ پيت خبر هُئي، اُن ڪري هن غيرن جي غلاميءَ پليندي آزاديءَ جا، سنڌ تان سر ساهہ صدقو ڪرڻ جا سبق ڏنا. سُورَ ۽ سختيون سهي سچ ۽ ساٿيهہ لاءِ سُجاڳ رهڻ جو حڪم ڏنو.“ (ص:90)

ڏنو وڃي تہ شاهہ سائين پنهنجي سُورمين سان وڏيڪ محبت ڪندڙ آهي ۽ هُن پنهنجي سُورمين جي عظمت ۽ وڏائيءَ جا گُڻ ڳايا آهن، اُن حوالي سان ڊاڪٽر صاحبہ لکيو آهي تہ: ”شاهہ صاحب انسانيت جو علمبردار هو، هن عورت کي بحيثيت انسان ذات، عشق ۽ وندر جو ذريعو نہ پر همت، بهادري، جدوجهد، جستجو، انساني جذبن ۽ احساسن جو ترجمان ڄاڻايو آهي.“ (ص:92)

شاهہ جي رسالي جي مقصديت بابت ڊاڪٽر صاحبہ لکيو آهي تہ: ”شاهہ صاحب جو پيغام ڪُل ڪائنات جي ڀلائي آهي.

سنڌس شاعريءَ جو محور انسانذات آهي. هن خود شناسيءَ معرفت خداشناسيءَ تائين پهچڻ جا درس ڏنا آهن. هن غير معمولي ذهين (Extra ordinary Genius) شخص جو شاعراڻو شعور فقط چند هلندڙ صدين تي نہ، بلڪ هڪ تمام وڏي عرصي تي محيط آهي. سنڌس فن سنڌ جي هر دَور جي سماجي ۽ سياسي حالتن جي رديدل ۽ مذهبي ماحول جي عڪاسيءَ سان گڏ عوامي جيوت جي هڪ هڪ رُخ جو اولڙو آهي. هن پنهنجي تجربي، مطالعي، مشاهدي ۽ فڪري ذات سان جيڪو فڪر سنڌين ڏانهن منتقل ڪيو آهي، اهو نہ ڪير اڄ تائين ڪري سگهيو آهي ۽ نہ ئي ٿيندڙ ڏسڻ ۾ اچي ٿو.“ (ص:111)

ڊاڪٽر صاحبہ نہ رُڳو شاهہ سائين جي شاعريءَ تي بحث ڪيو آهي، پر شاهہ لطيف جي سوانح ۽ فن تي ٿيل ڪم جو جائزو ورتو آهي ۽ شاهہ سائينءَ تي اردو انگريزي ۽ ٻين ٻولين ۾ ٿيل تحقيق جو نچوڙ پڻ ڏنو آهي، جيئن شاهہ سائين تي تحقيق ڪندڙ اسڪالر ان مان لاڀ حاصل ڪري سگهن. لطيف شناسيءَ جي هن شاهڪار ڪتاب جو مهاڳ امداد حسيني لکيو آهي، جڏهن تہ ڪتاب بابت وينا شرنگي، الطاف شيخ، ۽ ڊاڪٽر اُمِ ڪلثوم شاهہ جا تاثر شامل آهن. ڪتاب بابت وينا شرنگي لکي ٿي تہ:

”سائڻ، پروين موسيٰ ميمڻ جو هيءُ مضمونن جو مجموعو ’عالم سپ آباد ڪرين‘ لطيف سائينءَ جي شاعريءَ جي فلاسافي، فن ۽ فڪر جي الڳ الڳ پهلوئن جي چند چاڻ تي آڌاريل آهي. هيءُ شاندار تجزيو سنڌس محنت ۽ دل سان ڪيل پورهيي کي عيان ڪري ٿو.“

شاهہ سائين کي رُڳو هڪ شاعر قرار ڏيڻ بہ شاهہ لطيف جي فڪر سان ناانصافي چئبي، ڇاڪاڻ جو هُو سائنسي انداز ۾ سوچيندڙ

سائنٽسٽ هو، هُو آرٽ جي رنگينين ڪي نروار ڪندڙ فطرت شُناس هو. هُو پنهنجي فڪر ۾ فلسفي ۾ هڪڙو مڪمل صوفي هو. سندس شخصي زندگيءَ ڪي ڏنو وڃي تہ هُو هڪ سيلاني هو. جنهن سنڌ جي واهڻن وستين کي پنهنجي پيرن هيٺ لتاڙيو هو. سنڌ کي هُن هڪ رهبر جي اک سان ڏٺو هو. جنهن ڪري سنڌ جي سرحدن، سنڌ جي سماجي ۽ لساني جاگرافيءَ تي هُن جي گهري نظر هُئي. ڊاڪٽر پروين پنهنجي هن ڪتاب ۾ مٿين سيني ڳالهين جو اڀياس ڏنو آهي، جنهن ڪري هيءُ ڪتاب شاھ سائينءَ جي چاهيندڙن لاءِ گهڻي رهنمائي ڪندو. 144 صفحن تي مشتمل هن ڪتاب جي قيمت 200 رپيا رکيل آهي.

(تہ ماهي تخيل، ڊسمبر 2016ع)

# ليکڪا جي ڇپيل ڪتابن جو تعارف: ادارو

ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ ضلعي ٿرپاڪر جي ڏيپلي شهر ۾ محمد موسيٰ ميمڻ جي گهر ۾ 1958ع ۾ جنم ورتو سندس والد سنڌ ۾ مختلف هنڌن تي نوڪريءَ سانگي رهيو ان ڪري سندس پرائمري ۽ سيڪنڊري تعليم ڏيپلي، مٺي، ننگر، ماتلي، عمرڪوٽ، سانگهڙ ۽ ميرپورخاص ۾ ٿي. 1973ع ۾ مئٽرڪ فرسٽ ڪلاس ۾ 1975ع ۾ انٽر ميڊيئٽ فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪرڻ کان پوءِ استاد طور سرڪاري اسڪولن ۾ مقرر رهي پر جلد ئي نوڪريءَ کي خير باد چئي انگريزي ادب ۾ 1983ع ۾ ايم اي ڪيائين ۽ 1988ع ۾ ايم اي سنڌيءَ ۾ فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪري گولڊ ميڊل حاصل ڪيائين. سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جو امتحان امتيازي نمبرن سان پاس ڪري 1991ع کان ليڪچر طور ايجوڪيشن اينڊ لٽريسي ڊپارٽمينٽ ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيائين. ابن رشد گرلز ڪاليج ميرپورخاص-ايم بي اينڊ جي ايف گرلز ڪاليج حيدرآباد، کان پوءِ موجوده وقت نذرت گرلز ڪاليج حيدرآباد ۾ ايسوسيئيٽ پروفيسر طور درس و تدريس جا فرض سر انجام ڏيئي رهي آهي. 2012ع ۾ "ليکڪائن جو حصو: تحقيقي اڀياس، 1985ع تائين". آهي جنهن ۾ هند ۽ سنڌ جي ليکڪائن جي نثري ڪم کي فوڪس ڪيو ويو آهي، ادبي زندگيءَ ۾ سندن پهريون افسانو "چري" جي عنوان سان ۽ ٻيو "ماءُ جو دلاسو" (خليل جبران جي ڪهاڻيءَ جو ترجمو)1980ع ۾ شايع ٿيا ۽ پوءِ مضمون پڻ لکيائين اهي چند مضمون ۽ ڪهاڻيون لکڻ کان پوءِ ترت ئي سندس لاڙو تحقيق جي ميدان ڏي مُڙي ويو. سندن لکيل ادب باقائدي ڇپجڻ شروع ٿيو. 2004ع کان سندس مڪمل ڪتاب ڇپجڻ شروع ٿيا آهن جن ۾ (1) "سنڌي ادب جو ادبي جائزو ۽ لطيفيات". روشني پبليڪيشن. 2004ع (2) "سنڌي نثر جي ڪن صنفن جو اڀياس". هائرايجوڪيشن ڪميشن، اسلام آباد. 2008ع. ٻيو ڇاپو روشني پبليڪيشن 2015ع (3) "اُتي رائو ريل". 2008ع. (4) "آديسين ادب آهي اکڙين ۾". (لطيفيات)، 2007ع ۽ ٻيو ڇاپو 2009ع). (5) "سون ورنيون سوڍيون" (ڪهاڻيون)، ترتيب ۽ تحقيق، 2009ع. (6) "اخلاقي قدر" (ٻاراڻو ادب)، 2010ع. ٻيو ڇاپو 2016ع (7) "وکر سو وهاءِ"،(مضمون نويسي)، هائير ايجوڪيشن ڪميشن، اسلام آباد. 2011ع

شايع ڪيا آهن. ان ڪانسواءِ ”سنڌي ادب تحققي ۽ تنقيدي مطالعو“, ائڊوانس پبليشر لاهور 2015ع ۽ عالم سڀ آباد ڪرين، (لطيف شناسي) 2016ع، پلئہ پايو سچ 2016ع ۾ سندن ايندڙ ڪتابن ۾ محمد عثمان ڏيپلائيءَ جون نثري ادب ۾ خدمتون، ”جي پارکو پارس جا“ (لطيفيات)، ”ماڻڪ موتي لعل“ (مضمون ۽ مقالا)، ”مفتي منجھ ويھار“ (آتم ڪھاڻي) ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن. ليکڪا جا سوين مضمون ۽ مقالا روزاني اخبارن، ماهوار مخزنن ۽ ريسرچ جرنلس ۾ ڇپيا آهن. جيئن روزاني عبرت، سوڀ، ڪاوش، سنگت سروپا، نئين زندگي، سوجهرو، ادبي تحقيق، سنڌي ٻولي، ٿہ ماهي مهراڻ، سرتيون ۽ ٻيا مخزن آهن. سنڌي ادبي سنگت ۽ ناري سنگت طرفان عورتن بابت تحقيقي ڪم ڪرڻ تي ڪين ايوارڊ ڏنو ويو سندن ڪتابن کي ايچ اي سي تعريفي سرٽيفڪيٽ ۽ ڪيش ايوارڊ ڏنا آهن تہ ”اڻي رائوريل“. کي سنڌي ادبي سنگت پاران 2008ع جي بهترين تحقيق ۽ تنقيد جي ڪتاب جو ايوارڊ ڏنو ويو آهي ۽ ”اخلاقي قدر“ ڪتاب کي نيشنل بڪ فائونڊيشن پاران ٻاراڻي ادب جي ڪتاب طور مئرٽ سرٽيفڪيٽ مليل آهي. ڊاڪٽر پروين موجوده وقت پڻ پنهنجي تدريسي ۽ گهرو جوابدارين جي باوجود مختلف سيمينارن ۽ ادبي ڪانفرنسن ۾ شرڪت ڪندڙ ۽ مختلف تحقيقي ۽ تنقيدي ليک لکندڙ آهي، جيڪي وقت بہ وقت شايع ٿي رهيا آهن سندن ڪتابن جو مختصر احوال هيٺين ريت آهي.

## 1- سنڌي ادب جو ادبي جائزو ۽ لطيفيات:

ڪتاب روشني پبليڪيشن 2004ع ۾ شايع ڪيو آهي، ليکڪا جو هيءَ پهريون ڪتاب آهي، جنهن کي شاگرد طبقي مان گهڻي پذيرائي ملي خاص طور مقابلي جي امتحانن لاءِ تيار ڪيل هيءَ ڪتاب ٽن ڀاڱن ۾ ورهايل آهي، پهرين حصي ۾ ادبي دور جي ارتقائي جائزي سان گڏ مشهور شاعرن جيئن قاضي قادن کان شيخ اياز تائين جي شاعريءَ تي روشني وڌي ويئي آهي، تہ ٻئي حصي ۾ سنڌي ٻولي ۽ ادب جي احوال سان گڏ نثر ۽ نظم جي مشهور صنفن تي روشني وڌل آهي. مشهور نثر نويسن جي احوال سان گڏ سنڌي مضمون نويسيءَ ۽ صحافتي ترقيءَ کي بيان ڪيو ويو آهي. ٽيون حصو لطيفي مضمونن ۽ گرامر تي مشتمل آهي. ڪتاب جو مهاڳ، ”اکر منجھ الف“ جي عنوان سان سندن وڏي ڀاءُ ۽

ناملياري ليکڪ سنڌ حڪومت جي سابق سيڪريٽري ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن آفتاب احمد ميمڻ لکيو آهي ڪتاب جي بيڪ ٽائيٽل تي ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي جي راءِ ڏنل آهي، 272 صفحن جي هن ڪتاب جو انتساب ليکڪا پنهنجي والد مرحوم محمد موسيٰ ميمڻ جي نالي ڪيو آهي ۽ سندن ئي نالي تي هن پبليڪيشن جو ادارو محمد موسيٰ ادبي اڪيڊمي پڻ قائم ڪيو آهي ۽ انهيءَ اداري مان هيستائين سندن چار ڪتاب شايع ٿيا آهن.

**2- سنڌي نثر جي ڪن صنفن جو اڀياس:** ڪتاب جي مسودي کي "هائر ايجوڪيشن ڪميشن اسلام آباد"2005ع ۾ مونو گراف ۽ ٽيڪسٽ بڪ رائيٽنگ اسڪيم طور منظور ڪيو ۽ 2008ع ۾ ايچ اي سي هي ڪتاب اسلام آباد مان ايچ اي سي جي پريس مان ڇپرائي پڌرو ڪيو. ڪتاب جون 500 ڪاپيون پهرين ڇاپي ۾ شايع ٿيون جيڪي اداري پاران پاڪستان جي مختلف تعليمي ادارن ۽ لائبريرين کي موڪليون ويون ۽ 100 ڪتاب ليکڪا کي اعزازي ڪاپين طور ڏنا ويا ۽ سهڻي ڪاغذ ۽ ٽائيٽل سان شايع ٿيل هن ڪتاب جو ISBN 969_417_104_0 آهي. ليکڪا هيءُ ڪتاب پنهنجي والده غلام فاطمه کي ارپيو آهي. سنڌي نثر جي ڪن صنفن جو اڀياس ۾ مروج طريقي مطابق ببليو گرافي ۽ ضميمو ڏنل آهن.

سنڌي نثر جي ڪن صنفن جو اڀياس ڪتاب نثر جي اهم صنفن جيئن مضمون، مقالا، سفر ناما، ناول، افسانا ۽ ڊرامن جي جاچ ڏنل آهي. 404 صفحن جي هن ڪتاب ۾ نثر جي هر صنف تي تفصيلي جاچ ڏنل آهي ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ دعائيه ڪلمات لکيا آهن جن ۾ هن ڄاڻايو آهي ته، "سنڌي نثر جي صنفن جي مطالعي لاءِ ليکڪا مختلف ماخذن مان مفيد مواد جمع ڪيو آهي". مهاڳ ڊاڪٽر غلام علي الانا لکيو آهي ۽ هن ڪتاب کي سنڌي ادب ۾ تنقيدي ادب جي تاريخ قرار ڏنو آهي، جو هائر ڪلاسن جي شاگردن کان سواءِ علم ادب جي عام مطالعي ۾ دلچسپي رکندڙ هر ماڻهو ۽ محقق جي خواهش پوري ڪرڻ جي سلسلي ۾ معلومات ۽ ان لاءِ گهربل مواد جون گهر جون مهيا

ڪري ٿو. ڪتاب جي سائيز 30x20/8 آهي ۽ انٽرنيٽ تي ايڇ اي سي جي ويب سائيٽ تي موجود آهي. هيل تائين اهو فقط ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۽ ٻين اهم لائبريرين ۾ موجود هو جتان شاگرد طبقو مستفيض ٿي رهيو آهي. ڪتاب جو ٻيو ڇاپو تازو هيڪ جي اجازت سان 2015ع ۾ روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو شايع ڪيو آهي.

**3- آديسين ادب آهي اکڙين ۾:** ڪتاب لطيف شناسيءَ تي ميمڻ پروين موسيٰ جو ترتيب ۽ تحقيق طور تيار ٿيل آهي. هيءُ ڪتاب 2008ع ۾ پهريون ڇاپو ۽ 2009ع ۾ ٻيو ڇاپو محمد موسيٰ ادبي اڪيڊمي طرفان ڇپيو آهي، ڊيمي سائيز جي هن ڪتاب ۾ 150 صفحا آهن ۽ 150 رپيا قيمت آهي، بلو رنگ جي ٽائيٽل سان شاهه صاحب جي روضي جو عڪس ڏنل آهي ۽ ڪتاب جي بيڪ ٽائيٽل تي ليکڪا جي تصوير ۽ سندن تعارف موجود آهي، هن ڪتاب جو عنوان شاهه صاحب جي رسالي مان سُر رامڪليءَ جي بيت مان ورتل آهي، پروين موسيٰ جي هن ڪتاب جو موضوع بلڪل منفرد ۽ نئون آهي، ان ڪان اڳ هن ڏس ۾ ڪوبه ڪم ٿيل نه هو انهيءَ ڪري هيءُ ڪتاب گهڻو ڪامياب ويو. هن ڪتاب ۾ ليکڪا شاهه صاحب جا اهي بيت داستانن ۽ سرن جي حوالي سميت پيش ڪيا آهن جن بيتن مان سنڌي ادب جي ڪتابن جا عنوان چونڊيل آهن جيئن مثال طور پڙاڏو سوئي سڏ (ناول) اندر جنين اڏ (سفر نامو) اهڙيءَ ريت شاهه صاحب جي بيتن مان چونڊيل بيتن تي مشتمل سنڌي ادب جي ڪتابن جي موضوع وار تفصيل ۽ گڏ اهي بيت ڏنل آهن، جن جو وچور تي سئو تائين آهي، جيڪي شاعري، ناٽڪن، ناولن، افسانوي مجموعن، سفرنامن، آتم ڪهاڻين، سوانح عمرين ۽ متفرقه موضوعن تي مشتمل آهن. ڪتاب جي باري ۾ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو ڊاڪٽر فهميده حسين ۽ ڊاڪٽر نورافروز خواجه طرفان به اکر ۽ مهاڳ لکيل آهن. جن هن ڪتاب جي ڪاوش کي ڪارائتو ۽ علمي افاديت وارو قرار ڏنو آهي ۽ جنهن سان شاهه صاحب جي شاعريءَ جو هڪ نئون رخ ظاهر ٿيو آهي. خاص طور محمد ابراهيم جويو صاحب ڪتاب جي موضوع، مواد، ڪمپوزنگ ۽ بيتن تي لڳل اعرابن تي اطمينان جو اظهار ڪيو آهي، هن ڪتاب جي ارپنا انهن آديسين جي نالي آهي، جيڪي لطيفي

فن ۽ فڪر جو ذوق ۽ شوق رکندڙ ۽ هن ڏِسَ ۾ راهون روشن ڪندڙ آهن. "آديسين ادب آهي اڪڙين ۾"، جو ٻيو ڇاپو 2009 جي آخر ۾ گري رنگ ۾ ڇپيو. جنهن ۾ پڻ شاهه صاحب جي روضي جو عڪس ڏنل آهي ۽ موجوده وقت اهو ڇاپو ختم ٿي چڪو آهي.

## 4- اٿي رائوريل (تنقيد ۽ تحقيق):

پروين موسيٰ ميمڻ جو هي ڪتاب محمد موسيٰ قاسماڻي ادبي اڪيڊمي پاران 2008ع ۾ شايع ٿيو پيلي رنگ جي ٽائيٽل سان هن ڪتاب جي پوئين ڪور تي ليکڪا جو تعارف ۽ تصوير موجود آهي. اٿي رائوريل، جو عنوان شاهه لطيف جي شاعريءَ مان سر سسئي آبري جي داستان 8 مان 13 نمبر بيت، "تڪيائي تر تيل چڙهه چڪيائي چوٽئين"، جي بيت مان ورتل آهي. ڪتاب جا موضوع سنڌي ٻولي، ادب ترجما، تنقيد ۽ ليطيفيات آهن خاص طور سنڌي ادب جي اهم موضوعن جيئن سنڌي ٻولي، نثر جي اهميت، سنڌي نثر جون اهم صنفون ناول، ناٽڪ، افسانا، سفر ناما، سوانح نگاري، لطيفيات ترجما نگاري، ادب ۾ ترجمي جي اهميت، تنقيد جو عمل، نقاد جون جوابداريون، مضمون نويسي / مقالا نگاري ۽ ٻيا اهم موضوع شامل آهن. هيءُ ڪتاب چئن ڀاڱن ۾ ورهايل آهي پهريون ڀاڱو: (ٻولي، ادب، نثر ۽ نظم) ٻيو ڀاڱو (نثر جون اهم صنفون، تحقيقي جائزو) ٽيون ڀاڱو (ترجما، تنقيد ۽ لطيفيات) ڀاڱو چوٿون (سوانحي، علمي ۽ ادبي مضمون) آهن جن ۾ شمس العلماء مرزا قليچ بيگ، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ڊاڪٽر غلام علي الانا ۽ شيخ اياز جي خدمتن تي روشني وڌل آهي، هن ڪتاب جي سروق جي اندرين صفحن تي ليکڪا جي ڪتابن تي عالمن ۽ اديبن جا رايا آهن، جن ۾ ڊاڪٽر الانا، پروفيسر آفاق صديقي، ڊاڪٽر فهميده حسين، ماهتاب محبوب، مظهر جميل، مظهر الحق صديقي، حميد سنڌي، ڊاڪٽر ادل سومرو ۽ ٻين جا رايا آهن. هيءُ مختصر ڪتاب مواد ۾ گهاٽو ۽ لاڀائتو آهي، سنڌي ادبي سنگت پاران "اٿي رائوريل"، کي 2008ع جي بهترين تنقيد ۽ تحقيق جي ڪتاب طور ايوارڊ ڏنو ويو.

**5- سون ورنيون سوڊيون:** جي ترتيب ۽ تحقيق ڪندڙ ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ آهي. هي ڪتاب محمد موسيٰ ادبي اڪيڊمي، الرزاق پرنٽنگ ايجنسيءَ کان 2009ع ۾ ڇپرائي پڌرو ڪيو 242 صفحن جي هن ڪتاب جو انتساب شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو جي نانءُ خوبصورت تصوير جي هيٺان ليکڪا لکيو آهي ته، "ورسي وطن ڄائيون"، جهونجهارن جوانن ڄيان، ڌرتيءَ ماءُ کي رت جو ريج ڏيندڙ سنڌ جي عظيم نياڻيءَ محترمه شهيد بينظير ڀٽو جي نانءُ. "سون ورنيون سوڊيون" ڪتاب موضوع جي حوالي سان ڪهاڻين تي مشتمل آهي، هن ڪتاب ۾ سنڌي ليکڪائن جا (1932ع کان 2008ع) تائين جا افسانا شامل آهن. جيسي ڪڏواڻي، پوپٽي رامچند هيرا نندڻي، سندري اتم چنداڻي، تارا مير چنداڻي، ايشوري جوتواڻي، ڪلا پرڪاش، ريٽا شهاڻي، وينا شرنگي، ڪملا گوڪلاڻي، اندرا شبنم، بيگم زينت عبدالله چنا، ثميره زرين، خيرالنساء جعفري، تنوير جوڻيجو ماهتاب محبوب، فهميده حسين، نورالهدي شاهه، سحر امداد، تبسم ماهتاب قريشي ۽ ٻين جون ڪهاڻيون آهن. ڪتاب جو مهاڳ ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻيءَ "سنڌي ادب جي هڪ قابل استاد ۽ اديبه" جي عنوان سان لکيو آهي، ڊاڪٽر شمس الدين هن ڪتاب جي ڪهاڻين کي معياري چونڊ قرار ڏنو آهي ۽ ليکڪا موجب ته هنن ڪهاڻين ۾ سنڌي عورت جون سوچون، ويچار، عزم، ارادا، ننڍيون ننڍيون خواهشون، مانائتي جيون جيئڻ جا آدرش شامل آهن ته سنڌي قوم جي مزاج، تاريخ، تهذيب، معاشرت ۽ ماحول جي نمائندگي پڻ آهي، هن ڪتاب ۾ پروين موسيٰ طرفان، "ڪهاڻي ڪلا ۽ سنڌي ادب جون ڪهاڻيڪارائون"، عنوان سان تحقيقي مقالو پڻ شامل آهي، جيڪو سندن پي ايڇ ڊي جي ڪم جي مطابق آهي، سندن انهيءَ تحقيقي ڪم جي حوالي سان ئي اهو ڪتاب ترتيب جي عمل ۾ آيو. ڪتاب جو ٽائيٽل اجرڪ جي ثقافتي رنگ سان آهي، جنهن ۾ سنڌ جي نقشي اندرانهن ڪهاڻيڪارائن جون تصويرون ۽ هيٺ سندن ڪتابن جا عڪس آهن. ڪتاب جو عنوان شاهه جي رسالي جي، سُر مومل راڻو جي داستان 3 مان ورتل آهي. عورت ڪهاڻيڪارائن جي ڪهاڻين جو سنڌ توڙي هند ۾ هيءُ پهريون مجموعو شايع ٿيو آهي، جنهن ۾ ٻنهي خطن جي ليکڪائن جي نمائندگي ٿي آهي جو هند ۾ پڻ گهڻو پسند ڪيو ويو آهي.

**6- وَڪر سو وهاءِ:** هائير ايجوڪيشن ڪميشن اسلام آباد پاران پروين موسيٰ ميمڻ جو هيءُ طبعزاد مضمونن جو مجموعو 2011ع ۾ ڇپيو آهي. 4_149_969_978_ ISBN هن ڪتاب جو نمبر آهي، "مونو گراف اينڊ ٽيڪسٽ بڪ رائيٽنگ اسڪيم مطابق 2006ع جي اڊبور ٽائيز تحت ليکڪا هيءُ مسودو ايڇ اي سي کي موڪليو جتان اهو ماهرن جي راءِ ڪان پوءِ مختلف مرحلن مان گذرڻ ڪان پوءِ منظور ٿيو. پهرين ڇاپي جي اشاعت 500 ڪاپين جي ٿي آهي، ڪتاب جو پنو تمام سهڻو ۽ ٽائيٽل ديده زيب آهي جنهن ۾ لائبريريءَ جو ڏيک ڏنل آهي جيئن عنوان مطابق، وڪر سو وهاءِ يعني علم پرائڻ جي تلقين آهي، هن ڪتاب ۾ علم جي افاديت تي سترنهن مضمون آهن ۽ عنوان شاهه صاحب جي سر سريراڳ جي داستان 3 ۽ بيت نمبر 2 "وَڪر سو وِهاءِ"، جو پٽئي پُراٽو نه ٿئي". مان ورتل آهي، ڪتاب جو انتساب ليکڪا جي گهر ڀاتين ورانور خان پٺن يا سررضا، محمد مجتبيٰ ۽ نياٽيءَ ڊاڪٽر ثمر ۽ ڏوهٽن محمد مير ۽ محمد وليءَ جي نالي آهي".

مضمونن جي هن ڪتاب جو مهاڳ مهتاب اڪبر راشديءَ لکيو آهي، حميد سنڌي، مظهرالحق صديقي ۽ ڊاڪٽر ادل سومرو جا ليک ڪتاب جي باري ۾ شامل آهن ۽ شروع ۾ ليکڪا پاران مضمون نويسيءَ جي اهميت ۽ افاديت تي روشني وڌل آهي. وڪر سو وهاءِ ڇهن ڀاڱن ۾ ورهايل آهي پهريون ڀاڱو (تعليم) آهي جنهن ۾ 17 مضمون ۽ 4 موضوعن تي علمي بحث مباحثا آهن ۽ ٻيو ڀاڱو (ادب) آهي جنهن ۾ لوڪ ادب شاعري، نثر ۾ ليکڪائن جو حصو ۽ ٻيا موضوع آهن ٽيون ڀاڱو (لطيفيات) آهي، جنهن ۾ شاهه صاحب جي بيتن جي سٽن تي مشتمل ڏهه مضمون آهن. جيئن، "ڏورينديون ڏسن اڱڻ عجيبن جا" يا "جو وڻ جڙيو جن سين سو وڻ سي ئي ڪن" وغيره چوٿون ڀاڱون ڀهاڪن، چوڻين ۽ قولن تي مشتمل مضمونن جو آهي، جيئن "سچ ته بيٺو نچ" "صبر جن جو سير تيرنه گُسي تن جو"، ۽ ٻيا مضمون آهن. پنجون ڀاڱون سوانحي مضمونن جو آهي جنهن ۾ شاهه ڀٽائي، سچل سرمست ۽ ٻين شخصيتن تي مضمون آهن ۽ ڇهين ڀاڱي ۾ متفرقه موضوعن تي جيئن، "جيون گهارڻ جو فلسفو"، "محبت ۽ نفرت" ۽ ٻيا عنوان آهن

مجموعي طور هيءُ مضمونن جو مجموعو 216 صفحن جو آهي، ڪتاب جي سائيز 30x20/8 آهي، ڪتاب جي آخر ۾ مروج طريقي مطابق ببليو گرافي ۽ ضميمو ڏنل آهي، "وکر سووهاءِ" مضمون نويسيءَ جي موضوع تي موجوده دور ۾ هڪ بلڪل منفرد ۽ وٽندڙ مضمونن جو مجموعو آهي جو سنڌي ادب ۾ مضمونن جي ڪتابن جي اٽاٽ هئڻ سبب هڪ بهترين اضافو شمار ٿي رهيو آهي.

## 7- اخلاقي قدر (مضمونن جو گلدستو): ڊاڪٽر پروين

موسيٰ ميمڻ جو ٻاراڻي ادب لاءِ مضمونن جو گلدستو آهي، محمد موسيٰ ادبي اڪيڊميءَ طرفان 2010ع ۾ ڇاپيو ويو 72 صفحن جي هن ڪتاب جو ٽائيٽل اجرڪ جي قلڙين سان سجيل آهي. جڏهن ته ڪتاب تي ليکڪا جو فوٽو ۽ سندس اڳ ڇپيل ڇهن ڪتابن جا عڪس ڏنل آهن، هيءُ مختصر ڪتاب نيشنل بڪ فائونڊيشن اسلام آباد طرفان ٻاراڻي ادب جي ترقيءَ ۽ فروغ لاءِ اخبار ۾ ڏنل هڪ اشتهار جي بنياد تي انعامي مقابلي لاءِ موڪليو ويو، جتان ليکڪا کي ميرٽ سرٽيفڪيٽ سان نوازيو ويو هن ڪتاب ۾ پيش لفظ ۽ ماهراڻي راءِ، ولي رام ولڀ ۽ يوسف سنڌيءَ طرفان لکيل آهي، جن اخلاقي قدر ڪتاب کي نه فقط شاگردن پر استادن ۽ والدين جي لاءِ به اهم قرار ڏنو آهي، هن ڪتاب ۾ جن موضوعن تي مختصر مضمون آهن جي هڪ طويل مضمون جو حصو آهن. انهن ۾ دوستي، حُسن اخلاق، سادگي، سچ، امن، اميد، علم، ڪتاب، روحانيت ۽ ٻيا موضوع آهن.

هيءُ ڪتاب ٻاراڻي ادب ۾ مضمون نويسيءَ جي کوٽ جي پورائي ۾ مفيد ثابت ٿيو آهي. جنهن جو ٻيو ڇاپو 2016ع ۾ سنڌ راڻي پبليڪيشن شايع ڪيو آهي ۽ مهاڳ سليم چنا لکيو آهي.

## 8- سنڌي نثر جي ترقيءَ ۾ عورتن جو حصو: تحقيقي

اڀياس (1985ع تائين) پي ايڇ ڊي جو مقالو: ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ جو مٿئين موضوع تي تحقيقي مقالو 2012ع ۾ سنڌيونيورسٽي ڄامشورو پي ايڇ ڊي جي لاءِ منظور ڪيو آهي، جيڪو ڊاڪٽر نورافروز خواجه جي نگرانيءَ ۾ تيار ٿيو. هن تحقيق ۾ نو باب ڏنل آهن، آخر ۾ مڪمل تحقيقي نتيجا ببليو گرافي ۽ ضميمو موجود آهن. هيءَ ضخيم مقالو 475 صفحن تي مشتمل آهي، باب پهريون (الف) نثر آهي جنهن ۾ نثر جي وصف، قسم ۽ نثر جي ترقيءَ لاءِ گهربل خاصيتن تي بحث ڪيل آهي، باب پهريون جي (ب) ۾ نثر جي ابتدا ۽ اوسر مختلف تاريخي دورن جي حوالي سان سنڌي نثر جي ٿيل ترقي ۽ اوائلي نثر کان موجوده دور تائين آيل تبديلين ۽ ٿيل ترقيءَ جو جائز و شامل آهي، باب ٻيو سنڌي عورت جي سماجي حيثيت ۽ تعليم جي باري ۾ آهي، جنهن ۾ تاريخ جي مختلف دؤرن ۾ عورتن جي سماجي حيثيت ۽ تعليمي پس منظر ۽ موجوده علمي صورتحال جو تحقيقي جائزو ڏنل آهي، هن تحقيق جو ٽيون باب 1947ع کان اڳ جي ليکائن جو سنڌي نثر جي ترقيءَ ۾ حصو آهي، جنهن ۾ تعليم يافته عورتن جي ادب ۾ شموليت جي حوالي سان انهيءَ دور جي زناني تعليم جو تفصيلي جائزو ڏنل آهي، انهيءَ کان سواءِ 1947ع کان اڳ جي ليکائن جيئن سيتا ديوي، گلي سدار نگاڻي، چندرا آڏواڻي ۽ ٻين جي فن جي تحقيقي جائزي سان گڏ هن دور جي چند اهم ناولن جيئن، "سروجا"، "اتحاد"، "پريم جيون" ۽ ٻين ناولن جو تنقيدي اڀياس شامل آهي، چوٿون باب 1947ع کان پوءِ جي ليکائن جو سنڌي نثر جي ترقيءَ ۾ حصي جي عنوان سان آهي، جنهن ۾ اهم ناٽڪ، ناول، افسانوي مجموعا جائزي هيٺ آهن جن ۾ سيلاب زندگيءَ جو پريت پراڻي، ريت نرالي، حياتي هوتن ريءَ، پنيرڪي جي پڻ پڻ، لهر لهر زندگي، ڪربلا ۽ ٻيا ڪتاب اڀياس هيٺ آندا ويا آهن، سنڌ ۽ هند جي اهم ليکائن جي فن جي هن اڀياس ۾ پوپٽي هيرانندڻي، سندري اتم چنداڻي، ڪلا پرڪاش، ريتاشهاڻي، ماهتاب محبوب، نورالهديٰ شاهه ۽ ٻين ڪيترين ليکائن جي ڪم جو تجزيو ڪيو ويو آهي، پنجون باب ٻين نثري صنفن ۾ عورتن جي مڪمل ڪم جي ڄاڻ ڏئي ٿو جنهن ۾ مضمون، مقالا، خط، سوانح عُمريون، آتم ڪهاڻيون، خاڪا، روزنامچا ۽ سفرناما شامل آهن. باب ڇهون نثر جي مٿين ڪم جي موضوعن ۽ مواد جي

اپياس تي مشتمل آهي، جنهن ۾ سماج ۾ عورتن کي درپيش مسئلن جا موضوع، قومي مقصدن جا موضوع، سنڌ جي تهذيب ۽ ثقافت جو موضوع، سماجي مسئلن جا پيا متفرقہ موضوع شامل آهن. هن باب ۾ وقت سان آيل نثر ۾ موضوعن جي تبديلي ۽ مواد جي موضوع سان مطابقت تي پڻ بحث خاص طور ڪيو ويو آهي، باب ستون نثر ۾ ڪتب آندل ٻوليءَ جي معيار جو اڀياس آهي. هن باب ۾ نثر جو اسلوب بيان، لفظن جي چونڊ ۽ جملن جي بيهڪ، علامتون، پهاڪا، چوڻيون، گفتارون، نثر ۾ تجنيسِ حرفيءَ جو استعمال، نج سنڌي لفظن جي استعمال جي اهميت ۽ ٻين ٻولين جي غير ضروري لفظن کان بچاءُ، ٻولي بچاءُ هلچل ۽ خاص طور عورتن جي استعمال ڪيل نثر جي فصاحت، بلاغت ۽ سلاست کي پڻ پرکيو ويو آهي. باب اٺون فن ۽ فڪر جي عنوان سان اهم ليکڪائن جي علمي ۽ ادبي حيثيت سان گڏ سندن فن جي فڪري ۽ تنقيدي اڀياس جي جاڻ ڏئي ٿو هن باب جي شروع ۾ فن ۽ فڪر جي باهمي تعلق جي وضاحت ڪيل آهي، باب نائون موضوع تي لاڳاپيل شخصيتن جا رايا رٿون جي عنوان سان آهي جنهن ۾ تعليمي ماهر دادي ليليٰ وتي، حميد سنڌي، ماهتاب محبوب، ڊاڪٽر فهميده حسين، ڊاڪٽر نورافروز خواجہ ۽ نور الهديٰ شاهہ جا انٽرويوز آهن جن سان موضوع جي حوالي سان خيالن جي ڏي وٺ ڪيل آهي، ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ جو هيءُ تحقيقي مقالو پنهنجي موضوع جي حوالي سان منفرد آهي، هن موضوع تي هيل تائين ڪو بہ ذڪر جوڳو ڪم ٿيل نہ هو. محققا ڪيترن سالن کان سنڌي نثر جي موضوع تي ڪم ڪندي محسوس ڪيو تہ سنڌي نثر ۾ ليکڪائن جو ڪم وڏي انداز ۾ موجود آهي پر تحقيق عورتن جي ڪم کي نظر انداز ڪيو پيو وڃي، ڪوبہ اهڙو مڪمل ڪتاب نٿو ملي، جنهن ۾ ليکڪائن جي نثر جي ڪم تي ڪا روشني وڌل هجي، معنيٰ تہ ليکڪائن جي نثري ادب ۾ خدمتن کي مؤرخن ۽ نقادن طرفان اهڙي ريت نہ آندو ويو هو جهڙيءَ ريت آڻڻ گهربو هو. جڏهن تہ سنڌي عورتون سنڌي نثر ۾ لڳ ڀڳ هڪ صديءَ کان لکي رهيون آهن. انهيءَ ڪري هن تحقيقي مقالي ۾ تمام سهڻائيءَ سان سندن ڪم جو اڀياس ڏنل آهي، جنهن ۾ خاص طور 1985ع تائين جي ڇپيل ڪتابن جو احاطو ڪيو ويو آهي، هي مقالو ڇپائيءَ جي مرحلن ۾ آهي.

## 9- سنڌي ادب تحقيقي ۽ تنقيدي مطالعو (ادبي تاريخ):

ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ جو مٿئين عنوان وارو ڪتاب سنڌي ادب جي مختصر تاريخ طور شمار ٿئي ٿو. ڪتاب جو انتساب ليکڪا جي پاءُ ڪموڊور اقبال احمد ميمڻ جي نانءُ آهي. 400 صفحن جي هن ڪتاب ۾ سنڌي نثر ۽ نظم جي اهم موضوعن جو احاطو ڪيو ويو آهي. جيئن ٻولي، ٻوليءَ جي قدامت ۽ لهجا. ٻولي بابت عالمن جا نظريا. سنڌي ادب جي ابتدا. لوڪ ادب. لوڪ شاعري جون چند اهم صنفون (سهرو، جمالو، لولي، مورو)، ادبي دؤر (عربن جي دور کان موجوده دور تائين) ڪلاسيڪل شاعر (قاضي قادن کان ساميءَ تائين) قديم سنڌي شاعريءَ جون صنفون (سورٺو، دوهو، بيت، وائي، ڪافي) جديد دور جا سنڌي شاعر (عبدالڪريم گدائي، ملاح، طالب المولىٰ، شيخ اياز، تنوير عباسي ۽ ٻيا) جديد دور جون شاعري جون صنفون (غزل، نظم، آزاد نظم، هائيڪو، گيت)، جديد دور جا نثر نگار (پيرومل، مرزا صاحب، دائودپوٽو، نبي بخش، ڏيپلائي ۽ ٻيا) جديد نثري ادب (ناول، افسانو، ناٽڪ، سفر نامو)، (چند اهم افسانوي مجموعن جو جائزو (سفيد وحشي، پشو پاشا، ٻلو دادا، آبِ حيات، دل جي دنيا، چوٽيهون در ۽ ٻيا مجموعا شامل آهن) ڊرامن جا ڪتاب تنقيدي جائزو (شهزادو بهرام، انڪوائري آفيسر، آخري رات، ڪي جو ٻيجل ٻوليو ۽ ٻيا. سفر ناما تحقيقي ۽ تنقيدي جائزو) سفر يورپ جي ڊائري، سير ۽ سفر، منهنجو ساگر منهنجو ساحل، ڏوري ڏوري ڏيهه، سرهي سرهي سار) ان کان سواءِ چند اهم تحقيقي ڪتابن جو تنقيدي جائزو به هن ڪتاب ۾ شامل آهي. جيئن پيغام لطيف، مقدمهءِ لطيفي، شاهه لطيف جي شاعري، ڪتاب جي آخر ۾ ليکڪا جو تعارف ۽ سندس ڇپيل ڪتابن جو تفصيل ڏنل آهي. هي ڪتاب سهڻي ثقافتي ٽائيٽل ڪور سان لاهور پنجاب جي هڪ وڏي اشاعتي اداري ائڊا وانسڊ پبليشرز 2015ع جي نومبر ۾ شايع ڪيو آهي، هن ڪتاب تي وفا مولىٰ بخش (عبرت) ثمينه ميمڻ (ڪاوش) ۾ پنهنجا ويچار لکيا آهن. جڏهن ته ڊاڪٽر ڪمال جامڙو، ڊاڪٽر عابده گهانگهرو ۽ ماهين هيسباڻيءَ جا تاثر لکيل آهن. جي ايند ڙ ڇاپي ۾ شايع ٿيندا.

**10- عالم سپ آباد ڪرين:** ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ جو ڪتاب لطيف شناسيءَ جي موضوع تي مضمونن تي مشتمل آهي.

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي سر سارنگ جي بيت،

**سائين سدائين ڪرين، مٿي سنڌ سڪار،**
**دوست مٺا دلدار عالم سپ آباد ڪرين.**

مان ورتل عنوان عالم سپ آباد ڪرين، تي مبني آهي، ڪتاب جي ٽائيٽل تي شاهه لطيف جي روضي جو عڪس آهي، هن ڪتاب ۾ 21 مضمون آهن، جن جا عنوان پڻ شاهه لطيف جي بيتن مان ورتل آهن ۽ انهن عنوانن کي کولي سمجهايو ويو آهي، جيئن "سڙيا مٿي سچ"، "نائي نيڻ نهار تو ۾ ڏيرو دوست جو"، "مٿيءَ لڌو مان" ۽ ٻيا آهن، هنن مضمونن جا عنوان نه فقط وسيع معنيٰ رکن ٿا پر منجهن مواد کي ليکڪا ڪمال ڪاريگريءَ سان نڀايو آهي، "عالم سپ آباد ڪرين"، جو مهاڳ امداد حسيني لکيو آهي ته الطاف شيخ، وينا شرنگي ۽ ڊاڪٽر اُمِ ڪلثوم شاهه ۽ سليم چنا تاثرات لکيا آهن، 144 صفحن جو هيءُ ڪتاب تخليقي مضمونن سان سجايل آهي، جنهن ۾ لطيف شناسيءَ جا گوناگون رنگ موجود آهن، هن ڪتاب تي علي نواز آريسر (عبرت) ۽ زاهده تاج ابڙو (سوجهرو) ۾ تبصرا لکيا آهن ۽ ڊاڪٽر نواز علي شوق جي ماهراڻي راءِ "ڪچ ڪوڏيون" ۾ شايع ٿي آهي.

**11- پلئه پايو سچ:** ليکڪا جو تحقيق ۽ تنقيد جي موضوع تي 240 صفحن جو ڪتاب 2016ع جي ڊسمبر ۾، سنڌ راڻي پبليڪيشن ميرون رنگ جي ٽائيٽل ڪور سان شايع ڪيو آهي، ڪتاب جي ارپنا ليکڪا جي پياءُ آفتاب احمد ميمڻ جي نانءُ آهي، ته ڪتاب ۾ انمول ادبي هيرو آفتاب احمد ميمڻ، "سنڌي زبان جو مکيه سرمايو"، ڊاڪٽر غلام محمد لاکو "ڊاڪٽر پروين کي جس هجي"، ڊاڪٽر ڪمال جامڙو "ويني وڙولي"، ماهين هيسباڻيءَ جا ويچار ليکڪا جي فن جي باري ۾ ڏنل آهن،

هن ڪتاب ۾ 28 ريسرچ آرٽيڪل ۽ 10 تخليقي مضمون ڏنل آهن. آخر ۾ مروج طريقي مطابق ببليو گرافي ۽ ليکڪا جي ڪتابن جو تعارف ۽ سندس سي وي ڏنل آهي، ڪتاب جي ٽائيٽل جي بيڪ ڪور تي مهتاب اڪبر راشدي، ڊاڪٽر ڪمال جامڙو جا ۽ اندرين ليف تي ماهتاب محبوب، حميد سنڌي، ڊاڪٽر نور افروز خواجا ۽ ڊاڪٽر عابده گهانگهرو جا رايا پڻ ڏنل آهن. هن ڪتاب ۾ آيل موضوعن ۾ سنڌي ٻولي ۽ ادب جي ترقيءَ جي راهه ۾ رڪاوٽون، نثر ۾ اسلوب جي اهميت، سنڌي نثر ۾ ليکڪائن جو حصو، ڪتاب قومن جي طاقت، وقار ۽ وجود جو اهڃاڻ آهن، سنڌ سرزمين محبت آهي ۽ ٻيا موضوع آهن. ڪتاب جو عنوان شاهه لطيف جي سر سريراڳ جي چوٿين داستان جي چوڏهين نمبر بيت مان ورتل آهي.

اگهيو ڪائو ڪچ، ماڻڪن موٽ ٿي،
پلئه پايو سچ، آچيندي لڄ مران.

**12- سنڌي ادب MCQ's**: سنڌي ادب MCQ's معروضي سوالن ۽ حل ڪيل جوابن تي مشتمل ليکڪا جو ڪتاب ايم اي، ايم فل جي انٽري ٽيسٽ، سي ايس ايس ۽ پي سي ايس جي امتحانن ڪانسواءِ ليڪچرز شپ جي Vivoce جي لاءِ وڏي پئماني تي معلومات مهيا ڪندڙ ڪتاب آهي، ڊاڪٽر پروين موسيٰ هن ڪتاب کي عام هلندڙ نموني جي بجاءِ مختلف ۽ نئين انداز ۾ پيش ڪيو آهي، ڪتاب کي 15 بابن ۾ ورهايو ويو آهي، موضوع وارا اها ورهاست ڪئي وئي آهي، خاص ڪري باب سي ايس ايس ۽ پي سي ايس جي حوالي سان آهن ته بيتن جي سڃاڻپ، بيت جي سٽ مڪمل ڪرڻ، لطيف شناسي، پهريون ڪير؟، سن، جنم ۽ وفات، ڪتابن جا عنوان موضوع ۽ ليکڪ، سنڌي صحافت، شاعري ۽ ٻين موضوعن جو احاطو ڪيو ويو آهي ته هڪ باب تفصيلي سوالن ۽ جوابن تي مشتمل پڻ آهي ته آخري باب ۾ پهاڪا ۽ اصطلاح پڻ ڏنا ويا آهن. هن کان اڳ ايم سي ڪيوز تي ڪويه اهڙو ڪتاب

موجود نہ آهي 300 ڪان مٿي صفحا آهن ۽ محمد موسيٰ ادبي اڪيڊمي ۽ ايڊوانس پرنٽنگ ايجنسي جي تعاون سان هيءَ ڪتاب ڇپجي جولاءِ 2017ع ۾ پڌرو ٿيو آهي.

**13- گلدستو (مضمون نويسي):** علمي، ادبي، اخلاقي، اصلاحي، سماجي ۽ لطيفي مضمون جو ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ جو هيءُ ڪتاب ترتيب مطابق سندن تيرهون نمبر ڪتاب آهي. بنيادي طور پاڻ مضمون نگاري ۽ مقالا نگاريءَ ڏي شغف رکندڙ آهي، مضمون نويسيءَ تي هن کان اڳ سندن ٽي ڪتاب اخلاقي قدر، وڪر سو وهاءِ ۽ علام سڀ آباد ڪرين ميجت اماڻي چڪا آهن. مضمون نويسيءَ جي صنف تي سندن هي ڪتاب خاص پي سي ايس جي لاءِ تيار ڪيل آهي، پي سي ايس جي امتحان ۾ هڪ پيپر خاص مضمون جي باري ۾ 50 مارڪن جو اچي ٿو تہ جنرل سنڌيءَ جي پيپر ۾ پڻ 20 مارڪن جو مضمون هجي ٿو مطلب تہ 70 مارڪن جو فقط مضمون آهي، ڪل پي سي ايس جي سنڌي 150 نمبرز جي آهي، جنهن ۾ 70 مارڪون فقط مضمون نويسيءَ تي آهن تہ ايم اي فائينل ۾ 100 مارڪن جو هڪ مڪمل پيپر مضمون تي مشتمل آهي، هن ڪتاب ۾ خاص طور انهيءَ حوالي سان اهم موضوعن تي مضمون ڏنا ويا آهن. جي لطيف شناسي ۽ ادبي تاريخ سان گڏ ٻين موضوعن جو احاطو ڪن ٿا، هيءُ ڪتاب 60 طويل مضمونن تي مشتمل آهي. جو انشاءَ الله پڙهندڙ شاگردن لاءِ فائديمند ٿيندو.

# ليکڪا جو تعارف

| | |
|---|---|
| نالو: | ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ |
| جنم تاريخ: | 20 نومبر 1958ع ڏيپلو ضلع ٿرپارڪر. |
| عهدو: | ايسوسيئيٽ پروفيسر نذرت گورنمينٽ گرلس ڊگري ڪاليج، حيدرآباد. |
| مستقل ايڊريس: | A_03 ڏيپلائي ڪالوني نزد راجپوتانا اسپتال حيدرآباد |
| | اي ميل: parweenmoosa2018@gmail.com |
| | فون نمبر: **0333-2766564** |
| علمي لياقتون: | ايم اي انگريزي ادب |
| | ايم اي سنڌي ادب (گولڊ ميڊلسٽ) |
| | پي ايچ ڊي يونيورسٽي آف سنڌ ڄامشورو. |
| تحقيقي مقالي جو موضوع: | سنڌي نثر جي ترقيءَ ۾ ليکڪائن جو حصو تحقيقي اڀياس (1985ع تائين) |
| تدريسي تجربو: | اٺاويهه سال |

چيپيل ڪتاب:

1. "سنڌي ادب جو ادبي جائزو ۽ لطيفيات" روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو 2004ع
2. "سنڌي نثر جي صنفن جو اڀياس"، هائر ايجوڪيشن ڪميشن اسلام آباد 2008ع، ٻيو ڇاپو روشني پبليڪيشن 2015ع.
3. "اٽي رائوريل" (تحقيق تنقيد) محمد موسيٰ ادبي اڪيڊمي حيدرآباد 2008ع.
4. "آديسين ادب آهي اکڙين ۾" (لطيفيات) محمد موسيٰ ادبي اڪيڊمي، 2008ع ٻيو ڇاپو 2009ع
5. "سون ورنيون سوڍيون" (ڪهاڻيون ترتيب) محمد موسيٰ ادبي اڪيڊمي حيدرآباد 2009ع
6. "اخلاقي قدر" (ٻاراڻو ادب) محمد موسيٰ ادبي اڪيڊمي حيدرآباد 2010ع، ٻيو ڇاپو سنڌ راڻي پبليڪيشن 2016ع
7. "وکر سو وهاءِ" (مضمون ۽ مقالا) هائر ايجوڪيشن ڪميشن اسلام آباد 2011ع.

8. سنڌي ادب (تحقيقي ۽ تنقيدي مطالعو) ائڊوانسڊ پبلشرز لاهور 2015.
9. عالم سڀ آباد ڪرين، سنڌ راڻي پبليڪيشن 2016ع.
10. پلئه پايو سچ، سنڌ راڻي پبليڪيشن 2016ع.
11. "سنڌي ادب" (ايم سي ڪيوز" ايڊوانس پرنٽنگ ايجنسي حيدرآباد، 2017ع
12. "گلدستو" مضمونن جو مجموعو 2017ع

## اڻ ڇپيل ڪتاب

1. ”جي پارڪو پارس جا“ (لطيفيات)
2. ”ملهه مهانگا سپرين“ (سوانح)
3. ”مفتي منجهه ويهار“ (آتم ڪهاڻي)
4. ”هلڻ منهنجو هوت ڏي“ (حرمين شريف جي زيارتن تي مبني سفر نامو)
5. ”محبت پائي من ۾“ (مضمون ۽ مقالا)
6. ”سنڌي نثر جي ترقيءَ ۾ جو حصو“ تحقيقي اڀياس، (پي ايچ ڊي جو مقالو) (1985ع تائين)

## اعزاز ۽ ايوارڊ:

1. سرٽيفڪيٽ اڪيڊمڪ بحث مباحثي جي مقابلي ۾ رُڪنيت تي بورڊ آف انٽر ميڊئيٽ حيدرآباد طرفان 2004ع ۾
2. بيسٽ ڪمپيئر شيلڊ، بورڊ آف انٽر ميڊئيٽ حيدرآباد طرفان 2007ع.
3. هائر ايجوڪيشن ڪميشن اسلام آباد طرفان مونو گراف ۽ ٽيڪسٽ بڪ رائيٽنگ اسڪيم طور ڪتابن ”سنڌي نثر جي ڪن صنفن جو اڀياس“ 2015ع ۽ ”وکر سو وهاءِ“ 2006ع جي اسڪيم ۾ منظور ٿيڻ تي تعريفي خط ۽ ڪيش ايوارڊ.
4. شمس العلماء مرزا قليچ بيگ انٽرنيشنل ڪانفرنس 2009-03-03 تي شموليت ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ طرفان اعزازي سرٽيفڪيٽ.
5. ڪئنيڊين ايسوسيئيشن ۽ جيجل سنڌ (جس) ريسورس سينٽر جي اشتراڪ سان بين الاقوامي مضمون نويسيءَ جي مقابلي ۾ نقد انعام ۽ سرٽيفڪيٽ 2008ع.
6. ڀهرين قومي مضمون نويسيءَ جي مقابلي بعنوان ”جمهوريت ئي بهترين انتقام آهي شهيد بينظير ڀٽو جي جمهوريت لاءِ ڪيل جدوجهد“ ۾ شموليت تي سنڌ يونيورسٽيءَ پاران اعزازي سرٽيفڪيٽ، 2010ع
7. ساڳئي مضمون نويسيءَ جي مقابلي ۾ اردو ٻولي ۾ مضمون لکڻ تي اعزازي سرٽيفڪيٽ.
8. نيشنل بڪ فائونڊيشن اسلام آباد پاران ٻاراڻي ادب ۾ مضمون نويسيءَ جي ڪتاب تي مقابلي ۾ ”اخلاقي قدر“ ڪتاب تي ٻيو انعام ۽ تعريفي خط ۽ سرٽيفڪيٽ.
9. سنڌي ادبي سنگت پاران ”اٺي رائو ريل“ ڪتاب کي 2009ع جي بهترين تحقيق ۽ تنقيد جي ڪتاب طور منظور ٿيڻ تي 07 جولاءِ 2010 ع تي ممتاز مرزا آڊيٽوريم ۾ خيرالنساءِ جعفري ايوارڊ جي شيلڊ.
10. سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئشن ۽ ناري سنگت جي طرفان ”راهه بينظير ڀٽو“ ايوارڊ شيلڊ عورتن جي ڪم جي باري ۾ ڊاڪٽريٽ جي مقالي تي مجتا طور 2013ع ۾ ڏني ويئي.

## ميمبر شپ

1. سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئشن 2. سنڌي اردو ادبي فائونڊيشن.3 ناري سنگت .4سنڌي ادبي سنگت

## ڪانفرنسن ۽ سيمينارن ۾ پڙهيل مقالا

1. "شمس العلماءِ مرزا قليچ بيگ جون لطيفيات ۾ خدمتون" قليچ انٽرنيشنل ڪانفرنس آرٽس فئڪلٽي، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو. 3-4 آڪٽوبر 2009ع
2. "محمد عثمان ڏيپلائي جون سنڌي صحافت ۾ خدمتون قومي ادبي ڪانفرنس 12 ڊسمبر، 2009ع وفاقي اردو يونيورسٽي ڪراچي.
3. "سنڌ سرزمين محبت آهي" جيجل (جس) پاران سيمينار سنڌي لئنگويج اٿارٽي حيدرآباد، 2009ع.
4. خيرالنسا جعفريءَ جون ادبي خدمتون "ناري پبليڪشن پاران ملهايل شام ۾ سنڌي لئنگويج اٿارٽي 31 مارچ 2010ع.
5. سنڌي ٻوليءَ ادب جي ترقي 2 روزه ڪانفرنس 8/9 مارچ 2011ع تي وفاقي اردو يونيورسٽي ڪراچيءَ ۾ مقالو بعنوان. "ڇاپخانن جي ڪوٺ ۽ ڇپيل تخليقي ادب جي معيار ۽ مقدار جو تحقيقي جائزو".
6. "محمد عثمان ڏيپلائيءَ جي انعام يافته تصنيفات جو تحقيقي جائزو" 8 فيبروري 2015ع تي ڏيپلائي صاحب جي ورسيءَ جي موقعي تي لئنگويج اٿارٽيءَ ۾ پڙهيل مقالو.
7. "علامه اقبال اوپن يونيورسٽيءَ طرفان ٻولي ڪورس ورڪشاپ/سيمينار ايم ايس سي جي لاءِ 2016-3-28 کان 2016-3-30 تائين مارچ 2017ع ۾ ليڪچرز ڏنا ويا.
8. "محمد عثمان ڏيپلائي جي ناٽڪ نويسيءَ ۾ سماج جي سڌاري جو پيغام 8 فيبروري 2016ع تي ورسيءَ تقريب ۾ پڙهيل مقالو.
9. "عبدالحئي پليجو جون سنڌي سفر نامي ۾ خدمتون". ممتاز مرزا آڊيٽوريم حيدرآباد 2016ع
10. ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان لطيف شناسيءَ جي حوالي سان اپريل 2016ع تي ليڪچر ڏنو.
11. ريڊيو وائيس آف سنڌ لنڊن تان فيبروري 2017ع کان مئي 2017ع تائين لطيف شناسيءَ جو ڪتاب "عالم سپ آباد ڪرين" سامعين کي 8 پروگرامن آڪٽوبر

2015ع کان اپريل 2016ع تائين قسطوار تفصيل سان ہڌايو ويو (لنڪ/ انٽرنيٽ تي موجود)

12. مهراڻ ٽي وي تان "صبح مهراڻ ۽ "بنت حوا" پروگرامن 31 مئي ۽ 25 مارچ 2016ع تي پنهنجا ويچار ونڊيا ويا ۽ آواز چئنل ڪي 2017ع جي مئي ۾ انٽرويو ڏنو.
13. "محمد عثمان ڏيپلائي" جو شاعريءَ جو شوق ۽ ذوق" مقالو ورسي تقريب 8 فيبروري 2017ع تي پڙهيو.

## اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپيل مواد

(جاڪوڙ پيغام احمد، ٽه ماهي مهراڻ، سرتيون، نئين زندگي، سروپا، سنڌي ٻولي، بلاول تحقيقي جرنل، ڪارونجهر، ادبي تحقيق، ڪلاچي، سوجهرو، سنڌي ادب، سنگت ادبي مخزن، روزاني عبرت، ڪاوش، سوپ ۽ ٻين مخزنن ۽ اخبارن ۾ ڇپيل مواد)

1. "چري" ڪهاڻي "چاندوڪي" مخرن ميرپورخاص 1980ع
2. "ماءُ جو دلاسو" خليل جبران جي ڪهاڻي (ترجمو) پارس ماهوار مخزن ميرپورخاص 1982ع
3. "شاهه عبداللطيف جي شاعريءَ ۾ انساني اخلاقي قدر"، ابن رشد گرلز ڪاليج مخزن 1998ع
4. شاهه جو فلسفو ڪاليج منحزن 2000ع.
5. ذاتي انٽرويو سورٺ ادبي مخزن ميرپورخاص عبرت پبليڪيشن حيدرآباد 2005ع.
6. "مرزا قليچ بيگ ۽ ادب جون خدمتون" هفتيوار سنڌو ڊائجيسٽ 27 فيبروري 2006ع
7. "پناڻيءَ جي طفيل" سوجهرو ايڊيٽر تاج بلوچ جنوري 2009ع ڪراچي.
8. "ڪهاڻي ڪلا ۽ سنڌي ادب جون ڪهاڻي ڪارائون" ڪلاچي تحقيقي جرنل ڊسمبر 2009ع ايڊيٽر پروفيسر سليم ميمڻ، شاهه عبداللطيف چيئر، ڪراچي يونيورسٽي.
9. محمد عثمان ڏيپلائيءَ جون سنڌي صحافت ۾ خدمتون"ادبي تحقيق" ريسرچ جرنل سنڌي شعبو وفاقي اردو يونيورسٽي براءِ آرٽس سائنس ۽ ٽيڪنالاجي ڪراچي 2009/10ع
10. "سون ورني سوڍي شهيد محترمه بينظير ڀٽو"، روزاني عبرت، مئي 2005ع.
11. "محمد عثمان ڏيپلائي"، "سنڌي ٻولي" تحقيقي جرنل" جلد ڇهون شمارو ٻيو اپريل، جون 2013ع جون، سنڌي ٻولي اٿارٽي حيدرآباد، 2013ع
12. "سنڌ سرزمين محبت آهي" (مضمون) (2009/2010) ترتيب ڪامران يوسف زئي سورج پرنٽرز حيدرآباد
13. ساڳيون مضمون "سنگت ادبي مخزن" ايڊيٽر، يوسف سنڌي حيدرآباد، 2011ع.
14. "جي هينئڙي منجهه هُرن" (يادگيريون) نواءِ سروش مخزن ابن رشد، گرلز ڪاليج ميرپورخاص، 2009ع.
15. ترجمي جي فن جو تعارف: اهميت، افاديت ۽ سنڌي نثر ۾ ترجمانگاري"ڪارونجهر" (تحقيقي جرنل) ايڊيٽر ڊاڪٽر عنايت حسين لغاري سنڌي شعبو وفاقي اردو يونيورسٽي ڪراچي، ڊسمبر 2010ع

16. "مفتي منجهہ ويهار" جاڪوڙ ايڊيٽر محمد هنگورو، ساجهہ ويلفيئر ٿرپارڪر، آگسٽ 2010ع.
17. "ڌوريندين ڌسن اڳڻ عجيبن جا" "پيغام احمد"، حاجي احمد ملاح اڪيڊمي بدين، مارچ 2011ع
18. "شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو پيغام فن ۽ رسالو هڪ نظر هفتيوار عبرت مئگزين 2011ع
19. "شاهہ لطيف تي ٿيل سنڌي اردو ۽ انگريزي ٻولين ۾ ڪم جو جائزو"، هفتيوار عبرت مئگزين 2011ع.
20. "ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جون سنڌي لوڪ ادب ۾ خدمتون"، هفتيوار عبرت مئگزين 2011ع
21. "شهيد راڻيءَ جي جمهوريت لاءِ ڪيل ڪوششون" روزاني عبرت. 27 ڊسمبر 2010ع.
22. شهيد راڻيءَ محترمہ بينظير ڀٽو جي زندگيءَ تي هڪ نظر "ماهوار اڳواڻ مخزن" ايڊيٽر غلام مصطفيٰ سولنگي" جنوري- فيبروري 2012ع.
23. "معياري مطالعو انسان کي مڪمل بڻائي ٿو". ماهوار "جاڪوڙ" ايڊيٽر، محمد هنگورو جو مني مئي 2011ع
24. "ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو ماهوار" "پيغام احمد" حاجي احمد ملاح اڪيڊمي بدين، آگسٽ 2011ع.
25. "جو وڙ جڙي جن سين" ڊاڪٽر غلام علي الانا اڻ ٿڪ انسان (مرتب) محمد عثمان منگي، سنڌ ماٿڪ موتي تنظيم، حيدرآباد 2011ع.
26. "اڌ صديءَ کان مسلسل لکندڙ هڪ تاريخ ساز شخصيت"، اڻ ٿڪ انسان (مرتب) محمد عثمان منگي، سنڌ ماٿڪ موتي تنظيم، حيدرآباد، 2011ع.
27. "ترجما نگاريءَ جي ادبي اهميت"، ٽہ ماهي مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو 2/2013ع.
28. "محمد عثمان ڏيپلائي"، سنڌي ٻولي تحققي جرنل، جلد ڇهون، شمارو ٻيو سنڌي لئنگويج اٿارٽي اپريل، جون 2013ع
29. "حيف تنين هوءِ" (لطيف شناسي) سوپ سبڊي مئگزين، اپريل 2014ع.
30. "محمد ابراهيم جويو سان ٿيل هڪ ملاقات جو احوال"، ٽہ ماهي مهراڻ، ابراهيم جويو خاص نمبر، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو 4/3_2014.
31. "پورهئي ۾ عظمت آهي". (لطيف شناسي) روزاني ڪاوش، اڱارو آڪٽوبر 2014ع.
32. "تون ڇپر تون ڇانو" ماهوار سرتيون ايڊيٽر گلبدن جاويد مرزا سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو مارچ 2014ع.
33. "مهراڻ ڏيپلائي نمبر هڪ نظر" ڪاوش مئگزين، جولاءِ 2014ع.
34. "مفتي منجهہ ويهار" (آتم ڪٿا جو باب) سروپا ماهوار مخزن، ايڊيٽر، ميمڻ روشن تبسم انفارميشن آفيسر ڪراچي.
35. "لطيف شناسي" ماهوار پيغام احمد، مولوي حاجي احمد ملاح، اڪيڊمي، بدين، سيپٽمبر 2014ع
36. "مشڪ ڪٿوري مڻ ڊاڪٽر نورافروز جي فن جو جائزو سرتيون، ايڊيٽر گلبدن جاويد مرزا سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، جون _ آگسٽ 2014ع.
37. سنڌي نثر جي واڌري لاءِ م_ع ڏيپلائيءَ جون خدمتون (ناول امڙ جائزو) ٽہ ماهي مهراڻ ڏيپلائي خاص نمبر، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو 2014/01ع.
38. "پورهئي هٿ سڪار" ماهوار "پيغام احمد" ايڊيٽر عبدالمجيد ملاح بدين ڪڙي نمبر 40 نومبر 2014ع

39. "سنڌي نثر ۾ ليڪائن جو حصو" ماهوار مخزن سروپا ايڊيٽر روشن ميمڻ، شمارو نمبر 01 جنوري 2015ع. ڪراچي.
40. "ڊاڪٽر غلام علي الانا جون مقالا تي ادب ۾ "خدمتون"، بلاول ڇهه ماهي تحقيقي جرنل، شمارو نائون، ايڊيٽر، نذير احمد زرداري نوابشاهه جنوري 2015ع.
41. "استاد قوم جا معمار آهن"، ماهوار پيغام احمد ايڊيٽر عبدالمجيد ملاح ڪڙي نمبر، 48 مارچ 2015ع.
42. "ڏوريندين ڏسن اڳڻ عجيبن جا" (لطيف شناسي) روزاني عبرت اڱارو 24 فيبروري 2015ع.
43. "هو چونيئي تون مَ چئو واتان ورائي" (لطيف شناسي) عبرت 18 فيبروري 2014ع.
44. سنڌي نثر ۾ ليڪائن جو حصو (ٻه حصا) روزاني عبرت 27 ۽ 28 فيبروري 2015ع.
45. "ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهه اچي بوءِ بهار جي" روزاني عبرت 01 مارچ 2015ع.
46. "پورهئي هٿ سڪار تو وس آهن هٿڙا" (لطيف شناسي) روزاني عبرت 4 مارچ 2015ع.
47. "جو وڙجڙي جن سين سو وڙسي ئي ڪن" (لطيف شناسي) روزاني عبرت 14/13 مارچ 2015ع.
48. "سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ عورتن جو حصو" روزاني عبرت 8 مارچ 2015ع.
49. "اسين سڪون جن ڪي سي تان اسين پاڻ"(لطيف شناسي) سوڀ مئگزين، آچر 15 مارچ 2015ع
50. "ادب زندگيءَ جو آئينو ۽ عڪس آهي" سوڀ سنڌي مئگزين، آچر 29 مارچ 2015ع.
51. "مطالعي سان قومن جي ڪمال ۽ زوال جي خبر پوي ٿي" سوڀ سنڌي مئگزين، آچر 22 مارچ 2015ع.
52. "سنڌي نثر ۾ ترجما نگاري" روزاني عبرت سومر 30 مارچ 2015ع.
53. "سڙيا مٿي سچ" روزاني عبرت 2 اپريل 2015ع.
54. "جيون گهارڻ جو فلسفو" روزاني عبرت 6 اپريل 2015ع.
55. "قومي ٻڌي ۽ سنڌي قوم" روزاني عبرت، 8 اپريل 2015ع.
56. "پنهون ٿيس پاڻ، سسئي تان سورهئا" سوڀ سنڌي مئگزين 12 اپريل 2015ع.
57. "ڪتاب ۽ ڪتب خانا اڻ ملهه خزانا آهن" سوڀ سنڌي مئگزين، 19 اپريل 2015.
58. "سنڌي ڪهاڻي ۾ عورتن جي شموليت جو جائزو" ته ماهي ڪچ ڪوڏيون، ايڊيٽر انعام علي ڪبر خيرپور، اپريل - جون 2015ع.
59. "ڪمپيوٽر سائنس جي افاديت" سنڌ راڻي ماهوار مخزن ايڊيٽر غلام مصطفيٰ سولنگي اپريل 2015ع.
60. "سنڌي ٻوليءَ جي ترقي ۾ رڪاوٽون" روزاني عبرت 23 اپريل 2015ع.
61. رسول پاڪ بحيثيت معلم روزاني عبرت، 12 اپريل 2015.
62. "تعليم جي تباهي جا ڪارڻ" (تعليمي مضمون) روزاني عبرت 23 اپريل 2015ع.
63. "جديد ٽيڪنالاجي وقت جي اهم ضرورت" سوڀ سنڌي مئگزين 26 اپريل 2015ع.
64. "حيف تنين هوءِ وطن جن وساريو" روزاني عبرت 25 اپريل 2015ع.
65. "اٿي هن اونداهيءَ ۾ ٻارڻ ڪو ٻار" روزاني عبرت 28 اپريل 2015ع.
66. "مفتي منجهه ويهار ته قاضيءَ ڪاٽيارونه ٿين" روزاني عبرت، 4 مئي 2015ع.
67. "هنري تعليم" (تعليمي مضمون) روزاني عبرت، 7 مئي، 2015ع.

68. “انسان ۽ انسانيت ۽ مذهبن جون فلاسافيون” روزاني عبرت، 10 مئي 2015ع.
69. “سي چلولا چئجن جي در در لائين دوستي” (لطيف شناسي) روزاني عبرت 15 مئي 2015ع.
70. “سنڌي لوڪ ادب ۽ لوڪ شاعري” سوڀ سنڌي مئگزين 7 مئي 2015ع.
71. “سنڌ سرزمين محبت آهي” روزاني عبرت 21/22 مئي (ٻه حصا) 2015ع.
72. “جو وڙ جڙي جن سين، سو وڙسي ئي ڪن” روزاني عبرت 27 مئي 2015ع.
73. “انساني زندگيءَ جا قدر” سوڀ سنڌي مئگزين 24 مئي 2014ع.
74. “سنڌي ادب ۾ مضمون نويسيءَ جو جائزو” روزاني عبرت 01 جون 2015ع.
75. “جديد دنيا ۾ سائنسي علمن جي ترقي” 6/4 (ٻه حصا) روزاني عبرت جون 2015ع.
76. “علم لازوال دولت آهي” (تعليمي صفحو) روزاني عبرت 11 جون 2015ع.
77. “نمي ڪمي نهار تون ڏمر ڏولائو” روزاني عبرت 11 جون 2015ع.
78. “ناٽي جو زيان ۽ پاڪستاني قوم” روزاني عبرت، 16 جون 2015ع.
79. “آفتاب ميمڻ هڪ گهڻ رخي شخصيت” روزاني عبرت 19 جون 2015ع.
80. “شهيد راڻيءَ جو جنم ڏينهن” روزاني عبرت 21 جون 2015ع.
81. “شهيد راڻيءَ جي جمهوريت لاءِ ڪيل جدوجهد ۽ ڏنل عظيم قرباني” سنڌي سوڀ مئگزين سوڀ 21 جون 2015ع.
82. “حضرت سچل سرمست رح روزاني عبرت 3 جولاءِ 2015ع.
83. “مهربان محقق ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو” روزاني عبرت 11 جولاءِ 2015ع.
84. “جان جان پسين پاڻ ڪي تان تان ناهه سجود” روزاني عبرت 13 جولاءِ 2015ع.
85. “سنڌ جو سرموڙ ڪهاڻيڪار نسيم کرل” عبرت 14 جولاءِ 2015ع.
86. “پرت نہ چنن پاڻ ۾” روزاني عبرت 21 جولاءِ 2015ع.
87. “سنڌي ليکڪائن جي ادب ۾ شموليت” ماهوار سرتيون اپريل - مئي 2015ع سنڌي ادبي بورڊ جامشورو.
88. “محمد عثمان ڏيپلائي سنڌي نثر جو اهم ليکڪ” ماهوار “پيغام احمد”، ايڊيٽر عبدالمجيد ملاح بدين جولاءِ 2015ع.
89. “سنڌي شعر جي ابتدا روزاني عبرت 3/4 (ٻه حصا) آگسٽ 2015ع.
90. “ادب فن لطيف آهي” روزاني عبرت (تعليمي صفحو) 6 آگسٽ 2015ع.
91. سنڌي نثر جي ابتدائي ترقيءَ لاءِ ورتل ڪوششون روزاني عبرت 17 آگسٽ، 2015ع
92. “ننڍي ڪنڊ جو ناميارو اديب، ليکراج ڪشنچند عزيز” روزاني عبرت، 19 آگسٽ 2015ع.
93. تاريخ ساز شخصيت قاضي عبدالمجيد عابد روزاني عبرت، 27 آگسٽ 2015ع.
94. نصاب ۾ مضمون نويسيءَ جي اهميت روزاني عبرت، 3 سيپٽمبر، 2015ع.
95. نثر ۾ اثر انگيزيءَ جو ذريعو اسلوب بيان روزاني عبرت 8 سيپٽمبر 2015ع.
96. “سنڌي بيت جي اوسر”، عبرت 25 سيپٽمبر 2015ع
97. “استاد ۽ قوم” روزاني عبرت پهرين آڪٽوبر 2015ع

98. "مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ"، روزاني عبرت 4 آڪٽوبر 2015ع
99. "شمس العلماءِ مرزا قليچ بيگ"، روزاني عبرت 7 آڪٽوبر 2015ع
100. "سنڌي ٻوليءَ جي قدامت"، عبرت 8 نومبر 2015ع
101. "پسي لهس نہ لچئا"، سوپ سنڌي مئگزين 8 نومبر 2015ع
102. علامہ محمد اقبال رح روزاني عبرت 9 نومبر 2015ع
103. "سنڌ جون رومانوي داستانون"، سوپ سنڌي مئگزين 22 نومبر 2015ع
104. "قلم تلوار کان وڌيڪ طاقتور آهي" روزاني عبرت، 10 سيپٽمبر 2015ع.
105. سنڌي بيت جي اوسر، عبرت 25 سيپٽمبر 2015ع.
106. "استاد ۽ قوم" روزاني عبرت پهرين آڪٽوبر 2015ع.
107. مخدوم محمد الزمان طالب المولىٰ، روزاني عبرت 4 آڪٽوبر 2015ع.
108. شمس العلماءِ مرزا قليچ بيگ، عبرت 7 آڪٽوبر 2015ع.
109. "پسي لهس نہ لچئا"، سوپ سنڌي مئگزين 8 نومبر 2015ع
110. علامہ محمد اقبال روزاني عبرت 9 نومبر 2015ع
111. "سنڌ جون رومانوي داستانو"، سوپ سنڌي مئگزين 22 نومبر 2015ع
112. "شاگردن جي زندگيءَ جو مقصد" روزاني عبرت 2015ع
113. "شاهہ جو فن، رسالو ۽ پيغام" گلشن لاڙ ڊسمبر 2015ع
114. "سنڌي ٻوليءَ جي قدامت" سوپ سنڌي مئگزين 26 ڊسمبر 2015ع
115. "شاگرد جي زندگيءَ جو مقصد"، روزاني عبرت نومبر 2017ع
116. "شاهہ جو فن، رسالو ۽ پيغام"، گلشن لاڙ ڊسمبر 2017ع.
117. "سنڌي ٻوليءَ جي قدامت"، سوپ سنڌي مئگزين 26 ڊسمبر 2015ع
118. "اخلاقيات ۽ قدر" روزاني سنڌ ايڪسپريس، 9 ڊسمبر 2015ع)
119. "دلير نياڻي، شهيد بينظير ڀٽو"، سوپ سنڌي مئگزين 27 ڊسمبر 2015ع
120. "سون ورني سوڍي"، ماهوار سروپا مئگزين، ايڊيٽر روشن ميمڻ، ڊسمبر 2015ع
121. "والدين ۽ اولاد جو رشتو"، سنڌ ايڪسپريس 9 جنوري 2016ع
122. "سونهن ۽ سچ جو شاعر"، استاد بخاري روزاني عبرت 16 جنوري 2016ع
123. "استاد ۽ شاگرد" روزاني سنڌ ايڪسپريس 17 جنوري 2016ع
124. سنڌي لوڪ ادب ۽ لوڪ شاعري، سوپ مئگزين 2 جنوري 2016ع
125. "سائين جي ايم سيد عظيم مفڪر"، عبرت 17 جنوري 2016ع
126. "دوستي"، روزاني سنڌ ايڪسپريس 23 جنوري 2016ع
127. "ڊاڪٽر فهميده حسين جون علمي ۽ ادبي خدمتون" گلشن لاڙ ماهوار مئگزين ڊسمبر 2016ع
128. "گيت جي سئو سالہ تاريخ" ماهوار ريڪائون ايڊيٽر رحمت پيرزادو، جنوري 2016ع

129. "شيخ اياز جي منظوم ڊرامن جو جائزو" ڪڇ ڪوڏريون تہ ماهي مئگزين جنوري مارچ چيف ايڊيٽر نصر الله ڪبر 2016ع
130. "حسن اخلاق"، روزاني سنڌ ايڪسپريس 8 فيبروري 2016ع
131. "ڊاڪٽر گربخشاڻي، شاهہ لطيف جو فڪري پارکو" روزاني عبرت 10 فيبروري 2016ع
132. لاڙ جي فطرت جهڙو شاعر مولوي حاجي احمد ملاح روزاني عوامي آواز 14 فيبروري 2016ع
133. "معاشي قدر"، روزاني سنڌ ايڪسپريس، 20 فيبروري 2016ع.
134. "سفر نامن جو تاريخي ۽ تحقيقي جائزو، روزاني عبرت 19 فيبروري 2016ع
135. "تصوف ۽ وحدانيت جو شاعر" قاضي قادن سوجهرو سنڌي مئگزين 28 فيبروري 2016ع
136. ڌرتيءَ جو رهنما شاعر شيخ اياز روزاني عبرت 2 مارچ 2016ع
137. "مولوي حاجي احمد ملاح"، گلشن لاڙ ماهوار مئگزين مارچ 2016ع
138. "سادگي ۽ ڪفايت شعاري" روزاني سنڌ ايڪسپريس 15 مارچ 2016ع
139. "حب الوطني، روزاني سنڌ ايڪسپريس 19 مارچ 2016ع
140. "سنڌي سفرناما"، سوجهرو سنڌي مئگزين 13 مارچ 2016ع
141. "سنڌ جي سياست جو تڪراري ڪردار، پير علي محمد راشدي، عوامي آواز مئگزين 13 مارچ 2016ع
142. ڪتاب ۽ ڪتب خان اَمُلهہ خزانا آهن، ماهوار سنڌ راڻي مئگزين اپريل 2016ع
143. "عدل ۽ انصاف" روزاني سنڌ ايڪسپريس 12 اپريل 2016ع
144. "سنڌي ادب تحقيقي ۽ تنقيدي مطالعو" جو جائزو وفا مولا بخش سوجهرو 13 اپريل 2016ع.
145. سچ، روزاني سنڌ ايڪسپريس 9 اپريل 2016ع
146. "رهجي ويل منظر جو خالق، طارق عالم ابڙو"، روزاني عبرت 10 اپريل 2016ع
147. مير عبدالحسين سانگيءَ جون لطيفيات ۾ خدمتون، روزاني جيجل 12 اپريل 2016ع
148. "عورتن جي تعليم" روزاني عبرت 14 اپريل 2016ع
149. "لالچ ۽ حرص"، روزاني سنڌ ايڪسپريس 23 اپريل 2016ع
150. "سڪو قدر ڪتاب جو"، روزاني عبرت، 23 اپريل 2016ع
151. "معياري مطالعو"، سوجهرو سنڌي مئگزين 24 اپريل 2016ع
152. "سنڌ جو سائين جيئي سدائين"، روزاني عبرت 25 اپريل 2016ع
153. ڪاوش ۾ انٽرويو پروفائيل 26 اپريل 2016ع
154. "علم ڇا آهي" روزاني عبرت 28 اپريل 2016ع
155. "شاهہ ڀٽائيءَ جي شاعري ۾ عورت جي عظمت" ماهوار همسري ايڊيٽر زاهده ابڙو مئي 2016ع
156. سنڌي ادب جائزو ڪاوش مئگزين 27 مارچ 2016ع
157. "ادبي تنقيد ارتقاءِ اوسر" (2 حصا) عبرت 9 ۽ 10 مئي 2016ع
158. "تعليم جي اهميت" روزاني عبرت 12 مئي 2016ع
159. "اخلاقي قدر" جائزو عبرت 24 مئي ۽ ڪاوش 14 جون 2016ع

160. "آغا سليم ۽ سندس ناول" همہ اوست، روزاني عبرت 27 مئي 2016ع
161. "سيئي سبحان جي ڪر حوالي ڪم" روزاني عبرت 2 جون 2016ع
162. "ڪري پاڻ ڪريم" (لطيف شناسي) روزاني عبرت، 7 جون، 2016ع
163. "نايو نيڻ نهار" (لطيف شناسي) روزاني عبرت 10 جون 2016ع
164. "جنهن هادي ميڙيم ههڙو" (لطيف شناسي) روزاني عبرت 15 جون 2016ع
165. "سورهيہ مرين سوڀ ڪي" (لطيف شناسي) روزاني عبرت 17 جون 2016ع
166. "سنڌي نثر ۾ آفتاب احمد ميمڻ جون خدمتون"، روزاني عبرت 18 جون 2016ع
167. واڪا ڪندي ووءِ صديون تو لاءِ سنڌڙي" سوڀ سنڌي مئگزين 21 جون 2016ع
168. "الا جنگ جين" (لطيف شناسي) روزاني عبرت 6 جولاءِ 2016ع
169. "جي پاينين جوڳي ٿيان"، (لطيف شناسي) روزاني عبرت 9 جولاءِ 2016ع
170. "نثري نظم شيخ اياز جي ڪتاب جو جائزو" روزاني عبرت 2 حصا 26 ۽ 27 جولاءِ 2016ع)
171. سنڌي ادب ۾ اول درجي جو ڪهاڻيڪار نسيم کرل" روزاني عبرت 14 جولاءِ 2016ع
172. "سنڌي ادب جو سرموڙ ڪهاڻيڪار علي بابا" روزاني عبرت 10 آگسٽ 2016ع
173. شاهہ جو رسالو مقصديت ۽ پيغام" (لطيف شناسي) روزاني عبرت 17 آگسٽ 2016ع
174. "سڙيا مٿي سچ" (لطيف شناسي) روزاني عبرت 24 آگسٽ، 2016ع
175. "شاهہ لطيف جي ڪلام جون فني خوبيون" روزاني عبرت 26 آگسٽ 2016ع
176. قاضي عبدالمجيد عابد، صحافت سياست ۽ ادب جو وڏو نانءُ روزاني عبرت 27 آگسٽ 2016ع
177. "سنڌي غزل جي ارتقا ۽ اوسر"، روزاني عبرت 30 آگسٽ 2016ع
178. "نير منهنجي نينهن اُجاري اڇو ڪيو" روزاني عبرت (ٻہ حصا) 21 ۽ 22 سيپٽمبر 2016ع
179. "سلطاني سهاڳ ننڊون ڪندي نہ ملي"، روزاني عبرت 28 سيپٽمبر 2016ع
180. شاهہ ڀٽائي جي شاعريءَ ۾ عورت جي عظمت روزاني عبرت سيپٽمبر 2016ع
181. "جو سنڌ سنواري اهو جيئندو رهندو" روزاني عبرت سيپٽمبر 2016ع
182. "روندي ڏنيون مون ان در تي دادليون" روزاني عبرت 9 آڪٽوبر 2016ع
183. "سيئي سبحان جي ڪر حوالي ڪم" سنڌ راڻي مئگزين آگسٽ سيپٽمبر 2016ع
184. علم ادب ۽ صحافت جو وڏو نانءُ پير حسام الدين راشدي"، روزاني عبرت 21 آڪٽوبر 2016ع
185. "عالم سڀ آباد ڪرين" (لطيف شناسي) روزاني عبرت 24 آڪٽوبر 2016ع
186. "شاهہ لطيف جو پيغام محبت آهي" روزاني عبرت 30 آڪٽوبر 2016ع
187. "ادب زندگي جو آئينو ۽ عڪس"، سوڀ سنڌي مئگزين 11 سيپٽمبر 2016ع
188. "خودشناسي ۽ شاهہ عبداللطيف" سوڀ سنڌي مئگزين 11 سيپٽمبر 2016ع
189. "شاهہ لطيف ۽ عورت جي عظمت" روزاني عبرت آڪٽوبر 2016ع
190. "شاهہ جي شاعري شاعري ۾ سچائي جو سڏ" روزاني عبرت 13 نومبر 2016ع
191. "شاهہ جو ميلو" (لطيف شناسي) روزاني عبرت 22 نومبر 2016ع

192. "مٽيءَ لڌو مان" (لطيف شناسي) تخيل ٽه ماهي جرنل، شمارو نمبر 3 جولاءِ-سيپٽمبر 2016،
چيف ايڊيٽر سڪندر ملاح، مارئي اڪيڊمي حيدرآباد
193. "شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ سنڌي سماج جا معاشي ۽ ثقافتي قدر"، روزاني عبرت 11 ڊسمبر 2016ع
194. "دادي ليليٰ وتي تلسي داس هرچنداڻي"، روزاني عبرت 20 ڊسمبر 2016ع
195. "سڙيا مٽي سچ"، جيئي لطيف مئگزين ڪڙي نمبر 10 سال نومبر 2016ع
196. "شهيد محترمه بينظير ڀٽو" سنڌ راڻي مئگزين، ايڊيٽر غلام مصطفيٰ سولنگي، ڊسمبر 2016ع
197. "مٽيءَ لڌو مان"، سوڀ سنڌي مئگزين 18 ڊسمبر 2016ع
198. "شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ تهذيب ۽ تاريخي داستانن جو ذڪر سوڀ مئگزين 26 ڊسمبر 2016ع
199. "مخدوم امين فهيم پيغام هڪ جائزو" ٽه ماهي مهراڻ ڊسمبر 2016ع
200. "شهيد بينظير ڀٽو جي تاريخي جدوجهد جو جائزو" روزاني عبرت 27 ڊسمبر 2016ع
201. "مضمون نويسي/مقالا نگاريءَ جو تحقيقي جائزو"، روزاني عبرت (3، 5، 6) (3 حصا) فيبروري 2017ع
202. "سيئي سبحان جي ڪر حوالي ڪم"، سنڌ راڻي مئگزين آگسٽ/سيپٽمبر 2016ع
203. "جي پانئين جوڳي ٿيان"، سوڀ سنڌي مئگزين 1 جنوري 2017ع
204. شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي دعائيه شاعري سوڀ سنڌي مئگزين 19 فيبروري 2017ع
205. ادب ۽ تاريخ کي زندگي ارپيندڙ ميمڻ عبدالمجيد سنڌي"، روزاني عبرت 11 فيبروري 2017ع.
206. (1908ع 1981ع محمد عثمان ڏيپلائيءَ جون سنڌي صحافت ۾ خدمتون روزاني عبرت فيبروري 2017ع
207. "عورتائي ادب ۾ بوليءَ جي استعمال جو تحقيقي جائزو" 6-7-13 مارچ (3 قسطون) عبرت 2017ع
208. "جمهوريت ۽ عوام"، روزاني عبرت 21 مارچ 2017ع.
209. "قاضي وينو آهي قلب ۾" روزاني عبرت 30 مارچ 2017ع
210. "عالم سپ آباد ڪرين"، ڊاڪٽر پروين جي ڪتاب تي تبصرو علي نواز آريسر عبرت (ساڳيو
تبصرو ٽماهي تخيل ڊسمبر 2016ع)
211. "صوف صحت جو ضامن ميوو" "ماهوار پيغام محبت"، چيف ايڊيٽر نظام عباسي مارچ-اپريل 2017ع)
212. "جديد دور کي سنڌي عورت"، ماهوار اطراف چيف ايڊيٽر محمد شام، مارچ 2017ع
213. "مفتي منجهه ويهار"، (پروين موسيٰ جي اڻ ڇپيل آتم ڪهاڻي جو هڪ باب) سرتيون
يادگيريون نمبر، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو (جلد 27 جنوري-نومبر 2016ع
214. ڊاڪٽر پروين موسيٰ سان ڳالهه ٻولهه ٽه ماهي ڪچ ڪوڏيون جلد ٻيو- پرچو جولاءِ-سيپٽمبر 2016ع
215. ڪتابن سان شوق قائم رکڻ جي ضرورت آهي روزاني عبرت آچر 23 اپريل 2017ع
216. "فلاسافي جيون جيئڻ جي تحقيقي نظر" روزاني عبرت 8 مئي 2017ع
217. باباءِ سنڌ حيدر بخش جتوئي"، روزاني عبرت 20 مئي 2017ع
218. "نظم، نثراڻو نظم ۽ آزاد نظم"، روزاني عبرت 23 مئي 2017ع
219. "ميون جو بادشاهه ميوو انب"، ماهوار پيغام صحت جون 2017ع
220. ذهني صحت ۽ وٽامن ڊي جو استعمال، ماهوار پيغام صحت جون 2017ع

221. محمد عثمان ڏيپلائي جي فن جو جائزو، روزاني عبرت 13 جون 2017ع
222. سنڌي ٻولي ۽ ادب جي ترقيءَ ۾ عورتن جو حصو سنڌي ٻولي مخزن ڇهه ماهي جنوري، جون 2017ع سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
223. ڊاڪٽر گربخشاڻي جون علمي ۽ ادبي خدمتون هفتيوار "هند واسي" هندوستان ايڊيٽر شوپالال چنداڻي مارچ 2017ع
224. "منگهارام ملڪاڻي جو فن"، هفتيوار "هندو واسي" هندوستان ايڊيٽر شوپا لال چنداڻي فيبروري 2017ع

# ڊاڪٽر پروين موسيٰ جي فَنَ تي عالمن ۽ اديبن جا رايا

بابا! مون کي توهان تي فخر آهي، توهان تخليقي صلاحيت رکندڙ ليکڪا آهيو. “آديسين ادب آهي اکڙين” ۾ ڪتاب کي جنهن طريقي سان توهان جوڙيو آهي اهو هڪ تمام اڇوتو ۽ مختلف انداز جو آئيڊيا آهي توهان سان ملي ۽ توهان جو سچو علمي ۽ ادبي ڪم ڏسي مون کي گهڻي سرهائي محسوس ٿي آهي.

**محمد ابراهيم جويو**

“سنڌي نثر جي صنفن جو اڀياس” جي سجاڻ سهيڙيندڙ محترمہ پروين موسيٰ نثر جي صنفن جي مطالعي لاءِ مختلف ماخذن مان مفيد مواد جمع ڪيو آهي، جو تفصيلي ۽ تسلي بخش آهي پاڻ محمد عثمان ڏيپلائي مرحوم جي قومي خدمت قلمي روايت جي پاسبان ۽ ڏيپلي شهر جي علمي ۽ ادبي قافلي جي حدي خوان آهي آئون سندس لاءِ دعاڳو آهيان تہ هن نياڻيءَ لکڻ جي سفر ۾ رب پاڪ کيس ڪاميابيون ۽ ڪامرانيون عطا ڪري.

**ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ**

سنڌي ٻوليءَ جي تنقيدي ادب ۾ خواتين ليکڪائن جا چند نالا ملن ٿا انهن ۾ پروفيسر پروين جو نالو وڏي فخر سان پيش ڪري سگهجي ٿو پروفيسر پروين تخليق ۽ تنقيد وارين صلاحيتن سان نوازيل آهي سندس ڪتاب سنڌي نثر جي صنفن جو اڀياس قابلِ فخر ڪتاب ۽ تحسين لائق پروجيڪٽ آهي کيس سنڌي ٻولي ۽ ادب سان عشق آهي جنهن جو ثبوت سندس چيپل علمي ۽ ادبي ڪتاب آهن ۽ اهي ڪتاب جڏهن سنسڌي ادب سان دلچسپي رکندڙ مردن توڙي عورتن جي لائبريرين جي شيلفن ۾ سينگاريل هوندا، تڏهن هر ڪو ماڻهو پنهنجي گهر ۾ ڪتابن جي اهڙي انمول خزاني تي فخر بہ ڪندو ۽ ناز بہ.

**ڊاڪٽر غلام علي الانا**

پروين موسيٰ ميمڻ جا HEC مان منظور ٿيل ۽ ڇپيل ڪتاب ٻيو علمي ۽ ادبي ڪم ڏسي ڏاڍي سرهائي محسوس ڪيم. تحقيق ۽ تنقيد ۾ سندس ڪم بي مثال آهي مون کي خوشي آهي تہ اسانجا استاد پڙهائڻ سان گڏ پاڻ پڙهڻ ۽ لکڻ جي ڪم کي بہ اولين ترجيع ڏيئي رهيا آهن هر پڙهيل ۽ لکيل لاءِ خاص طور استاد لاءِ تہ لازمي آهي تہ هو مطالعي ۽ مشاهدي سان پنهنجي قابليت وڌائي هن وقت پروين موسيٰ ميمڻ جي ڪتاب تي بہ اکر لکندي مان کيس دلي مبارڪباد ٿو ڏيان.

**مظهر الحق صديقي،** (اڳوڻو) وائيس چانسلر، سنڌ يونيورسٽي

پروين موسيٰ ميمڻ هڪ قابل ليکڪا ۽ جفا ڪش عورت ۽ پنهنجي استادانہ فن جي ماهر آهي پروين موسيٰ تعليم ۽ ادب جي ميدانن ۾ نهايت وسنيالي قلم هلايو آهي جنهن سان ٻنهي شعبن کي حقيقي تقويت ملي آهي هن جا ڪتاب لکڻيون سندس پاڳيداريءَ جي لاپيدائڪ هئڻ جون شاهد آهن. هن پنهنجي انداز بيان ۾ هر تحرير کي چونڊ گڻن سان متصف ڪيو آهي.

**ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي**

پروين موسيٰ ميمڻ جديد تحقيق جي اصولن قانونن ۽ ضابطن جي پوئواري مطابق لکي ٿي هر موضوع کي هڪ مربوط ۽ منظم نموني سان پيش ڪرڻ جو فن ڄاڻي ٿي جنهن سان ڪيترين ئي معلوماتي مقصدن جو پورائو ٿئي ٿو.

**پروفيسر آفاق صديقي**

پروين موسيٰ ميمڻ پهريان تعليم ۽ پوءِ ادب جي حوالي سان گهڻي ڄاتل سڃاتل آهي. سڄاڻ، ساڃاهہ وند، استاد ۽ اديب طور پاڻ مڃرايو آهي. اهو سندس ڀاڳ آهي جو ان خاندان ۽ شهر سان لاڳاپيل آهي جنهن جي مٽيءَ ۾ محنت ۽ عظمت جي مٽيا شامل آهي الله تعاليٰ کيس سندس علمي، ادبي، سماجي ۽ تدريسي خدمتن جو

موقعو ايترو ته گهٽ ڏٺي جو خود ڏيپلو هن جو نالو ڪٽي پنهنجي سڃاڻپ ايئن ڪرائي ته آئون اهو شهر آهيان جنهن ۾ پروين موسيٰ ميمڻ ڏيا ڏيا ٻاري ڏيپلي کي ڏيئن (علم جي جوت) جو شهر بڻائي ڇڏيو آهي.

**سليم چنا**

فاضل ليکڪا/ مصنفه جيئن ته ذميوار استاد شفيق والده آهي ۽ وڏي ڳالهه ته هڪ ذميوار شهري آهي سندس تصنيف ڪيل ڪتابن مان سندس ادب سان لڳن اورچائي ۽ ڪميٽمينٽ بکي رهي آهي جنهنجو ثبوت اهو آهي جو سندس ڪتاب لاڳيتو شايع ٿيندا رهن ٿا. مون کي اميد آهي ته تحقيق جي صلاحيت رکندڙ هن مصنفه جو قلم تخليق ۽ تنقيد جي ميدان ۾ آئينده به وڌيڪ بهتر صورتن ۾ پنهنجي صلاحيتن جو اظهار ڪندو رهندو.

**ولي رام ولڀ**

ڏيپلي شهر جو تعليم، صحت، نوڪر شاهي، توڙي علم ۽ ادب ۾ خاص ڪردار آهي ڏيپلو جي ميمڻ برادري اڄ سنڌ جي نقشي ۾ خاص رتبو رکي ٿي، ڊاڪٽر پروين ميمڻ جو نالو به ان ڏسن ۾ نشانبر آهي هوءَ انهن عالمن ۾ ڳڻجي ٿي جن ڊگريءَ جو مان مٿانهون رکندي لڳاتار تحقيق ۽ تصنيف ۾ پاڻ کي مشغول رکيو آهي سندس مطالعي ۽ تحرير جا موضوع خاص طور تحقيق، تنقيد، لطيفيات ۽ مضمون نگاري آهن سندس لکيل سنڌي لکت نهايت صاف ستري ۽ شهري گدلاڻ کان پاڪ آهي، انهيءَ لاءِ لائق ليکڪا مبارڪباد جي حقدار آهي سندس لکيل ۽ ڇپيل ڪتاب سنڌي زبان جو مکيه سرمايو آهن جن ۾ عام پڙهندڙن کان وٺي وڏن اديبن ۽ عالمن جي ڄاڻ لاءِ وڏيءَ جاکوڙ سان ڳچ معلومات هڪ جاءِ تي گڏ ڪري ڏني وئي آهي.

**ڊاڪٽر لاکو غلام محمد**

گذريل ڪافي سالن کان سنڌي ادب ۾ جيڪي خواتين ليکڪائون انتهائي محنت لگن ۽ جستجو سان سنڌي ادب جا گهڙاپيري رهيون آهن. محترمہ پروين موسيٰ ميمڻ جو نانءُ انهن ۾ سيني کان مٿانهون آهي، ٻين سنڌي ليکڪائن جي ڀيٽ ۾ پروين موسيٰ ميمڻ ان ڪري منفرد حيثيت رکي ٿي تہ سندس ميدان تحقيق، ترتيب، ۽ تدوين آهي جڏهن تہ ٻين سنڌي ليکڪائن جو لاڙو فڪشن ڏانهن آهي ڪيس پنهنجي علمي پورهئي تي ڪيترا انعام ۽ ايوارڊ پڻ ملي چڪا آهن جنهن مان اها ڳالهہ چٽي ٿي بيهي ٿي تہ، سندس علمي ۽ تحقيقي ڪم معياري ۽ وقت جي گهرجن موجب آهي.

**يوسف سنڌي**

پروين موسيٰ هڪ جاکوڙي خاتون آهي سندس جاکوڙ ۽ اندر مان نڪتل اونهي جذبي هيٺ لکيل لکڻيون علم، ادب ۽ سکيا جي ميدان ۾ مستقل قدرن جون امين آهن.

**حميد سنڌي**

پيڻ پروين موسيٰ ميمڻ جي ڪتاب وکر سو وهاءِ ۾ جيڪو مواد ڏنو آهي اهو ڪم هن تمام محنت ۽ ڪوشش سان ڪيو آهي شاگردن جي تعليم ۽ ادبي گهرجن کي نظر ۾ رکندي سندن سهولت لاءِ تمام گهڻو مواد هڪ جاءِ تي ڏنو ويو آهي سندس ڪوششون ساراهہ لائق آهن اميد تہ پاڻ ٻيا بہ اهڙا ڪتاب سنڌي ادب کي ڏينديون رهنديون.

**ڊاڪٽر دل سومرو**

پروين ادب شناس ڪتنب سان واسطو رکي ٿي گذريل پنجويهن سالن کان سنڌي ادب جي مختلف موضوعن تي لکندي پيئي اچي، سندس مڪمل ڪتاب دير سان ڇپجڻ شروع ٿيا سندس پهريون ڪتاب سنڌي ادب جو جائزو پڻ چٽا پيٽيءَ

جي امتحان ۽ ڪميشن جي لاءِ پڙهندڙن ۾ مقبول ٿيو. هوءَ وڏي محبت محنت، عقيدت ۽ دلچسپيءَ سان ڪم ڪري ٿي رب پاڪ کيس حياتي ۽ تندرستي ڏئي، سنڌي علم ۽ ادب جي خدمت جي وڌيڪ توفيق ڏي.

**الطاف شيخ**

محترمہ پروين موسيٰ ميمڻ، جو ڪتاب لطيف شناسيءَ جي هڪ بنھ منفرد، نئين ۽ انوکي موضوع تي تيار ڪيل آهي جنھن ڏانھن اڳ ۾ شايدئي ڪنھن جو ڌيان ويو هجي سندس هن محنت سان شاھ جي شاعريءَ جو هڪ نئون رخ واضع ٿيو آهي.

**ڊاڪٽر فهميده حسين**

پروين پنھنجي لکڻين جا ڏکيا موضوع چونڊي ٿي ۽ سندس لکڻين مان محسوس ٿئي ٿو تہ هن کي شاھ لطيف سان خاص عقيدت آهي. هوءَ با همت ۽ ذهين عورت آهي. سندس هيترن ڪتابن لکڻ مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ هوءَ ادب سان گهڻو چاھ رکندڙ ۽ محنتي آهي کيس خدا پاڪ ڪاميابيون عطا ڪري.

**ڊاڪٽر انور افروز خواجہ**

پروين موسيٰ پنھنجي تحرير ۽ گفتگو ۾ پرجوش نظر اچي ٿي هوءَ پنھنجي محنتن ۽ ڪوشش ۾ سنجيده آهي. سندس پيار جو پورهيو ۽ اهو علمي، ادبي، تخليقي ۽ تحقيقي ڪم جَسِ لهڻي اميد تہ پڙهندڙ، خاص طور شاگرد سندس ڪم مان گهڻو فائدو حاصل ڪندا.

**مهتاب اڪبر راشدي**

پروين موسيٰ جا چند ڪتاب منھنجي نظر مان گذريا آهن هن واقعي تمام وڏي محنت ڪئي آهي الله پاڪ کيس لکڻ جي اجان توفيق ڏي انشاءَ الله سندس

هي املهه پورهيو ضرور قبول پوندو.

**ماهتاب محبوب**

سانئڻ پروين جي علمي ڪم مان سندس ڳوڙهي مطالعي ۽ مشاهدي جي ڄاڻ پوي ٿي، ڪتاب سندس بهترين ساٿي رهيا آهن. سندس ڪافي ڪتاب ڇپجي چڪا آهن ۽ وڏي انگ ۾ ڪيترائي مضمون ۽ مقالا مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ پڻ شايع ٿي چڪا آهن هن مون کي پنهنجا ڪافي ڪتاب دهلي پوسٽ ڪري موڪليا آهن جيڪي پڙهي مون کي اندازو ٿئي ٿو ته جڏهن هن ايترا سوين صفحن جا ڪتاب لکيا آهن ته هن هزارين صفحا ضرور پڙهيا پڻ هوندا، مطلب ته سندس مطالعو واڪاڻ جوڳو آهي سانئڻ ڊاڪٽر پروين کي مبارڪون هجن جنهن نور نچوئي سنڌي ادب کي پنهنجي ڪتابن جي صورت ۾ سهڻيون سوغاتون ڏنيون آهن ڪيس جَسِ هجي ۽ اڃان به هوءَ انهن راهن کي روشن رکندي.

**ويناشرنگي**

جهڙي سونهن سچائيءَ ۽ سادگيءَ ۾ هوندي آهي اهڙي سونهن دنيا ۾ ٻيو ڪٿي به موجود ناهي مون کي به اهڙن ماڻهن سان ملي دلي خوشي ٿيندي آهي جن جو وجود سچائي ۽ سادگيءَ جو اهڃاڻ هجي ادي پروين موسيٰ ميمڻ پڻ اهڙي شخصيت جي مالڪ آهي جنهن جو حسن سندس سادگيءَ مان جلوه گر ٿيندو آهي. نياز نوڙت سان ڀرپور سندس پر خلوص وجود سچ پچ ان جهڪيل وڻ مثل محسوس ٿيندو آهي جنهن جو جهڪاءُ گلدائڪ هجڻ جي نشاني هوندو آهي، بلڪل ساڳي طرح سندس لکڻي به پاڻ وانگر سادي، سولي، سباجهي ۽ سپاويڪ آهي جنهن کي سولائيءَ سان پڙهي، سمجهي ان مان لاڀ پرائي سگهجي ٿو. هن ڪتاب ۾ آيل ڪردارن جي فن تي ليکڪا هڪ ذميوار محقق وانگر پنهنجي قلم سان لکيو آهي جو اسان جي اديبن ۽ عالمن جي ڪيل پورهئي کي هن پنهنجي قلم سان امر ڪري ڇڏيو آهي انهيءَ صف ۾ مون کي پڻ ٻيهاري سچ پچ ته ادي پروين کي مان بخشيو آهي.

**ماهين هيسباڻي**

ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ سنڌي ادب جي شاگردن لاءِ هڪ منفرد عنوان، "سنڌي ادب تحقيقي ۽ تنقيدي مطالعو" سان نئين سر تحقيق ڪري سنڌي ادب جي تاريخ جو ڪتاب ترتيب ڏيئي ڇڏيو تہ سنڌي ادب جي سمنڊ کي ڪوزي ۾ سهيڙيو آهي نئون دور تحقيق ۽ تنقيد جو آهي ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ جديد دور جي تحقيقي ۽ تنقيدي پهلوئن وارن تقاضائن کي پڻ سامهون رکيو آهي. اهو ادبي تاريخ نويسيءَ ۾ هڪ وقتائتو ۽ اڳڀرو قدم آهي مان سندس انهيءَ ڪم تي ڪين تمام گهڻيون واڌايون ڏيان ٿي. هن ڪتاب جي هلندڙ وقت ۾ وڏي گهرج هئي.

**ڊاڪٽر عابده گهانگهرو**

اسان وٽ ليکڪ ۽ شاعر تہ تمام گهڻا ڏسڻ ۾ ايندا پر انهن ۾ محققن جو انگ تمام ٿورو آهي ساڳيءَ ريت محققن ۾ وري عورتن جو تمام تعداد گهٽ آهي ان گهٽ ڳاڻيٽي ۾ پروفيسر ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ بہ شامل آهي. تحقيق جي ڪم لاءِ محقق کي گهڻين تڪليفن مان گذرڻو ٿو پوي سو ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ صاحبہ انهن اڻانگن مرحلن مان گذري پنهنجو ڪم جاري رکندي پئي اچي. هوءَ مسلسل ڪم ۾ جنبيل ڏسڻ ۾ اچي ٿي پي ايچ ڊي ڪرڻ کان اڳ ۾ ئي سندس مختلف ڪتاب ملن ٿا. پنهنجو آرام ڦٽائي تڪليفون سهي سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ادب لاءِ ايترو تہ ڪم ڪري هن هڪ وڏو جهاد ڪيو آهي.

**ڊاڪٽر ڪمال جامڙو**

پروين موسيٰ ميمڻ جي ڪتابن تي سرسري نظر وجهڻ سان ئي مون کي معلوم ٿيو تہ هوءَ تمام محنت، توجهہ ڪوشش ۽ دل سان ڪم ڪرڻ جي عادي آهي جو اڄڪلهہ جي ماحول ۾ يقيناً واڪاڻ جوڳو ڪم آهي سندس ڪتاب موضوع ۽ پيشڪش جي لحاظ کان بي مثال آهن جن جو اردو ٻوليءَ ۾ ترجمو ٿيڻ گهرجي.

**سيد مظهر جميل**

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، چو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

**books.sindhsalamat.com**

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

**https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book**

